

# ڏٺي ڏينهن ٿيام!

انٽرويو، علمي ادبي
۽ سياسي مضمون، ڪهاڻيون،
ڪتابن تي تبصرا، سفرنامو
۽ ٻيون لکڻيون

## فقير محمد لاشاري

نئون نياپو

فقير محمد لاشاري

# ڏني ڏينهن ٿيام!

انٽرويو علمي ادبي ۽ سياسي مضمون، ڪهاڻيون، ڪتابن تي تبصرا، سفرناما ۽ ٻيون لکڻيون

سهيڙيندڙ:

نصرت لاشاري

سارنگ لاشاري

نئون نياپو اڪيڊمي

سچل ڳوٺ ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جو نالو: ڏٺي ڏينهن ٿيامر!
موضوع: انٽرويو علمي ادبي ۽ سياسي مضمون،
ڪهاڻيون، ڪتابن تي تبصرا، سفرنامو ۽ ٻيون
لکڻيون
سهيڙيندڙ: نصرت لاشاري ۽ سارنگ لاشاري
تعداد: هڪ هزار
ڇاپو پهريون اپريل 2022
ڇپائيندڙ: نئون نياپو اڪيڊمي
سي-4، سچل ڳوٺ گلشن اقبال ڪراچي
Ph:021_34690389, 32711010
Cell # 0333_2311582, 03462103811
E_mail:naonniapo@yahoo.com

Rs. 500/=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

هي ڪتاب

سنڌ جي پورهيت عوام جي

نالي!

ڏني ڏينهن ٿيام!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سـنـاءُ


مهاڳ: ڪسرِ قبوليون جن! امداد حسيني/11
سهيڙيندڙ جو نوٽ: نصرت لاشاري/17
سهيڙيندڙ جو نوٽ: سارنگ لاشاري/21


## انٽرويو


1. بينظير ڀٽو/25
2. عبدالواحد آريسر/33
3. ميڊم حميده کهڙو/46
4. جمال ابڙو/52
5. امر جليل/61
6. شفيع محمد شاهه/78
7. نور محمد لاشاري ۽ محمد يوسف/84


## مضمون: علمي ۽ ادبي


1. عالمي معيارن جو شاعر: شاهه /91





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. سچ جو ساٿي: شاهه لطيف/95
3. سر ڏهر: تاريخ ۽ فلسفو/103
4. سرڪش سرمست/122
5. ماروئڙن جو مٺهيارو: استاد بخاري/126
6. ٽڪرا ٽٽل صليب جا: شيخ اياز/130
7. بيدي: سگهارو ڪهاڻيڪار/134
8. اطاعت جي گهٽ/137
9. اديب جڳ ڪردار/143
10. سنڌ جا سور ۽ اديب جو ڪردار/148
11. عوام جو فيصلو ۽ دانشور/159
12. هيڏي هن پنيور ۾/168
13. سنڌي ڪلچر ۽ ادب/137
14. مڪار تهذيب جو چيد/184

مضمون: سياسي

1. پهرين سنڌي خاتون وزير اعظم/189
2. ٽي. وي، ريڊيو تي جمهوريت جو معجزو/192
3. اختيارن جي مرڪزيت ۽ عوام/195
4. ڏاڙيلن، سنڌين ۽ سيني انسانن ڏانهن/199
5. رياستي دهشتگردي ۽ انساني حق/202
6. حيدرآباد ۾ دهشتگردي جا متاثر ڪٽنب ۽ مهربان پوليس/210
7. صدر ريگن جي سوچ/226
8. سنڌي صحافت ۾ هلال پاڪستان جي اهميت/229

ڪهاڻيون، اصلوڪيون ۽ ترجما

1. ٽنگيل وقت/235

ڏٺي ڏينهن ٿيام!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. ليلا مجنون/242

## سفرنامو

1. سگهارو هماليا ۾ هيٺا ماٺهو/251

## مختلف ليکڻيون

1. پنهنجي پاران/329
2. پنهنجي پاران/332
3. ڪٿي آيو خير سان/334
4. ڪتابن تي تبصرا
- موهن جي دڙي جو خزانو/339
- اندر ۾ اُهاءُ ٿيو/340
- سيلاب زندگيءَ جو/342
- فلسطينين جي قومي جنگ/342
- اسان جا اديب اسان جا شاعر/344
- گل ڦل/344

## ٻين ليکڪن جون ليکڻيون

1. نروار ليکڪ اسرار ماٺهو /347



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

# ڪُسڻ قبوليو جن!

"ڏئي ڏينهن ٿيام!" فهميده لاشاريءَ جي چونڊ لکڻين جو مجموعو آهي، اهي لکڻيون، جيڪي ٽڙيل پکڙيل هيون، مختلف وقتن تي، مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل هيون، نصرت لاشاريءَ سهيڙي، اسان جي آڏو پيش ڪيون آهن. ان لاءِ اسين سندس ٿورائتا آهيون.

فهميده لاشاريءَ جون اهي لکڻيون مختلف موضوعن ۽ ادب جي مختلف صنفن ۾ آهن. جيئن انٽرويوز مضمون: علمي ۽ ادبي، ڪهاڻيون: اصلوڪيون ۽ ترجما، سفرناموَ: سگهارو هماليا ۽ هيٺا ماٺهو وغيره

آءٌ سڀ کان پهرين فهميده لاشاريءَ جا شاهه سائينءَ تي لکيل مضمون "عالمي معيارن جو شاعر: شاهه" ۽ "سچ جو ساٿي: شاهه لطيف" پڙهان ٿو. اهي مضمون مون اڳي به ڪٿي پڙهيا آهن ۽ مون کي تڏهن به اُهي سٺا لڳا هئا. توڙي جو "عالمي معيارن جو شاعر: شاهه" جو اسڪريٽ ريڊيو لاءِ لکيو ويو آهي. ان ڪري مقرر ۽ مختصر دورانيي جي لکڻي آهي، پر ان ۾ اهم ڳالهيون چيون ويون آهن. جيئن هو پهرين سٽن ۾ لکي ٿو ته:

"جڏهن چئجي ٿو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي عالمي معيارن تي پورو لهندڙ شاعر آهي، تڏهن اهي معيار نظرانداز ٿي وڃن ٿا. جيڪا شاهه جي شاعري پاڻ سان کڻي آئي."

ساڳئي وقت ريڊيو جي هڪ پاليسي به هوندي آهي، ان ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکڻ واري کي اڳوات ئي مقرر ڪيل دائري ۾ چاڪيءَ جي ڏاند وانگي گهمڻو پوندو آهي، پر هڪ ليکڪ انهن پابندين مان ائين اُڪري پار پوندو آهي، جيئن هيرَ لوڙهي مان اُڪري ويندي آهي، مثال طور ف.م لاشاري لکي ٿو:

"ٽيون معيار چڱائي ۽ بڇڙائي جي وچ ۾ ازل کان موجود ۽ جيئن پوءِ تيئن وڌندڙ ويڙهه ۾ چڱائي وارين قوتن جي ڏر ٻڌجڻ آهي."

مسئليءَ لاکي، کاهوڙين، متارن، سامين ۽ ڪيڏاري جي ڪردارن بابت لکي ٿو ته "انهن ۾ هڪ قدر گڏيل آهي." ف.م لاشاري انهن ڪردارن کي "تاريخ جا سرگرم ترين ڪردار" ٿو سڏي.

"سچ جو ساٿي شاهه لطيف" ان ڏس ۾ ٻيو مضمون آهي. شاعر هيڻن جو همراهه هوندو آهي، مظلوم ۽ ڏتڙيل جو پرجهلو هوندو آهي. سچ جو ساٿي هوندو آهي. رڳو چوڻ جي حد تائين نه پر ڪرڻ جي حد تائين به. شاهه سائينءَ جيڪي چيو آهي، اهو ڪيو به آهي. ف.م لاشاريءَ جو اهو چوڻ املهه آهي ته "لطيف جا ماٺهو لطيف جا وارث آهن." هو ائين چئي پوري انسانذات کي "وحدت" جي لڙيءَ ۾ پوئي ٿو:

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُلُ،
حق حقيقي هيڪڙو ٻولي ٻي مَ ڀُلُ،
هُو هُلاچو هُلُ، ٻاالله سندو سڄڻين!

لطيفيات جي ڏس ۾ ف.م لاشاريءَ جو لکيو ٻين کان انڪري به الڳ آهي، جو هُو ٻهرين ڪو نظريو گهڙيءِ اُن ۾ شاهه لطيف جي فڪر کي فٽ نه ٿو ڪري، بلڪ شاهه سائينءَ جي ڪلام مان اهڙيون شاهديون ڏئي ٿو. ف.م لاشاري "سچ جو ساٿي شاهه لطيف ۾" عمرڪوٽ ۽ ملير جي ڀيٽ هن ريت ڪري ٿو:

"عمرڪوٽ به هڪ ماحول آهي ۽ ملير به پنهنجي جون وصفون جدا جدا آهن. عمرڪوٽ ۾ ڪوٽ جو حاڪم آهي. جيڪو لٽ ڪٽي ٻين جي مٿان پيٽ جو ڪم ڪري ٿو. اتي هڪ اهڙي جوڙجڪ (Establishment) آهي جيڪا وزيرن، چارين ۽ محصولن جي ٿنڀن تي ٽڪيل آهي ۽ جنهن کي قائم رکڻ لاءِ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳچيءَ ڳانا لوهه جا، زيريون ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪونين اندر ڪير،
چاري چوڳانن ۾، واهيت ڪن وزير،
مارو چار مليو، ڳجهه ڪين پنهوار ڪي!

ملير بابت لکي ٿو:

"لطيف سائينءَ جو ناهيل اهو ملير وارو نقشو ڪو خيالي نقشو ناهي. هُن، واهيت، واڙ محصول، لوهي پيڪڙن، هٿ ڪڙولن ۽ جهل پل جي اصطلاحن کي بنا رنڊ روڪ جي رد ڪري انهن کي انسان جي آزاد ترقيءَ جي راهه ۾ رنڊڪ سڏيو آهي."

"ملير" جي ان "نقشي" جي مٿان ف م لاشاريءَ شاهه سائينءَ جو هي بيت ڏنو آهي:

نڪا جهل نه پل، نڪو رائر ڏيهه ۾،
آٽيو وجهن آهرين، روڙيو رتا گُل،
مارُو پاڻ آمُلُ، مليرون مرڪٽو!

شاه سائينءَ تي لکندي ف م لاشاري ڪٿي ڪٿي بيتن مان اهڙيون سِٽون ڏي ٿو جن ڏانهن اسان شايد پهرين ايترو ڌيان نه ڏنو آهي، جيئن هيءَ سِٽا جيڪا چرڻ سندس اندر مان ٿٽ ڏئي نڪتي هجي:

پاڻ نه پسن پاڻ کي، ويچارا بي باڪ

ان کان پوءِ لکي ٿو ته:

"يعني بيباڪ هئڻ جي باوجود "ويچارا" آهن. وٽن مڪمل انساني اخلاقي قدر آهن. لڄ آهي ۽ ساڃهه آهي. انهن سيني ڳالهين ڪري ئي ماروئن سان ساهه سنهيءَ سُٽيءَ ساڻ سبيل آهي ۽ ڳانڍاپا "ڪن فيڪون" کان به اڳ جا آهن."

نڪا ڪُن فَيڪُون هئي، نڪو لِڱ لحمُ
بنيو هو نه بُتَ ۾، اجا ڪين آدمُ
مون توهين سين سڱُ اها ساڃاهه سُپرين.

ائين ٿو لڳي ته شاهه سائينءَ جو پيغام ف م لاشاريءَ اسان تائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهچايو آهي. شاهہ سائين "سرمارئي" ۾ ملير ۽ مارُن جو جنهن سِڪَ ۽ اُڪير سان ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن جي جنهن "ريت" جو ذڪر ڪيو آهي:

اِيءَ نہ مارن ريت، جو سيڻَ مٽائن سونَ تي!

اُهائي ريت ڦ.م لاشاريءَ اسان کي ياد ڏياري آهي! اڄ جيڪا ٿر جي صورتحال آهي، جتي سوين ٻار غذائي کوٽ جي ڪري مري ويا! جتي ڪارونجهر کي ڪٽيو پيو وڃي جتي ڪارو سون ڪوئلو نڪتو آهي، پر مارو ٽڙن لاءِ اُتي نوڪري بہ ناهي! ان ڏس ۾ شاهہ سائينءَ جا چٽاءَ. ڦ.م لاشاريءَ بار بار ورجايا آهن!

مارُن منجهہ مُياس، نہ تہ ماڙين ماريس ڪِينڪِي!

اهائي صورتحال ڦ.م لاشاريءَ ڪڇ ۽ ڪوهستان جي حوالي سان "سُر ڏهر: تاريخ ۽ فلسفو" ۾ بيان ڪئي آهي، لاکي ڦلاڻيءَ ۽ پنرو ٻداماڻيءَ جي ڪردار، تاريخي ماڳن ۽ واقعن جو جنهن ريت ڦ.م لاشاريءَ بيان ڪيو آهي، اُن سان سنڌ جي تاريخ ۽ شاهہ سائينءَ جي ڪلام جي فلسفي جي پروڙ پئي ٿي ۽ ائين هڪ سوچ اُڀري ٿي ۽ حال جي مايوسيءَ مان ڦٽڻ ڳٽڻ جو اُمنگ جاڳي ٿو ۽ هڪ سُهائي آئيندي کي آڻڻ ۽ ماڻڻ جا امڪان اُجاگر ٿين ٿا.

سرڪش سرمست، استاد بخاري، شيخ اياز ۽ هريڪامت تي مضمون بہ "چنڊ سوچون سمنڊ" جو هڪ جاندار حصو آهن. بينظير ڀٽو عبدالواحد آريسر حميده کهڙو امر جليل جمال ابڙو شفيع محمد شاهہ نور محمد لاشاري ۽ محمد يوسف (اداڪارن) جا انٽرويو اهم آهن. انهن مان ڪن کان، ڪجهہ سوال ضرور ڪرڻ گهربا هئا. جيئن بينظير ڀٽو کان 1970ع وارين چونڊن کان پوءِ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي سياسي ڪردار بابت سوال! يا عبدالواحد آريسر کان جي ايم سيد پاران 1943ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيل نعراءَ بابت سوال! يا حميده کهڙو کان ون يونٽ قائم ڪرڻ بابت محمد ايوب کهڙي جي ڪردار جي حوالي سان سوال! اتي سگهي ٿو تہ اهي سوال، ڪرڻ کان پهرين يا پوءِ ايڊٽ ڪيا ويا هجن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڙيءَ بدلِ ڦٽ تان ڪڙيءَ کي پٽي لاهڻ! پر ائين به هو ته ڪجهه به ان ڏس ۾ نه لکڻ سان، "ڏيي ڏينهن تيامر!" ڇپجڻ کان پوءِ، اهو ڦٽ نتين سئين اُٿلي پئي ها! انڪري هي به تي لفظ جڙڻ فقير محمد لاشاريءَ / ف.م لاشاريءَ کي هڪ پيٽا آهن! جنهن اسان لاءِ هيترو ۽ ههڙو لکيو آهي! جيئن انٽرويو آهن. اڄ اُهي ماڻهو انهن لکڻين ۾ موجود آهن ۽ سندن ڳالهيون، نظريا ۽ جاکوڙ ۽ ڪم اسان جي آڏو اچي ٿو.

ويجهڙائيءَ ۾ فيس بُڪ تي، جمال ابڙي سان رچايل "رهاڻ" جي هڪ وڊيو رکي وئي هئي. جنهن ۾ شيخ اياز غلام رباني، سراج ۽ فقير محمد لاشاريءَ جمال ابڙي جي ڪهاڻين جي حوالي سان ڳالهايو آهي. جمال ابڙي پاڻ لکيل پنا پڙهيا هئا. فقير محمد لاشاريءَ به ڪارائتيون ڳالهيون ڪيون آهن ان ۾.

هن احوال کي به فقير محمد لاشاريءَ جي زندگيءَ وانگر اڌ ۾ ڇڏيان ٿو نصرت لاشاريءَ جي هنن سِٽن تي:

"انيس اڪيڊمي" پاران "فقير محمد لاشاري جي ياد ۾ هڪ شام" ۾ فقير محمد لاشاريءَ بابت پڙهيل پنن ۾ هُن لکيو ته:

هوءَ پنهنجي پيءُ کي،
جڏهن هو اسلام آباد اُسهي رهيو هو
ڇڏڻ لاءِ گرائونڊ ۾ آئي
(ان وچ ۾ هوءَ لاڳيتو اهوئي سوچي رهي هئي ته
سندس بابا اڄ اسلام آباد نه وڃي!)
پر هو وڃي رهيو هو ۽ وڪ وڪ ڪٽندو هن کان پري ٿيندو پئي ويو
مُک در تي پهچي فقير محمد لاشاري مُڙي آخري نمار نصرت تي وجهي
مُک دروازي مان اُڪري وڃي ٿو.

امداد حسيني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سهيرينڊڙ پاران

# انـدر روح رهيام

آمريڪا جي سفر تي ڪنهن ڪم سانـ ـي ـڪرٽو هو ۽ سامهون منهنجي ڪمري جي ٽيبل تي پيپل ڪتاب جو ڊرافٽ ڇڻ تہ مون تي چتر ڪندو هجي! مان ان کي سهيڙي، پڙهي پوۓ بہ اکر لکي نہ سگهي آهيان، اهو علمي پورهيو جنهن بيباڪ سنڌي صحافت علم ۽ دانشوري تي پنهنجا گهرا نقش ڇڏيا منهنجي سمٽي ۽ سباجهڙي بابا فقير محمد لاشاري لکيا، هي انُ دؤر جون ڪماٽيون، انٽرويوز ۽ مختلف شخصيتن تي لکٽين جو وڏو حصو آهي.

ڏني ڏينهن ٽيام جي نالي سان ايندڙهي ڪتاب اسين سنڌ جي سچن عاشقن جي اڳيان رکنداسين تہ جيئن ان کي نئين نسل جا نوجوان Discourse ڪن، صحتمند تفصيل مثبت موٽ سان اچي، انهي ڪري جو هي، لکٽيون مارشلائي دور جنهن کي اسين ضياۓ مارشل لا چئون ٿا ان کان پوۓ يا ان دؤران لکيا ويا آهن.

فقير محمد لاشاري سنڌ جي تاريخ جو اهو شعور آهي جنهن کي تاريخ ڪڏهن بہ وساري نٿي سگهي اها سدائين، سنڌ جي ڪنهن سرمد کوسو جي اکين ۾ نئين اميد بڻجي اپرندو تہ ڪٿي گاجي کماوڙ جي نوجوان انيل آزاد اوڏ ۾ وري ڪڏهن ڪنهن شاعر جو اظهار ٿي ايندو.

ڪتاب جو ڊرافٽ مان پاڻ سان کٽي آيس ان نيت سان تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سورنهن ڪلاڪ صرف مان بابا جي شعور مان پنهنجي اونداهي روح کي روشني بخشيندي‌س، منهنجي پير ۾ منهنجي ڏيڌ ايشل جيڪا نون سالن جي آهي، انگريزي ويٺي پڙهي. ۽ جهاز ڇهٽيهه هزار فٽ جي بلندي تي هليو پئي. ڪوئي ڪافي پيئڻ ۾ مصروف آهي، ڪو ننڊ نهوڙيل ته ڪو وري اسڪرين تي هلندڙ فلمون پيو ڏسي، ۽ مان پنهنجي شاندار آواز واري، سدا مرڪندڙ روشن اميدن سان چمڪندڙ اکين واري بابا سان ڇڻ ته ڪچهري پئي ڪيان.

ڪتاب جي پهرين حصي ۾ سنڌ جي تاريخ جا سياست، علم ۽ ادب جا اهم نالا محترم بينظير ڀٽو امر جليل، عبدالواحد آريسر، جمال ابڙو شفيع محمد شاهه نور محمد لاشاري ۽ محمد يوسف شامل آهن.

"بينظير ڀٽو جنهن جي پيءُ کي ڦاهي ڏني ويئي، جنهن جي جوان ڀاءُ کي شهيد ڪيو ويو جنهن جي ماءُ ۽ ٻيو ڀاءُ اڄ به جلاوطن آهن. (ان وقت 1986ع)

"جيئڻ بدران جڏيون ڪسڻ قبوليو سين" هي انٽريو برسات مئگزين لاءِ ورتو ويو هيو جنهن ۾ بينظير صاحبه جا ارڏا جواب، اهڙي بهادر پيءُ ذوالفقار علي ڀٽو جنهن دنيا جو علم ۽ فلسفو پڙهيو تاريخ، سياست جي نبض تي هٿ رکي پنهنجي سياسي ڪيريئر جو آغاز ڪيو ان کي بي دردي سان ڦاهي چاڙهيو ويو جو سچ وڏو ڏوهاري آهي، زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو آ. محترمه شهيد راڻي جي انٽرويو ۾ جتي تاريخي ڏاڍ جو ڏک ڪيو آهي. اتي ئي آئيندي لاءِ اميد جا ڪرنا پڻ نظر اچن ٿا. پر تاريخي خدشا ۽ قومي سطح تي ٿيل فيصلا ملڪي مفاد ۾ نظر نه ٿا اچن.

"اسان مغربي جمهوريت جا قائل نه آهيون، عبدالواحد آريسر صاحب لکن ٿا. عبدالواحد آريسر سنڌ جي سياست ۽ ادب جو هڪ نالو مسڪين ۽ سباجهڙو ٿري ماڻهو نه ونس وڏن ماڻهن جي سياست ڪرڻ جا وسيلا ۽ نه خواهش، سنڌ ڌرتيءَ جي ڏکن ڏوجهرن جو هڪ اهڃاڻ پنن تي ڦٽڪن جا نشان ۽ منهن تي مرڪ. ڪيترن ئي ڪتابن جو ليکڪ ۽ اسٽيج جو ڏڻي."

اديب جڏهن ضمير وڪڻي ٿو ته هو اديب نه ٿو رهي، جمال ابڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيءَ تخليق فهيم ڏانهن آمريڪا پٽي وڃان، بابا جي هي ڏيءَ ڏاڍي سياڄهڙي ماڻهن جي مددگار پنهنجي جيون ساٿي جو دل سان ساٿ نڀائڻ واري، گذريل سالن ۾ ڏاڍي محنت ڪري نارٿ آمريڪن يونيورسٽي مان ايجوڪيشن ۾ ماسٽرس جي ڊگري مڪمل ڪئي اٿائين ننڍڙن ٻارن جي ماءُ آهي، شال پنهنجي گهوٽ سان ڪوروڙين خوشيون ماڻين.

منهنجو اهوڪو سفر هي پنهنجي پاران لکي پوري ڪرڻ کان پوءِ سڄايو ٿو لڳي ۽ دل ۾ بابا جون يادون ٽيولپ جي گلن جي خوشبو تازي ڪري رهيا آهن.

سارنگ ڪتاب جو ڊرافٽ ڏيندي ڪليو هو هاڻي مان جهاز لهڻ کان اڳ ۾ آسمانن مان ڪيس واٽسپ ڪيان ٿي، اهو ٽيڪنالوجي جو ڪيڏو ڪمال آهي جو ستن آسمانن ۾ به اسان پنهنجي ڪتنب سان ڳانڍاپي ۾ آهيون.

اميد آهي ته قطر "ايئرويز ۾ لکيل هي پنهنجي پاران توهان کي يقينن پسند ايندو.

"اندر روح رهيام سجڻ اوطاقون ڪري"

اها پتائي جي سنڌ منهنجي امان، مان، رچنا، سارنگ ۽ تخليق ساهه ۾ سانڍي هلندا آهيون. اميد اٿئون ته پڙهندڙن کي اسان جي هي ننڍڙي ڪوشش قبول پوندي، خوش تڏهن محسوس ٿيندي جڏهن اسان جا نوجوان هن ڪتاب مان علم حاصل ڪندا.

نئون نياپو اڪيڊمي جي سرواڻ ادا سنڌي انعام جا لک ٿورا جن جي محنت سان هي ڪتاب پڌرو ٿيو.

سانت سلامت

نصرت لاشاري

2021/7/3



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سهيڙيندڙ پاران

# جاڳو جاڙيجا

ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته ”اولاد کي ڪيڏو فخر محسوس ٿيندو آهي، جڏهن ان جي پيءُ کي فخر هجي ۽ ان شخص جو تعارف ڌرتي جي غيرت مند پٽ طور ڪيو وڃي، مان ڪيڏو نه خوشنصيب آهيان جو ڌرتيءَ جي غيرتمند پٽ فقير محمد لاشاريءَ جو پٽ آهيان.

منهنجو بابا، منهنجو دلبر، شهزادو منهنجو يار جنهن جي وڇوڙي جو درد منهنجي وجود سان وڻ ويڙهي وانگر وڪوڙيل آهي، جڏهن مان ستين ڪلاس ۾ هيس، ان مهل اوچتو هڪ ڪار حادثي سنڌ ڌرتيءَ کان ان جو املهه ماڻڪ پٽ فقير محمد لاشاري کسي ورتو. سنڌ جي لاءِ صبح جي صدا هڻندڙ فقير خاموش ٿي ويو، هڪ آواز جيڪو هماليا کان ارڏو ۽ اوچو سوچيندڙ هو.

بابا جو وڇوڙو سنڌ ڌرتيءَ سان گڏ اسان جو اهڙو درد آهي، جنهن جو گهاءُ وقت پري نه سگهيو آهي. پر وقت گذرڻ سان وڌندو ويو آهي، پوءِ اهي اسين بابا جي اولاد هجون يا وري سنڌ جا قلمڪار ۽ بابا جا دوست هجن، مون پاڻ ۾ جيئڻ جو اتساهه ئي ان ڪري محسوس ڪيو آهي جو هو وڇڙيو ته آهي پر هڪ لمحو به وسريو ناهي، نه سنڌ کان نه دوستن کان ۽ نه ڪنهن ڌرتي جي عاشق کان شايد هو اهڙو خوشنصيب انسان هو جو ڪيس محبتن جي موٽ ۾ بي انتها محبتون مليون، هن ڪڏهن به دولت سان پيار نه ڪيو هو طبعيت ۾ فقير هو اهڙو فقير جنهن کي بادشاهي جا سڀ گُر ايندا هئا.

سنڌ جو پٽ فقير محمد لاشاري ستاويهن سالن جي وڇوڙي


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪانپوءِ بہ هڪ پل ڪنهن ڪان وسريو ناهي هو پنهنجي ٿوري حياتي بہ سجائي ڪري ويو.

مان سارنگ . فقير محمد لاشاري منهنجي امڙ ۽ اديون ڪيترا ڀيرا گڏجي پنهنجي ڀاءُ ظفر لاشاري لاءِ رُنا هئاسين جيڪو ڏهن سالن جي عمر ۾ ڪينسر جو علاج نہ ٿيڻ ڪري گذاري ويو هو مون ڪيترا ڀيرا بابا کي درد جي شدت سان ظفر کي ساريندي ڏٺو هو.

مون ڪان ڪيترا ڀيرا سفر ۾ جهاز ۾ آسمانن ۾ ڌرتيءَ تي پنهنجي شهزادي بابا فقير محمد لاشاري کي ساريندي اکين جا بند ٽوڙي نير وهي پوندا آهن.

ڏک لڳو ڏونگر ہريو

اهو بہ تہ بابا سيڪاريو تہ درد کي پنهنجي ڪمزوري نہ پر طاقت ثاهڻ گهرجي اهو ئي ويساهہ اسان لاءِ روشن راهہ بڻجي اسان کي رستو ڏيکاريندو رهي ٿو.

اسان جي ايڏي حوصلي جو هڪ وڏو سبب منهنجي امان بہ آهي، جنهن بابا جي محبت کي ان جي وڇوڙي کان پوءِ بہ عبادت وانگر نڀايو جنهن اولاد جا ماءُ پيءُ ٻئي عظيم هجن ان جي ڪلهن تي بار بہ وڏيڪ هوندو آهي، شال اُهي ذميداريون نڀائي سگهون.

هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي، هڪ ڪوشش اسان ڪئي آهي. شال قبول پوي.

اسين ٻي انتها سرها ٿينداسين جڏهن توهان پڙهندڙ پنهنجي موت کان آگاهہ ڪندا. وري آ ورجائيندس اهو پڙاڏو اهو سڏ جنهن کي ڏيندي منهنجي بابا فقير محمد لاشاري پنهنجون راتيون، سڪون ۽ ننڊون ڦٽائي پنهنجي قوم کي جاڳائڻ لاءِ واڪا ڪيا هئا.

جاڳو جاڙيجا سماءُ سُک ۾ سمهون

سارنگ لاشاري

# انٽرويوز

ڏٺي ڏينهن تيار!
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1. بينظير ڀٽو
2. عبدالواحد آريسر
3. حميده کهڙو
4. امرجليل
5. جمال ابڙو
6. شفيع محمد شاهہ
7. نور محمد لاشاري
8. محمد يوسف


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جيئڻ بدران جيڏيون،
# ڪُسڻ قبوليو جن

## شهيد بينظير ڀٽو جو يادگار انٽرويو

بينظير ڀٽو جنهن جي پيءُ کي ڦاهي ڏني ويئي، جنهن جي جوان ڀاءُ کي شهيد ڪيو ويو جنهن جي ماءُ ۽ ٻيو ڀاءُ اڄ به جلاوطن آهن ۽ هيءَ پاڻ به ڪيترائي ڀيرا جيل ۽ جلاوطني ڪاٽي چڪي آهي. انتهائي ڏک، انتهائي خوشيون هن جو ورثو رهيا آهن. آزمائش جون اهي سموريون خوفناڪ گهڙيون، جن مان لنگهنديءَ لوهه جهڙا ماڻهو به پورا پورا ٿي پون، اتان سنڌ جي هن نياڻيءَ کي پار ٽيڙو پيو آهي. جن ماڻهن جي هٿان هن جو پيءُ ڦاهيءَ چڙهيو انهن ئي خلاف اڄ هيءَ جنگ جوٽيو بيٺي آهي. اڳي ڪان اڳري ڏسي وائسي، ڄاڻي سڃاڻي ڪنڌن جي سيج قبول ڪئي اٿس. ڪٿي هٿين خالي مظلوم نياڻي، ڪٿي هيڪاندا هٿيار رکندڙ حاڪم! هن جي پيءُ مرڻ گهڙيءَ تائين، طاقتورن جي آڏو نه مڃي. موت هن سان لڳاتار به سال ڦاهي گهاٽ ۾ گڏ رهيو پر هن اصولن تي زندگيءَ جو سودو نه ڪيو ۽ موت قبول ڪيائين. اهڙو موت جنهن سنڌ کي، پاڪستان کي، سڄي دنيا کي ڏوڙي وڌو. مس بينظير ڀٽو اهڙي ئي ارڏيءَ اڏول ۽ اڻ موٽ شخص جي بهادر ڌيءَ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان وٽ سنڌ ۾ "طاقتور ۽ جابر اڳيان آڻ نه مڃڻ جون ڪئين روايتون هلنديون اچن. جن ۾ مخدوم بلاول شهيد سڀ کان اڳيان رهيو آهي. ارغونن جي ڏينهن ۾ جڏهن سنڌ جي فوج جنگ هارائي ويئي، اقتدار تي قابض حاڪمن هٿيار ڦٽا ڪري، سنڌ جي عوام کي نڌڻڪو ڪري ڇڏيو تڏهن حضرت مخدوم بلاول عوام جو ساٿ ڏنو. هن ظلم ۽ جبر خلاف جهاد جو اعلان ڪيو ۽ غاصبن اڳيان جهڪڻ کان انڪار ڪيائين. مٿس ڪوڙا بهتان هڻي، غاصبن ڪيس جيئري گهاڻي ۾ پيڙهي ڇڏيو. بهرحال، ظلم خلاف، ڏاڍ خلاف جهاد جو اهو سلسلو اڄ به جاري آهي ۽ هميشه جاري رهندو.

***برسات:*** گذريل سال، جڏهن اوهان پاڪستان آيون ته هن ملڪ جي عوام اوهان جي زبردست آجيان ڪئي، ان حد تائين جو ائين محسوس ٿيو ڄڻ عوام اوهان جي ڪاميابيءَ جو فيصلو ڏئي ڇڏيو. پوءِ اوهان اليڪشن جي ڳالهه ڪئي، وري مڊٽرم اليڪشن جو مطالبو ڪيو هاڻ جيڪا صورتحال آهي، ان بابت اوهان ڇا ٿيون محسوس ڪيو؟

بينظير: اهو صحيح آهي ته عوام منهنجو وڏي گرمجوشيءَ سان استقبال ڪيو ۽ منهنجي حوصلي افزائي ڪئي. پر، اهو فقط منهنجو استقبال ڪو نه هو. اصل ۾ عوام طرفان پيپلزپارٽيءَ کي مان ڏنو ويو جا ملڪ ۾ انقلاب آڻڻ چاهي ٿي. ان شاندار استقبال ذريعي عوام پنهنجي ان خواهش جو ڀرپور اظهار ڪيو ته هو تبديلي چاهين ٿا، رجعت پسند نظام ختم ڪرڻ گهرن ٿا. هن ملڪ جا ماڻهو جمهوريت گهرن ٿا. هو فوجي نظام کان آزاد ٿيڻ چاهين ٿا. هو اهڙي جمهوري معاشري جا طالب آهن جيئن هو سلامتي ۽ عزت سان زندگي گذاري سگهن. ان عظيم مقصد ڪاڻ گذريل ڏهن سالن کان اسان قربانيون ڏيندا ٿا اچون. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کان اسان جي ڀين شهيدن تائين، وڏيون قربانيون ڏنيون ويون آهن ۽ قربانين جو اهو سلسلو اڃا جاري آهي. توهان ڏسو ته گذريل ڏهن سالن دوران، هن

ملڪ جي عوام کي فقط راڪيٽ لانچر مليا آهن. ڦاسيون ڏنيون ويون آهن، ڪوڙا هنيا ويا آهن. ڪيساني موريءَ ۾ حضرت عباس عملدار جي علم جي بيحرمتي ڪئي ويئي، ڳوٺ ٺهيم ۾ جڏهن ماڻهن قرآن شريف کڻي مسجد ۾ پناهه وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ته اتي قرآن شريف ۽ مسجد جي بيحرمتي ڪئي ويئي. ماڻهن ڪالهه به پ پ جي حمايت ڪئي ۽ اڄ به ڪري رهيا آهن ۽ مستقبل ۾ به ڪندا رهندا. ماڻهو ڄاڻن ٿا ته پ پ هنن جي عزت نفس، آزادي ۽ ترقيءَ جي ضمانت آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي پنج سالا دور حڪومت ۾ ڪئين ڪارخانا ٺهيا، اسپتالون ڪليون، ڪاليج کليا، روڊ ٺهيا. ٻي طرف ضياءالحق جي دور ۾ هڪ به پورٽ نه ٺهي سگهيو هڪ اسٽيل مل به نه لڳي سگهي، هڪ مڪينيڪل ڪامپليڪس به نه جڙي سگهيو.

برسات: اوهان جي پارٽي رجسٽريشن خلاف آهي. حڪومت چوي ٿي ته جيڪي به پارٽيون رجسٽريشن نه ڪرائينديون ته اهي اينڊڙ اليڪشن ۾ حصو وٺي نه سگهنديون. مطلب ته 1990ع وارين چونڊن ۾ به اوهان شريڪ نه ٿي سگهنديون. جيئن ته اوهان جي جدوجهد جو بنياد ”چونڊن ذريعي اقتدار حاصل ڪرڻ واري پاليسيءَ“ تي ٻڌل آهي، ان حالت ۾ اوهان ڇا ڪنديون. اوهان جي پارٽي ڪهڙو طريقو اختيار ڪندي ته جيئن هوءَ ڪامياب ٿي سگهي؟.

بينظير: سڀ کان اول مان اوهان کي ٻڌائي ڇڏيان ته چونڊون 1990ع کان اڳ ٿينديون. پيپلزپارٽي پاڪستان جي سڀ کان وڏي ۽ مقبول ترين پارٽي آهي، ان کي چئني صوبن جي عوام جي زبردست حمايت حاصل آهي. اسان جو مطالبو آهي ته چونڊون 1973 جي آئين تحت فوري طور ٿيڻ گهرجن. خود ايم آر ڊيءَ جو به اهو ئي مطالبو آهي. ان مطالبي کي مسترد نٿو ڪري سگهجي. اوهان پنهنجي سوال ۾ چونڊن ذريعي اقتدار واري پاليسيءَ جو ذڪر ڪيو ته اسان جي اها پاليسي ناهي، اسان هڪ اهڙي معاشري جي تشڪيل چاهيون ٿا، جنهن سان هن ملڪ جو عوام عزت جوڳي زندگي گذاري سگهي. اسان جي جدوجهد فوجي حڪومت خلاف آهي. اسين چئون ٿا ته هن ملڪ جو اقتدار عوام جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حوالي ڪيڻ گهرجي. عوام جا نمائندا عوام آڏو جوابدار ٿين. هن وقت هڪ جنرل سڄي ملڪ تي قابض آهي. هن اقتدار کي بچائڻ لاءِ پي اين اي سان گڏجي حڪومت هلائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪام ويو. ان کان پوءِ جماعت اسلاميءَ جو سهارو ورتائين ۽ هاڻ مسلم ليگ ۾ لڪو آهي.

برسات: 1970ع ڌاري جڏهن پيپلز پارٽي صاحب پارٽي منشور ظاهر ڪيو ته پوري ملڪ ۾ ٿرٿلو پئجي ويو. هن ملڪ جي عام ماڻهن پارٽي منشور کي بيحد قبول ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ پيپلزپارٽي زبردست اڪثريت سان چونڊون کٽي آئي. هاڻ ان ڳالهه کي سترهن سال ٿي چڪا آهن. دنيا بدلجي ويئي آهي، اسان جي ملڪ جون حالتون به بدلجي ويون آهن. ڇا اوهان اهو نه ٿيون محسوس ڪيو ته ان منشور ۾ تبديلي ٿيڻ گهرجي؟.

بينظير: 1970ع دوران جيڪو پارٽي منشور ڏنو ويو هو ان ۾ 1977 ڌاري حالتن پٽاندر اضافا ڪيا ويا هئا. هاڻ جيئن ته ملڪ جون حالتون وڏيڪ بدليون آهن. ان ڪري پارٽي منشور ۾ ضرورت آهر تبديلي يا توسيع ڪئي ويندي. ظاهر آهي ته 1977ع ۾ افغانستان جي جيڪا صورتحال هئي، اها هينئر نه رهي آهي. دراصل، پارٽي منشور اليڪشن کان اڳ ظاهر ڪيا ويندا آهن. منشورن جو تعلق به اليڪشن سان هوندو آهي. باقي مختلف معاملن بابت، پارٽيءَ جو ڪهڙو اسٽينڊ رهي ٿو ان متعلق پڌرناما جاري ٿيندا رهندا آهن.

برسات: اوهان جي پارٽي بين اصولن کان علاوه "سوشلزم" تي به يقين رکي ٿي. سوشلسٽ معاشرا فقط انقلاب ذريعي قائم ٿي سگهيا آهن، جنهن ۾ عوام طرفان اقتدار تي قبضو ڪيو ويندو آهي. جڏهن ته توهانجي اسٽرئٽجي اليڪشن ذريعي اقتدار حاصل ڪرڻ آهي؟.

بينظير: جيڪڏهن پ پ جي اها اسٽريٽجي هجي ها ته پوءِ 1983ع ۽ 1985ع وارين چونڊن ۾ اسان حصو وٺون ها. اسان جي اسٽريٽجيءَ جو بنياد شهيد ڀٽي جي لفظن ۾ هدايان ٿي: inside or out side, parliament, we struggle اسان اسيمبليءَ ۾ هجون يا ٻاهر، جدوجهد جاري رهندي، اسان وٽ ڪا به ڳالهه هڪ ڪان ٻي نه ٿيندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان کي اهو بہ ٻڌائيندي هلان تہ اسان اقتدار لاءِ نہ وڙهي رهيا آهيون. اسان عوام جي حقن خاطر جدوجهد ڪري رهيا آهيون. جيڪڏهن اها اقتدار جي جنگ هجي ها تہ ضياءَ سان گڏ ٿي ويون ها ۽ پئسا وٺون. ضياءَ جي خدمت ڪريون ها. اسان اقتدار جا بکيا ناهيون. الله تعاليٰ جي اسان تي برڪت آهي. اسان دنيا ۾ سڀ ڪجهہ ڏٺو آهي. پ پ جا ڪارڪن بہ اقتدار جا بکيا نہ آهن. ائين هجي ها تہ هو ڪڏهن بہ جيلن ۾ نہ وڃن ها، ڦٽڪا نہ کائين ها، جلاوطن نہ ٿين ها، ڦاسيون نہ کائين ها. جيڪي ماڻهو ٽارچر ڪئمپن ۾ وڃي سگهن ٿا، انهن لاءِ اقتدار ڪا وڏي ڳالهہ ناهي. اسان کي عوام جي عزت گهرجي. اسان پنهنجي اصولن خاطر، پنهنجي تاريخ مطابق جدوجهد ڪيون ٿا. اسان عوام خاطر مري سگهون ٿا. هي شهيد پيءُ جا لفظ آهن تہ "آئون ڪفن ٻڌي نڪتو آهيان. آئون عوام سان گڏ رهندس. توهان گل کي خوشبو کان جدا ڪري سگهو ٿا. مڇيءَ کي درياهہ کان ڌار ڪري سگهو ٿا. پر مون کي عوام کان جدا نٿا ڪري سگهو". اسان نٿا چاهيون تہ هن ملڪ جي عورت جي عزت خطري ۾ رهي. اسان نٿا چاهيون تہ ملڪ جا ماڻهو بيروزگار رهن. اسان استحصالي نظام کي ختم ڪرڻ چاهيون ٿا. اسان وفاق اندر صوبن جي مان مرتبي کي بہ مٿاهون ڏسڻ چاهيون ٿا. اسان جا مقرر ٿيل اصول آهن: "اسلام اسان جو دين آهي، جمهوريت اسان جي سياست آهي، سوشلزم اسان جي معيشت آهي، طاقت جو سرچشمو عوام آهن ۽ شهادت جي اسان آجيان ڪيون ٿا". اسان استحصالي نظام کي ختم ڪري اهليت، قابليت، ذهانت ۽ وفاداريءَ وارن قدرن جي همت افزائي ڪنداسين. اسان هڪ اهڙي سوسائٽي چاهيون ٿا جيڪا فقط هڪ شخص جي پسند ۽ ناپسند جي غلام نہ هجي. اسان هڪ اهڙو معاشرو چاهيون ٿا جيڪو قانون مطابق هلي ۽ اهو قانون هر شهريءَ لاءِ برابر هجي، چاهي اهو مزدور هجي يا صنعتڪار، هاري هجي يا زميندار، استاد هجي يا وڪيل. صوبن کي فيڊريشن تي اعتماد هجي. سيني مسئلن بابت، خواهہ اُهي قومي هجن يا صوبائي، اتفاق راءِ هئڻ گهرجي.

برسات: اسان وٽ فوج ۾ هڪ اندازي مطابق 90 سيڪڙو ماڻهو پنجاب مان ڀرتي ٿيل آهي، باقي سرحد مان آهن. اهڙيءَ طرح اسان جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوج کي ”قومي فوج“ هئڻ جي حيثيت نٿي ملي. ان بابت اوهان ڪا راءِ ڏينديون؟

بينظير: مون کي اها خبر ناهي ته فوج ۾ 90 سيڪڙو ماڻهو پنجاب جا آهن. ان ۾ ڪافي ماڻهو سرحد جا به آهن. توهان جيڪا ڳالهه چئي، ان بابت اسان جي حڪومت گهٽي ئي ڪوشش ڪئي ته ڪنهن طريقي سان اهڙو قانون ٺاهيو وڃي پر اهو نه ٿي سگهيو. حالانڪه ان جي سخت ضرورت آهي. اسان جي ضرورت آهي. اسان جي فوج کي قومي فوج هئڻ گهرجي. اهو خيال ته فوج هڪڙي صوبي مان آهي جا ملٽري رول ڪري ٿي. اهڙي طرح هڪڙي ئي صوبي جا ماڻهو ملڪ تي رول ڪن ٿا. انهن ڳالهين جا اهڙا ئي اگرا نتيجا نڪرن ٿا. ماڻهو ملڪ کان مايوس ٿيو وڃن ۽ اها مايوسيءَ ماڻهوءَ کي غلط رستي ڏانهن گهليو وڃي. اسان وٽ دفاعي ضرورت مطابق ”قومي فوج“ هئڻ گهرجي. آئون سمجهان ٿي ته اصل دفاع ان ۾ آهي ته ملڪ جي اندرين حالتن طرف ڌيان ڏنو وڃي ۽ دفاعي رقم عوام تي خرچ ڪئي وڃي. عوام پاڻ اٿي ملڪ جو دفاع ڪري سگهندو. جيڪڏهن ماڻهن جي خوشحالي ملڪ سان وابسته آهي ته پوءِ ماڻهو خودبخود ملڪ لاءِ قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندا. پر ماڻهو خوش نه آهن، مايوس آهن، بي وس آهن ته پوءِ ملڪ ڪمزور ٿي وڃي ٿو. توهان ڏسو ته 93 بلين جي بجيٽ مان 44 بلين رپيا فوج تي خرچ ڪيا وڃن ٿا. آئون چوان ٿي ته عوام تي پيسو خرچ ڪيو وڃي، ان سان ملڪ به طاقتور ٿيندو.....

برسات: بجيٽ ۾ رکيل فوجي خرچن بابت، قومي اسيمبليءَ ۾ بحث نٿو ڪري سگهجي؟

بينظير: اسيمبلي هڪڙو ڊونگ آهي، هڪ تماشو آهي، ان کي پنهنجو ڪو به اثر ناهي. جيڪي ماڻهو پنجاهه پنجاهه لک رپيا وٺي، پنهنجي ضمير کي وڪڻي سگهن ٿا، عوام سان غداري ڪري سگهن ٿا. انهن کان توهان ڪهڙيون اميدون رکي سگهو ٿا.

برسات: حاصل ٿيل انگن اکرن مطابق، هن وقت پاڪستان جي هر فرد تي 136 رپيا قرض آهي. جڏهن ته انڊيا ۾ في ماڻهو 42 رپيا قرض



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ان صورتحال جو اوهان وٽ ڪهڙو علاج آهي؟

بينظير: ان سوال جو فوري طور مون وٽ ڪو جواب ڪونهي. انهن مسئلن جو ڏاڪي بہ ڏاڪي علاج ڪري سگهجي ٿو. توهان 136 رپيا في ماڻهو قرض جي ڳالهہ ڪئي، آئون چوان ٿي تہ جيڪو بار اچا ڄائو ئي ناهي، اچا پيدا ٿيڻو آهي، ان لاءِ بہ اڳواٽ ئي قرض رکيو ويو آهي. اسان وٽ اڻ پڙهيلن جي جيڪا شرح آهي، اها ڏاڍي حيران ڪندڙ آهي. دنيا ۾ ڪو بہ اهڙو ملڪ ڪونهي جتي اڻ پڙهيلن جو تعداد گهٽجڻ بجاءِ وڌي ويو هجي. اهڙي ويڌن اسان جي ملڪ سان ٿي آهي. هتي فقط هيروئن جي عادي ماڻهن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. سڄو ملڪ ڊرگ سينٽر بنجي چڪو آهي. جڏهن تہ ملڪ جي ستر سيڪڙو آباديءَ کي پيئڻ جو صاف پاڻي نٿو ملي. هي همراهہ چون ٿا تہ ننڍين ڪارن ۾ هلنداسين. جڏهن تہ عام ماڻهن وٽ چڙهڻ لاءِ سائيڪل بہ ناهي. اسين چئون ٿا تہ ملڪ مان ڪرپشن ختم ڪريو ۽ غير ترقياتي خرچن کي روڪيو.

برسات: توهان جي نظر ۾ ڪا اهڙي راهہ آهي، جنهن سان فوج کي سياست کان پري رکي سگهجي؟

بينظير: دنيا ۾ ڪو بہ اهڙو ملڪ ڪونهي، جيڪو چئي سگهي تہ فوج کي سياست کان پري رکي سگهجي ٿو. هن وقت سڀ کان وڏيڪ جوکم پ پ پارٽي کنيو آهي. اسان جي وزيراعظم کي ڦاسي ڏني ويئي. اڳتي ڪنهن کي بہ ڦاسي ڏيڻ ۾ هي دير نہ ڪندا. پر، ان ڳالهہ جو هيو بہ پاسو ڏسو. ڇا اسان خاموش ٿي ويهي رهون جڏهن ڳوٺ ٿهيمر ۽ ڪيساني موريءَ ۾ رت وهي تہ ڇا اسان کي ماٺ ڪري ويهڻ گهرجي. ڇا خاموشيءَ سان اهو ويهي ڏسون تہ زمينن تي قبضا ٿين، ڪالا باغ ڊيمر ٺهي، بمر بلاسٽ ڪيا وڃن، سياستدانن جا قتل ڪيا وڃن. خاموشيءَ سان اسان ڏسون تہ بي گناهہ ماڻهو اغوا ٿين، چوريون ڌاڙا لڳن. غريب ماڻهن جو استحصال ٿئي..... بهرحال، اهڙي ڪا بہ گارنٽي ناهي تہ فوج کي سياست کان پاسي رکيو وڃي. اهو اسان ڪو نہ ڪري سگهنداسين. پر اسان ڪوشش ڪنداسين. سياڻي عوام وڙهي، جدوجهد ڪري جمهوريت بحال ڪرائي وجهي، عوام اسان کي چونڊي وجهي تہ بہ اها ضمانت نٿي ڏئي سگهجي تہ

نوج سياست کان پري رهندي اسان کي تہ اها خبر ئي ناهي تہ اسان جان جي بازي لڳائي رهيا آهيون. جيڪي ڪجهہ ٿيو ان لاءِ اهڙا بہ ماڻهو هئا جن فوج کي دعوت ڏني، جن چيو تہ چونڊيل حڪومت کي هٽايو وڃي. اهڙا مفاد پرست ماڻهو عوام جي باري ۾ ملڪ جي باري ۾ نٿا سوچين. هنن پنهنجي مفاد ۾ چيو تہ احتساب ٿيڻ گهرجي، چونڊون ملتوي ڪيون وڃن. هاڻي توهان ڏسو تہ پ پ جي ضياءَ سان جنگ آهي، اسان ڪڏهن بہ فوج کي نہ چيو آهي تہ هوءَ اڳتي اچي. اسان نٿا چاهيون تہ ڪو اهڙو بهانو گهڙي واپس ايمرجنسي ڊڪليئر ڪئي وڃي. اسان سوچي سمجهي قدم کڻون ٿا تہ جيئن منزل تي بہ رسون ۽ عوام کي وڏيڪ مصيبت ۾ مبتلا نہ ٿيڻو پوي آئون نٿي چاهيان تہ ماڻهو مرن، خون خرابو ٿئي. اها ئي ڳالهہ آهي تہ ماڻهو پارٽ ڪاوڙ ۾ پريا وينا آهن. هو انتظار ڪانسواءِ پنهنجي منهن ڪجهہ ڪري سگهن ٿا. بهرحال.. اهو ڏينهن بہ جلد اچڻو آهي.

❊❊❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسان مغربي جمهوريت جا قائل نه آهيون!

## عبدالواحد آريسر

عبدالواحد آريسر، سنڌ جي سياست ۽ ادب جو هڪ نالو مسڪين ۽ سلجهيو ٺريل ماڻهو هو. نه ونس وڏن ماڻهن واري سياست ڪرڻ جا وسيلا ۽ نه خواهش. سنڌ ڌرتيءَ جي ڏکن ڏوجهرن جو هڪ اُهڃاڻ. پٺيءَ تي ڦٽڪن جا نشان ۽ منهن تي مرڪ. ڪيترن ئي ڪتابن جو ليکڪ ۽ اسٽيج جو ڌڻي. حوالن ۽ تشبيهن سان ڳالهين کي سگهارو بنائڻ جي ذات جو مالڪ. جدوجهد ۾ مستقل مزاجي سان ڏاڍ جي قوتن خلاف ويڙهه ۾ جنبيل، جنهن جي نتيجي ۾ پاڻ لاءِ هڪ درجو هڪ حيثيت به ماڻي ورتي اٿائين. جيئي سنڌ محاذ جو چونڊيل چيئرمين آهي. ڌرتيءَ سان سندس عشق، هيل تائين هر قسم جي شڪ شبهي کان مٿي. فڪري ۽ نظرياتي اختلاف پنهنجي جاءِ تي، پر هو سنڌ جي سياست ۾ هڪ ڪارائتي قوت ليکجي ٿو ۽ آهي به.

ساڻس هن انٽرويو ۾ بنيادي سوالن سان گڏ اهڙيون ڳالهيون به ٿيل آهن، جيڪي مختلف حلقا ضرور ڄاڻڻ چاهيندا. پاڻ تبديلي کان اڳ واري عبوري دور مان گذري رهيا آهيون. عبوري دور جو عذاب، قومن جي تاريخ ۾ اهڙو ئي هجي ٿو جيترو ٻار ڄڻڻ کان اڳ ماءُ پوڄي ٿي. سنڌ جي شعوري وات جيتري واضح هوندي، مونجهارا جيترا گهٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندا، مستقبل ايترو اُجاريل هوندو. صحافت، سچ کي عوام جي اڳيان وٺي اچڻ جو نالو آهي. فيصلي جو آخري حق تاريخي قوتن کي آهي. اسان هن انٽرويو ڏيڻ لاءِ آريسر صاحب جا ٿورائتا آهيون.

(ف. م لاشاري).

نالو: عبدالواحد

والد جو نالو: جادو

ذات: آريسر

ڄمڻ جي تاريخ: 1949-10-11

ڄمڻ جو هنڌ: ڳوٺ وائوڙي تعلقو عمرڪوٽ

اسڪول ۾ داخلا: 1958ع پرائمري اسڪول ساپو ڳوٺ تعلقو عمرڪوٽ

مدرسي ۾ داخلا: پيندو- ضلعو حيدرآباد

جيئي سنڌ تحريڪ سان وابستگي: 1967

جي ايم سيد سان پهرين ملاقات: 1968

پيغام ڪتابي سلسلو: 1972ع کان 1973ع تائين

گرفتاريءَ جو وارنٽ: 1973ع

گرفتاري (پهرين) 11-4-1976ع

جيل کان آزادي: 19-9-1977ع

جيئي سنڌ محاذ جو آرگنائيزر مقرر ٿيو: ڊسمبر 1977

شادي: 4-2-1978ع

گرفتاري (ٻيهر) آگسٽ 1979ع

سزا: هڪ سال قيد ۽ ڏهه ڦٽڪا ۽ ڏهه هزار رپيا ڏنڊ (جيڪو نه ڏنو)

ڦٽڪا لڳڻ جي تاريخ: 11-2-1981ع

جيل کان آزادي: جولاءِ 1981ع

جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمين چونڊيو: جنوري 1980ع

ڪتاب ڇپيل: 12 (ڪجهه شاعري ۽ ڪهاڻيون پڻ لکيل)

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاشاري: توهان قوم پرست آهيو؟

آريسر: جي، ها.

لاشاري: قومپرستي توهان وٽ نظريو آهي يا عقيدو؟

آريسر: آئون قومپرستيءَ کي جدوجهد دوران هڪ نظريو ۽ هٿيار سمجهان ٿو جيستائين قومي آزادي حاصل نه ٿي ٿئي.

لاشاري: قوم پرستيءَ جو سنڌ ۾ ٿيل ڦهلاءُ نظرئي بدران عقيدو وڌيڪ نظر ٿو اچي. ان جي سببن تي اوهان روشني وجهندا؟

آريسر: نظرئي ۽ عقيدي ۾ فرق ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي. جيئن مذهبن کي نظريو به چيو ويندو آهي ته مذهب عقيدا به هوندا آهن. سنڌ ۾ جيڪو قوم پرستيءَ جو ڦهلاءُ ٿيو آهي، ان تقدس جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي. انهيءَ تقدس جو ڪارڻ هڪ ته ٻاهرين قوتن جو دٻاءُ رهيو آهي ۽ ٻيو ته مقدس ۽ مذهبي نظرين جي آڙ ۾ وڏي زور شور سان ان جي مخالفت ٿيندي رهي آهي. ان ڪري ئي ان وڌيڪ تقدس حاصل ڪري ورتو آهي.

لاشاري: نظرئي يا دليل جي بنيادن تي هلندڙ جدوجهد شعوري واٽ وٺي سگهي ٿي، پر عقيدي جي واٽ دليل ۽ فهم کان پري جنون بنجي ٿي جيڪڏهن اها ڪامياب ٿئي ٿي ته ان کانپوءِ اها، ان جي هلائيندڙن جي هٿ ۾ ڪيتري رهي ٿي؟. ڇو جو عقيدا وڌيڪ سولائي سان پرماريت جو شڪار بنجي ويندا آهن.

آريسر: دنيا ۾ ٻن شين، مذهب ۽ آزاديءَ لاءِ ماڻهو دليل گهٽ پڇندو آهي، ان لاءِ مرڻ مارائڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. پر جيڪي تحريڪون صرف عقيدي، پوترتا يا شدت پسنديءَ جي بنيادن تي هلن ٿيون ته اهڙيون تحريڪون انهن جي هلائيندڙن جي هٿن مان نڪري وڃن ٿيون. ان ڪري منهنجي ليڊر سائين جي ايم سيد، منهنجي ۽ منهنجن دوستن جي اها ڪوشش رهي آهي ته تحريڪ کي دليل، فڪر ۽ شعور جي تابع بنايون. جيئن ته سائين جي ايم سيد گهڻو اڳ ئي چئي چڪو آهي ته اسان تعريفي طرح ته سنڌي قوم آهيون. پر عملي طرح اسين نه آهيون. ان لاءِ سڀ کان پهرين قومي شعور جي ڦهلاءَ جي ضرورت آهي ته جيئن شعور جي بنياد تي قوم متحد ٿي سگهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاشاري: قوم پرست نظرئي جي تاريخ کي جديد علمي حوالي سان ڏسجي ته اهو يورپ ۾ ان وقت اڀريو جڏهن سرمائيدار طبقو پيدا ٿيو. جنهن جي واپاري مفادن جي آڙ ۾ قوم پرستي جنم ورتو ۽ ٻي قوم پرستي بينڪيت جي ردعمل ۾ پيدا ٿي. پر بينڪيت واري قوم پرستي جي تحت آزاديءَ کانپوءِ به مڪمل مفهوم واري آزادي حاصل نه ٿي سگهي. توهان سنڌ جي قوم پرستيءَ کي انهن ٻنهي کان ڪيترو مختلف يا ڪيترو ويجهو ڏسو ٿا؟

آريسر: غير ملڪي قبضا يا تسلط قومن جي تاريخي اوسر لاءِ رڪاوٽ هوندا آهن. اسان جي قوم پرستي سرمائيدار دور جي پيداوار نه پر بينڪي نظام جي ردعمل ۾ پيدا ٿيل قومپرستي آهي. اسان سنڌ کي هينئر مڪمل بينڪ چئون ٿا. اڪثر ايئن ٿيو آهي جو بينڪي نظام کان آزاديءَ ملڻ کانپوءِ پوءِ ان تي راتاها هنيا ويا آهن. اهڙا انديشا هر ان جڳهه تي رهن ٿا جتي قومي تحريڪون هلنديون آهن. جنهن ڪري آزاديءَ جو ڦل اتي جي عوام کي مڪمل حاصل نه ٿي سگهيو آهي. جنهن جو هڪ سبب فوج آهي جيڪا سامراج ورثي ۾ ڏئي وجي ٿو ۽ ٻيو سامراجي دور وارو دلال سرمائيدار آهي جنهن جا لاڳاپا عالمي طاقتن ۽ ادارن سان رهن ٿا. اسين اها ڪوشش ڪنداسين ته اهي غلطيون جتي جتي دهرايون ويون آهن اهي هتي نه دهرايون وڃن.

لاشاري: جديد علمي حوالي سان قوم پرستيءَ جي باري ۾ اها راءِ آهي ته اهو هڪ بورجوا خيال آهي ۽ ٻيو قوم پرستي ۽ قومي آزادي کي ڏار ڏار ليکيو وڃي ٿو. جيئن هڪ راءِ اها آهي ته قومي آزاديءَ جي واٽ سوشلسٽ نظرئي سان هٿڙ گهرجي ۽ ٻي اها ته قوم پرستي خود هڪ نظريو آهي. توهان ان باري ۾ ڇا چوندا؟

آريسر: قومي آزادي ۽ قوم پرستي کي مون الڳ الڳ صورتن ۾ نه ڏٺو آهي، خاص ڪري بينڪي ۽ غلام ملڪ ۾ مشهور آفريڪي دانشور ڪبرال جو قول آهي ته ڪي قومون جدوجهد شروع ڪرڻ وقت به مڪمل قومون هونديون آهن ۽ ڪي جدوجهد دوران قومون تشڪيل ٿينديون آهن. جيڪي قومون جدوجهد وقت مڪمل هونديون انهن ۾ هن ويتنام جو مثال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو ۽ جيڪي قومون جدوجهد دوران تشڪيل ڏينديون آهن، ان ۾ هن گنيءَ جو مثال ڏنو آهي ۽ آئون نہ ٿو سمجهان تہ ڪو ڪبرال جي قوم پرستي بورجوا قوم پرستي آهي.

لاشاري: اها ڳالهہ وري بہ ثابت ٿئي ٿي تہ قوم پرستي هڪ بورجوا نظريو آهي، ڇو تہ جيڪا ڳالهہ سائين جي ايم سيد ڪافي سال اڳ ڪئي هئي تہ اها هينئر مڌئين طبقي محسوس ڪئي آهي تہ واقعي اسان جو ڇوٽڪارو قوم پرستي ۾ ئي آهي. جنهن جو مثال هينئر سنڌ جي مڌئين طبقن جو ان ڏانهن لاڙو آهي، جنهن مان اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ قوم پرستي ڪنهن نہ ڪنهن مرحلي تي مڌئين طبقي جي هٿ ۾ اچي ٿي؟

آريسر: اهو معروضي حالتن تي دارومدار رکي ٿو. حقيقت اها آهي تہ هيٺئين طبقي کي اڍائي سئو سالن تي اعتراض آهي تہ توهان ايم آر ڊي جي مهم کي سنڌي قوم جي جدوجهد چئو ٿا. اها پاڪستان جي جدوجهد هئي. پر بنگال جي جدوجهد ۽ بلوچستان جي جدوجهد اتي قومي جدوجهد هئي، اها پاڪستان جي جدوجهد نہ هئي. ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ جيڪڏهن پنجاب جي ڏهن صحافين نوڪريون وڃايون تہ اهو سنڌ جي تحريڪ جي ڪري نہ پر پاڪستان جي بچاءُ لاءِ اسين پڇون ٿا تہ سنڌ ۽ بلوچستان جي تحريڪ ۾ ڪيترن پنجابين نوڪريون وڃايون، ڪيترن احتجاج ڪيا. ڪيترن مظاهرا ڪيا يا پاڻ تي پيٽرول هاري باهيون ڏنيون.

لاشاري: اها ڳالهہ ڪٿي مڃجي تہ ايم آر ڊي جي تحريڪ پاڪستان جي جدوجهد هئي، پر اها تحريڪ رڳو سنڌ ۾ ڇو ٿي ٿئي. سنڌي ماڻهو جو ايترو رد عمل ڇو ٿو ٿئي ۽ اها تحريڪ سنڌ جي قومي آزاديءَ واري تحريڪ جو سنگ ميل تہ ثابت ٿي سگهي ٿي. تاريخي طور تي ماڻهن جو شعور وڌيو آهي ماڻهو جهيڙي لاءِ اڳتي نڪتا آهن. تہ توهان ڇا چوندا تہ هيءَ تاريخي طور اسان لاءِ نقصانڪار هئي يا فائدي واري هئي؟

آريسر: هر تحريڪ جا ٻہ پهلو هوندا آهن. هڪ مثبت ٻيو منفي. ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ سنڌي ماڻهو ان ڪري وڌيو جو هو ڀُٽي خاندان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان عقيدي پرستي جي حد تائين محبت ڪري ٿو. هنن سمجهيو تہ ان تحريڪ جي ڪري ڀٽو خاندان اقتدار ۾ ايندو ۽ ضياءُ جيڪو ڀٽي جو قاتل آهي اهو ختم ٿيندو. پر پنجاب مان مناسب حمايت نہ ملي سگهي. اهو منفي رخ آهي جڏهن تہ تحريڪ جو مثبت پهلو اڃا پيو آهي. اڃا ٻيا مرحلا آهن. جيڪي اڳتي هلي تاريخ طئي ڪندي ۽ پنجاب جو ڪردار اڃا بہ واڌو ٿيندو.

زين: توهان چيو تہ ايم آر ڊي جي هلچل پاڪستان جي هلچل هئي، ٻئي پاسي اهو بہ چيو وڃي پيو تہ جيئي سنڌ پي اين اي جي تحريڪ ۾ حصو ورتو جيڪا نہ صرف پاڪستان جي هلچل هئي پر سنئين سڌي سامراجي سازش هئي. جيڪڏهن پاڪستاني هلچل ۾ حصو وٺڻ لاءِ تيار نہ آهيو تہ پوءِ ان الزام جي حوالي سان توهان سامراجي هلچل ۾ حصو ڇو ورتو؟

آريسر: ان باري ۾ آئون اهو چوندس تہ ايم آر ڊي جي تحريڪن ۾ اسان جا ماڻهو گرفتار ٿيا. پهرينءَ ۾ اسان جا 150 ماڻهو ۽ ٻئي تحريڪ ۾ اسان جا 60 ماڻهو گرفتار ٿيا. پر پي اين اي جي تحريڪ ۾ اسان جي هڪ ڪارڪن بہ گرفتار نہ ڏني. نہ ئي اسان جي ڪنهن ماڻهوءَ پي اين اي جي تحريڪ جي ڪنهن جلسي يا مظاهري ۾ حصو ورتو. ان وقت ڀٽو اسان سان جيل ۾ مليو آيو ان تي اسان واضح ڪري ڇڏيو تہ اسان نہ تنهنجو طرف وٺندا سين نہ پي اين اي جو.

حقيقت ايئن آهي تہ پي اين اي جي تحريڪ وقت پ پ پ وارن حيدرآباد ۾ پوسٽر لڳايا هئا. جنهن ۾ مهاجرن جون سيون ڏيکاريون ويون هيون. انهن پوسٽرن ۾ جيئي سنڌ جو نالو استعمال ڪيو ويو هو تہ اسين مهاجرن کي قتل ڪندا سين ڇو تہ اهي اسان جي سنڌيءَ خلاف مظاهرا ڪري رهيا آهن. ان تي سائين جي ايم سيد جي پٽ امير حيدر شاهہ اهو بيان ڏنو تہ اسان جو انهن پوسٽرن سان ڪو تعلق ناهي ۽ اسين سمجهون ٿا تہ انهن جا مناسب مطالبا جيئن نيون چونڊون ڪرائڻ، بلوچستان مان فوج جي واپسي ۽ حيدرآباد ٽربيونل ٽوڙڻ وغيره مڃيا وڃن.

لاشاري: هڪ ڀٽو وزيراعظم هو جنهن سان توهان جا تمام گهڻا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اختلاف هئا. جنهن ڏانهن توهانجو رويو پڌرو آهي. پر بيو پٽو اهو جنهن بهادر سنڌي ماڻهوءَ وارو ڪردار ادا ڪري موت کي قبول ڪيو. ان ڏانهن توهان جو رويو ڪهڙو آهي؟.

آريسر: ان لاءِ آئون اهو چوندس ته لمحي جي تبديلي ماڻهوءَ جي ڪردار کي بدلائي سگهي ٿي.

لاشاري: توهان چيو ته هاري اسان جي اڪثريت آهي. بنيادي طاقت طور ڪم ڏيندو. ته هاري ۽ عوام جي بين طبقن ۾ تنظيمي ڪم جي لاءِ شروعات ڪٿان ٿيڻ گهرجي؟.

آريسر: مون لکيو آهي ته آزاديءَ جي جدوجهد جي لاءِ اسان کي پنج بنياد مقرر ڪرڻ گهرجن. وطن پرستي يا حب الوطني، قومي تاريخ قومي هيرن سان محبت، زبان ۽ معاشي ۽ اقتصادي وسيلا. معاشي ۽ اقتصادي وسيلن جي ذريعي جيڪا ڦرلٽ ٿئي ٿي ان کي بنياد ڪري ڪٺجي.

لاشاري: اسان کي هڪ وڏي ناانصافي لاءِ جهيڙو ڪرڻو آهي، ان جي لاءِ ننڍڙين ننڍڙين ناانصافين جي خلاف عوام کي منظم ڪري عوام جي مسئلن کي سياسي رنگ ڏئي، قومي پاسي تي وٺي اچڻو آهي. ان جو طريقيڪار ڪهڙو هئڻ گهرجي؟.

آريسر: سامراج پنهنجا رويا تبديل ڪندو آهي، جڏهن به توهان ننڍڙين ننڍڙين ناانصافين تي قوم کي متحد ۽ متحرڪ ڪري اڳتي وڌندا، ته هو پنهنجا رويا تبديل ڪندو. ڪلهه ان جا رويا نفرت وارا، گوليءَ وارا هئا ۽ اڄ ان جا رويا محبت وارا آهن. انهي ڪري سچي جدوجهد جي چڙوچڙ ٿيڻ جو انديشو رهي ٿو. منهنجي خيال ۾ وڏي ناانصافي قومي غلامي جي بنياد تي ماڻهن کي متحرڪ ڪرڻ گهرجي جيڪا آخر تائين هلي. جيستائين اها شيءِ حاصل نه ٿي ٿئي تيستائين آزادي اڻ ٿيڻي آهي.

زين: جيئي سنڌ جي باري ۾ سائين به چئي چڪو آهي ته اسين عدم تشدد يا اهنسا جا حامي آهيون. جيڪو گانڌيءَ جو نظريو آهي، عدم تشدد ۾ ته سول نافرماني، اقتصادي بائيڪاٽ ۽ جلسا جلوس وغيره هوندا آهن. جلسا جلوس ته شهرن ۾ ئي موئثر ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. جڏهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ سنڌ جي وڏن شهرن تي غير سنڌي قابض اهن ۽ اقتصادي بائيڪاٽ تڏهن ٿئي جڏهن اقتصادي وسيلا سنڌين وٽ هجن. جيڪي انهن وٽ نہ آهن. انهيءَ صورتحال ۾ عدم تشدد وارو طريقہ ڪار ڪيئن فيصلائتو ٿي سگهي ٿو؟.

آريسر: مائو لکيو آهي تہ ”هٿياربند هلچل سياست جي اعليٰ ترين شڪل آهي. اها ان وقت جنم وٺندي آهي، جڏهن سياست جا ٻيا دروازا ۽ رخ بند ٿي وڃن“.

دنيا ۾ شايد ئي ڪو ماڻهو هجي، جنهن قوم کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ، تنظيم ٺاهڻ وقت اها تبليغ ڪئي هجي تہ اسين تشدد ڪنداسين گوليون هلائينداسين. گانڌي وٽ عدم تشدد عقيدو هو ۽ ڪانگريس وٽ عدم تشدد حڪمت عملي هئي، عدم تشدد حڪمت عملي آهي جيڪو هٿيار بہ ٿي سگهي ٿو. پر اسان جو عقيدو نہ آهي. ان حڪمت عملي جي ذريعي قوم کي متحد ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي تہ پوري رياستي مشينري کي مفلوج ڪري سگهجي ٿو بنا گولي هلائڻ جي.

لاشاري: جيئي سنڌ محاذ اندر ٻن واضح گروپن جي صورت ۾ هڪ تڪرار هلندڙ آهي. هڪ ميڊم حميده کهڙو جو ۽ ٻيو گروپ توهان جي نالي سڃاتو وڃي ٿو. توهان ان جي حقيقت جي باري ۾ ڇا چوندا؟.

آريسر: هر پارٽي اندر ڪڏهن نظرياتي بنيادن تي ڪڏهن عهدن جي بنياد تي ڪڏهن ذاتي پسند ۽ ناپسند جي بنياد تي هي گروپ ٺهي پوندا آهن. اسان جي محاذ ۾ ڪا بہ گروپ بندي نہ آهي. جيستائين ميڊم حميده جي ڳالهہ آهي تہ اها جيئي سنڌ تحريڪ ۾ ضرور آهي، پر جيئي سنڌ محاذ جي ميمبر نہ آهي. اها جيئي سنڌ تحريڪ ۾ عورتن جي فرنٽ جي آرگنائيزر آهي.

زين: جيئي سنڌ ۾ نظرياتي تعليم جي اٺاٽ هئڻ واري ڳالهہ ڪيتري درست آهي؟

آريسر: توهان منهنجي ڳالهائڻ مان اندازو لڳايو تہ اسان وٽ ڪيتري ڇاڻ آهي ۽ ڪيتري نہ آهي. اسانجا باقاعده ڪلاسز ٿيندا آهن. گڏجاڻيون ٿينديون آهن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاشاري: تعليمي ادارن ۾ ٿيندڙ غنډه گردي جي سلسلي ۾ جيئي سنڌ جو نالو وڏيڪ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. توهان ڇا چوندا؟

آريسر: جيئي سنڌ کي بدنام ڪرڻ ۾ پنجابي پريس جو وڏو ڪردار آهي، نہ تہ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو مجموعي ڪردار هميشہ شاندار رهيو آهي. باقي ممڪن آهي هڪ اڌ چوڪرو غلط بہ هجي.

لاشاري: سنڌ ۾ قومي تحريڪ جي هلايل عمل جي شروعات شاگردن کان ٿي 4 مارچ جي حوالي سان اها عوام جي اڪيلي نمائنده طاقت آهي، پر ان طاقت کي مختلف نمونن سان ڌڪ هنيو ويو آهي، سياست ۾ اچڻ جي ڪري انهن جي پڙهائي تي اثر پيو آهي. جڏهن تہ بنگال ۾ شاگرد سياست سان گڏ پڙهائي ۾ بہ مٿي هوندا هئا. تعليمي ادارن ۾ پيچ ڏاهہ جا پيا بہ عوامل آهن. توهان جي ڇا راءِ آهي تہ ان کي ڪيئن منهن ڏجي؟

آريسر: انهيءَ طاقت کي ٽوڙڻ ۾ سڀ کان وڏو هٿ پنجاب جوءِ ان جي نمائندگي ڪندڙ پارٽي پ پ جو آهي. جنهن جي دور ۾ شاگردن جون هتراڌو جماعتون ٺاهي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان کان علاوه مارشل لا دور بہ شاگرد قوت کي وڏو ڌڪ پهچايو آهي. مارشل لا کان اڳ ليڪچر ٿيندا هئا. پر پوءِ انهن تي پابندي وڌي وئي. اسان جا نظرياتي دوست مارشل لا دور ۾ يا تہ جيلن ۾ رهيا يا مفرور رهيا. جنهن شاگرد نظرياتي هٿيار کان محروم ٿيا، اها بہ وضاحت هجي تہ قومي آزادي جو شعور ڏيڻ ۾ شاگرد کان وڌيڪ اديبن جو اهم ڪردار رهيو آهي. خاص ڪري سنڌي ادبي سنگت جو.

لاشاري: سنڌي ادبي سنگت جو ڪردار تمام شاندار رهيو آهي. ڪاپي ڌر جا دانشور بہ ان ۾ آهن. هن وقت سنگت کي غير متنازعہ رکڻ جو مسئلو آهي تہ جيئن سنڌي ادبي سنگت ڪنهن انفرادي جماعت جي اثر ۾ نہ رهي. اهو جيئن گڏيل پليٽ فارم آهي ائين ئي هئڻ گهرجي. توهان جو ڇا خيال آهي تہ ايئن هئڻ گهرجي يا ڪا پارٽي اچي ان تي قبضو ڪري؟.

آريسر: سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي ترقي پسندن جو گڏيل پليٽ فارم هئڻ گهرجي. جيڪي عالمي ترقي پسند جدوجهد سان ملائڻ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جدوجهد ڪن ٿا. ان تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪري پر جيڪڏهن ڪنهن پارٽي سان واسطو رکندڙ اهم عهدن تي پهچي وڃن ٿا تہ ايئن نہ سمجهڻ گهرجي تہ اها هڪ گڏيل پليٽ فارم نہ آهي.

لاشاري: ڪنفيڊريشن وارا چون ٿا تہ پاڪستان کي بچائڻ جي اها واحد صورت رهي آهي تہ پاڪستاني رياست جي جوڙجڪ اندر قومي آزادي. توهان قومي آزادي کي پاڪستان جي اندر واري شڪل ۾ ڏسو ٿا يا ڪنهن ٻي شڪل ۾ بہ؟.

آريسر: اسين سنڌ کي ڄام نظام واري سنڌ جي شڪل ۾ ڏسڻ گهرون ٿا. ۽ منهنجي دعويٰ آهي تہ هي پاڪستان جنهن ۾ پنجاب کي وڏو ڀاڱو ڪري پيش ڪيو ٿو وڃي، اهو تاريخ ۾ وڏو تہ ٺهيو پر ننڍو بہ ڪو نہ رهيو آهي. تاريخ ۾ هند ۽ سنڌ رهيا آهن.

زين: ٻڌجي پيو تہ جيئي سنڌ وارن جو مهاجر قومي موومينٽ سان ناهہ ٿيو آهي. ايم ڪيو ايم جو اهم مطالبو مهاجرن کي قوميت تسليم ڪرائڻ آهي، مهاجرن جي سنڌ ۾ رهڻ ڪري ان مطالبي جي مڃڻ جي معنيٰ ٿيندي سنڌ کي بہ قومي وطن مڃڻ يا اڳتي هلي ان جو ڇيهہ سنڌ کي ٻن ٽڪرن ۾ ورهائڻ ٿئي، تہ پوءِ ان نقصان جي انديشي هوندي بہ اهو ناهہ ڪيئن ڪيو ويو آهي؟.

آريسر: مهاجر قومي موومينٽ سان، اسان جو ڪو بہ ناهہ ڪو نہ ٿيو آهي. مهاجر پنهنجن معاشي مسئلن لاءِ وڙهي رهيو آهي جنهن تي ڌارين قبضو ڪيو آهي. هتي جو ماڻهو جيڪو ڌارئي کي ڪڍڻ لاءِ سنڌي قوم جو حصو ٿي رهڻ جي لاءِ تيار آهي. اسين ان جي مخالفت نہ ڪنداسين آئون نٿو سمجهان تہ مهاجر دانشور صرف ڪراچيءَ کي ورهائي زنده رهي سگهي ٿو. آئون ان ڳالهہ کي صحيح نٿو سمجهان.

لاشاري: هي دانشور جو معاملو نہ آهي. پر اهو مهاجر، آءِ سي ايس بيورو ڪريسي جي معرفت پنجاب جو جونيئر پارٽنر ٿي رهيو آهي هن وقت ان جون رعايتون گهٽ ٿي ويون آهن. ثقافتي دٻاءُ وڌي وڃڻ ڪري، هن ڳوٺن کان ڪراچيءَ جو رخ رکيو. هاڻي هو معاشي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ قومي نعرو ڏئي هڪ جذباتي قسم واري صورتحال پيدا ڪري رهيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، ان مان ڪنهن کي فائدو پهچندو؟

آريسر: اهو اڳتي هلي ڏسڻو آهي ته ڇا ٿو ٿئي. هن وقت مهاجر، پنهنجن معاشي مسئلن لاءِ پنجاب خلاف جدوجهد ڪرڻ چاهي ٿو. اسلام پسند پارٽيون، جيڪي پنجاب کي هتي مسلط ڪرڻ چاهين ٿيون، ان جي لاءِ هن وقت ان نعري کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي.

لاشاري: پر ان سان ايئن به ته ٿيندو ته سنڌ جي سياست ۾ حصن ۾ ورهائجي ويجي؟

آريسر: دنيا ۾ جتي به سامراج جي خلاف تحريڪون هلن ٿيون. اهي پلي هڪ جهنڊي هڪ پليٽ فارم هيٺ نه هجن. پر آئون انهن کي ڏار نٿو سمجهان.

زين: ڪجهه ڏينهن اڳ سنڌ جي قوم پرست تنظيمن جيئي سنڌ، سنڌ دوست مزدور تنظيم، قاسم پٽر ۽ سنڌ ساگر پارٽي ۾ اتحاد جون ڳالهيون هليون پئي، پر ان اتحاد جو باضابطه اعلان نه ٿيو آهي؟

آريسر: پاڪستان ۾ جيڪي به لکت ۾ اتحاد ٿيا آهن، انهن جو ڏاڍو برو حشر ٿيو آهي. پر جيڪي اسان جي سنڌ جي راڄن جا اڻ لکيا اتحاد آهن. اهڙن اتحادن ۾ اهي ڌريون هر مصيبت ۾ هڪ ٻئي سان گڏ هونديون آهن. اسان جي موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکي اهڙي قسم جو راڄوڻي اتحاد ڪيو جيڪو برقرار آهي ۽ اسان ان طريقي سان ئي اڳتي گڏجي هلنداسين.

زين: ان اتحاد جو واسطو رکو سنڌ جي موجوده صورتحال سان آهي يا اڳتي قومي آزادي واري هلچل سان؟

آريسر: في الحال اسين سنڌي ماڻهن کي ان حالت ۾ پيا سڏ ڪريون. جنهن حالت ۾ درياهه خان سڏ ڪيو هو ۽ پوءِ جڏهن قوت نهي وئي ته ان کي نئين شڪل ڏينداسين. اهي تنظيمون ۽ تحريڪون وڏيڪ ڪارگر ۽ اثرائتيون ثابت ٿين ٿيون، جن ۾ اها صلاحيت آهي ته پنهنجي جدوجهد جي شڪل تبديل ڪري سگهن.

زين: انهن تنظيمن ۾ مختلف نظرين واريون تنظيمون آهن. جن ۾ سائنسي سوشلزم ۽ مولانا عبيدالله سنڌي وارو نظريو به آهي ۽ طريقه ڪار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ مختلف آهن. ڇا اهي سڀ گڏ هلي سگهن ٿا؟

آريسر: اهو ان ڳالهہ تي آهي تہ جيڪا صورتحال بيٺي. ڪير پاڻ کي ڪنهن ۾ ٿو ضم ڪري ۽ ڪهڙي قوت تي ٿو.

لاشاري: ڪراچي جي صورتحال هر سنڌي ماڻهو لاءِ ڳڻتيءَ جو باعث آهي. ان صورتحال کي ڪهڙي واٽ وڃڻ کپي ۽ ان ۾ اسان جو ڪهڙو ڪردار هئڻ گهرجي؟.

آريسر: اسان جو ڪردار اهو هئڻ گهرجي. جو جيڪي ڏريون ڏارين کي هتان ڪيڻ چاهين ٿيون. انهن سان همدردي ڪريون.

لاشاري: ڏارين مان اوهانجي مراد ڪير آهي؟

آريسر: ڏارين مان منهنجي مراد جيڪو سنڌ جي سرزمين کان ٻاهران ٿو اچي.

لاشاري: ان جهيڙي جا اسان کي انساني پاسا بہ نظر اچن ٿا. مثال ڪنهن ريڙهي يا گاڏي واري يا ٻارن ۽ عورتن کي مارڻ جيڪو وڏو پاپ آهي، اهي جهيڙا تہ مافيا وارا ٿا ڪرائين. پر انهن کي رنگ فرقيوارانا اچي وڃي ٿو. تہ اهو فرقيوارانا جهيڙو عوام جي سياست کي نقصان ڏيندو يا فائدو؟.

آريسر: اهو چوڻ غلط آهي تہ اهو فرقيوارانا جهيڙو آهي. جهيڙو ٻاهران ايندڙ ماڻهن جي ڪري ٿئي ٿو. جيڪي معاشي وسيلن تي قبضو ڪري ويٺا آهن. باقي چوندا آهن تہ "وڙهن سان لتاڙجن ٻوڙا". سو غريب ماڻهو مرندا آهن ۽ انساني پهلو ڏاڍا اذيتناڪ سامهون ايندا آهن.

لاشاري: افغانستان مسئلي تي پنهنجي راءِ ڏيندا؟

آريسر: اڪثر اهو پڇيو ويندو آهي تہ روس جو افغانستان ۾ ڪردار ڇا آهي. پر اهو نہ ٿو پڇيو وڃي تہ آمريڪا جو ڪردار ايلسلو اڏور لبيا. نڪارا گوا ۽ پاڪستان ۾ ڇا آهي. روس افغانستان ۾ دعوت تي آيو آهي. آمريڪا جون بہ تہ گهٽ ئي ملڪن ۾ فوجون ويٺيون آهن. جتي بہ انقلاب کي خطرو هوندو آهي. ان ملڪ کي حق آهي تہ پنهنجي دوست کي مدد لاءِ گهرائي. آئون چوان ٿو تہ روس کي اتي اچا 50 سال رهڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاشاري: سنڌ جا ڪجهہ قومپرست حلقا مذهب جي بنياد تي هلندڙ سک تحريڪ جي باري ۾ چون ٿا تہ اها بہ هڪ قوم آهي. توهان جو ان قوم پرستي جي باري ۾ ڇا آهي؟.

آريسر: سک، هندن جو مذهبي فرقو آهي. گرونانڪ تاريخي طور هندو آهي. سک ڪا بہ قوم نہ آهي. اها پنجابي قوم جي آزاديءَ جي ڳالهہ نہ آهي. پر اتي مذهب کي نافذ ڪرڻ جي ڳالهہ آهي، آئون ڀارت ۾ تامل ديش، آندرا ديش ۽ مرهٽا ديش جي تہ حمايت ڪري سگهان ٿو پر آئون ڪنهن بہ ڀارت ۾ ڪنهن اسرائيل يا وڏيڪ پاڪستان جي ٺهڻ جي حمايت نہ ٿو ڪري سگهان.

***

# ميڊم حميد کهڙو سان انٽرويو

اوائلي تعليم لاڙڪاڻي پرسان عاقل ڳوٺ ۾. شروعات سنڌي پڙهڻ سان ٿي ان کان پوءِ ٽي سال ڪراچيءَ ۾ سنڌي ميڊيم ۾ تعليم. سينٽ جوزف ڪانوينٽ منجهان سينيئر ڪئمبرج پاس ڪري، ساڳئي ڪاليج منجهان ڊگري وٺڻ بعد ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ 1956ع ۾ تاريخ ۾ ايم اي جي ڊگري حاصل ڪئي. 1965ع ۾ ڪئمبرج يونيورسٽي لنڊن مان پي ايچ ڊي جي ڊگري ورتي. سنڌس پي ايچ ڊي ۾ ٿيسز (Thesis) جو عنوان هو "سنڌ ۾ 19 صدي ۾ برطانيا جي انتظامي پاليسي ۽ سماجي ڦيرو" لنڊن کان واپسيءَ تي ڪراچي يونيورسٽي ۾ پهريائين انٽرنيشنل رليشنز ۾ ۽ پوءِ تاريخ جي شعبن ۾ ليڪچرري ڪئي. آڪسفورڊ طرفان فيلوشپ ملڻ تي 1970ع کان 1973ع تائين اتي رهڻ ٿيو جتان واپسيءَ تي سنڌ يونيورسٽي جي تاريخ واري شعبي ۾ پروفيسري جي عهدي تي فائز ٿيون.

سوال: تاريخ جي وصف متعلق به خاص نڪته نظر آهن. هڪڙي مڪتبهٔ فڪر جو چوڻ آهي، ته تاريخ حاڪمن جي جملي سرگرمين جو رڪارڊ آهي، ٻيو خيال آهي، ته تاريخ سماجي ٽڪرائن جو لاڳيتو عمل آهي، اوهان جي ان سلسلي ۾ ڪهڙي راءِ آهي؟

جواب: مان انهن سان اتفاق نٿي ڪريان. تاريخ جي دائري ۾ هيٺئين سماجي سطح، سماج جي حالت ۽ ترقي توڙي تبديلين جي رخ جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهلو اچي وڃن ٿا.

سوال: تاريخ جي ڏڳهي عرصي تائين سنڌ تي ٻاهرين حملن جو ڪهڙو ڪارڻ رهيو آهي؟

جواب: سنڌ تي ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ حملا گهٽ ٿيا آهن. مجموعي طرح ننڍي کنڊ ۾ ٻاهرين حملن جو نشانو دهلي رهي ۽ اولهه جي غنيمن لاءِ سنڌ وارو رستو وڌيڪ مناسب ڪو نه هو تاريخ جي ٻن وهڪرن مکيه هندستان ۽ ايران تي ئي گهٽو ڪجهه وهيو واپريو ۽ اسين وچ تي هئاسون. جڏهن ته اهي ٻئي مرڪزي حڪومتون سگهاريون رهيون، تڏهن سنڌ جي خودمختياري متاثر ٿيندي هئي. پر جڏهن به مرڪز هيٺو ٿيو سنڌ پنهنجي خودمختيار حيثيت بحال ڪري پئي ورتي، ان ڪري ٻين جي ڀيٽ ۾ سنڌ وڌيڪ خودمختيار رهندي پئي آئي.

سوال: سڄي تاريخي عرصي ۾ سنڌ پاران ڪڏهن به ڪنهن تي اڳرائي نه ڪئي وئي، ان امن پرئي مزاج جا ڪهڙا ڪارڻ هئا؟

جواب: سبب سياسي ۽ جاگرافيائي آهن. خودمختياري وارن زمانن ۾ هر سنڌي انتظام رکڻ واري حڪومت آبپاشي ۽ واهن جي سڌارن لاءِ ڪوششون ورتيون. ڪامياب آبپاشي واري معيشت لاءِ سنڌي حڪومت جي ضرورت هوندي آهي. آبادي گهٽ ۽ زمين گهڻي هئي ۽ خوشحال ماڻهن کي اڳرائي ڪرڻ جي ضرورت به نه ٿي رهي.

سوال: سنڌ جي تاريخي مزاج تي تصوف جي اثرن بابت اوهان جو چوڻ ڇا آهي؟

جواب: تصوف اسان جي ذري گهٽ فطرت ۾ شامل رهيو آهي، ڌرتي جي زرخيزي، درياهه ۽ ماحول جي سونهن جا اثر ٿيا. ان کان سواءِ ويدن ۽ ايراني صوفين جو اثر به هتي ٿيو.

سوال: انگريزن سنڌ کي بيٺڪ بنائي ان جي معاشي وسيلن کي لٽيو ۽ ساڳئي وقت چارڻ ۾ اڳيرا هئڻ ڪري هنن کان علم ۽ سائنس جي ميدان ۾ ڪجهه اثر قبوليا ويا. پر مجموعي طرح سان اسان جي پنهنجي ترقي کي جن ڏسائن ۾ نقصان ٿيو ۽ انگريزن جيڪو ڪجهه ڏنو اهو تاريخ جي بي شعور ڪارندن جي حيثيت ۾ اوهان ان سموري صورتحال کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن ٿا ڏسو؟
جواب: ننڍي کنڊ ۾ انگريزن جو اچڻ تاريخي ضرورت هئي. هندستان پيچ ڊاهه جو شڪار هو ۽ انگريز اچي ويا ۽ جڏهن هندستان تي هنن جو قبضو ٿي ويو پوءِ سنڌ ڏانهن اچڻ هنن لاءِ لازمي ٿي پيو. هنن اچڻ سان اولهه جي سائنس ۽ معلومات جا در کولي ڇڏيا. ڪميونيڪيشن کي آندائون، ٽيليگراف رائج ڪيائون، سنڌ ۾ پهريون پيرو پوسٽل سروس هلي، سڀ کان اهم ڳالهه انگريزن پاران سيڪيولر تعليمي نظام کي آڻڻ هو. اوائلي تعليم ٿورن ماڻهن تائين محدود هئي. عالم ۽ علماءَ معلم بڻبا هئا. هندن ۾ رڳو عامل پڙهي حڪومت جا اهل ڪار ٿيندا هئا. ان ڪري عام سنڌي ماڻهو تائين تعليم پهچڻ جو فائدو ٿيو. رسم الخط اسان وٽ موجود هئي، تنهن کي انگريزن شڪل ڏني، ٽائيپ، رسالا ۽ پرنٽنگ سرشتو آندائون. مڊل ۽ پروفيشنل ڪلاس پيدا ڪيائون. اهڙي ريت هنن سماجي ترقيءَ جي عمل کي وڌايو ۽ اسين ايرانين ۽ چينين جي ڀيٽ ۾ ويهن صديءَ جي ذهن وارا ماڻهو آهيون. ايران ۽ چين مٿين شعبن ۾ پٺتي هئڻ سبب اوچتين ترقين کي هضم نه ڪري سگهيا.
سوال: انگريزن هتي جاگيرداري سرشتي کي منظم ڪيو. جڏهن ته پاڻ ترقيءَ جي سرمائيداري واٽ تي اتي هليا. ڇا ان هوندي به ڇئي سگهجي ٿو ته سماج اڳتي وڌيو؟
جواب: فيوڊلزم جو اصطلاح يورپ تي لاڳو ٿئي ٿو. اتي جنگ وقت فيوڊل لارڊس مرڪزي حڪومت کي جنگي نفري مهيا ڪندا هئا. جاگيرداري سرشتو هتي اڳ ۾ هيو پر آباديءَ جو دٻاءُ ڪو نه هو ۽ زمين گهڻي هئي، ان ڪري برادريءَ وارو ماحول قائم هيو باقي فيوڊلزم جيئن يورپ ۾ هئو ائين هتي ڪو نه هو.
سوال: انگريزن پروانا ڏئي پنهنجي پسند جي ماڻهن کي جاگيرون ڏئي ماڻهن جي اچي ڪاري جو مالڪ بڻايو ساڳئي وقت ڏيهي راڄ جي ڀيٽ ۾ انگريز جي ڏينهن ۾ جاگيردار وڏيڪ سگهارو هو.
جواب: پروانا انهن ئي ماڻهن کي ڏنا ويا هئا، جن کي اڳ ئي جاگيرون هيون. سر چارلس نيپئر چيو هو ته جيڪي اسان وٽ پيش پوندا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تن جون جاگيرون بحال ڪيون ويندي‌ون ان سڌ ڏيڻ تي نيپئر جي خيمي ۾ ايترا ماڻهو گڏ ٿيا هئا. جو نيپئر کي گرمي وٺي وئي هئي. ٻي ڳالهه ته جاگيردار کي قانوني طرح سان، پنهنجي اختيار واري علائقي ۾ رڳو زمين جي ڍل وٺڻ جو حق ڏنو ويو هو نه جاگير ۾ آيل سموري زمين تي مالڪي تي، پوءِ خاص خاص ماڻهن کي چونڊي جاگيرون ڏنائون جيئن چانڊيا ۽ مگسي، جيڪي سرحدي علائقن ۾ ويٺل هئا. انگريزن وقف ملڪيتون به ختم ڪري ڇڏيون هيون.

سوال: سماجياتي ماهر جي حيثيت سان وڏيري جي سماجي ڪردار جي ڇنڊ ڇاڻ اوهان وٽ ڪهڙي آهي؟

جواب:وڏيري کي پنهنجي زمينن لاءِ پاڻي واسطي حڪومت تي ڀاڙڻو پوي ٿو جيڪڏهن ان کي خوش نٿو رکي، ته سندس نقصان آهي. وڏيرن جي پهچ گهڻو ڪري صوبيدار ۽ تپيدار تائين آهي، باقي سنڌ ۾ بٺئي جو شروع کان وٺي اڌو اڌ حساب آهي، البت انتظامي مقصدن لاءِ اڳي هاري کان لاپو وغيره ورتو ويندو هو. اهو به ڏسڻو پوندو ته زميندار طبقي ۾ به وطنيت جو جذبو رهيو آهي. جڏهن سنڌ جي بمبئي کان ڌار ٿيڻ لاءِ تحريڪ پئي هلي، تڏهن اعتراض اٿاريا ويا هئا، ته سنڌ سکر بئراج جو خرچ نه ڪري سگهندي، ان وقت زميندارن لکي ڏنو هو ته اسان وڏيڪ ڍل ڀرڻ لاءِ تيار آهيون. ون يونٽ ٺهڻ تائين سنڌ جي زميندار سلائيڊنگ اسڪيل جي بنياد تي ڍل پئي ڀري ۽ ون يونٽ کان پوءِ مطالبا ڪري ڍل جو اگهه طئه ڪرايو. ان ڪري ڪجهه خامين جي باوجود ان ۾ وطن پرستي آهي.

سوال: ٻهراڙيءَ ۾ وڏيري اسڪولن جي مخالفت پئي ڪئي ۽ ٻهراڙيءَ جي تعليم ۾ بنيادي رنڊڪ بڻيو آهي. قاعدي قانون کان ڪيس آگاهي ڪانهي، پاڻ علم حاصل ڪرڻ جي ويجهو ڪونهي. ان حالت ۾ اهڙو پٺتي پيل ڪلاس سماجي ترقيءَ ۾ رنڊڪ بڻجڻ کان سواءِ ڇا ٿو ڪري سگهي؟

جواب: ضرورت گڏ ٿيڻ جي آهي ۽ هر ڪنهن کي پنهنجو ڪرڻو آهي. وڏيرو مڊل ڪلاس ۾ شامل ڏيڻ واري عمل ۾ داخل ٿي چڪو آهي ان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ٽوري وقت ۾ وڏيرا شاهي ختم ٿي ويندي.

سوال: پاڪستان اسٽڊي سرڪل جنهن طرفان ڪجهه مهينا اڳ ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي مسئلن متعلق سيمينار ڪرايو ويو هو ان ۾ توهان ڪيتري حد تائين شامل آهيو؟

جواب: هن دور ۾ مختلف صوبن جا ماڻهو هڪٻئي کان واقف ڪونهن، اڳ اسيمبلين ذريعي ميل ميلاپ ٿيندو هو وڏي صوبي هئڻ جي ناتي پنجاب جي پڙهيل لکيل ماڻهن هڪ قسم جي رابطي لاءِ پليٽ فارم طور پاڪستان اسٽڊي سرڪل قائم ڪيو سنڌ ۾ هنن مون سان رابطو قائم ڪيو ۽ هتي مون سيمينار ڪرايو جيڪو ڏاڍو ڪامياب ٿيو.

سوال: سنڌي عورت تحريڪ جي سلسلي ۾ ڪيتري واڌ ٿي آهي ۽ شهرن ۾ رهي عورتن جي گڏيل پلاٽي لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهجي؟

جواب: ان ڏس ۾ تنظيم آئين ۽ عارضي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي، ڇئن مهينن اندر اليڪشن ڪرائي برانچون قائم ڪيون وينديون، تحريڪ جو مقصد ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي بي علمي کي ختم ڪرڻ آهي.

سوال: عورت ٻٽي ڏاڍ جو شڪار آهي ۽ اها ذميواري ان مرد تي به ناهي جيڪو پاڻ به پورڪي پيو. ان حالت ۾ عورتن جي سجاڳي واري ڪم جي نوعيت ڇا هئڻ گهرجي؟

جواب: عورتن ۾ شعوري واڌ ضروري آهي، پر مرد کي تعليم ڏيڻي آهي، بنيادي طرح سان ذميواري اقتصادي حالتن تي آهي، جو ننڍا ٻار به پورهيو ڪن ٿا ۽ سندن مائٽ کين پاڙهي نٿا سگهن. ڳوٺن جي ماڻهن ۾ مناسب خوراڪ کائي سگهڻ لاءِ پئسا ڪونهن، اسان چاهيون ٿا ته ڪنهن بين الاقوامي تنظيم جي مدد سان مددي سرشتو قائم ڪري گهٽ ۾ گهٽ پاڻي ۽ ٻارڻ جون سهولتون مهيا ڪري سگهجن جيئن عورت تان هرويرو جي پورهئي جو بار گهٽ ٿئي، ساڳئي وقت صحت جي حالت به مناسب ڪانهي. نوي هزار ماڻهن تي هڪڙو ڊاڪٽر آهي ۽ ڏينهون ڏينهن صحت واري صورتحال خراب ٿيندڙ آهي.

سوال: سنڌي معاشري ۾ سڀ کان اهم مسئلو ڪهڙو آهي؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواب: اسان جو وڏي ۾ وڏو مسئلو ثقافتي کوٽ واري جي موجودگي آهي. جيڪڏهن زبان ۽ ثقافت کي نه سنڀاليوسين ته حالت ويتر خراب ٿي ويندي ان ڪري رسم الخط کي سهنجو بنائڻ جي ضرورت آهي. رضاڪار بنيادن تي ماڻهن کي پاڙهڻ لاءِ ٽيپ رڪارڊن، فلم ۽ ٻين ذريعن سان پڙهايو وڃي. ڪتاب آسان لکيا وڃن ۽ شاگرد اتاترڪ وانگر ڳوٺن ۾ وڃي پڙهائين.

سوال: سنڌ واسين لاءِ اوهان ٻيو ڇا چوڻ چاهيو ٿيون؟

جواب: گهٽ ۾ گهٽ زور تعليم تي ڏنو وڃي، هر هند سنڌي ڳالهايو پنهنجي ثقافت کي زور وٺرايو اخبارن وارا نج ٻولي لکن. سنڌي لفظن جي شڪل بگاڙڻ بدران انگريزي لفظ ڪم آندا وڃن ته ٺيڪ آهي، سنڌي سان گڏ انگريزي ضرور پڙهڻ گهرجي. اردو وارا پاڻ انگريزي پيا پڙهن ۽ اسان لاءِ اردو پڙهڻ تي زور پيا ڏين. پر انگريزي پڙهڻ انتهائي ضروري آهي.

***

زندگيءَ جا جيڪي ننڍا ننڍا واقعا ياد اٿم تن جي باري ۾ لکان ته ڪافي معلوماتي ۽ حيرت انگيز هوندا.

لاشاري: سنڌي ڪهاڻي ڪي اوهان جيترو ڏنو آهي ان لاءِ ڇا ٿا سمجهو ته اوهان کي ڪيترو مليو آهي. مطلب ته ڪهاڻي ذريعي توهان جيڪا سيڙپ ڪئي، ان مان ڇا حاصل ٿيو؟

جمال: سنڌي ڪهاڻي نويس يا ڪنهن به سنڌي ليکڪ ڪڏهن به سيڙپ واسطي نه لکيو آهي نه سوچيو آهي. اها سنڌي ليکڪ جي وڏي ۾ وڏي خوبي آهي. تنهن ڪري موٽ ملڻ جو ڪو سوال نٿو اٿي البت مان ائين ضرور سمجهان ٿو ته اڄ جي هر ڪهاڻي تي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ منهنجي ڇاپ ضرور آهي. اها به خوشي اٿم ته روايتي ڪهاڻيءَ کي ڇڏي عوامي مسئلن ۽ انساني ضرورتن کي موضوع بنايو ويو ٿو جو پڻ مان پنهنجي ۽ مون کان اڳ جي عظيم ڪهاڻيڪارن جي ڪاوشن جو نتيجو سمجهان ٿو.

لاشاري: توهان جي لکڻ پٺيان ڪهڙا محرڪ هئا؟

جمال: پڇيو ويو ٿو ته توهان جي لکڻ پٺيان ڪهڙا محرڪ هئا. جواب صاف ۽ سادو آهي. محض هڪ لفظ "پيار" منجهه انسان سان پيار انسانيت سان پيار انساني جذبن سان پيار زندگي ۽ زندگي جي اوسر سان پيار البت هڪ پيو به مخصوص محرڪ جيڪو مون هميشه محسوس ڪيو آهي سو ڪاوڙ غصو ۽ ناپسندي. جڏهن به ڪو غلط واقعو يا عمل مون ڏٺو يا مون کي ٻڌايو ويو ته منهنجو هميشه فوري ردعمل ڪاوڙ ۽ غصي جو رهيو آهي ۽ ڇاڪاڻ ته مان هميشه عمل جو قائل رهيو آهيان ان ڪري اهڙي عمل کي زبان ۽ قلم سان ننديڻ ۽ پنهنجي انتهائي پيڙا جو اظهار منهنجي جذبات جا محرڪ رهيا آهن.

لاشاري: سنڌي ادبي سنگت جو توهان جي تربيت ۾ ڪيترو هٿ آهي؟

جمال: سنڌي ادبي سنگت جو منهنجي تربيت ۾ ڪو به هٿ نه آهي. البت ايئن چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ادبي سنگت جي تربيت ۾ منهنجو هٿ رهيو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاشاري: توهان نماز بہ پڙهندا آهيو تہ آئون حجت ڪندي سوال ڪريان. ٿو تہ نماز خاص ڪري توهان جي نماز تخليقي صلاحيتن سان ڪيتري ويجهڙائي رکي ٿي؟.

جمال: مان هڪ مذهبي ڪتنب جو فرد آهيان ۽ هڪ مسلمان هئڻ جي ناتي نماز جو پابند آهيان. مان مذهب کي هڪ نجي معاملو تصور ڪيان ٿو ۽ مذهبيت منهنجي لکڻين ۾ دخل انداز نہ ٿي آهي. مذهبيت کي سياست ۽ انقلاب وغيره سان گڏ وچڙ ڪرڻ جو قائل نہ آهيان. نماز مون ۾ عجز نياز ۽ نوڙت کي پيدا ڪري ٿي ۽ مان اهڙي فطرت کي تخليقي صلاحيتن لاءِ ضروري سمجهان ٿو. مون کي هميشہ اهو خيال ستائيندو رهندو آهي تہ متان منهنجي ڪا بہ لکڻي غير معياري هجي ۽ غلط تاثر پيدا ڪري، ان ڪري مون پنهنجين ڪهاڻين جي ڇپائي کان هميشہ گوشناش پئي ڪئي. شابس هجي خميد سنڌيءَ کي جنهن زوري زبردستي ڪهاڻيون ڪئيون ڪري ڇپڻ جو پختو ارادو ڪيو. تڏهن بہ شرط اهو وڌم تہ محترم محمد ابراهيم جويو ڪهاڻين تي ٽيڪاٽپڻي ڪري ۽ جن بہ اديبن ڪهاڻين مان ويڪون ڪيدي مون کي خط لکيا هئا اهي خط بہ ڇپيا وڃن.

لاشاري: گوگول ۽ دوستو وسڪي جو توهان جي ڪهاڻين تي ڪيترو اثر آهي؟

جمال: جڏهن مون ڪهاڻيون لکيون تڏهن مون گوگول ۽ دوستو وسڪي پڙهيائي ڪو نہ هئا. مون ننڍي هوندي رابندر ناٿ ٽئگور، منشي پريم چند، ميلا رام واسواڻي ۽ ٽالسٽاءِ جون ڪهاڻيون ۽ ناول پڙهيا هئا. ان زماني ۾ سوويت لٽريچر ايترو دستياب ڪو نہ هو.

لاشاري: توهان جڏهن ڪهاڻيون لکڻ جي شروعات ڪئي تڏهن ۽ هاڻوڪي سماج اندر تضادن جي عمل کي اوهان ڪيئن بيان ڪندا؟

جمال: هي سوال تمام ڏکيو آهي ۽ بهتر آهي تہ سوبي گيانچنداڻي ۽ رسول بخش پليجي کان پڇيو وڃي. مسئلا تہ ذري گهٽ ساڳيا ئي آهن جيڪي اڳي هئا. البت ادارا ٽٽي ويا آهن تنهن ڪري انفراديت، بي راهہ رويءَ ۽ خود نمائي وڌيڪ اڀري ظاهر ٿيا آهن. اڄ جو فرد گهڻا زنجير ٽوڙي چڪو آهي پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ کي نئين منظم تنظيم ۾ اچا نہ آٽي سگهيو آهي. جنهن وقت ايئن ٿيو تہ مستقبل روشن ٿيڻ جا قوي امڪان آهن.

لاشاري: ٻڌو آهي تہ توهان لکڻ وقت انتهائي جذباتي ٿي ويندا آهيو. اهڙي حالت ۾ توهان حقيقت نگاري جي رنگ کي ڪيئن قائم رکيو آهي؟

جمال: جذباتي ٿيڻ ۽ حقيقت نگاريءَ جي وچ ۾ ڪو بہ تضاد ناهي. جذباتي ٿيڻ جو اهو مطلب ناهي تہ ماڻهو حقيقت کان جدا ٿي وڃي ٿو يا اکيون بوٽي ڇڏي ٿو. هو حقيقت ۾ اهڙو سمائجي وڃي ٿو يا حقيقت کي پاڻ تي اهڙو سمائي ڇڏي ٿو جو دوئي جي بوءِ ئي نٿي رهي، ان وقت ۽ ان حال ۾ ماڻهو جيڪي ڪجهہ لکي ٿو يا اظهار ڪري ٿو تنهن ۾ سچ ۽ سونهن جون واضح جهلڪيون نظر اچن ٿيون.

لاشاري: نون لکندڙن کي خاص ڪري ڪهاڻيون لکڻ ۾ اوهان ڪهڙيون صلاحون ڏيندا؟

جمال: ليکڪ کي صلاحن ۾ پابند ڪرڻ غير پسنديده فعل آهي پلي کيس ڇڙواڳ ڇڏيو وڃي تہ هو نوان تجربا ڪري ۽ نوان نوان موضوع تلاش ڪري ۽ پنهنجي خاص لکڻي ايجاد ڪري. البت کيس اهو عرض ڪري سگهجي ٿو تہ هو علم حاصل ڪري ۽ عوامي مسئلن ۽ پنهنجي ضمير سان سچو هجي ۽ ان لاءِ ڪا بہ سودي بازي نہ ڪري ۽ نہ ئي پنهنجي شخصي نمائش جي خواهش ڪري

لاشاري: توهان جي ڪهاڻي "پشو پاشا" تي رسول بخش پليجي جي تنقيد هئي تہ پشو هڪ خيالي ڪردار ۽ غير حقيقي ڪردار آهي. ان بابت توهان جو ڇا رايو آهي؟

جمال: اهو سوال ئي غلط آهي. جڏهن مون "پشو پاشا" لکيو پئي تڏهن رسول بخش پليجو لاڙڪاڻي آيو هو ۽ ان ڪهاڻيءَ جو ڪچو مسودو ڏسڻ تي اصرار ڪيائين. مون ايئن چئي ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هڪ غير حقيقي ڪهاڻي تي لڳي پر هن پڙهي منهنجي همت افزائي ڪئي. زور ڀريائين تہ ان کي لکي مڪمل ڪريان. منهنجي همت افزائي ڪندي چيائين تہ لٽريچر ۾ اهڙيون ڪهاڻيون بي حساب آهن جن کي فينٽسي چئجي ٿو. مان سمجهان ٿو تہ فينٽسي هوا ۾ جنم نہ وٺندي آهي ان جون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڙون ماحول ۽ سماج ۾ هونديون آهن ۽ اتان ئي ان کي ڪٿبو آهي. هونئن به پشوپاشا قطعي طور غير حقيقي ڪردار نه آهي. اها ڪهاڻي ان وقت جي عوامي سياسي تحريڪن کي ڏسي لکي وئي هئي. جنهن دوران ننڍا ننڍا استحصالي ليڊر پيدا ٿي پيا هئا جي پنهنجي پنهنجي شخصي ليڊر شپ چمڪائڻ جي حرص ۾ مبتلا هئا. انهن کي ننڍڻ وقت جي ضرورت هئي ۽ هڪ صحيح عوامي ليڊر جو خاڪو پيش ڪرڻ ۽ ايندڙ عوامي جنگ جو نقشو پيش ڪرڻ وقت جي اهم تقاضا هئي. مون کي خوشي آهي ته مون ان فرض کي وقت کان اڳ نڀايو. اڄ اوهان کي ”پشو پاشا“ هر ڳوٺ ۾ حقيقي روپ ۾ نظر ايندو.

لاشاري: سنڌي ليڪن ڪهاڻي جي ڪيتري حد تائين حفاظت ڪري ان کي اڳتي وڌايو آهي؟.

جمال: سنڌي ڪهاڻي جي حفاظت تمام مضبوط هٿن ۾ آهي ۽ ان جو آئندو تابناڪ ۽ روشن آهي.

لاشاري: پنهنجي ادبي لڏي سان توهان جو عملي طرح هن وقت ڪيترو ساٿ آهي؟

جمال: مان رٽائرڊ زندگي گذاري رهيو آهيان پر ساٿ سلامت آهي. سڌ ۾ سڌ ڏيڻ جي اجا پاڻ ۾ پرپور صلاحيت ۽ طاقت رکان ٿو.

لاشاري: هڪ پيءُ ۽ اديب جي حيثيت سان توهان پنهنجي پٽ بدر جي قيد واري سموري عرصي ۾ ڪهڙي قسم جي متحرڪ نفسياتي صورتحال مان گذريا؟

جمال: منهنجي هڪ عجيب فطرت آهي جنهن جو مان ڪيئي دفعا عملي مشاهدو ڪري چڪو آهيان ته مشڪل ۽ تڪليف جي وقت منهنجون سڀ قوتون اجاگر ٿي وينديون آهن ۽ مسلسل تحريڪ ۾ رهنديون آهن. انهيءَ ڪري هڪ لحظي لاءِ به مون همت نه هاري ۽ پهرين گهڙيءَ کان آخر تائين مسلسل عمل، رٿابندي ۽ ڪوشش ۾ مصروف رهيس. هيءَ هڪ جدا ڪهاڻي آهي جنهن کي قصو ڪري بيان ڪري سگهجي ٿو.

هڪ پيءُ ۽ اديب جي ناتي کي ڇڏي مون پاڻ کي هميشه هڪ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُحرڪ پيار ۽ ڪاوڙ آهن.

لاشاري: ٻڌو آهي تہ توهان ڪو مضمون لکيو آهي جيڪو اڃا شايع نہ ٿيو آهي ۽ ان ۾ توهان جو چوڻ آهي تہ شاهہ ليف صوفي ناهي. مختصر طرح ان بابت ڪجهہ ٻڌائيندا؟

جمال: توهان غلط ٻڌو آهي. شاهہ يقينن صوفي مت جو آهي ان مضمون ۾ منهنجي چوڻ جو مقصد صرف اهو آهي تہ شاهہ جي شخصيت گهڻ پاسائين آهي. هو نہ رڳو صوفي پر هڪ ڏاهو رهنما، فلسفي، سماج سڌارڪ، مذهبي ڪٽرپڻي جو مخالف، سياسي واقعات ۽ مشاهدات تي نظر رکندڙ گهاتو ۽ انقلابي آهي.

لاشاري: توهان ڪافي سال اڳ پاڪستان جي ادبي وفد ۾ شامل ٿي سوويت يونين ويا هئا، ان دوري جا تاثرا مختصر طرح ٻڌائيندا؟

جمال: سوويت يونين پهچي ايئن لڳو ڄڻ ماڻهو جهنم مان نڪري جنت ۾ پهتو. سامراج طرفان جو غلغلو مچايو ويو هو تہ سوويت يونين آهي پڙدي واري مملڪت آهي سو قطعي فاش ثابت ٿيو. اسان کي پنهنجي روءِ سوءِ گهمڻ ۽ ماڻهن سان ڳالهائڻ جي آزادي هئي. مغربي معاشري ۾ جا غنڊا گردي ۽ بدامني آهي تنهن جو نانءُ نشان بہ ڪو نہ هو. سڄي رات ماڻهو اڪيلي سر باغ ۾ يا بئنچ تي يا ڪو نديءَ جي ڪناري تي بينچ تي ويهي ڪتاب پڙهندو رهي تہ ڪيس ڪو بہ ڊپ ڊاءُ ڪونهي. مان تاشقند بخارا ۽ سمرقند بہ ويس، جتي عام ماڻهو ڪلمہ ڪلا منهنجي آجيان هي لفظ چئي پئي ڪئي، "جمالديوف، الحمدالله مسلمان" ۽ پوءِ ڀاڪر پائي مليا پئي. هڪ دفعي بہ عام مزدور عورتون رستي وينديون، اسان پاڪستانين سان مليون ۽ بنا جهجهڪ جي اسان کي پنهنجي گهر اچڻ جي دعوت ڏنائون. جڏهن اسان انڪار ڪيو تہ اسان کي لالچ ڏيئي چيائين، "پلاءَ، ڪباب". ڪورٽن ۾ بہ ڪو وڏي ڏوهہ جو واقعو نظر نہ آيو. سواءِ تيز ڊرائيونگ وغيره جي. ماڻهن ۾ ڪتابن پڙهڻ جو شوق ايترو هو جو رستي ويندي يا بس جو انتظار ڪندي يا بجليءَ جي ٽنيي هيٺان پڙهندي نظر آيا. موڪل جي ڏينهن بہ سوين ماڻهو لئبريرين ۾ آڊيو جا ڪنن تي ڪويا چاڙهي وڏن وڏن ڪتابن جي رڪارڊنگ ٻڌندا رهن ٿا. هڪ ننڍي

لاڙڪاڻي جهڙي شهر ”نياز پوش“ ۾ ست هاءِ اسڪول هئا. جتي تعليم ڪتاب وغيره ۽ ڊاڪٽري معائنو وغيره مفت هو. شاعرن ۽ اديبن جي ايڏي عزت ۽ مقبوليت هئي جيڏي فلمي هيرو جي.

اخلاقيات جي لحاظ کان به ماڻهو بلڪل بي داغ نظر آيا ۽ جنسي بي راهه روي قطعي نه ڏٺي سون نه ٻڌي سون. جيئن يورپ ۽ آمريڪا ۾ نه رڳو ٻڌو سون پر ڏٺو سون.

لاشاري: هڪ حساس ترين اديب هئڻ جي ناتي هن ملڪ ۾ انساني حقن جي حالت بابت توهان ڪجهه چوڻ چاهيندا؟

جمال: هن ملڪ جي حوالي سان چاڻو چئي سگهجي جتي زنده انسانن، پوڙهن، ٻارن ۽ عورتن کي جيئرو باهه ۾ اڇليو ويجي ٿو. يا لٽ مار جو جواز پيدا ڪرڻ لاءِ قصيدا قرآن شريف ساڙيو وڃي ٿو. هونئن حق پنهي ڪو نه ونبا آهن. بلڪه استعمال ڪبا آهن يا زوريءَ کسي ونبا آهن.

لاشاري: سنڌ جي غير تڪراري سجڻ هئڻ جي حيثيت ۾ ترقي پسند بنيادن تي ڪم ڪندڙ سياسي ڌرين کي هن انٽرويو ذريعي اوهان ڪهڙيون صلاحون ڏيڻ پسند ڪندا؟

جمال: ڪا به سياسي ڌر ڪا به صلاح ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ڪانهي، اهڙي ماحول ۾ ڪهڙي صلاح ڏيئي سگهجي ٿي. هٿ ٻڌي عرض ڪري سگهجي ٿو ته آپيشاهي ڇڏيو، گڏجي، مٿا جوڙي ويهو ۽ ويچا وساري ترڪيبون ۽ تدبيرون سوچيو جنهن سان منظم نموني ڊگهي عرصي لاءِ حڪمت عملي ناهي سگهجي. ان ڏس ۾ هر سياستدان ملزم جي ڪٽهڙي ۾ ڪڙو آهي ۽ اسين چاهيون ٿا ته هو باعزت بري ٿئي.

لاشاري: سنڌي ادب جي مسئلن بابت اوهان کان پڇا ڪجي، ته ڇا چوڻ گهرندا؟

جمال: سنڌي ادب هميشه ان وقت چوٽ تي ويو آهي جڏهن ڪو اهم قومي مسئلو اٿندو آهي. سنڌي ادب ۽ اديب کي جاندار ۽ متحرڪ رکڻ لاءِ ڪنهن اهم مسئلي جي ضرورت آهي. اهڙن اهم مسئلن کي اجاگر ڪري اديب ۽ قوم جي اڳيان آڻو آهي ۽ اهڙا مسئلا بي حساب آهن. صرف سائنسي سوچ جي ضرورت آهي. معاشي، اقتصادي ۽ قومي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياسي مسئلن جي سائنسي ڇنڊڇاڻ ۽ جدوجهد کي تيز ڪرڻ سان ادب جي ترقيءَ جون راهون کلي پونديون. ”واٽ وندر جي وڻ پيا ڏسيندا.“

لاشاري: سنڌي ٻولي جي قانوني ۽ آئيني حيثيت بابت توهان ڇا چوندا ۽ ان جي قومي حيثيت بحال ڪرڻ لاءِ ڇا ڪجي؟

جمال: جتي نه هجي قانون نه آئين، اتي ٻوليءَ جي قانوني ۽ آئيني حيثيت ڪهڙي هوندي؟ هيءَ به اهم قومي مسئلو آهي جنهن جو جواب مٿئين سوال ۾ اڳي چڪو آهي. ٻوليءَ جي مسئلي تي به سائنسي سوچ ۽ جدوجهد جي ضرورت آهي.

لاشاري: ترقي پسند اديبن جي ملڪ گير تنظيم واري تجويز تي توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟.

جمال: توهان ملڪ گير تنظيم جي ڳالهه ٿا ڪيو مان ته بين الاقوامي تنظيم جي ڳالهه ڪندس.

بدر: توهان ڪهڙن ڪهڙن سياسي اڳواڻن سان گڏجي ڪم ڪيو آهي؟

جمال: تمام پيارا ۽ سچا ماڻهو هئا جيئن ته ڪامريڊ عبدالقادر ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ نظير حسين جتوئي، جمال الدين بخاري،قاضي فيض محمد، مير علي احمد خان ٽالپر، علامه عنايت الله خان مشرقي، محمد حفيظ قريشي، رسول بخش پليجو سائين جي ايم سيد، ڪامريڊ غلام محمد لغاري علي مطاهر جعفري، قاضي فضل الله، سلام بخاري، اعزازي نظير، قادر بخش نظاماڻي حاتم علوي ۽ ٻيا.

***

# دنيا جو ڪو به ليکڪ غيرجانبدارٿي نه سگھندو آهي هو جابر جي مقابلي ۾ ڪمزور جو ساٿ ڏيندو آهي!

## امر جليل

لاشاري: سپ ڪان اڳ حياتيءَ جو مختصر احوال ڏيو.

جليل: گھٽ، پوسٽ، ۽ وٽ پڪڙ جي باوجود حياتي پنهنجي مرضيءَ مطابق گذاري اٿم. هميشه نفعي بدران نقصان سان سودو ڪيو اٿم. نه ڪنهن سان گھٽي ديگهه ڪريان ۽ نه ئي ڪنهن کي گھٽي ديگهه ڪرڻ ڏيان. منهنجي پبلڪ رليشننگ نه هئڻ برابر آهي. نوجوان وڏيون اميدون رکي ڪنهن ڪم ڪار سانگي مون وٽ ايندا آهن. پائيندا آهن، شايد وڏيءَ رهائيءَ وارو آهيان. ڪنهن وڏي ماڻهوءَ سان ملي سندن ڪم ڪار ڪرائي ونندس! ڏاڍيون اوٺايون آهن مون ۾! مٺائيءَ جو ڏبو ڪٽي اڄ تائين ڪنهن ايم پي اي يا ايم اين اي کي وزير چونڊجڻ تي مبارڪ ڏيڻ نه ويو آهيان. ريل جي ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ مان قطار ۾ بيهڻ کي ترجيح ڏيندو آهيان. حالتن پٽاندڙ گذارڻ سان ڪامياب زندگي گذرندي آهي. مون مورک، حالتن بدران پنهنجي مرضيءَ سان زندگي گذاري آهي. ڪرڪيٽ منهنجو پهريون عشق هو. اڄ تائين پهرين عشق جي حق تان هٿ نه ڪنيو اٿم. اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچي، گورنمينٽ ڪاليج نوابشاهه ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاگردن جو مڪمل دخل هو. مان پنهنجي ادارن لاءِ ڊراما لکندو هوس. ايڊاپٽ ڪندو هوس ۽ ڊائريڪٽ ڪندو هوس.

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڊرامي ۾ ڪم به ڪري وٺندو هوس. انهن ئي ڏينهن ۾، مون زندگيءَ جي ڊرامي ۾ اوچتو هڪ ڪردار ڪٽي ورتو. مائٽ مٽ، دوست احباب ششدر ٿي پيا. ورهيه وهامي ويا آهن. مان زندگيءَ جي ڊرامي ۾ هڪ سٺي گهرواريءَ جو ڪردار نهايت ناڪاميءَ سان ادا ڪري رهيو آهيان. جس هجي تسنيم کي جنهن منهنجي بدمزاجيءَ کي صبر سان سٺو آهي.

فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جي چٽاپيٽيءَ ۾ ڪامياب ٿيڻ ڪانپوءِ اٺويهه سئو چاهٽ ۾ ريڊيو پاڪستان سان وڃي شامل ٿيس. ريڊيو پاڪستان ۾ مليا آغا سليم، مراد علي مرزا، ممتاز مرزا ۽ عنايت بلوچ ۽ انيڪ اديب ۽ شاعرا دوست جيڪي اسان وانگر ريڊيو پاڪستان جي نوڪريءَ ۾ ته نه هئا، پر ريڊيو پروگرامن لاءِ لکندا هئا. ريڊيو پاڪستان جي نوڪريءَ دوران مان فلمن لاءِ مڪالما ۽ منظرناما، ۽ ٽيليويزن لاءِ ڊراما لکندو رهيس. منهنجي لاءِ صحيح معنيٰ ۾ اظهار جو ذريعو ڪهاڻيون هيون ۽ آهن. مان لاڳيتو لکندو رهيس ۽ هند ۽ سنڌ جي رسالن ۾ ڪهاڻيون ڇپرائيندو رهيس. اڳتي هلي مون فلمن لاءِ لکڻ ڇڏي ڏنو. سائين ايس گل ۽ سعيد هارون کان سواءِ مون کي ڪو به مانائتو فلم پروڊيوسر نظر نه آيو.

اٺويهه سئو چوهتر ڌاري ريڊيو پاڪستان ۾ منهنجي پروموشن جو وارو آيو. ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ريڊيو اسٽيشنن تي ڊائريڪٽر جون جايون خالي ٿيڻيون هيون. پر صاحبن کي سنڌ ۾ منهنجي موجودگي منظور نه هئي. فيصلو ڪيائون ته هيءُ بدمعاش سنڌ ۾ رهائڻ جهڙو نه آهي. هن نئين نسل کي گمراهه ۽ باغي ڪري ڇڏيو آهي، تنهن ڪري هن کي اسلام آباد تڙيو وڃي.

اسلام آباد ۾ ريڊيو پاڪستان جي هيڊڪوارٽر ۾ فائيلن هيٺان دفن ٿيڻ کان مون بهتر ڄاتو ته اوپن يونيورسٽي ۾ وڃي نوڪري ڪريان جتي پڙهائڻ لاءِ ريڊيو ٽيليويزن جا پروگرام تيار ڪيا ويندا آهن ۽ جتي يونيورسٽيءَ کي پنهنجا اسٽيڊيوز آهن. اٺويهه سئو پنجهتر کان مان اوپن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يونيورسٽيءَ ۾ ڪم ڪري رهيو آهيان. براڊ ڪاسٽنگ لاءِ ٽريننگ براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن جي اڪيڊميءَ مان حاصل ڪئي. ٽيليويزن لاءِ تعليم ۽ تربيت آمريڪا جي فلوريڊا اسٽيٽ يونيورسٽيءَ مان ورتم.

مون ورلي ماءُ ۽ پيءُ کي پنهنجي اولاد سان ايڏو ۽ اهڙو پيار ڪندي ڏٺو آهي، جيڏو پيارامان ۽ بابا مون کي ڏنو. ايڏي پيار سبب خراب ٿي پيس. اڄ تائين خراب آهيان. معاشرتي وهنوار ۾ پيار کي سڀ کان طاقتور جذبو سمجهندو آهيان ۽ هر دفعي پنهنجي ناقص سمجهه تي پشيمان ٿيندو آهيان. نتيجو اهو نڪتو آهي جو پنهنجي معاشري ۾ مس فٽ، ڪٽي اڻ سونهون چئجيس، ٿي پيو آهيان. منهنجو والد، قاضي عبدالغني، تعليم واري کاتي ۾ هڪ اهم عهدي تي ڪم ڪندو هو. ڏاڍو بهادر شخص هو. منهنجي ڪنهن ارڏي روش تي ڏک ٿيندو هوس، ته هڪدم منهن تي عجيب قسم جي مرڪ تري ايندي هئس. جڏهن چوندو هجي، يار جهڙو بہ آهين، مون کي ڏاڍو وڻندو آهين. پوءِ، چڪي ڪٽي پيار ڪندو هو. منهنجيون ڪي حرڪتون بنهه پسند نہ ڪندو هو پر، ڪنهن بہ قسم جي جهل پل نہ ڪندو هو. منهنجو نيشنل ٿيٽر ۽ پاڪستان ٿيٽر وارن سان ڪم ڪرڻ نہ وڻندو هوس، پر زبان سان منع نہ ڪندو هو. عجيب شخص هو. منهنجي مٿان آسمان وانگر ڇانئجي ويو.

مان ائين نومبر، اڻويهہ سئو ڇٽيهن تي، روهڙيءَ ۾ ڄائو هوس. منهنجي ڄمڻ سان دنيا ۾ ڪي غير معمولي واقعا رونما نہ ٿيا هئا. ها، باقي منهنجي ڄمڻ کان هڪ سال اڳ ڪوئٽا ۾ خوفناڪ زلزلو آيو هو. جنهن ۾ هزارين ماڻهو ڌرتيءَ ۾ دفن ٿي ويا هئا. منهنجي ڄمڻ کان ٽي سال پوءِ ٻي عالمي جنگ شروع ٿي هئي. انهن ئي سالن ۾ چندر شيکر ۽ ڀڳت سنگهہ انگريزن خلاف هندستان ۾ رڻ ڀاري ڏنو هو. انهن ئي سالن ۾ بہ اهڙا ليکڪ گذاري ويا، جن کي اڳتي هلي مون جڏهن پڙهيو تہ اندر اجرو ٿي پيو. ڪهاڻي بيان ڪرڻ جي راز ۽ رمز تان پردو ڪڇي ويو. اظهار کي اسلوب مليو. جڙڻ بند راهون کلي پيون. انهن ليکڪن مان هڪ جو نالو خليل جبران ۽ ٻئي جو نالو هال ڪين هو.

لاشاري: توهان جو پهريون ۽ هن انٽرويو تائين آخري افسانو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙو آهي؟ ڪل گهڻا افسانا لکيا اٿو؟

جليل: پهريون افسانو "اندرا" نوابشاهه مان شايع ٿيندڙ رسالي "ادا" ۾ شايع ٿيو هو. شايد آگسٽ، اٺويهه سئو ڇاونجاهه واري پرچي ۾. هيل تائين آخري افسانو "مانيٽو اونوان اسلام آباد" آهي. شايع ٿيل نه آهي. هڪ ٻئي ڪهاڻي به فيئر ڪري رهيو آهيان. "گهاءُ". تعداد ڪان واقف نه آهيان.

لاشاري: سنڌيءَ ۾ مختصر افساني تي ٿيل تجربن بابت اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟ خاص ڪري، افساني ۾ مختلف لاڙن جي حوالي سان، مثال طور، جمال ابڙي، حفيظ شيخ، نسيم کرل، سراج، امر جليل، مشتاق شوري ۽ ماڻڪ جا نالا وٺي سگهجن ٿا.

جليل: هر ليکڪ، مڃڻ يا نه مڃڻ جي باوجود، پنهنجي پڙهندڙن سان ڪميونيڪيٽ ڪرڻ چاهيندو آهي. هو پنهنجا تجربا، محبتون، نفرتون، حالتن ۽ حادثن تي رايا، پنهنجي نقطئه نگاهه کان، پڙهندڙن سان ونڊڻ ورهائڻ چاهيندو آهي. ان ورڇ ۾ انسان جون داخلي ۽ خارجي ڪيفيتون شامل هونديون آهن. هر ليکڪ ڪارائتي ۽ اثرائتي اظهار لاءِ تجربا ڪندو رهندو آهي. نيون راهون تلاش ڪندو آهي ۽ ايئن ڪرڻ به گهرجي. جمال ابڙي جو ڪتاب "پشو پاشا" ڪنهن مقدس ڪتاب وانگر، مون ورائي ورائي پڙهيو آهي. ننڍڙن ۽ مختصر جملن، ٺهڪندڙ چڀيندڙ محاورن ۽ تشبيهن سان هن پنهنجي پڙهندڙ سان ڀرپور نموني دل جي ڳالهه ڪري ڇڏي آهي. اها جمال جي پنهنجي اسٽائيل آهي. مشتاق ۽ ماڻڪ انسان جي داخلي ڪيفيت کي پڙهندڙن تائين پهچائڻ لاءِ تجريدي اظهار جو سهارو ورتو آهي. جن پڙهندڙن کي اظهار جو طريقو پسند آهي، سي ڀرپور نموني مشتاق ۽ ماڻڪ جي تجربن ۾ شامل ٿي سگهندا آهن. ليڪن هميشه اظهار لاءِ موثر انداز لاءِ واجهايو آهي. تنهن ڪري، ادب ۾ اظهار لاءِ تجربا ٿيندا رهندا. مان ان ڳالهه کي پسند ڪندو آهيان.

لاشاري: توهان جي افساني، سنڌي پڙهندڙ کي جيترو متاثر ڪيو آهي، ان جو اوهان کي ڪيترو اندازو آهي؟

جليل: پڪ سان ڪجهه نه چئي نه سگهندس. باقي ملڪ جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جهلن ۽ بزرگن جو رايو آهي تہ مون پنهنجين ڪهاڻين ذريعي هر دور جي نوجوان نسل کي گمراهہ ۽ باغي ڪيو آهي.

لاشاري: توهان جي افساني تي هڪ حلقي جي پراڻي تنقيد آهي تہ ان تي ڊائلاگ حاوي آهي. ان تي اوهان ڇا چوندا؟

جليل: مان سمجهان ٿو گونگي فلم ورلي ڪو پسند ڪندو هوندو. مون ڊائلاگ لکڻ لاءِ ڪڏهن بہ شعوري ڪوشش نہ ڪئي آهي. مان جيستائين ڪردارن کي ڳالهائيندي نہ ٻڌندو آهيان، سندن گفتگو لکي نہ سگهندو آهيان. ڪردار نگاريءَ ۾ ڪردار جو ڳالهائڻ ٻولهائڻ بہ شامل هوندو آهي.

لاشاري: توهان جي افساني تي هڪڙي راءِ آهي تہ خليل جبران وانگر اهو هڪ نئين پڙهندڙ کي گهڻو متاثر ڪري ٿو ۽ ان کي آگر ڪان وٺي هلي ٿو پر جڏهن اهو پڙهندڙ اڳتي وڌي ٿو وڃي، تہ توهان جو افسانو ڪيس ڇڏي ٿو وڃي. توهان جو ڇا خيال آهي؟

جليل: منهنجي ڪا ڪهاڻي ڪنهن نئين پڙهندڙ کي جيڪڏهن متاثر ڪري ٿي ۽ ادب لاءِ سندس شعور کي بيدار ڪري ٿي، تہ اها صورتحال منهنجي لاءِ ڪنهن اعزاز کان گهٽ نہ آهي. ادب ڏانهن سفر ۾ ڪنهن نئين پڙهندڙ لاءِ ڏاڪڻ جو پهريون پٿر هئڻ واري ڪيفيت مون کي وڻي آهي.

لاشاري: توهان جي لکڻين، تي جيڪو گوڙ متو هو ان جا ڪجهہ تفصيل ٻڌائيندا؟.

جليل: منهنجين ڪهاڻين تي گهڻو ڪري ٻن قسمن جا الزام لڳندا رهيا آهن. هڪ تہ فحش آهن ۽ ٻيو تہ اسلام، پاڪستان ۽ قومي يڪجهتيءَ جي خلاف آهن. ڇيهہ سال اڳ شايع ٿيل ڪهاڻي "اندرا" تي بہ ان قسم جا الزام لڳايا ويا هئا. اينڊڙ ڪنهن مجموعي ۾ شامل ڪندس. پڙهي ڏسجو. اصل ۾ ادب تي ان قسم جا غير معياري ليبل فقط ذهني ۽ ذهني طرح فاتا ڪش معاشرن ۾ لڳايا ويندا آهن، جتي ليکڪن جي پوليس وارن هٿان تذليل ڪرائي ويندي آهي.

ڪا بہ ڪهاڻي نہ ڪنهن جي حق ۾ هوندي آهي ۽ نہ ئي ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو آهي ۽ جن اديبن حالتن سان ٺاهه ڪان انڪار ڪيو آهي ۽ ادب جي تقاضائن کي پورو ڪيو آهي، تن هميشه سوا نيزي تائين لهي آيل سج جي پرنڊڙ گولي هيٺان تتل رڻ ۾ سفر ڪيو آهي. سنڌ جي سياسي، اقتصادي ۽ معاشرتي حالتن سان وابستا ليکڪ لاءِ ڏاڍو ڏکيو سفر آهي.

لاشاري: اديب لاءِ ڪو ضابطو اوهان ڪيتري حد تائين ضروري يا غير ضروري سمجهو ٿا؟

جليل: اديب پنهنجا ضابطا پاڻ ٺاهيندو آهي. ڪيس ٻاهرين ڪنهن به ضابطي ۾ جڪڙڻ نه گهرجي.

لاشاري: هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ توهان جون پاڻ تي پاڻ ڪهڙيون تنقيدون آهن؟

جليل: ليکڪ هڪ حد تائين سڌي طرح، يا اڻ سڌي طرح پنهنجي تحرير ۾ موجود هوندو آهي. ليکڪ کي سندس تخليق کان ڌار ڪري نه ٿو سگهجي. سٺا ليکڪ اڻ سڌيءَ طرح پنهنجي تحرير ۾ موجود هوندا آهن. مان جيئن ته ضمير متڪلم ۾ لکندو آهيان، تنهن ڪري سڌيءَ طرح پنهنجي تحرير ۾ موجود هوندو آهيان. مون تحرير ۾ پنهنجي موجودگي مخفي، يعني اڻ سڌي رکڻ لاءِ ضمير غائب ۾ لکڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي آهي، ناڪام رهيو آهيان.

لاشاري: امر جڏهن هڪ سرڪش، باغي ۽ رومانٽڪ ٿي لکڻين ۾ سامهون ايندو آهي، ته اهو جليل قاضي هوندو آهي، ڪو خيالي ماڻهو يـ مثالي سنڌي ماڻهو؟

جليل: ليکڪ فقط ليکڪ ئي هوندو آهي. پوءِ ڪٿي هو پيٽ پالڻ لاءِ هٿ هلائيندو هجي، ڪاروبار ڪندو هجي، يا ڪٿي نوڪري ڪندو هجي. ليکڪ فقط ليکڪ جي صورت ۾ پنهنجين پڙهندڙن آڏو ايندو آهي. سچ پڇو ته لکڻ کان سواءِ، گهٽ ۾ گهٽ مان، زندگيءَ ۾ ٻيو ڪو ڪم ڪري نه سگهيو آهيان ۽ لکيو به اهڙي طرح اٿم جو الزامن، اعتراضن، تنقيدن، چٽرن ۽ آڏين ٻچائن ۾ وڪوڙجي ويو آهيان. تحريرن سبب تعلقات ٺاهڻ بدران ڊاهيا اٿم. ليکڪ ڪانسواءِ مان ٻيو ڪجهه به ٿي نه سگهيو آهيان. ڪو به ليکڪ جهڙو ڪٿي پنهنجي تحرير ۾ موجود نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي. ڪهاڻيءَ جي تاڃي پيٽي ۾ هو ڪردارن ذريعي دل جي ڳالهه ڪري ويندو آهي. اهڙا ڪردار ڪڏهن تخليقي، ڪڏهن مثالي ۽ ڪڏهن حقيقي هوندا آهن. ارنيسٽ هيمنگوي رانديگر هو باڪسر هو ويڙهاڪ هو. سندس سمورن ناولن ۽ ڪهاڻين جا ڪردار ويڙهاڪ ۽ جفاڪش آهن. هو بهو گهڻي حد تائين، هيمنگوي وانگر. مثال ڏنو اٿم. ان حوالي سان اوهين منهنجو تجزيو ڪري سگهو ٿا. مان ڪهڙي حيثيت ۾ پڙهندڙن آڏو ايندو آهيان.

لاشاري: توهان جي لکڻين ۾ ٽريجڊي هڪ مستقل صورتحال آهي ۽ ٽريجڊي اوهان جي لکڻ جو بنيادي محرڪ نظر اچي ٿو جنهن جي چوگرد پيار انقلاب ۽ مانڊاڻ جون مختلف شڪليون ڦرن ٿيون. پنهنجي ان دنيا کي ڦيرائڻ لاءِ اوهان وٽ ڪا رٿا آهي؟

جليل: ڪا به نه. مون وٽ ڪا به رٿا نه آهي.

لاشاري: هن وقت سنڌ جيتري تڪليف ۾ آهي، ان ۾ عوام سان سڌي نموني ساٿ ڏيڻ لاءِ اديب کي ڪيترو اڳتي وڌڻ گهرجي؟

جليل: اهو سندس لکڻ جي انداز تي منحصر آهي. اسان پنهنجي دور کان متاثر ٿيندا آهيون. سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن ۾ ايندڙ تبديلين کي نظرانداز ڪري نه سگهندا آهيون. ليڪڪ جيتريقدر سچائيءَ سان پنهنجي تحريرن ۾ حالتن جو جائزو وٺندو، ظلم کي ظلم ۽ اونده کي اونده سڏي سگهندو، اوتريقدر هو عوام جي المين ۾ شامل ٿي سگهندو. اهڙو ليڪڪ تاريخي قوتن جو حصو ٿي پوندو آهي، جيڪي اڳتي هلي انقلاب جو سبب ٿينديون آهن.

لاشاري: توهان جي ڪهاڻين جي ڏاڙيل ڪردارن ۾ هن وقت جي ڏاڙيلن ۾ گهڻو فرق اچي ويو آهي. اوهان ان فرق کي واضح ڪندا؟

جليل: ڏاڙيلن جي ڪردار تي مون فقط ٻه ڪهاڻيون لکيون آهن. "اروڙ جو مست" ۽ "خوني رات" مان نٿو سمجهان ته منهنجين ڪهاڻين جي ڏاڙيلن ۽ موجوده دور جي ڏاڙيلن ۾ فرق پيدا ٿي پيو آهي. ها، ائين ٿيو آهي جو ڪجهه نئين قسم جا ڏاڙيل پيدا ٿي پيا آهن. "اروڙ جي مست" جهڙا ڏاڙيل ڀرپور نموني اسان جي معاشري ۾ موجود آهن ۽ اخبارن وارا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪين خوب پبلسٽي ڏئي رهيا آهن. ساڳئي نموني، "خوني رات" وارو ڏاڙيل انيڪ روپن ۾ موجود آهي ۽ اسان جي اندروني وِگوڙ جو پورو پورو فائدو کڻي اسان کي لٽي رهيو آهي. اسان سنڌين جي هڪبئي ڏانهن عداوت جو هن ڀرپور فائدو ڪنيو آهي. باقي طبقاتي ناانصافين ۽ سياسي ۽ اقتصادي ناهموارين سبب احتجاج ڪرڻ وارن کي، گهڻن ۾ گهڻ مان، ڏاڙيل سمجهي نه سگهندس. هڪڙا ڏاڙيل سوٽ بوٽ ۾ هوندا آهن ۽ آفيسن ۾ ويهندا آهن ۽ ٽيليفونن تي گفتگو ڪندا آهن. اهڙن ڏاڙيلن تي ڪو به هٿ وجهي نه سگهندو آهي.

لاشاري: توهان جي ڪهاڻين ۾ ڊيڄاريندڙ ڏکويل ماڻهن لاءِ آٿت واري هڪ قوت آهي. تاريخ، ان جي تربيتي جزن تي اوهان ڪجهه چوڻ چاهيندا؟

جليل: تاريخي قوتن ۾ منهنجو پختو يقين آهي. مان تاريخ کي فقط ماضيءَ جو دستاويز نه سمجهندو آهيان. تاريخ هڪ سلسلو آهي، تمام طاقتور سلسلو اڳتي وڌڻ جو. هر جابر ۽ ظالم لاءِ اهڙيون سماجي، سياسي ۽ خارجي حالتون پيدا ٿي پونديون آهن، جيڪي سندس انت جو سبب ٿينديون آهن ۽ جيڪي تاريخ جي طاقتور تسلسل جو حصو هونديون آهن. اهڙين حالتن کي پيدا ٿيڻ کان ڪو به روڪي نه سگهندو آهي. اٽويهه سئو ايڪونجاهه ۾ ٻين قومي ٻولين بدران فقط اردوءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو ۽ بنگاليءَ کي علائقائي ٻوليءَ جو. هڪ فيصلي سبب تاريخي قوتون عمل ۾ آيون. تاريخي قوتن کي وڌيڪ تقويت ملي اٽويهه سئو چاونجاهه ۾، جڏهن بنگال جي حق تلفين ۽ استحصال لاءِ ون يونٽ ٺاهيو ويو. اٽويهه سئو ايڪونجاهه واري فيصلي کان ويهه سال پوءِ بنگلاديش وجود ۾ آيو. تاريخي قوتن کي اڳتي وڌڻ کان ڪو به روڪي نه سگهيو آهي.

لاشاري: سنڌي ادب جا اوهان کي ڪهڙا مسئلا نظر اچن ٿا؟

جليل: مون ٻن قسمن جا مسئلا محسوس ڪيا آهن. هڪڙا اهي جن جو تعلق ادب جي اشاعت سان آهي ۽ ٻيا اهي جن جو تعلق ادب جي تخليق سان آهي. اسان وٽ رسالن جي کوٽ آهي. جيڪي ٻه چار رسالا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪري رهيا آهن، سي، شايد ڪن اڻ ٽر مجبورين سبب، وقت جي پابنديءَ کان قاصر آهن. مان ڪجهه ڪجهه سندن مجبوري سمجهي سگهان ٿو. اڄ ڪلهه جي دور ۾ بنا اشتهارن جي رسالو ڪڍڻ ديواني جو خواب آهي. شعور جي سجاڳي جيتري مون سنڌ ۾ ڏٺي آهي، اوتري، يا ان کان اڌ جيتري بئي صوبي ۾ نه ڏٺي آهي. اسان وٽ گهٽ ۾ گهٽ ٻارنهن ماهوار رسالا هئڻ گهرجن ۽ ٽي چار سٺا هفتيوار رسالا. نوجوان ليکڪن کي لکڻ لاءِ رسالا نه ملندا ته هو پنهنجي تخليق ڪٿي ڇپرائيندا! رسالا، ليکڪن لاءِ، ورڪشاپ جو ڪم ڏيندا آهن. رسالن معرفت ليکڪ سنئون سڌو پڙهندڙن سان لهه وچڙ ۾ ايندو آهي. کيس پنهنجي تحرير بابت ڇوٽ ۾ موٽ ملندي آهي. سنڌي ادب جي بچاءَ لاءِ رسالا ضروري آهن.

ٻيو مسئلو آهي تخليق جي حوالي سان تنقيد جي نالي ۾ گلا، غيبت، ٺٺولين ۽ گارين جي اپٽار جو. هڪٻئي جو ترو ڪڍڻ. پاڻ کي برتر ۽ ٻئي کي ڪمتر سمجهي. جنرل يحيٰ جهڙي رنگيلي کي سنڌ مان خطن ۽ مراسلن جي لانڍ موڪلي ويندي هئي ته قبلا سنڌ ۾ فلاڻا فلاڻا ليکڪ اهڙو مواد ڇپرائي رهيا آهن جيڪو اسلامي اصولن موجب اعتراض جوڳو آهي. ڪو بلو ڪريو! ڪاٺ ڪهاڙا ڪٺي اچو! اچي جهاد ڪريو!.

مان ليکڪ لاءِ مڪمل آزاديءَ سان لکڻ جي حق ۾ آهيان. ليکڪ سان سندس تخليق تي اختلاف ڪري سگهجي ٿو پر ڪائنس مڪمل آزاديءَ سان لکڻ جو حق ڦرڻ تهذيب جي اوسر جي نفي آهي. فلاڻو ليکڪ غلط ٻولي ۾ لکي ٿو. فلاڻي ليکڪ گرامر جو ٻيڙو ٻوڙيو آهي. فلاڻي ليکڪ جا موضوع فرسوده آهن! اڙي بابا، ليکڪن کي مڪمل آزاديءَ سان لکڻ ڏيو پڙهندڙ ذهين آهي، بيحد ذهين آهي. هو پڙهڻ جي معاملي ۾ اسان جي راين ۽ فيصلن جو پابند نه آهي.

لاشاري: ادب ۾ هڪڙو بحث جانبداري ۽ غيرجانبداري بابت هليو هو جيڪو هينئر پنهنجو وقت کائي ويو آهي ۽ اوهان جي لکڻين ۾ ان سوال ڏانهن اوهان جو رويو پڌرو آهي. پر، فڪشن کان ٻاهر نڪرجي ته اوهان پنهنجي راءِ کي ڪهڙن لفظن ۾ بيان ڪندا؟

جليل: دنيا جو ڪو به ليکڪ غير جانبدار ٿي نه سگهندو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو جابر جي مقابلي ۾ ڪمزور جو ساٿ ڏيندو آهي. اونده بدران روشني جي حمايت ڪندو آهي. هو ڪڏهن به استحصالي قوتن کي هٿي ڏيئي نه سگهندو آهي. مون اڄ تائين ڪا هڪ تحرير اهڙي نه پڙهي آهي جنهن ۾ ظلم لٽ مار ۽ نسل ڪشيءَ جي حمايت ڪئي ويئي هجي. ها, هتي هڪ ڳالهه جي وضاحت بيحد ضروري آهي, ته ظالم ۽ مظلوم ۽ اونده ۽ روشنيءَ ۾ تفريق بابت هڪ ليکڪ جو مخصوص حالتن ۾ تجزيو سندس ذاتي نظرين تي منحصر هوندو آهي. ايران ۽ عراق واري جنگ ۾ ڪير ظالم آهي ۽ ڪير مظلوم آهي! سنڌ جي ويجهڙائي وارن فسادن ۾ ڏوهي ڪير ۽ بي ڏوهي ڪير آهي؟ مون اهڙا ماڻهو به ڏٺا آهن, جيڪي, ڪربلا واري واقعي ۾ يزيد کي مظلوم سمجهندا آهن! غير جانبداري ڪنهن به صورت ۾ تخليق جو سبب ٿي نه سگهندي آهي. سچ پڇو ته ڪرڪيٽ جا امپائر جانبدار لڳندا آهن.

بابلا, ڪو به زندگيءَ ۾ غير جانبدار ٿي نه سگهندو آهي. مان, توهان, اسين سڀئي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ جانبدار آهيون.

لاشاري: هڪڙو خيال آهي ته اديب بي عمل ۽ شڪست ڪاڌل مخلوق آهي. ان تي اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟.

جليل: لفظ بي عمل مان اوهان جي مراد الائي ڪهڙي آهي. اديب جو بنيادي ڪم آهي لکڻ ۽ لکڻ لاءِ عمل جي جيتري ضرورت آهي, ايتري ضرورت ٻئي ڪنهن ڪم ۾ ڪا ورلي آهي. مان فقط هڪ اديب جو حوالو ڏيندس. سندس ڪيل ڪم مان سندس عمل جو اندازو لڳائي سگهندو. مرزا قليچ بيگ مختلف موضوعن تي لکيل سندس ڪتابن جو تعداد ساڍا چار سئو آهي ۽ موجوده دور ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لوڪ ادب جا چاليهه ڪتاب ئي سندس غير معمولي عمل جا شاهد آهن. ليکڪ کي بي عمل سمجهڻ قطعي غلط آهي.

حالتن سان ٺاهه نه ڪرڻ واري ڪيفيت کي شڪست جو نالو ڏيڻ مناسب نه آهي. اديب حالتن سان ٺاهه نه ڪندو آهي ۽ وقت جي گهاٽي ۾ پيڙهجي ويندو آهي. اها ليکڪ جي شڪست نه آهي. ليکڪ جي شڪست آهي حالتن سان ٺاهه! ۽ جيڪي ليکڪ حالتن سان ٺاهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ونندا آهن، سي ليڪڪ نہ رهندا آهن.

لاشاري: لفظ جي طاقت جو اوهان ڪيترو اندازو ڪريو ٿا؟

جليل: هڪ لفظ صدين جا پرمپوري وجهندو آهي. مان لفظ جي طاقت ۽ حرمت، ٻنهي جو قائل آهيان.

لاشاري: هن وقت سنڌ جي سماجي ۽ تهذيبي صورتحال توهان کي ڪيئن ٿي ڏسڻ ۾ اچي؟

جليل: تاريخ ۾ پهريون دفعو اسين انيڪ آزمائشن جي منهن ۾ وڃي پيا آهيون. موجوده صديءَ جو پويون اڌ ابلاغ جي بي پناهہ ڦهلاءَ جو امين آهي. اٽويهہ سئو پنجاهہ کانپوءِ ۽ خاص طرح سان گذريل ڏهن سالن ۾ ريڊيو ٽيليويزن، صحافت ايڊورٽائيزنگ ۽ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ، عڪس ۽ آواز کي هزارين ميلن تائين اوزار ۽ سامان پيدا ٿي پيا آهن. جو انسان ويچارو وائڙو ٿي پيو آهي. اسين بہ انسان جي بين الاقوامي وائڙائپ جو حصو آهيون. اسانجا تهذيبي قدر مختلف تهذيبن جي قدرن سان وڃي ٽڪريا آهن. ڪجهہ سالن ۾ مختلف ملڪن پاران اهڙا سيٽلائيٽ پولار ۾ ڇڏيا ويندا ۽ اهڙا ٽيليويزن تيار ڪيا ويندا، جتان، ريڊيو وانگر مختلف ملڪن جا ٽيليويزن پروگرام سنئون سڌو ڏسي سگهبا. پروگرام سينسر ڪري ڏيکارڻ، يا نہ ڏيکارڻ وارا حڪم سجي دنيا مان رد ٿي ويندا. جتي دنيا جا حاڪم ٽرٽلي ۾ ايندا، اتي قديم تهذيب ۽ تمدن، سماجي ۽ سياسي قدر بہ عالمي سطح تي وڏي ڇڪتاڻ جو شڪار ٿيندا. اسان کي ذهني طرح اهڙي صورتحال لاءِ تيار رهڻ گهرجي.

لاشاري: اوهان اديبن جي تنظيمي ڪم ڪار جي ضرورت کي ڪيترو اهم سمجهو ٿا ۽ ان حوالي سان هن ملڪ جي ترقي پسند اديبن جي تنظيم قائم ٿيڻ جي سلسلي ۾ هلندڙ ڪوشش کي ڪيئن سمجهو ٿا؟

جليل: مان ليکڪ کي بنيادي طرح هيڪلو انسان سمجهندو آهيان. پر، مان اديبن جي ڪنهن اهڙي تنظيم جي قيام جي حق ۾ آهيان جيڪا کين، پيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ جهاتڪو ٿيڻ کان تہ بچائي سگهي. ترقي پسند اديبن جي تنظيم قائم ڪرڻ بابت مون کي ڪا خبر نہ آهي.

لاشاري: هلال پاڪستان ۾ ڪالم لکڻ وارو تجربو اوهان کي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن لڳو؟

جليل: ڪنهن کي بہ خوش رکي نہ سگهيم. سيني کي ناراض ڪيم. دوست خفي تہ سرڪاري اخبار لاءِ ٿو لکي. حاڪم ناراض تہ ڪالم ۾ اسان جي ڪارنامن جو ذڪر نہ ٿو ڪري. سمجهو تہ ذري گهٽ ويل ۾ هوس. ڪجهہ ڪردار تخليق ڪيم، جيڪي اڳتي هلي منهنجين ڪهاڻين ۾ آيا. ڏٺي بخش ڏنو ڦندڻ ۾ ڇپيل ڪتاب لاءِ ڪالمن کي ترتيب ڏيڻ ويٺس، تہ سراسري طرح ڏهن مان ست ڪالم رد ڪندو ويس. ڪي ڪي ڪالم تہ ايتريقدر ردي ۾ خصيص هئا جو پيهر پڙهي ششدر ٿي پيو هوس.

لاشاري: سنڌ ۾ محسوس ڪيو ٿو وڃي تہ امر جليل هيڪلائيءَ ۾ هليو ويو آهي. ڇا اسلام آباد ۾ اوهان رابن سن ڪروزو بڻجي ويا آهيو؟ اڪيلائيءَ جي عذاب کي گهٽائڻ لاءِ اوهان ڇا ٿا ڪريو؟

جليل: ورهيہ ٿيا جو هيڪلائين ۾ هليو ويو آهيان. سنڌ ۾ هوندو هوس، تڏهن بہ يارن دوستن سان گهٽ گڏبو هوس. اندر ۾ ڏاڍي پيچ ڏاهہ ٿي آهي. بي يقينيءَ هر يقين کي نابود ڪري ڇڏيو آهي. عدم تحفظ جي راڪاس سان وڙهندي وڙهندي ڏاڍو ٿڪجي پيا آهيان. مان پنهنجي ضد تي قائم آهيان ۽ راڪاس پنهنجي تي. مان راڪاس جي اکين ۾ اکيون وجهي لکندو رهندس. راڪاس سان وڙهندو رهندس. جيستائين ڏات جا در کليل آهن، مان لکندو رهندس. اڪيلائين کي پڙهڻ ۽ لکڻ سان آباد ڪيو اٿم.

لاشاري: مطالعي ۾ اوهان جا وٽندڙ موضوع ڪهڙا آهن؟

جليل: ادب، ۽ تاريخ. خاص ڪري سياسي تاريخ. ان کان سواءِ پنهنجي پروفيشنل فيلڊ، ميڊيا.

لاشاري: هن وقت ڇا پيا پڙهو؟

جليل: نائپال جو ڪتاب، وونڊيڊ سولائيزيشن.

لاشاري: توهان جي ناول بابت خبرون پيا ٻڌون، ان جو ڇا ٿيو؟

جليل: آئوٽ لائين ۾ لکيل آهي. سيٽنگ جي ڳالهہ آهي. ڪهاڻين کي پاسيرو ڪري فيئر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. هونءَ بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الاءِ ڇو ڏاڍي شدت سان محسوس ڪريان ٿو تہ مون کي ناول لکڻ گهرجي.

لاشاري: توهان لاءِ خبر پئي آهي تہ صوفي منش ٿي ويا آهيو؟ اهو تاثر ڪجهہ سال اڳ سچل سيمينار ۾ اوهان جي پڙهيل مضمون مان پيدا ٿيو هو. ڇا اهو سچ آهي تہ اديب ڇاڪاڻ تہ عمل جي ميدان جو شهسوار ناهي، تنهن ڪري بي عملي ڪيس لازمي طرح تصوف جهڙي هن دور جي Passivity ڏانهن وٺي وڃي ٿي؟

جليل: عمل جي لفظ کي اسان ڪجهہ ڪجهہ محدود ڪري ڇڏيو آهي. عمل کي فقط جنگ جي ميدان ۾ وڙهڻ وارن تائين محدود ڪري نہ ٿو سگهجي. جنگ جي عمل ۾ اهي بہ ايتريقدر ۽ ڪنهن حد تائين وڏيڪ شامل هوندا آهن، جيڪي جنگي نقشا ٺاهيندا آهن. سپلاءِ لائينن کي برقرار رکندا آهن. جنگي گيت لکندا آهن ۽ قوم کي سجاڳ ڪري جنگ جي عمل ۾ نفسياتي طرح شامل ٿيڻ جي همت ۽ جذبو ڏيندا آهن. سندن ڪردار کي عمل جي نالي ۾ جيڪڏهن خارج ڪري ڇڏجي، تہ مان نٿو سمجهان تہ ميدان ۾ وڙهڻ جو عمل ڪو خاطر خواهہ نتيجو ڏيئي سگهندو. ليکڪ جو ڪم آهي لکڻ، سچائيءَ سان، همت سان ۽ بهاديءَ سان، سچ ۽ حق جي راهہ ۾ قلم سان جوٽيل جنگ کي، بندوق جي جنگ کان ڪمتر سمجهڻ نہ گهرجي. بڌو نہ اٿو تہ قلم تلوار کان وڌيڪ طاقتور ٿيندو آهي!

هينئر ڳالهايون تصوف تي. منهنجي امڙ سچل سرمست جي معتقد هئي. هوش سنڀالڻ کان اڳ مون امان سان سچل سرمست جي درگاهہ تي وڃڻ شروع ڪيو هو. "ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي" وارو تصوف منهنجي سرشت، منهنجي سوچ، منهنجي مزاج ۾ ننڍپڻ کان شامل آهي. مهاتما گوتم بڌ کي پڙهڻ، پروڙڻ ۽ سمجهڻ کان پوءِ خالق ۽ مخلوق جي حوالي سان منهنجي سوچ گهڻو اڳتي نڪري ويئي آهي. ورهين کان جيڪي سوال پريشان ڪندا هئا، تن جا جواب مون کي ملي ويا آهن. خالق ۽ مخلوق جي حوالي سان اڳ اندر ۾ انتشار هوندو هو. هينئر ٺاپر ٺي ٺاپر آهي.

اوهان الائي ڪيئن صوفين لاءِ Passivity جي ڳالهہ ڪئي آهي! جڏهن بہ حق ۽ سچ جي راهہ ۾ سر جو نذرانو ڏيڻ جو سڏ آيو آهي،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويڊيو ڪيسٽ ان ئي شعبي ۾ ڊزائيننگ ۽ گرافڪس جو ڪم بہ ٿيندو آهي. مان جڏهن نيشنل ٿيٽرس ۽ پاڪستان ٿيٽرس لاءِ ڪم ڪندو هوس، تڏهن ڊزائننگ ۽ گرافڪس جو بہ ڪم ڪندو هوس. هتي ڪو بہ ڪم منهنجي لاءِ نئون نہ آهي. اٽلندو منهنجو گذريل تجربو منهنجي ڪم اچي رهيو آهي. شعبي جو نالو آهي، انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجي، منهنجو واسطو فقط وائيس چانسلر سان رهندو آهي، تنهن ڪري ڪم يڪسوئيءَ سان ڪري سگهندو آهيان. مون جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ وڃي شموليت ڪئي هئي، تڏهن انسٽيٽيوٽ فقط ڪاغذ تي هو. هينئر انسٽيٽيوٽ کي پنهنجا ريڊيو ٽيليويزن، ڊزائن ۽ گرافڪس ۽ فوٽو گرافيءَ جا اسٽوڊيوز آهن. اٽويهہ سئو پنجهتر ڪان، ڏري گهٽ ٻارهن سالن ڪان، يونيورسٽيءَ ۾ ڪم ڪري رهيو آهيان.

لاشاري: پنهنجي پڙهندڙن لاءِ ڪو پيغام؟

جليل: مون ڪان خفي نہ ٿيندا ڪريو. دير مدار ٿي ويندي آهي، پر مان آيل خطن جا جواب ضرور ڏيندو آهيان. ڪي خط هيٺ مٿي بہ ٿي ويندا آهن. پر، اهو تاثر تہ مان خط جو جواب نہ ڏيندو آهيان، غلط آهي. مان سنڌ ڪان سوين ميل پري ويٺو آهيان. اوهان جا خط منهنجي سوچ، منهنجي تصور کي روشني بخشيندا آهن.

لاشاري: اديب ساٿين لاءِ ڪو پيغام؟

جليل: مان ولر ڪان وڇڙيل آهيان. مون کي وساري نہ ڇڏجو.

لاشاري: اوهان جي ايڊريس؟

جليل: امر جليل

علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شفيع محمد شاهه سان
# ڳالهه ٻولهه

**مختصر تعارف**

نالو: شفيع محمد شاهه

ڄمڻ جو سال: 1949

ننڍپڻ: ڪنڊياري شهر ۾ گذاريل.

تعليم: ايم اي (انٽرنيشنل رليشنز) ۽ ايل ايل بي

نوڪري: هينئر ڪانهي.

پهريون سنڌي ڊرامو: "موتيءَ جهڙو من" (علي بابا جو لکيل غزالا رفيق ۽ قربان جيلانيءَ سان ڪريم بلوچ جي پيشڪش).

پهريون اردو ڊرامو: "ساده ورق"

(قوي ۽ عظميٰ گيلاني سان گڏ)

پهرين فلم: دوسرا ڪنارا

هن وقت هٿ ۾ ڪنيل فلمون:

ايسا ڀي هوتا هئي ۽ نصيب والي. ٻنهي ۾ شبنم سان گڏ. هڪ ٻي فلم ٻـ بابرا سان گڏ. جيڪا اڃا ڳالهين جي مرحلي ۾ آهي.

شفيع محمد شاهه اداڪاري جي دنيا ۾ جيڪو نالو ڪيو آهي، تنهن تي سنڌي ماڻهن کي فخر آهي. وڌيڪ خوشيءَ جي ڳالهه سندس پڙهيل لکيل هئڻ واري آهي. پڙهيل لکيل هئڻ رڳو ڊگري وٺڻ تائين ناهي. ڊگري ورتل ڪوڙ سارن ماڻهن جو چاڙهو ڪونهي. پر شاهه صاحب سان جيڪا ڳالهه ٻولهه ٿي اُها ڏاڍي دلچسپ، ڳوڙهي، گهڻ معنائي ۽ گهڻي حد تائين ڪارائتي رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روايتي سوالن جي بدران منهنجي سوالن ۾ بحث جو هڪڙو مقصد اهو به هو ته شفيع محمد شاهه جيڪو ڪامياب اداڪار جي حيثيت ۾ ماڻهن اڳيان پاڻ ميڄرائي چڪو آهي، اهو هڪ انسان جي حيثيت ۾ ماڻهن اڳيان اچي ۽ اها به خبر پوي ته هڪ سُرت پرڙي اداڪار هئڻ جي ناتي مختلف انساني مسئلن کي ڪيئن ٿو ڏسي.

سڀ کان پهريون سوال، ڳوٺن سان سندس ذهني لاڳاپي متعلق ڪيم. ڇاڪاڻ ته بنيادي طرح هو ڳوٺاڻو آهي. شاهه صاحب ٻڌايو "ننڍپڻ جا نوڏهه سال ڪنڊياري ۾ گذريا ۽ ڪنڊيارو هڪ ٽائون آهي، جتي ڪجهه نه ڪجهه شهري نفسيات موجود آهي ان ڪري اتي صفا ڳوٺاڻي زندگي ناهي، خود غرضي جا جيوڙا ننڍين شهرن ۾ به آهي، پر ڳوٺن ۾ ائين ناهي. ان ڪري ڳوٺاڻي ماحول لاءِ تانگهه تمام گهٽي آهي. ڪڏهن ڪڏهن سوال اڀرندو آهي ته مان بنهه ڳوٺاڻو ڇو ناهيان. ان ڪري ٿورا گهر وسائي ڳوٺ آباد ڪرڻ، منهنجي هڪ خواهش آهي. ننڍي شهر ۾ رهڻ واري ماڻهو جي هڪ ٽياڪڙ (ميڊياڪر) واري حيثيت آهي. بنهه ٻهراڙي جي ڏک سور جي خبر ناهي، سواءِ ٻڌل ڳالهين جي باقي اهڙو تجربو ڪو نه ٿيو آهي ان ڪري ڳوٺ منهنجي تصور تي ڇانيل آهي".

"توهان اداڪاري واري لائين ڪيئن اختيار ڪئي؟". ان سوال جي جواب ۾ شفيع محمد شاهه چيو "ڪراچي ۾ ننڍي هوندي فلمن ڏسڻ سان هڪ پڻ لکي خواهش پيدا ٿي هئي، جيڪا اڳتي هلي وڌي وئي. ننڍي هوندي هم عمرن جي جنهن حلقي ۾ هيس اهي ڪجهه وڏيڪ حيثيت ۾ هئا ۽ منهنجي جسماني جوڙجڪ يا ورتاءُ ايترو ڇڪ وارو ڪو نه هو. جنهن ڪري ڪنهن خاص انداز ۾ حب پلئه نه پئي، پوءِ ذهن ۾ پيار جي پئدا ٿيل بک جو نتيجو هو يا سچاڻپ جو تنهن اڳتي وڌڻ لاءِ پئي اپاريو. اڪيلائپ ۾ ماڻهو تصورن جي دنيا ۾ رهي ٿو ۽ پين لاءِ ڪا اهڙي شيءِ آڻڻ ٿو چاهي ۽ مان به ڏينهن جا خواب ڏسندو هوس. مون کي اهميت گهربي هئي. نائين ڪلاس کان ان ميدان ۾ اچڻ جو سوچيو هوم".

اتي شاهه صاحب کي چيم "توهان کي اهميت ملڻ جو مسئلو ته حل ٿي ويو پر انهن ڪروڙين ماڻهن جو ڇا ٿئي، جن کي به اهميت ملڻ

گهرجي ۽ جيڪي معاشري کان پيار گهرن ٿا ۽ جيڪو هنن جو حق آهي؟".

شاهه صاحب چيو "ننڍپڻ ۾ ٻار کي ماءُ وٽان جيڪو پيار ملي ٿو سنهنجا چند. منهنجا لال جا لقب ملن ٿا ۽ اها کيس ملندڙ تعظيم آهي، جيڪڏهن اها نه ٿي ملي ته هن سان اهو مسئلو پيدا ٿئي ٿو. ماءُ هن کي جيڪا اهميت ڏئي ٿي، اها پيءُ جي هڪ دڙڪي سان به لهي سگهي ٿي. ممڪن آهي، مون سان به اهڙي ڊبل مائينڊيڊ (ذهني طرح به واٽي تي ڦاسڻ) ٿيڻ واري حالت پيش آئي هجي. سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا ڪريان. نوڪريون تبديل ڪندو آيس. پڙهيم انٽرنيشنل لا سنو موضوع لڳم ته ان ۾ ايم اي ڪيم. بلڊنگس ۽ روڊس کاتو بئنڪ ۾ ڪلرڪي، آفيسري ۽ مئنيجري، وري ريڊيو. جتي به آزاد ٿيس پئي اتي اطمينان ڪو نه پئي مليو. ان ڪري ماڻهن کي اهميت ملڻ وارو مسئلو هنن کي گهر ۾ مليل سڪ ۽ تربيت سان لاڳاپيل آهي".

چيم "شاهه صاحب گهر پاڻ سماج جو هڪ ننڍڙو ايڪو (يونٽ) آهي ۽ اهو پاڻ ڪا بنهه آزاد حيثيت نه ٿو رکي. ماڻهوءَ جا جڏهن سماجي مسئلا حل نه ٿا ٿين تڏهن منجهس هيڪلائپ جو احساس ٿئي ٿو ۽ سندس اهميت جو گهوٽالو به ان وقت اڀيان اچي ٿو ۽ اڄ جو انسان هڪ عالمي وايو منڊل ۾ رهي ٿو ساڳي وقت اڄ جي ماڻهوءَ کي زندگي به اشتهارن موجب گهارڻي پوي ٿي. ان ڪري هيڪلائي يا محرومي فقط گهر ۾ پلئه نه ٿي پوي ان جي نوعيت سماجي آهي. ان حالت ۾ ڇا ٿئي؟".

ان مسئلي تي شاهه صاحب جو زور هو ته ماڻهو بهرحال اڳتي وڌڻ لاءِ ڪوشش ڪري ۽ منجهس اڳواڻي ڪرڻ جي صلاحيت ٿئي ٿي، ٻي حالت ۾ پاڻ کان وڏيڪ وِت واري ماڻهو سان گڏجي ٿو. ان مسئلي تي اسان جو بحث جڏهن ڪنهن نبيري تي نه پئي پهتو تڏهن موضوع بدلايوسين.

شاهه صاحب کان پڇيم "آرٽسٽ معاشري سان ڪيتري حد تائين لاڳاپيل هجي". "وراڻيائين آرٽسٽ جي پنهنجي دنيا ٿئي ٿي. هو جيڪو ڪجهه به ڪري ٿو ان جي وضاحت جو ڪم ٻين تي آهي". ان تي چيم "آرٽسٽ به هن معاشري جو ماڻهو آهي ۽ هن جا به ڪي ويچار ته ٿين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سطحي تفريح مهيا ڪرڻ وچي رهيو آهي، جڏهن ته فلم فني لحاظ کان سٺي تفريح مهيا ڪري سگهي ٿي“. فلمي صنعت جي سڌارڻ متعلق سوال جي جواب ۾ چيائين ته ”دنيا ۾ ٽي فلم جو بيڙو ٻڏل آهي، سواءِ ٿورين فلمن جي هتي انڊين فلم انڊسٽري، هتان جي فلمي صنعت لاءِ تباهي آندي آهي ۽ هو سٺيون فلمون پيش ڪن ٿا. هتان جي فلمي صنعت زنده رهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي پر اڳيون عروج حاصل نه ڪري سگهندي، ڇاڪاڻ ته هتي نواڻ ڪانهي پروڊيوسر ڪي نواڻ لاءِ چئجي ٿو ته هو هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور جي شوٽنگ کي نواڻ سمجهي ٿو. اهو ظلم آهي. نواڻ موضوع ائڪٽنگ ۽ ٻين ڳالهين ۾ هئڻ گهرجي. هندستاني فلم تي متاسٽا، هتي وري به صحتمند لاڙو آڻي سگهجي ٿي“.

ان تي سنڌي فلم متعلق پڇيم ته ٻڌايائين، سنڌي فلم ٺاهڻ وارا ڏنڊوڙي ذهنن جا آهن. قوم جي نالي ۾ ٻين کي استعمال ڪرڻ گهرن ٿا پاڻ نفعي کي ذهن ۾ ٿا رکن جيڪڏهن هڪ حقيقي سنڌي فلم ٺاهڻ لاءِ تيار ٿين ته مان مفت ۾ ساڻن ڪم ڪري سگهان ٿو.

ڳالهيون ٻولهيون ڪندي ٽي ڪلاڪ ڪن گذري ويا پر ڳالهيون نبيريون ڪو نه ۽ ذري گهٽ اڌ ۾ ٽي رهجي ويون. باقي ڳالهيون آئينده لاءِ ڇڏي هڪ ٻئي کان موڪلايوسون.

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽي وي جي دنيا جي ٻن فنڪارن نور محمد لاشاري ۽ يوسف عليءَ سان ڳالهه ٻولهه

**اسان** وٽ ٻين ماڻهن وانگر فنڪارن سان به انصاف نه ٿي سگهيو آهي ۽ هنن کي اهو ڪجهه نه مليو آهي جيڪو سڌريل معاشرا پنهنجي فنڪارن کي ڏيندا آهن. سبب اهو آهي ته اهڙا ادارا ۽ ذهني ڏارءَ اڃا وجود قائم نه ڪري سگهيا آهن، جيڪي صحتمند ثقافتي سرگرمين کي ڪارائتي بنيادن تي زور وٺائي سگهن. ان ڏس ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي به اهڙا جديد ادارا آهن، جيڪي عوام جي سکيا جي ڏس ۾ لاياڻتو ڪردار نڀائي سگهڻ سان گڏ فنڪارن جي سرپرستي جو ڪم به ڪري سگهن ٿا. پر اسان وٽ ڇڙواڳ قسم جي اشتهار بازي ۽ ساڳي رٽ رٽان کان وڌيڪ عوام کي ڪجهه نه ڏئي سگهيا آهن. نتيجي ۾ ملڪي ريڊيو جي جاءِ تي پرڏيهي ريڊيو ۽ ٽي وي يا سئنيما بدران وي سي آر کي ماڻهن پنهنجي ڌيان جو مرڪز بڻايو آهي. جنهن سان انهن ادارن ۾ ماڻهن جي ويساهه واري حد جي به خبر پوي ٿي ۽ اهڙي طرح هاڻي فنڪارن ۽ عوام جي وچ ۾ ڳانڍاپو به ختم ٿيڻ واري دور ۾ داخل ٿي ويو آهي.

ٽي ويءَ هن دور جو سڀ کان اثرائتو وسيلو آهي، پر ان جي اختياري به اسان ماڻهن سان انصاف نه ڪري سگهي آهي. فقط پنجويهه منٽ ڏئي سنڌي پروگرام جي هر ڏس ۾ ٿي سگهندڙ ترقيءَ جا دروازا بند ڪيا ويا آهن. سنڌي فنڪار جي پيرن ۾ ڏانوڻ وڌا ويا آهن، هن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي صلاحيتن کي مجرائڻ جي مهلت نہ ٿي ڏني وڃي.

ان هوندي بہ ڪجھہ سال اڳ سنڌي ڊرامي جي سوپ گھٽين مخالف ڳالهين کي لتي پٽتي ڇڏي وئي هئي. عالمي چٽاڀيٽيءَ جي مقابلن ۾ سنڌي ڊرامي ڄيڪو درجو ماڻيو ان کان وڌيڪ موقعا ۽ سهولتون رکندڙ ڊرامو بہ ڏسندو رهجي ويو. ويجهڙائيءَ ۾ "خان صاحب" ۽ "راڻيءَ جي ڪهاڻي" ماڻهن کي ڏاڍا وڻيا. اها ڳالهہ ثابت ڪري ٿي تہ سنڌي ليکڪ کان وٺي اداڪاري ڪندڙ فنڪار تائين اهڙي وايول منڊل ۾ بہ پاڻ مڃائڻ جي سگھہ رکن ٿا.

فن ۽ فنڪار جي حالت ڇا آهي، اهي ڪهڙيءَ طرح ڪم ڪري رهيا آهن. ان متعلق ٻن وڏن سنڌي فنڪارن نور محمد لاشاري ۽ يوسف علي سان ٿيل ڳالهہ ٻولهہ هتي پيش ڪجي ٿي. ساڻن ٿيل ڪچهريءَ ۾ ڪين گھٽين ڳالهين تي کولڻ پئي چاهيم پر محسوس ٿيو تہ "ڏنڊورڙي" قسم واري ماحول جي ڏچن کي نظر ۾ رکندي هو گھٽو کلي نہ پئي سگھيا.

ان ڪري ئي جڏهن ڪائنن پهريون سوال ڪيم تہ آرٽسٽ هئڻ جي حيثيت ۾ پنهنجي معاشري متعلق ڪهڙو خيال آهي تڏهن ڏاڍي سياڻپ ڪري جند ڇڏائي. نور محمد لاشاري ٻڌايو تہ جيتري اسان معاشري جي عڪاسي ڪريون ٿا، ان مان اسان جا خيال ظاهر ٿين ٿا. يوسف رڳو هڪڙو جملو چيو تہ اسان جو معاشرو جيئڻ جي ڪوشش پيو ڪري.

ڪجهہ ٻين سوالن تي جڏهن وٽ نہ پئي ڏنائون تڏهن ڪائنن سوال ڪيم "اوهان آرٽسٽ ڇو ۽ ڪيئن ٿيا آهيو؟".

نور محمد لاشاري هنن لفظن ۾ جواب ڏنو: "مان اڄ تائين نہ سمجهي سگھيو آهيان تہ آرٽسٽ آهيان. باقي ماڻهو چون ٿا. گھڻا سال اڳ ڪراچي ريڊيو تان اعلان ٿيو تہ سنڌي فنڪارن جي ضرورت آهي. اها ڳالهہ هوٽل تي ويٺي ٻڌي ورتي هئي، نوڪريءَ ۾ پگهار گھٽ پئي ملي ۽ گذران ظاهر آهي تہ ڏکيو هو. سو مان بہ وڃي نڪتس. آزمائش ورتائون ۽ چيائون تون پاس آهين".

يوسف علي پاڻ متعلق ساڳئي، سوال جي جواب ۾ چيو: "منهنجو هڪ مقصد هو. بنيادي طرح مان حيدرآباد ۾ موٽر مڪينڪ هوس گئريج


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو. ائڪٽنگ مڪينيڪل دور ۾ آهي. اها لکي پڙهي ۽ پڙهائي وڃي ٿي.

”هڪ ئي وقت اداڪار ۽ عام ماڻهو جي حيثيت ۾ اوهان پاڻ کي ڪيئن سمجهو ٿا؟“ ان سوال جي جواب ۾ نور محمد چيو ”هر ماڻهو احسان جو ڍيڄهو آهي. خانگي حياتي ۾ اداڪار به احساس وٺي ٿو ۽ اداڪاري ڪندي انهن احساسن کي ترتيب ڏيڻي پوي ٿي. ائڪٽر عوام جو روح آهي، جيئن لطيف سائين چيو آهي ”وحدت تان ڪثرت ٿيا، وحدت ڪثرت ڪل“ يوسف علي چواڻي ائڪٽر جو ڪم ٽيڪنيڪل آهي باقي جذبن جي حوالي سان ان ۾ ڪو فرق ڪونهي.

ان کان پوءِ ڪانئن پڇيم ته ڪوڙ سارا نوان فنڪار پروڊيوسرن جي ڪڍ ڏچي ۾ هوندا آهن ۽ ڪين گهڻو خوار ٿيڻو پوي ٿو اوهان انهن جي جند ڇڏائڻ لاءِ ڪجهه سوچيو ڪو نه ٿا“.

ٻنهي ڄڻن ٻڌايو ته ان لاءِ ادارا هئڻ گهرجن جيڪي شوقينن کي تربيت ڏين. اسان ان مقصد لاءِ ”سنڌ ناٽڪ سڀا“ جي نالي سان ادارو قائم ڪيو آهي. پر ان جي سرپرستي لاءِ ڪو ماڻهو رضاڪار بنيادن تي اڳتي وڌڻ لاءِ تيار نه ٿو ٿئي. اڳتي هلي جيڪڏهن ان اداري ترقي ڪئي ته سڪيا مرڪز به قائم ڪري سگهبو.

آخر ۾ ڪين عوام طرفان ملندڙ قدرداني لاءِ سوال ڪيم، جنهن تي هنن گهڻوا طمينان ظاهر ڪندي عوام جا ٿورا مڃيا.

❊❊❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مضمون

علمي ۽ ادبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهي. عالمي معيار اصل ۾ اهي ڪسوٽيون آهن. جيڪي زندگيءَ جي مختلف ميدانن ۾ انساني تجربن جو جوهر بڻجي طئي ڪيل خوبيون يا چڱايون ليکجن ٿيون ۽ زمانن تائين پراڻيون نه ٿيون ٿين: ”وکر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿئي.“

ڏسڻو هي آهي ته ”عالمي معيار“ ڇا ٿيندا آهن. مجموعي طرح جيڪي موجود چڱايون آهن, سي سڀ معيار آهن. لڪين بڇڙاين جي مقابلي ۾ مزاحمت لاءِ انسان اوترائي معيار قائم ڪري چڪو آهي, جيڪي ڳڻپ کان ٻاهر آهن. پر جڏهن ڪنهن خاص موضوع تي ڳالهه سهيڙڻي آهي ته پوءِ سهولت خاطر گهٽ معيارن جو اختصار ڳاهڻو پوندو.

شاهه سائين جي شاعري جي حوالي سان جن اصولن ۽ معيارن کي ڏسڻو آهي تن جو وچور هن ريت آهي. عالمي معيارن ۾ پهريون ۽ بنيادي شرط آهي, ته شاعري پنهنجي ڏيهه جي مڪاني ڪسوٽين تي پوري لهندڙ هجي ۽ نوان معيار به ڪٽي اچي, ٻيو اهم معيار پنهنجي ڏيهه جي ماڻهن جي جذباتي ۽ احساساتي عڪاسي ٽيڻ جو آهي, جنهن ذريعي انسان جي عالمي ۽ ڪامل تصور جي خاڪي ۾ رنگ ڀرجي سگهن ٿا. ٽيون معيار چڱائي ۽ بڇڙائي جي وچ ۾ ازل کان موجود ۽ جيئن پوءِ تيئن وڌندڙ ويڙهه ۾ چڱائي وارين قوتن جي ڏر ٻنجڻ آهي. چوٿون معيار ٻوليءَ کي نوان محاورا, تشبيهون, اصطلاح ۽ صفتون ڏئي ان جي ذخيري احساساتي گهرائي ۽ سونهن ۾ واڌارو ڪرڻ آهي. شاعريءَ ۾ موسيقيءَ جا نوان تجربا ۽ نيون شيون اهو وڏيڪ معيار آهي جيڪو لطيف سائين سنڌي شاعريءَ کي ڏنو.

شاهه سائين جي شاعري, سنڌي ٻولي کي قديم زماني کان ڪڏي ڪلاسيڪل دور ۾ آڻي ڇڏيو. ان فرق کي ڏسڻو هجي, ته سگهڙ جي ٻولي ۽ شاهه جي ٻوليءَ جي فرق کي پرکي سگهجي ٿو. سگهڙن اُن دور جا اديب آهن, جڏهن سنڌي سماج سنئون سنواتو ۽ معاشي طرح جنس جي بدلي جنس جي ڏي وٺ واري مرحلي تي بيٺل هيو. ڏڪڻ پنهنجي ضرورت هاريءَ کي اناج وٺي پوري ڪندو هيو ۽ بدلي ۾ هاريءَ کي هريا ڪتولو ڏاهي ڏيندو هيو. ان قسم جي سماجي رشتن ۾ خيال ۽ فڪر جي سطح به گهرائپ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدران سڌي ۽ هموار رهي ٿي. جيئن جيئن نيون پئداواري قوتون جنم وٺن ٿيون، تيئن نوان احساس، اُمنگ، اُدما ۽ جذبا جاءِ وٺڻ لڳن ٿا. مثال طور وڻجارن سان لاڳاپيل جماليات تڏهن جنم وٺي ٿي ۽ "سيئي جوين ڏينهن جڏهن سجڻ سفر هليا" جهڙيون سٽ تڏهن سر جي ٿي جڏهن اُن جو سمورو پس منظر ٺهي. ڏيهي واپار هجي، ملڪي صنعت جو تاجي پيٽو ٺهي، ڏيهه پرڏيهه سان معاشي واپاري لاڳاپا قائم ٿين. وڻج واپار وڌيڪ وڻجارا غوراب پري سمنڊ منهن ڪري نڪري پون ۽ پنهنجي گهر ياتين ۽ ونين ڪان موڪلائي وڇوڙن جا فصل پوکين. هڪ پاسي غورابن جو سفر شروع ٿئي، ٻئي طرف احساسن ۽ جذبن جي سمنڊ ۾ مانڌاڻ مچي پوءِ پٺائي جهڙو شاعر ان سڄي ڏک جو مشاهدو ماڻي، تہ سڄو سارو سامونڊي جهڙو سُر ٺمٺار جذبن سان سامهون اچي ٿو بيهي.

ڏسجي ڪٿي، تہ سسئي جي داستان جي شروعات بہ واپاري عمل جي نتيجي ۾ ٿئي ٿي. وڻج واپار جا انساني زندگيءَ تي تمام وڏا اثر ٿين ٿا. پنهون واپار سانگي ڪيچ مڪران کان ڀنڀور پهتو هيو. سر ڏهر جو لاکو ڦلاڻي، آسا جا ڪاهوڙي، ڪلياڻ جا متارا، بلاول جو جکرو، رامڪليءَ جا سامي ۽ ڪيڏاري جا سورهيہ سينني ۾ هڪڙو قدر گڏيل آهي. اهي سمورا ڪردار تاريخ جا سرگرم ترين ڪردار آهن. هڪ هنڌ ويهي نہ ٿا رهن. "ورچي نہ ويٺي" سندن صفت آهي. هميشہ هل هلان ۾ آهن. ڏکن جا ماريل آهن، پر منزل جو وٺن مڪمل تصور آهي ۽ ڪين ڪو بہ مونجهارو ناهي. تاريخ جا صالح فرزند آهن ۽ پنهنجي دور ۽ اُن کان اڳ جي ساڃهہ جا امين. واپار لڙائي، گوريلا ڪارروايون ۽ سنياس وٺڻ لاءِ سامين جو نڪري پوڻ تاريخ جي انهن زمانن جي مواصلات آهي، انهن وقتن ۾ معلومات حاصل ڪرڻ، علم ۽ عرفان جون منزلون ماڻڻ جا اهي ئي وسيلا هئا. جيڪي ڪردار ۽ گروهہ انهن سرگرمين ۾ مشغول هئا، سي پنهنجي دور جا سڀ کان اڳيرا ماڻهو هئا. شاهہ سائين جا سورما توڙي سورميون وقت جي ڏوڙ جهالت ۽ اقتدار جي ڪوٽن جا ڪنگرا اُڪري ٻاهر اچن ٿيون. پٺائي انهن ڪردارن جي پرک ڪري، انساني جيوت ۾ سندن وند ۽ شرڪت جي اهميت کان آگاهہ ٿي معلومات جا مادي توڙي روحاني پيچرا جوڙيا آهن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن تي هلڻ سان ۽ جنهن جي نين نين معنائن جي کوج سان نئين کان نئين دور ۾ هلي سگهجي ٿو. پر ان لاءِ هڪڙو شرط لازم آهي. پيٽائي جيڪي معيار قائم ڪيا آهن، پاڻ گهٽ ۾ گهٽ اُن تي پورا لهڻ جي لائق بڻجي سگهون. يڪسانيت، ساڳيائپ ۽ زوالجندڙ لاڙن کي ڇڏڻو پوندو تڏهن پيٽائيءَ جو ساٿي بنجڻ جي لائق ٿي سگهبو. بيٺل پاڻي جهڙا سينور جي ويل رويا شاهه جي مزاج جي ابتڙ آهي جيئن سمنڊ ۽ تاريخ ڪنهن به مڙهه کي پاڻ وٽ جاءِ نه ڏيندا آهن تيئن شاهه جو فڪري دائري ۾ غير سرگرم مڙهه قسم جي بي عملين جي گنجائش ناهي. شاهه سياهي جو سڙ پري ڪري سرخيءَ جي سري سان ريتي جهڙي رونق ڏسي آهي ۽ پوءِ وري سفيدي. سرمو پائي عالم جي اڄائي ڏسي آهي. اهو ئي بنيادي معيار آهي شاهه جو.

(ريڊيو پاڪستان ڪراچي جو، ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سچ جو ساٿي شاهه لطيف

**شاهه** جي دور جو اهڙو ڪو بہ اهڃاڻ ڪو نہ ٿو ملي جنهن مان ثابت ٿئي تہ شاهہ پنهنجي ڏينهن ۾ ان وقت جي رعايت ورتل ماڻهن منجهان هو. باقي اها خبر پوي ٿي تہ شاهہ هنگلاج ويو پورب پاسي پنڌ جهاڳيائين. مغل گورنر اعظم خان سندس دشمن هو. مٽياريءَ جي سيدن جي پٽائي سان اڻ بڻت هئي ۽ پٽ جي ويجهڙائي ۾ هڪ درگاهہ تان پنهنجي خلاف هڪڙي پيري هڪڙو ننڍڙو لشڪر پٽ تي چڙهائي لاءِ تيار ڪيو ويو. اها بہ خبر پوي ٿي تہ انهن ڏينهن جي حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙي پٽائي کي مارائڻ لاءِ سِٽون سٽيون هيون ۽ اهو احوال ملي ٿو تہ لطيف سائين حياتيءَ جو چڱو خاشو عرصو گهر گهاٽ ڇڏيو پئي وتيو. تازو هڪ سنڌي محقق اها ڳالهہ بہ ٻڌائي تہ شاهہ جو بيت "ياڳا ٿيندي سهڻي، مڙيا مڃ هزار" سنڌ تي نادر شاهہ جي ڪاهہ جي موقعي تي ۽ ان صورتحال جي پس منظر ۾ چيل آهي.

مٿيون سڀيئي حقيقتون برابر آهن. ڪو اعتراض ڪري تہ پلي ڪري پر شاهہ جو ڪلام هن جي فڪر جي صورت ۾ سڀ کان وڏي ثابتي آهي. لطيف جي ماڻهن، لطيف جي ڪردارن لطيف جي سورمن ۽ سورمين کي اهو حق پهچي ٿو تہ هو لطيف کي فڪري توڙي عملي حوالي سان، پنهنجين حالتن جو پارکو ڪري پيش ڪن. تاريخ، ڪوليڪو ڪونهي جنهن کي ويهي ڪتجي ۽ سنجي ۽ ور ور ڪري اهي ڳالهيون چئجن، جن جو نہ ڪو ڪڙتيل آهي جنهن سان ماڻهن ۾ پنهنجي سگهہ تي ڀروسو پيدا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئي. لطيف جا ماڻهو ئي لطيف جا وارث آهن. هو اها ڳالھ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهن، تہ مانگر مڇ جو ڪاڄ ٻڌجن. هو لطيف جي ان ڳالھ کي تاريخ جي اهم ۽ نازڪ گهڙين ۾ بہ وسارڻ لاءِ تيار ڪونهن تہ ”متو آهين مڇ- ٿلهو ٿيو ٿونا هڻين، تو جا پانئين اڄ تنهن پاڻيءَ پنا ڏينهڙا.“

لطيف جيڪي سماجي ۽ ادبي روايتون ڏيئي ويو آهي، انهن کي اورانگهڻ يا ترڪ ڪرڻ جي نہ ضرورت محسوس ڪئي وئي آهي ۽ نہ اجا ئسوڏو ڪنهن کي اهڙي همت ٿي آهي. ان جي ابتڙ جيڪي بہ انساني آدرش، هن ڏرينديءِ واري دنيا ۾ پڌرا ۽ نروار ٿي بيٺا آهن، لطيف جو ڪلام انهن جي تصديق ڪري ٿو ۽ اهي لطيف جي فڪر جي تصديق ڪن ٿا. ان حالت ۾ لطيف جي وارثن کي ڪهڙي گهرج آهي، جو ٿاڦيل پرڏيهي دانشورن جي واتن ڏانهن ويهي نهارين تہ اهي لطيف کي ڇا ٿا ثابت ڪن! لطيف پنهنجي ڏيهہ واسين جو پيروسو آهي، نفسياتي ۽ روحاني سگهہ آهي ۽ لطيف جا ڏيهي ماڻهو اها سگهہ رکن ٿا، سگهہ ماڻي رهيا آهن ۽ ڏيکاري رهيا آهن.

نازڪ کان نازڪ، گهرا، ڳتيل ۽ ڏاڍ سان اتڪي بيهڻ وارا اهي ويچار زندگي جي سموري معنيٰ پاڻ ۾ رکن ٿا، ۽ اهي ڪي خيالي ڳالهيون ڪونهن. پلي تاريخ ۽ سماجيات جي اصولن تي ڪين ڪو پرکڻ چاهي تہ لطيفَ جي وارثن سان ڳالهائي ڏسي- ڪهڙي بہ زبان ۾.

لطيف وٽ وحدت جو نظريو آهي جنهن کي هاڻي تاريخ جو هيڪڙائي وارو يا سماجي توڙي فطري وايو منڊل جي هڪ ئي وسيلي وارو نظريو (Monoist view of history) چئجي ٿو. ان نظرئي جي سچائيءَ کي اتڪل بازيءَ ۽ نڳي ۽ ٻيائيءَ وسيلي ورهائي نٿو سگهجي. جن ان کي ورهايو تن انسان ذات کي هاڃو رسايو.

”وحدت تان ڪثرت ٿي“.

ڪثرت وحدت ڪل

حق حقيقي هيڪڙو

ٻولي ٻي مَ پَئِل

هو هلاچو هُل،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بالله سندو سجڻين.“

لطيف جي ذهن ۾ سائنسي، ترقي ۽ سماجي علمن جي ايتري اوسر ڪو نہ ٿي هئي، جو اهو نظريو ڪا ٺوس (Material) شڪل وٺي سگهي ها. پر هاڻي اهين ثابت ٿيو آهي، تنهن ڪري ڏڏڙ ۾ پير هڻڻ بيڪار آهن.

وحدت زندگيءَ جي شروعات آهي، اوسر آهي، وڏو ڦهلاءُ آهي ۽ هڪڙو بنيادي سچ آهي. البت ان ڳالهہ کي پرکڻ، هن ڏرينڊي واري دنيا ۾ هر ڏر جي پنهنجي عملي مفادن واري سوال سان واڳيل آهي. ان جي باوجود سماجي توڙي طبعي علم، فلسفي جي هن سوال تي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهن.

بيائي وارو ورتاءُ، انسان کي پنهنجي پاڻيءَ مان ڪڍي ڇڏيندڙ ڪيس انسان جي سگهہ ۾ ويساهہ رکڻ کان پري ڪندڙ ۽ روحاني طرح هيٺو ڪندڙ آهي. اهين انسان هڪڙي تابعدار قسم جي مخلوق جيان، پنهنجي وجود جي اصل حيثيت جي سامهون ڪرپ جهڙو مڪروهہ پوڳ بنجي پوي ٿو. وحدت جو تصور دنيا جي لاءِ ڪا اوپري شيءِ ڪانهي. اهو يونان جي ڏاهن کان وٺي، مذهبن کان ٿيندو هن نندي ڪنڊ جي صوفين تائين هلندو آيو ۽ يورپ ۾ اهو هڪ تجرباتي دور ۾ داخل ٿيو ۽ نتيجي ۾ بيائي کي هاڃو رسائيندڙ عمل ثابت ڪيو ويو. شاهہ لطيف، انسان کي هاڃو رسائيندڙ يا پٿڪائيندڙ واٽ تي وٺي وڃڻ وارو ماڻهو ڪو نہ هو.

هو انساني قدرن ۽ حياتي کي ڏاڍي خبرداريءَ سان سنڀالڻ واري سلسلي جو حصو آهي. پر اها اهڙي هلت آهي جنهن تي بيائي سان پريل هن دنيا ۾ هلڻ معني، پاڻ کي ڳچيءَ ۾ رسو وجهڻ. تاريخ جي هر دور ۾ هڪ وحشي سگهہ اختيار جي آڏار تي انسان کي پنهنجا ڦٽ چٽڻ تي مجبور پئي ڪيو آهي.

ان ڪري:

”اڳهي اڳهائي، رنج پريان کي رسيو
چڪيم چڳائي، سورانگهي سوريءَ تان.“

وحدت جي بنيادي نظرئي سان بيون سڀ سماجي ساڃهون واڳيل ۽ لاڳاپيل آهن. شاهہ لطيف، پنهنجي ڏيهہ جي ماڻهن جي گهٽائي کي سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي جاگيردار حڪمرانن هٿان پيڙجندي بہ ڏٺو ۽ ساڳي وحشي سگهہ جو آڏار تي، ٻين جا ملڪ لتاڙڻ وارن گهوڙيسوارن کي بہ. پنهنجو ڏيهہ لتاڙيندي، ڏيهہ واسين کي ڦٽڪندي ڏٺو. ان پس منظر ۾ شاهہ پنهنجي ڏيهہ جو ڀرپور اظهار آهي. ان اظهار ۾ اخلاقيات بہ آهي، تاريخ بہ آهي، جاگرافي بہ آهي، سياسي سمجهہ بہ آهي ۽ سمورن ڏسن سميت هاري ثقافت بہ آهي. ماڻهن جي سگهہ ۽ سگهہ ۾ ڀروسي تي گهات هڻڻ وارن پوائتن تصورن جي منهن تي چماٽون بہ آهن. اهي ئي آدرش آهن جيڪي پٽائي کي عالمي، آفاقي ۽ دائمي حيثيت ڏين ٿا. جو تہ ڪو ڪيڏو بہ وڏو ڏاهو ماڻهو هجي، پر ان کي پنهنجي سماج کان ڇني ڌار ڪرڻ واري ڳالهہ ڪو ثابتين سان ڇنڊي ۽ طئي ڪري ٻڌائي تہ ان ڏاهي ماڻهوءَ جي حيثيت کي ڪهڙي انساني خاني ۾ ماپائي سگهبو؟

شاهہ سائين پنهنجي ڏيهہ جي ماڻهن جي هڪ هڪ معصوم احساس ۽ جذبي کي روپ ڏنو آهي. نہ رڳو ايترو پر سندن ساڃهہ ۽ هوش حواس وڃائڻ لاءِ پڻ، ڇاڪاڻ تہ رڳو جذبن جي ولوڙ گهٽي ڪانهي ان ڪري وات بہ ڏسيندو آيو آهي. اها ساڳي وات، جيڪا هر ڪنهن هينئين منجهہ هُري تہ پئي، پر هڪ ترتيب سان اظهار جو ويس نہ ڍڪي سگهي هجي.

سسئي واري داستان ۾ زندگيءَ کي قائم رکڻ لاءِ لاڳيتي جدوجهد ۽ ويڙهاند آهي. ان راهہ ۾ موت جو پوائتو روايتي تصور رنڊڪ ڪندڙ آهي. موت کي آڙ بنائي هراس ڏيئي ماڻهن کي تاريخي طرح بليڪ ميل ڪيو ويو آهي، پر ڀٽائي جي سورمي، سسئي پنهنجي مقصد سان ايڏي تہ ڇهتيل آهي، جو:

"اڇي عزرائيل، ستي جاڳائي سسئي،
تي ڏوڙائي دليل، تہ پنهونءَ ماڻهو موڪليو.

زندگي پيار آهي ۽ موت ان جي پڄاڻي آڻيندڙ حقيقت اهي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي پر ان جو مطلب اهو بہ ڪونهي تہ ماڻهو پيار مان، ٻين لفظن ۾ زندگيءَ مان هٿ ڪڍي ويهي رهي. ان کان سواءِ موت ڪا اهڙي اڻ ڏٺل آفت بہ ڪونهي جو ماڻهوءَ ۾ غير ضروري جياپي جو حرص پئدا ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوي ۽ پنهنجي شخصي جياپي لاءِ يا پارٽ تان موت کي ٽارڻ لاءِ ٻين کي ٻوهي ۾ ڏيئي ڇڏي شخصي زندگي. جيڪڏهن هڪ ڏينهن جي به آهي ۽ اها سقل ۽ ڪارائتي گهارجي ٿي ته پوءِ موت ان جي اڳيان ڪا حيثيت نه ٿو رکي. ان ڪري مسئي جڏهن پنهنجي مقصد سان سچائي رکنديءَ جياپي کي جاري رکي ٿي ۽ ان صورت ۾ وٽس موت اچي ٿو ته موت کان نه ڊڄڻ هن لاءِ هڪ عام ڳالهه ٿيو پوي. باقي اجائي گذرندڙ زندگي، موت کي ائين اکين اڳيان ڏسي، ڏڪندي نه ته ٻيو ڇا ڪندي؟ لٽ سرداري ۽ داداگيري ڪندڙ ڏريون ته موت جي پاڇي کان ئي ونءُ ويندبون آهن. لطيف سائين مٿيون بيت چئي، موت جي طرفداري ۾ ٿيل سموري پروپئگنڊا جي هوا ڪڍي ڇڏي آهي. ڇاڪاڻ ته مقصد جي راهه ۾ ڪا به هيڪلي زندگي اهميت واري رڳو هوندي ئي ان ڪري آهي ته اها مقصد سان توڙ نڀائي. شاهه سائين موت کي جيڪڏهن اهميت نه ٿو ڏئي ته ان جو هڪڙو سبب هي به آهي ته موت جيڪڏهن هڪڙن کي هٽائي ٿو ته زندگي ٻين کي انهن جي جاءِ پرڻ لاءِ آڻي ٿي. موت کي به زندگيءَ کان پري ڪري نه ڏسڻ گهرجي. هر ڪا ڳالهه هڪ ٻئي سان لاڳاپيل هوندي آهي.

هر ڪا ڳالهه ٿي ڪنهن ڳالهه سان ائين ئي لاڳاپيل هوندي آهي، جيئن عمرڪوٽ ۽ ملير. اهي ٻئي هنڌ ٻڌائي جي عمر مارئي واري داستان جي حوالي سان، توڙي جو هڪ ٻئي جو ضد آهن. پر ابتڙن ۾ به ڳانڍاپو هوندو آهي. اهي اڪيلا ۽ هڪبئي کانسواءِ ڪو نه هوندا آهن.

عمرڪوٽ به هڪ ماحول آهي ۽ ملير به. ٻنهي جون وصفون جدا جدا آهن. عمرڪوٽ ۾ ڪوٽ جو حاڪم آهي، جيڪو لٽ ڪٽي ٻين جا مٿان پيجڻ جو ڪم ڪري ٿو. اتي هڪڙي اهڙي جوڙجڪ (Establishment) آهي جيڪا وزيرن، چارين ۽ محصولن جي ٿنڀن تي ٽيڪيل آهي ۽ جنهن کي قائم رکڻ لاءِ:

"ڳچيءَ ڳانا لوهه جا،
زيريون ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾،
ڪوٺين اندر ڪير،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاري چوگانن ۾
واهيت ڪن وزير.“
مارو چام مليز.
پڇج ڪين پنهور کي
ان جي پيٽ ۾ ملير آهي،
جتي:
”نڪا جهل نہ پل،
نڪو رائر ڏيهہ ۾
آٽيو وجهن آهرين،
روڙيو رتا گل،
مارو پاڻ امل،
مليرون مرڪٽو.“
جتي ان ڪري ڪنهن کي جهل پل ڪانهي جو اتي، رائر يعني محصول يا ٽيڪس وارو سرشتو ڪونهي بلڪ جتي:
”پاٺهين پڇي پيئون،
ريءَ واهيت ريءَ واڙ“
ڪنهن بہ هڪ ماڻهو کي مالڪيءَ ڪري ڏنڊو ڪٽي، ليڪا ڪڍي، ايڪڙ ۽ جريب ٺاهڻ جي اجازت ڪانهي. اهو آهي ملير ۽ ملير جا ماڻهو:
”توري قوت قرارئا،
رهن سبر ستہ“
لطيف سائين جو ٺاهيل اهو ملير وارو نقشو ڪو خيالي نقشو ناهي. هن، واهيت، واڙ محصول، لوهي پيڪڙن، هٿ ڪڙولن ۽ جهل پل جي اصطلاحن کي بنا رنڊ روڪ جي رد ڪري انهن کي انسان جي آزاد ترقيءَ جي راهہ ۾ رنڊڪ سڏيو آهي. ائين بہ ناهي، تہ ملير ۾ ڪا چڙواڳي ۽ انارڪي (Anarchy) آهي. اتي جي وطن چاين جو ستر ۽ ڍڪ ئي برپٽ ۽ ريگستان آهي. اتي آڪڙ ۽ ڦوڳ ڪانهي، پر ”پاڻ نہ پسن پاڻ کي ويچارا بي باڪ.“ يعني بيباڪ هئڻ جي باوجود ويچارا آهن. وڏن مڪمل انساني


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اخلاقي قدر آهن. لچ اهي ۽ ساڃهه آهي. انهن سڀني ڳالهين ڪري ئي ماروئڙ سان ساهه سنهيءَ سٺيءَ سان سبيل آهي ۽ ڳانڍاپا "ڪُن فيڪون" کان به اڳ جا آهن.

مارئي، هڪ اهڙو معصوم ڪردار آهي، جنهن کي پنهنجي ماحول کان ڌار ڪرڻ، محيءَ کي پاڻيءَ کان پري ڪرڻ برابر آهي ۽ اهڙو ڏاڍ، فقط حاڪم طبقن هٿان ئي ٿئي ٿو.

حاڪمن وٽ سچائي ۽ محبت جون اهڙيون ڪسوٽيون آهن، جيڪي ملير وارن لاءِ ڪوٽيون هونديون آهن. اهڙي ڪردار کي اوچتو هڪ اوپري ماحول ۾ آڻي هن جي وجود سان جيڪا ويساهه گهاتي ٿئي ٿي، تنهن جي ڪٿ ڪيئن ڪري سگهبي؟ آهي ڪو اهڙو ماڻ؟ جيڪڏهن نه، ته پوءِ انسان جي بنيادي آزادين تي گهات ڇو؟ ملير ۽ عمرڪوٽ جي وچ ۾ ٻنهي ماحولن ۽ معاشرن جي عيوضين (مارئي ۽ عمر) جي وچ ۾ ٿاهه جي ڪا واٽ ڪٿان ڳولي سگهبي؟ اتي جيڪو عمر جو پاسو وٺي ۽ جيڪو جند ڇڏائڻ لاءِ چوي ته اسان جو ڪجهه نه وڃي، اسين ته ٽياسين وچ وارا. يا اجا اهڙي حالت ۾ به چوي، ته هر ڪو پنهنجي جاءِ تي خوش هجي، ته ان کان مٿاهين ٻي ڪا منافقي ڌرتي جي هن سچي ڳولي تي ٻي ڪهڙي ٿيندي؟.

اهي ٻئي سانڊيا ڳاڙيا ۽ پاڻ ۾ ٻٽ آهن. جيڪا به چڱي ڳالهه ڪين ٻڌائبي، يا ڪين ٻڌڻ ۾ ايندي ته ان مان پنهنجا مطلب ڪڍندا. سچ کي ڪوڙ ڪندا ۽ اهڙو تاثر ڏيندا جڻ هنن جي ڪنن اصل ڳالهه ٻڌي ئي ڪانهي. ان ڪري ڀٽائي ڀلارو اهڙن ماڻهن کي چوي ٿو:

"هي ڪَنَ ڳاڌا وڪٽي
ڪن ڪي ٻيا ڳنهيج،
تنهين ساڻ سٽيج، پريان سندي ڳالهڙي"

پر جن ماڻهن جي سچ سان لنئون لڳل آهي، جن ڪاهوڙين کي پنڌ جو اوسيئڙو آهي يا جيڪي ڪڏهن به سک سان ڪو نه سمهيا آهن، تن تي ڪر جو اثر ڪونهي ٿيٽو:

"ڪر ڪاريندو سي،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مانُو جن پريتڻو
جوش جلايا جي،
ماري تن مات ڪيو.“

۽ پٽائي اهڙن من ۾ مدي رکڻ وارن سان بہ ڏاڍي رعايت ٿو ڪري هنن کي پنهنجي منطقي ۽ عقلي پچاڻي تي ٿو پهچائي. ساڻن اهڙو وڙ ٿو ڪري، جيئن، ”جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.“ ۽ اهو وڙ پلن ماڻهن جو دائمي وڙ آهي.

”الا کر جيئن، مدي جنين جي من ۾،
اسان ۽ پرين جون اميدون پسن،
تهان پوءِ مرن، سڙي انهيءَ سور ۾.“

چڱائي ۽ خرابيءَ کي ڇنڊي ڇاڻي، هر ڪنهن کي پنهنجي جاءِ تي بيهاري، لطيف سائين دنيا جي اڳيان وڏيون پڌرايون ڪيون آهن. اهو سڀ ڪجهہ جنهن فنائتي شاعراڻي ڏانءَ سان ڪيو اٿائين ان ڪري لطيف هر دور جي پلن شاعرن جو همعصر ٿيندو ايندو. ڇو تہ سچ ڪو عارضي شيءِ ڪانهي. اهو اڻ ٽر آهي. دائمي آهي.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر ڏهر تاريخ ۽ فلسفو

*ايع* ٽي سورلي پنهنجي ڪتاب "شاهه عبداللطيف آف ڀٽ" جي ٻئي حصي شروع ٿيڻ کان اڳ آئزڪ واٽس جي شاعريءَ جا ٽي بند ڏنا آهن، جن مان ٻئي بند ۾ شاعري چوي ٿو:

"منهنجي روح جي نئين سر تخليق ڪر،
ٻي صورت ۾ سموري پوڄا اجائي اٿم.
هيءَ چيٿاڙيل دل ايسين سچي نٿي ٿي سگهي
جيسين ان کي ٻيهر نئون جوڙيو وڃي."

دل کي ٻيهر جوڙڻ جي شاعرانِي تصور پٺيان تباهيءَ جي هڪ سڄي ساري دنيا آهي، جنهن ۾ سڀ ڪجهه ختم ٿي چڪو آهي. سمورين سطحن تي دليون ليٿاڙجي ويون آهن ۽ هو هڪ بي مراد، بي مروت ۽ ختم ٿيل ماحول آهي. تمام وڏا الميا خوشين محبتن مٿان چنگيزي غنيمن وانگر گهمي ويا آهن. زندگيءَ جي امنگ سان ڀريل دل ڳولئي نٿي لڀي، اجڙيل دلين سان زندگيءَ جي سونهن نٿي موٽي. انهن جي هر عبادت، هر عمل اڪارث آهي. ان ڪري روح کي نئين سر تخليق ٿيڻو آهي ۽ دل کي ٻيهر جڙڻو آهي.

نئين جيئاپي لاءِ عشق جو جام پيئڻو پوندو. سچل سائين اها ئي ڳالهه ڪري ٿو "جنهن دل پيتا عشق دا جام سا دل مستون مست مدام". شاهه سائين ان گهرج کي روح جي گهراين سان سمجهندي پنهنجي تباهه ڏيهه جي روح ۽ دل کي ٻيهر جوڙڻ جو ڪم هٿ ۾ کڻي ورتو. سنڌس تباهه


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيون. تحقيق ۽ کوجنائي لحاظ کان شاهه تي ڪو به ڪم نه ڪيو ويو آهي. ايستائين جو ڊاڪٽر ٽرمپ واري ڀٽائيءَ جي ڪلام واري نسخي کان اڳتي جڏهن مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي، شاهواڻي ڪلياڻ آڏواڻي ۽ علامه آءِ آءِ قاضي جي نسخن تائين پهچون ٿا، ته مونجهارا جيئن پوءِ تيئن وڌن ٿا. گڏ ڪيل بيتن تي اتفاق ناهي، معنائن ۾ فرق ملندو تشريحون عجيب غريب ڪيل آهن ۽ اسان ڏسون ٿا ته رهون به ويهين صديءَ ۾ پيا. پر اهو ڪنهن جو ڏوهه ناهي. انگلينڊ ۾ پندرهين ۽ سورهين صديءَ جي فنڪار شيڪسپيئر تي اڄ به جيڪا کوجنا هلي رهي آهي ان جي معاوضي تي اٺ هزار ماڻهو روزگار سان آهن ۽ پلجن پيا. اسان وٽ هڪ به ماڻهو ناهي جيڪو ڪل وقت، شاهه تي ڪم ڪري ۽ ان پنهنجي ساري حياتي شاهه جي مطالعي ۽ کوجنا کي ڏني هجي. جيئن جيئن وقت گذري رهيو آهي، تيئن اهو سوال زور سان ذهنن ۾ وراڪا ڪري رهيو آهي. جواب ايستائين نه ٿهندو جيستائين ٻين مصلحتن سان ناتو نباهڻ بدران شاهه سان توڙ نباهڻ جي نيت نٿي ٿهي

اهي سڀ ڳالهيون هتي ان ڪري چاڻايون ويون آهن، جو سر ڏهر تي ٿوري غور ڪرڻ سان وڏا اسرار سامهون اچن ٿا. جن جي ضروري پاسن کي ڇهيو ئي نه ويو آهي. اصل ۾ ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي، شاهه تي جنهن نوعيت سان ڪم جو بنياد رکي ويو آهي. ان کي اڳتي وڌائڻ، هتي جي مدي ڪاڏل روين جي فائدي ۾ نه هيو. ڊاڪٽر سورلي، اسان جي سائين کي تاريخي تناظر ۾ ڏٺو ۽ سامهون آندو؛ هن اهڙو هڪ عمومي پر نهايت جاندار مطالعو پيش ڪيو جنهن سان شاهه سائين، ڪلهوڙن حاڪمن جي مرشد هئڻ واري شخصيت نه پر هڪ اهم تاريخي هستي ٿي سامهون اچي ٿو ۽ اسين اصل ۾ تاريخي هستيءَ تي ئي فخر ڪريون ٿا. ڊاڪٽر سورلي جي ذڪر هيٺ آيل تصنيف جي ببليوگرافي اٺن صفحن تي ۽ عام تاريخ، سنڌ جي تاريخ، ننڍي کنڊ ڏانهن سير سفر تي ايندڙن جي تصنيفن، مضمونن، خاص مطالعن، بمبئي حڪومت جي رڪارڊ، ادبي، شاعري، تصوف، مذهب، جماليات، تنقيد ۽ فلسفي جي ساڍن ٽن سون جي لڳ ڀڳ لکيتن کي چاڻائي ٿي. ڊاڪٽر صاحب هڪ تمام وڏي روايت جو بنياد رکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورا مکيہ ذاستان ان ئي جاگرافيائي خطي سان لاڳاپيل آهن. سسئي جي عنوان سان پنج مغز سنڌوءَ جي ڊيلٽائي علائقي جي شهر ڀنڀور ۽ مڪران سان ڳنڍيل آهن جيڪو واپاري رستو بہ هيو. سورٺ جهونا ڳڙهہ رياست ۽ تہ مومل جي ڪاڪ بہ ڊيلٽائي ايراضي ۾ آهي. مارئي جو داستان بہ ان ساڳئي جاگرافيائي خطي جو آهي. موکي ۽ متارن جو داستان ڪوهستان جو آهي ۽ شاهہ جي هنگلاج ۽ لاهوت واري سر رامڪليءَ جو رستو ئي متارن جي قبرن وٽان متجي ٿو. سر بلاول ۾ سندس سورهيہ دودن جون ۽ سندن سامون جهليندڙ ابڙن جي علاءالدين جي لشڪر سان ويڙهہ بہ بدين جي ڏکڻ ۾ روپا ماڙي ۽ هاٽوڪي هندستان جي وڳهہ ڪوٽ ۾ ٿئي ٿو. سارنگ ۾ جن سنگهارن تي مينهن وسائڻ لاءِ پٽائي آسائتو رهي ٿو يا جن ساموندي بندرن تان وٽجارن جي اچ وڃ ٿي اهي سڀ سنڌ جي ڏاکڻئين حصي سان واسطو رکن ٿا ۽ گهاتو بہ ڪلاچيءَ جي ڪن تي ويٺل آهن. ان ڪري ڏهر جي جاگرافي بہ ٻين سرن واري ساڳي هجڻ ڪا عجب جهڙي ڳالهہ ناهي،

جاٽايل حدن اندر جيڪي بہ تاريخي واقعا ٿيا آهن، جن منجهان محبتن، وڇوڙن ۽ حڪومتن جا داستان جنم وٺي قصن ۽ شاعرين جي تخليقي عمل منجهان گذري اڳتي وڌي آيا، تن جي پٺيان فطري ۽ طبعي حالتن جو بنيادي هٿ آهي. مثال، سر ڏهر جي جن حدن جو ذڪر ڪيو ويو تن ۾ سنڌوءَ ۽ هاڪڙي درياهن ۾ جاگرافيائي نوعيت جي تبديلين تاريخي ڦيريون گهيريون آنديون. ڍوري جي سڪي وڃڻ واري واقعي کي پٽائي ائين ڏسي ٿو جيئن تربيلا ڊيم ٺهڻ کانپوءِ ٺٽي ضلعي جي پڇڙيءَ وارين ايراضين ۾ ڪچي جو نالو نشان ڊهي ويو هجي. ڍوري سڪڻ جي جنهن الميئي تي پٽائيءَ بحث ڪيو آهي، ان جي پسمنظر کي سمجهڻ کانسواءِ اها تباهي ڪا شڪل نہ وٺي سگهندي، اها ئي جاگرافيائي ۽ طبعي صورتحال آهي جنهن سان قديم توڙي تاريخ جي وچولي عرصي تائين سنڌ هڪ قومي وحدت واري تصور جي مالڪ رهي، جنهن کي جيئارڻ لاءِ سنڌي جيوت ۾ هڪ امنگ ۽ چرپر نظر اچي ٿي ۽ اها معلومات، يا ڪٿائون، داستان توڙي شاعرانا اهڃاڻ، علامتون ۽ تمثيلون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصو سنڌ ڊوري رڪ ۾ لھاتو ڊورن منجھان گذريو ھي اتر سنڌ جي ايراضيءَ ۾ آيل تبديلين بابت آھي ۾ ان سان گڏ ڪڇ ۾ رڻ جي خطي ۾ ڌرتيءَ جي پنھنجي اندروني تبديلي واري سرگرمي تي جنھن سان رڻ جي ايراضي وڌي رڻ جو پيٽ وڌيو ۾ ان اتر اوپر توڙي ڏکڻ ۾ پاڻ پکيڙيو. اھڙي ريت ڪڇ ۾ ڪانيا واڙ سنڌ کان ڪٽجي ويا جن جو لکين سالن کان سنڌ سان ڳانڍاپو ھيو.

سنڌوءَ جي ڪھاڻي اڃا اڳتي ھلي ٿي، جڏھن تہ ھاڪڙو 1226ع تائين خشڪ ٿي ويو ۾ ان کي گھر ٿيل درياھ بہ سڏين ٿا ۽ ان ڪانپوءِ تاريخ ۾ آبادي جي وڏي لڏپلاڻ ملي ٿي ۾ تر جا ڪيئي شھر زوال جي وچن ٿا. خاص ڪري ننگرپارڪر جي ڏکڻ ۾ پرينگر ۾ ويا واھ. ھاڪڙو نہ رڳو ڪڇ ۾ گھر ٿيو پر مٿان جنھن وسيلي کان ايندو ھيو اتان بہ ڪٽجي چڪو ھو. سنڌو پنھنجو وھڪرو 1340-1317ع واري عرصي ۾ بہ بدلايو. نئي جي اتر ۾ جھوڪ جي ويجھو ڪلري بگھاڙ جي وچ تي. ان جي ريٽي شاخ معمول موجب وھندي رھي. پر گونگڙو شاخ ختم ٿي ويئي. گونگڙو تي سومرن جي گاديءَ جو شھر طور ھيو. گونگڙو جي وھڪري ختم ٿيڻ سان طور جي آئيندي جا دروازا بند ٿي ويا. طور شھر جاتيءَ جي پرسان چيو وڃي ٿو. لطيف سائين جي سر ڏھر ۾ طور جي حوالي سان ھڪڙو بيت ملي ٿو جنھن مان زندگيءَ جي ڀرپور سرگرميءَ جو ڏس ملي ٿو:

جڏھن ڏاڳي ڏور، ھئي وھن ھليار ۾.

تڏھن تازڙيون طور، ھئو سو دن سين.

پروفيسر آڏواڻي وري نسخي ۾ طور سان گڏ تازڙين کي تاجڙيون بہ ڄاڻايو ويو آھي جن جي ھڪ معنيٰ تازي گھوڙا ڏني ويئي آھي، تہ ٻي پڙھڻي ۾ انھن کي تاجڙ ذات جا ھاري بہ ٻڌايو ويو آھي. سودن کي واپاري ۾ وڻجارا سڏيو ويو آھي، جڏھن تہ علامہ آءِ آءِ قاضي جسودن ۾ ھڪ ٻئي بيت ۾ ايندڙ جسراج ٻنھي کي لاڙ جا حاڪم سڏيو آھي.

مٿين معلومات (حوالا) محترم ايم ايڇ پنھور جي گڏ ڪيل آھي، جڏھن تہ پروفيسر ماٽڪ پٿا والا "اي فزيڪل ائنڊ اڪنامڪ جاگرافي آف سنڌ" ۾ اليگزينڊر ھيگ جي "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري" ۾ بہ سنڌ ۾ پاڻيءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندو.

اسان جي پنهنجي جوءِ جون شيون ماڳ ۽ مڪان به گم ٿي ويا. جسودن ۽ جسراج لاڙ جا حاڪم آهن يا وڻجارن جي ڪا ذات آهي، سو فيصلو ڪير ڪري

"جان جر هٿڙو سير
تان تون مڇ نه مو ٿئين،

هن بيت ۾ جاٽايل سير اها پنياري آهي جيڪا محقق سورهين صديءَ جي اڌ ۾ ٺٽي ۽ عمرڪوٽ جي وچ واري ايراضي تي ڄاڻائين ٿا. يا تازي پاڻي واري معنيٰ ۾ آهي. اتي اسان کي تاريخ جو سهارو وٺڻو پوندو.

تاريخ:

سُر ڏهر ۾ تاريخ جا انيڪ ڪردار آهن، جيڪي مختلف زمانن سان واسطي ۾ رهيا. لاکو ڪنگهار چينچل، جسودن، سجراج، سنگهار ڏهر جي خاص ڪردار آهن، جڏهن ته سما، جاڙيجا، لاکا، (سپ سماٽ) جست، اوڏ، ربهاري، راجپوت ٺاڪر، سنگهار ذاتيون به ان ۾ اچي وڃن ٿيون. لاکو مکيه ڪردار آهي، جنهن لاءِ پراڻ کان پڇيو ويو آهي ته ان اهڙا ڪي ڏٺا آهن،

"جهوني تون پراڻ، ڏينهن گهٽيرا، سنيرين،
لاکي جهڙا هاڻ تو ڪي ڏٺا پيڙا (پيڙا)
۽ لاکو اهو آهي جيڪو: "ٻني ٻهڻ نه ڏئي، جهري وئي جهوڪ،
لوٽي مٽان لوڪ، لاکي لک لڏائيا"

اسانجي داستان ۾ لاکو لوڙون ڪري ٿو ڌاڙا هڻي ٿو ۽ سندس ڪاررواين جي ڪري سموري خلق ڏول ۾ آهي. شاهه سائين لاکي جي سرگرمين جي صحافتي رپورٽنگ ڪئي آهي. هن جي ڪارروايـن جا جيڪي اثر آهن، سي رپورٽ ڪيا اٿس ۽ خبردار به ڪيو اٿس ته لاکو لوڙون پيو ڪري، سمن ۽ جاڙيجن کي سک ٿي نه سمهڻ نه کپي. لاکي، اوڏن کي به لڏائي ڇڏيو آهي. ڪاڇي ۽ ڪوهيار کان وٺي. ڪيچ تائين لاکي جون سرگرميون آهن.

ڪاڇي پئي ڪوڪ، سچ ڪ سنگهارن لڏيو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڪا لڳئي ڏينهن، ڪاري ريءَ ڪيئن گهارئين،
مٽان وسي مينهن، واتون ولين ڇانئيون"
پوءِ وري اسان جو شاعر لاڪي جي رومانس جي ڳٽتي به رکي ٿو:
ريبارڻ ريجهاءِ، لاڪو لولاتين سين.....
سائومان سنڌياءِ، نَتَ مٽائي ٿاڪرو.
....... لاڪي سان ڪجهه هجتون، ڪا پنهنجائپ به آهي جنهن جي
حوالي سان ڪيس سفارش ٿي ڪجي:
پڪا لج سنڌياءِ، اوڏا اڳلي آهيان،
پڪا سي پرتاءِ، جي اجهي تنهنجي اڏيا.
سوال ٿو پيدا ٿئي، ته اهو هڪڙو لاڪو آهي، يا سنڌ جي تاريخ جو ڪو لاڳيتو ۽ مستقل ڪردار آهي. هي ڪهڙو به لاڪو آهي، ته به شاهه جي ساڻس پنهنجائپ هجڻ ۾ شڪ ناهي. فقط ڪي شڪايتون آهن، ته پنهنجن ماڻهن لاءِ آزار نه ٻڌج. سڏوسنئون سندس ڏرتي نعرا هڻڻ واري روش شاهه جي فڪري روين جي شان وٽان نه آهي. ڪيس انتهائي تمثيلي ڪردار ڪري ڳائڻ، شاهه "لڪا پٽن لوڪ ۾" واري حڪمت عملي جو حصو آهي. سياسي طرح لاڪي جو پس منظر جيئن ته ڪڇ سان ڳنڍيل آهي تنهن ڪري اقتداري ڏرين وٽ، لاڪو پوءِ ويندي شاهه سائين جي ڏينهن تائين حڪومت مخالف ڪردار جي علامت سمجهيو وڃڻ ممڪن آهي. ڪڇ سان لاڪي جي نسبت، سنڌ تي قابض ڏارين يا سندن ڏن پرو اطاعت گذار حاڪمن لاءِ ڪنهن به حالت ۾ چڱيءَ نظر سان نه ڏٺي ويندي هئي. ان جو سبب آهي، ته عربن جي سنڌ تي حملي کان پوءِ، توڙي غزنوي گهراڻي جي راڄ وارن عرصن ۾ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جيڪا به ويڙهه هلي آهي ان ۾ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ کان مدد ملندي رهي آهي. خود ارغونن ۽ ترخانن خلاف ٿيندڙ چڪرين ۾ ڪڇ کان مدد ملندي رهي آهي. ارغونن جي ڏينهن ۾ ته سنڌ کان وڏي پئماني تي ڪڇ ڏانهن لڏپلاڻ ٿي ۽ اتان علمي توڙي عملي ميدان ۾ ڏيهه تي ڏارئي راڄ جي مزاحمت ٿيندي آئي. لاڪو ان مستقل ويڙهه جي علامت آهي. جڏهن به ڏيهه تي ڪو ڏکيو ڏينهن آيو آهي، ته لاڪي پنهنجي واٽ ورتي آهي. سندس واٽ ۾ ڪجهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوتاهيون آهن. جيڪي ڏور ڪرڻ کپن.

اهي تہ ٿيا سائين جا لاکي يا لاکن ڏانهن مختلف رويا. تاريخ جي دستاويز ۾ لاکي کي ڳوليون ۽ ڏسون تہ لاکو ڪٿي بيٺو آهي. ان ڏس ۾ اڳتي وڌڻ کان اڳ هڪ وضاحت ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي. سنڌ تي جن بہ ڌارين حاڪمن ڪاهون ڪيون آهن، سي مذهب ۽ خاص ڪري اسلام جي نالي ۾ آيل آهن. ان ڪري سنڌن مورخن سنڌين کي ڪافر سڏيو آهي. ڦرمار جو وٿن ٻيو ڪو بہ سبب نہ هو. ڌارين جي آنڌل ٻاڙي جي مورخن ڦرمار تي آيلن کي زبردست ساراهيو آهي. اها ان دور جي سنڌن گهرج هئي، جو تاريخ ئي ان وقت جي حاڪمن لاءِ ريڊيو ٽي وي ۽ اخبار ۽ اطلاعات کاتي جي هئنڌ آئوٽن وارو ڪم ٿي ڪيو. ائين ڪرڻ جا وٿن سبب هئا. جو سنڌي مذهب جي سلسلي ۾ تنگ نظري ۽ فرقيواريت کان عملي طرح نفرت ڪندڙ رهيا آهن ۽ اهو ئي سنڌن فطري مزاج آهي. ان ئي سببن جي ڪري پوڏيسر ۾ گجرات جي حاڪمن 1423ع ۾ مسجد ٺهرائي تہ 1449ع ۾ اتي ئي جين عبادت گهر بہ ٺهيو. سنڌي ماڻهوءَ جي ان عملي ڪشادگي جا سدا زنده شاهد صوفي بزرگ آهن. سنڌي مذهب جي معاملي ۾ جابر ۽ ظالم حاڪمن ٽولن وانگر نمائش باز رياڪار ۽ جنوني نہ رهيا آهن. تنهن ڪري ڌارين کين ڪافر چئي مٿن حملا ڪرڻ جا پڙ گهڙيا پوءِ حملا بہ ڪيا. فيروز شاه تغلق جي هڪ درٻاري عين مظاهر، ڄام ٻانڀيڻي ٻئي جي خلاف لکيو ۽ ڄامن کي راءِ ڄام ۽ راءِ تماچي سڏي کين هندو ڄاڻائي مٿن حملي جو جواز ڏنو ۽ پوءِ جڏهن جنگ لڳي تہ سنڌين جي شهادت کي ”ڪافر جو مرڻ“ ڄاڻايو ويو. ساڳيو نمونو مير معصوم بکري جو آهي جنهن سمورن منظم لشڪري ڌاڙيلن کي وڏي شان سان پيش ڪيو آهي. جڏهن تہ اسان جي سورهين کي هن باغي، سرڪش، شرپسند ۽ اهڙن لقبن سان ڄاڻايو آهي جيئن اهي بدنام رهن. سنڌ سان تاريخ ۾ اهڙو گارين جهڙو رويو جتي ڪٿي واضح ڏسڻ ۾ ايندو. ان پروپئگنڊا جو اثر ۽ اها پروپئگنڊا پنهنجي سر پاڻ اجا تائين هلندڙ آهي، ان ڪري باشعور ۽ محب وطن سنڌي ماڻهن لاءِ اها ڪا نئين ڳالهہ ناهي، پر پروپئگنڊا جا اثر گهڻ طرفا ٿين ٿا جن مان ڪيترن جو شڪار پاڻ بہ ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهجي ٿو.

سر ڏهر جو تاريخي پس منظر هڪ ڊگهي عرصي تي ڇانيل آهي نائين صدي عيسوي کان سورهين عيسوي صدي تائين جي ٿئين ڏهاڪي شروع ٿيڻ تائين ڪڇ ۽ سنڌ تي سومرن ۽ سمن جو راڄ رهيو. اهو سڄو سارو عرصو هڪ اصطلاح، هڪ نالي، هڪ ذات جي سڃاڻپ سان لاکو موجود ملي ٿو. البت لاکي جي نالي سان ٿي ڪردار گهٽي اهميت سان سامهون اچن ٿا. گڏوگڏ خبر پئي ٿي ته 810 کان 985ع تائين ڪڇ تي لاکي گهراڻي جي سما راجپوتن جو راڄ هيو. 810ع وليمس جي حوالي سان محترم ايم ايڇ پنهور "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" ۾ 850ع کانپوءِ ڄاڻائي ٿو: سنڌ جي سما ياڻرن ڪڇ ۾ پڳوڏ ۽ گنتري ۾ پنهنجون ننڍڙيون حاڪميتون قائم ڪيون. ان کانپوءِ موڏ جو پٽ سعد گاديءَ تي ويٺو ۽ ڪنٿ ڪوٽ کي پنهنجي گاديءَ جو شهر بڻايائين. سعد جي سهري ڏرڻ واگهيلا سمن کان جان ڇڏائڻ لاءِ سعد کي زهر ڏئي ماري ڇڏيو. ان وقت سعد جو پٽ ڦل ڇهن مهينن جو هيو جنهن کي ٻانهي ٻولادي سنڌ ۾ آندو جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته پنهنجو پٽ سهائي ڦل کي ڪٽي آئي. ڦل جي پالنا سنڌ جي سمي شهزادي دولهڙي ڪئي. ڦل وڏو ٿي ڪڇ هليو ويو ۽ وڃي پنهنجي ناني ڏرڻ واگهيلا کي للڪاريائين. جنهن ڪيس ٿڏو ڪري، پنهنجي هڪ مائٽياڻي سان سنڌس شادي ڪرائي ۽ ڪيس سنڌس پيءُ وارا علائقا واپس ڪيا. پر پهريون موقعو ملڻ تي ڦل ناني کي ماري ڇڏيو... ڦل ڏهين صديءَ جي ٻي چوٿائي جي اڌ تائين حڪومت ڪئي ۽ سنڌس جانشين پٽس لاکو ڦلاڻي ٿيو. ساڳيو مورخ اڳتي ساڳي حوالي سان ڄاڻائي ٿو ته 979ع ۾ ڪڇ جي حاڪم ڦل جو موت ڪانياواڙ ۾ چاوڙن سان لڙائي ۾ ٿيو اهو به ڄاڻايو ويو آهي، ته ڦل هڪ خانه بدوش خوبصورت ۽ ذهين رباري ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي هئي، جنهن مان لاکو ڦلاڻي ڄايو ۽ جوان ٿيڻ تي پنهنجي پيءُ سان اٽڪي سنڌ ڇڏي ڪڇ هليو ويو ۽ انيل پڪ جي چاوڙي حاڪم وٽ اچهو ورتائين ۽ سورمي ۽ ذهين سياستدان جي حيثيت سان ڏاڍو ناماچار ٿيس. هتي جنهن رباڻ خانه بدوش ڇوڪري جو ذڪر آيو آهي، سا اسان جي شاعر جي سر ڏهر جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متحرڪ ڪردار آهي. وري ڳالهه ملي ٿي تہ لاکي جن چاوڙن وٽ پناهہ ورتي تن جي ڦل سان لڙائي ٿي ۽ ڦل مارجي ويو هو جنهن ڪانپوءِ لاکو ڦلاڻي تخت تي ويٺو. لاکي ڦلاڻي جي سياست ۽ حڪومت جا ڪجهہ وڌيڪ تفصيل بہ ملن ٿا. پر سندس ڪارروايون وارو علائقو گهٽي پاڳي ڪڇ ۽ ذڪرڻ سنڌ آهي. تاريخ جي قرطاس تي هڪڙو بيو لاکو 1175 ۽ 1215ع جي عرصي ۾ سرگرم نظر اچي ٿو. لاکو جاڙيجو سمو هيو جنهن 1175ع ۾ اوڀارئين ڪڇ جي گادي ڪنٽ ڪوٽ تي قبضو ڪيو. هن سڄو ڪڇ پنهنجي حاڪميت ۾ آندو ۽ سندس گهراڻي جو راڄ ڪيئي سال هليو. لاکي جي مرڻ تي سندس پٽ راڌڻ ويٺو ۽ ذڪرڻ سنڌ جي جاٽن کي بہ مطيع بڻايائين جيڪي سنڌ کان لڏي ڪڇ هليا ويا. مڪاني روايتن موجب سندس دور ۾ ڪڇ جو رڻ خشڪ ٿي ويو. 850ع ۾ جڏهن ڪان ڪڇ تي لاکي گهراڻي جي حڪومت قائم ٿي تڏهن کان سنڌ ۾ عربن ۽ پوءِ غزنوين خلاف لاڳيتو ويڙهون ٿينديون رهيون آهن ۽ انهن جي نوعيت گوريلا ويڙهہ واري هئي. سنڌ وٽ منظم فوج نہ هئي. پر گهاتون هڻڻ ۽ راتاها ڏيڻ جهڙيون ڪارروايون هيون ۽ سومرن ۽ سمن جي اڳواڻي ۾ هلندڙ انهن ويڙهن جو مکيہ ميدان ڪڇ جو رڻ ۽ ٿر وارو علائقو هيو. راجپوت، ٺاڪر، مينگهواڙ ۽ ڪولهي سڀ جا سڀ انهن لڙاين ۾ شامل هئا ۽ سندن سپلاءِ لائين ڪڇ هيو. اها ويڙهي سنڌ ۾ سومرن جي ڏيهي راڄ قائم ٿيڻ تائين هلي ۽ پوءِ جڏهن سما دور جي پڇاڙي ٿي تہ وري بہ ارغونن خلاف ٿيندڙ مزاحمت ۾ ڪڇ جي سپلاءِ لائين جاري ٿي، توڙي جو ان عرصي تائين سنڌو ۽ هاڪڙي ذريعي مواصلاتي رشتا ختم ٿي چڪا هئا. شاهہ حسن ارغون جي ڏينهن ۾ سوني بٽ متعلق هڪ ڏند ڪٿا جو احوال تاريخ طاهري ۾ ملي ٿو جيڪو پوءِ لاکي ڦلاڻي کي هٿ اچڻ جو ذڪر آهي. ان حوالي سان لاکو ڦلاڻي شاهہ حسن ارغون جي سنڌ تي قبضي خلاف بہ سرگرم تاريخي ڪردار آهي. اهو تاريخي عمل صدين تائين سنڌ واسين لاءِ اتساهہ جو ڪارڻ بڻيو رهندو ۽ پڪ سان لطيف سائين جي اتساهہ جو سرچشمو بہ وطن جي واڳ ورائڻ واري ويڙهہ ۾ ڪم ايندڙ اهائي سپلاءِ لائين آهي، جيڪا جنگي، سياسي، معاشي ۽ ثقافتي هجرڻ سان گڏ تخليقي بہ آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاٽائيءَ ۾ اهڙا حملا ٿيل آهن. جن سان سندن ڪردار جي تاريخي حيثيت کي تہ نقصان ڪو نہ ٿو رسي، پر هنن جي ديس واسين کي هنن وٽان سمجهہ جا جيڪي پيغام پهچن ٿا. انهن کي وچ تان ئي اڏائي ڇڏڻ جي ڪوشش آهي، جنهن سان نقصان ماڻهن جو ئي آهي. ساڳئي وقت اسان جي ڪلاسيڪي ادب ۽ فڪر کي بہ هاڃي پهچائڻ ۽ نئين سوچ کي ڪانئن پري ڪرڻ جي ڪارروائي آهي.

پر، اهي حملا ڪامياب ٿي ڪو نہ سگهيا آهن. هن مهل تائين ادب، فڪر ۽ عمل جي جيڪا اوسر ٿي آهي، مخدوم بلاول، شاهہ عنايت شهيد، لطيف سائين ۽ سچل ان جا بنيادي ٿنڀا آهن ۽ مدي خارج ۽ پراڻي بيٺڪيت پرست سوچ ڏينهون ڏينهن پنهنجا ڦٽ چٽي گذارو ڪري رهي آهي.

اڄوڪي ڏينهن سچل سرمست کي ياد ڪرڻ جو ڏينهن آهي، پر نون امنگن، اتساهہ ۽ جذبن سان ورجايل لفظ روايتي عقيدت پرستي ۽ ٺلهي تعظيم اسان کي سچل جي سمجهڻ واري موقعي ڏيڻ بدران ڪانئس پري ڪندڙ آهي. اهو حاڪميت وارو انداز آهي، جيڪو اسان کي اسان جي سگهہ ڦرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اڻ جاٽائيءَ ۾ سچل لاءِ اسان جي بہ اهائي راءِ نتيجو آهي، ڊگهي عرصي تائين بيٺڪيت جي پيدا ڪيل نفسياتي ڪيفيت کي قبول ڪرڻ جو. اها عادت شرافت سان ڊگهي عرصي کان مارون کائيندي گذارڻ جو نتيجو آهي.

سچل سرمست جي وڏائي سندس شجري جي محتاج ڪانهي، نہ ئي رڳو شجرا ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي ڀلي هئڻ جو ڪارڻ آهن.

سچل جي وڏائي ان ڳالهہ ۾ آهي تہ هو اڪيلو فرد ڪو نہ هو پر ڪنهن سلسلي جي ڪڙي هو. اهو سلسلو جيڪو نہ رڳو سنڌ پر سموري ننڍي کنڊ ۾ ڪٽرپرستيءَ خلاف لاڳيتو سلسلو هو. ان سلسلي جا ڪونڌ، منصور حلاج ۽ سرمد آهن. ڀڳتي تحريڪ جي اثر کي بہ ان سلسلي کان ڌار ڪو نہ ٿو ڪري سگهجي، جيڪا سماجي ايڪتا لاءِ ڪمرڪشي ميدان ۾ لٿي هئي. واضح الاعتقادي خلاف صوفين جا باغي ٽولا ڪنهن جي وسارڻ جا ڪونهن. باقي خود انهن باغي ٽولن جي فڪر سان ڌاڙن ۽ گهاتن جي نتيجي ۾ ٿيل فڪري استحصال وري ٻي ڳالهہ آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جون تاريخي حالتون ۽ اتان جي ماڻهن سان ٿيل ڏاڍاين جا داستان، مخدوم بلاول جي گهاڻي ۾ پيڙجڻ، شاهہ عنايت جي جهوڪ ۾ شهادت، لطيف سائين خلاف نور محمد ڪلهوڙي جون انتقامي ڪارروايون ۽ ڪلهوڙن حاڪمن طرفان سنڌي عوام جي آزادي واري خواهش جي آڌار تي ويڙهاندون ڪري، وري بہ ولايتي ماڻهن جو ڏن پرو ٿيوبهڻ، اهڙيون منجهيل حقيقتون ڪونهن، جن کي سچل نہ سمجهي سگهيو هجي.

سچل بلاشڪ سياسي ماڻهو ڪو نہ هو لطيف بہ سياسي ماڻهو نہ هو. هو ٻئي سوچڻ وارا هئا، وٽن فڪر هو ۽ فڪر جو مقصد ٿئي ٿو. سچل وٽ ڀرپور مقصديت هئي. ساڳئي وقت ان ڳالهہ کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي تہ فڪر رڳو داخلي، يا الهام جي پئداوار ڪانهي. هن وٽ ماڻهن کي ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ ڪجهہ هيو. هڪ پاسي حاڪم طبقا هئا، جن جو گذارو ۽ ٺاٺ باٺ ماڻهن کان وصول ٿيندڙ ڍلن تي هو. نہ رڳو هنن جو پنهنجو گذارو ڍلن تي هو پر سچل جي دور جي ڪلهوڙن حاڪمن کي ويهہ لک رپيا پرڏيهي حاڪمن کي ڏن جا بہ ڏيڻا پوندا هئا. ڪلهوڙن ماڻهن کي آخرت جو ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي آسري تي مطيع بنائي رکيو هو پر هو هتي ئي پرڏيهين کان، سنڌ جي عوام کي ڇوٽڪارو ڏياري نہ سگهيا. نادر شاهہ ۽ احمد شاهہ ابدالي هتان سنڌ کي آيل شڪستن جا ذميوار بہ هوئي هئا. انهن ناڪاميءَ وارين حالتن ۾ سنڌ تي راڄ ڪرڻ لاءِ حاڪمن واسطي ضرور هو تہ ماڻهن جي فڪري صلاحيتن کي، سمجهہ ۽ پروڙ واري گڻ کي تباهہ ڪن جن تي هنن جي جياپي جو آڌار آهي. ڪلهوڙن حاڪمن ان گڻ کي ائين تباهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ماڻهن کي هڪ طرف مادي ڊپ ڏئي، پرڏيهي حملن جو هراس ڏياريو. پرڏيهي حملن ۾ گهرن کي باهيون لڳنديون هيون، عورتن جون عزتون لٽجي وينديون هيون ۽ معصومن ۽ ابهمن جا بہ قتلام ٿيندا هئا. اهڙو ڊپ جنهن مان ماڻهن جا هيانءَ ڏڪي وڃن ٻئي، طرف روحاني ۽ فڪري پاسي کان ملن مولوين عوام کي خدا سان پيار ڪرڻ بدران ڪين ڊيڄارڻ جو عمل جاري رکيو. ڪلهوڙا خاندان جي مشهور حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حالت تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪل ائين هئي، جيئن چنگيز خان جي بلخ، بخارا، سمرقند ۽ قندار تي حملن وقت خوارزم جي بادشاهه محمد شاهه جي، جنهن ڪڏهن به منهن ڏئي عوام کي بچائڻ لاءِ منگولن سان دوبدو جنگ نه ڪئي. نادر شاهه جي ڪاهه وقت، ميان نور محمد ڏوڪڙ پئسا ڪٽي تر ڏانهن ڀڳو ۽ ڏهه سال پوءِ يعني 1747ع ۾ احمد شاهه ابدالي جي ڪاهه وقت اچا به پري جيسلمير ڏانهن ڀڄي ويو. جتان وري نه موٽيو.

ظاهر آهي ته سچل سرمست به اهي ڳالهيون ٻڌيون هونديون ۽ انهن جذبن جو مشاهدو ڪيو هوندو جيڪي ماڻهن کي روحاني طرح سان ڀاڙي بنائڻ لاءِ استعمال ڪيا پئي ويا. سرڪشيءَ ۽ سرمستي انهن حالتن جي پيداوار هئي. ماڻهن کي آٿت ۽ ڏڍ ڏيڻ وارو عمل، "قطرو ڀاڻ نه ڀائنج عاشق سارو ئي تون بحر سڏاءِ".

سرمست جي ڪلام تي نظر وجهبي ته هو اها ئي وات وٺيو آيو آهي، جنهن تي ڀٽائي هليو. سُر ۽ ڪردار به گهڻو ڪري سڀ ساڳيا آهن. سچل جي ذاتي طرح ڪنهن سان به دشمني ڪو نه هئي، باقي حالتن کان بيزاري ۽ بيزاريءَ جي وڏي وڻ ٽيڻ جي سرڪشيءَ ۽ سرمستيءَ واري نوبت ئي اهو هنڌ هو. جتي فتوائون جاري ٿيون ۽ ڪيس ستائڻ جا بهانا ڳوليا ويا ۽ هٿ نوڪين ۽ گهڙيل ڪرامتن جي بدران سرمست جي سڀ کان وڏي ڪرامت هئي سچ جو ساٿ ڏيڻ. جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهن، "سچل سارو سچ" کي قبول ڪيو ۽ ان جي خلاف واري ڪوڙ کي رد ڪيو.

"ڀانهون ڀانءِ ۾ ڀاڻ، تون ئي مالڪ ملڪ جو".

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماروئڙ جو مٽيارو
# استاد بُخاري

ٻن اکين منجهان
ڳوڙهن جا ٻہ ڦڙا
شاعر جي ڳل تي لهي آيا
هڪڙي ڦڙي ۾ ڪاوڙ جي ٻوءِ
ٻي ڦڙي ۾ پيار جي سرهاڻ
هڪ ڦڙو غم جو اظهار
ٻي ۾ خوشي جو پاڇولو
ڳوڙهن جا ٻہ ڦڙا
ننڍا ڦڙا
جهڙا بلور جا ٻہ مڻڪا
ٻہ ڦڙا، عام ڦڙا
اڪيلا اڪيلا، وهندا وڃن
نہ ڪو هنن جو نہ سندن ڪو وس
پر جڏهن هي گڏجي پون ڪنوڻ وانگر چمڪاٽ ڪن.
وسن ائين جيئن پاڻي.

هي داغستاني شاعر حمزي رسول جا لفظ آهن، جنهن پنهنجي داغستان ۾ ٻہ جابلو چشما پري ڪان ڏٺا جن ڦٽي، وهي گڏجي اجي هڪ وهڪري ۾ هڪ واهوندي جي صورت ورتي ۽ منجهن وڏيڪ سگهہ پيدا ٿي.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جبلن کي شاعر ۾ ٻن ڳوڙهن جي ميلاپ کي ان سگهه جو نالو ڏنو جنهن کي شاعري چئون ٿا. پر اها هڪ نرالي قسم جي شاعري آهي. ان شاعري جي پٺيان هڪ اتساهيندڙ سگهه آهي ۽ اها سگهه آهي. شاعر جو ڏيهه. مان هيءَ ڳالهه ان ڪري ٿو ڪريان، جو استاد بخاري مون کي اهڙو شاعر پاسي ٿو ۽ هن جي شاعري به اهڙي سنڌي شاعري ٿي لڳي، جيڪا حقيقي سنڌي ماڻهوءَ جي جذبن جو جوهر آهي. هتي سنڌيءَ، مان گڏ حقيقي ۽ ماڻهو جا لفظ اڳيان ۽ پويان ڳنڍيا ويا آهن. ان جو مطلب ته سنڌي هئڻ، حقيقي ماڻهوءَ سان شرطيل ۽ لاڳاپيل آهي. مان ان ماڻهوءَ کي سنڌي مڃڻ لاءِ تيار ڪو نه آهيان، جيڪو پنهنجي ڏيهه واسين جي رت جو ڪتيو ڪائي، سياسي طرح به معاشي لحاظ کان به ۽ استاد بخاري ان حقيقي سنڌي ماڻهوءَ جو شاعر آهي. ڪل وقتي شاعر. جيڪو جبلن جي عزت ڪري ٿو ۽ ڪکرن کي ٽرڙائپ جو احساس ٿو ڏياري.

"هلڪا ماڻهو ڪکرن وانگر چوٽ چڙهي گجگارون ڪن. ڳورا ماڻهو جبلن وانگر ساهه سڪايو بيٺا هن."

استاد بخاري پنهنجي شاعري ذريعي سچ جي منجهايل صورت تان ڏوڙ لاهڻ گهري ٿو. هو سنڌي ماڻهن جي انهن سماجي ۽ روحاني ايذائن جو هوڪو ڏيندڙ شاعر آهي، جيڪي تاريخ جي سخت واهيات ڪوڙن ذريعي مٿن مڙهيا ويا آهن. پنهنجي ماڻهن جا اهي اهنج هن لاءِ شاعري جي هڪ وات بڻيا آهن. ڏکن کان سواءِ، ته ڏونگر ڪونهي ڏوري سگهبو. پشڪن پنهنجي هڪ نظم ۾ چيو:

"شراب پراڻو ٿي تيز ٿيندو آهي."

مان عمر جي پڇاڙيءَ ۾ ماني جي بار هيٺيان دٻجي ويو آهيان.
رستو دونهاٽجي ويو آهي، ۽ طوفاني سمندن وانگر.
مصيبتون ۽ ڏچا منهنجي انتظار ۾ آهن.
پر دوستو مان مرڻ نه ٿو گهران. مون کي وڏيڪ زندگي گهرجي ٿي.

مون کي وڏيڪ خوابن ۽ وڏيڪ ذهني اهنجاون جي گهرج آهي.
اندر جي پيچ ڏاهه ۽ پريشانين جي ميڙاڪي باوجود مون کي پڪ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي.

ته مان خوشي ماڻيندس.

استاد، پنهنجي شاعريءَ ذريعي ثابت ڪندو رهيو آهي، ته سنڌي تهذيب جي اڏاوت ٿئي پئي. اها اڏاوت البت هينئر اچا پاڙن پختين ڪرڻ واري حد ۾ آهي، پر ٿئي ٿي. سنڌي تهذيب کي ان ڏاڪي تي سمجهڻ مان منهنجو هڪ خاص مقصد آهي. دنيا جي هر ڪا شيءِ چرپر ۾ آهي، پر معاشرا وڌيڪ چرپر ۾ هوندا آهن. تهذيب مڪمل تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن اسان جي زندگيءَ جا ڍنگ، اسين پاڻ نبيرڻ جو اختيار رکنداسين. اها بي ڳالهه آهي، ته دنيا جي گهڻي حصي ۾ تهذيب جو ساهه بندوق جي مار ۾ آهي، پر ساڳي وقت بندوق جي نالي جو منهن متي ڪري چڏڻ لاءِ به زور آزمائي ٿيندي رهي ٿي. اسان به تهذيب جي هڪ نئين زماني ۾ وک رکنداسين. پوءِ سچو ڏيان پنهنجي حقيقي جوڙجڪ ۽ اڏاوت تي ڏئي سگهبو. پر ان لاءِ بنيادي ڳالهه اها آهي، ته ايڏي اوکي پنڌ تي اسان پاڙيون کهڙين ڏرين تي ٽا. ڪتاب جي مهاڳ ۾ الهداد بوهئي آخر ائين چو لکيو آهي ته ”عصري قوتون حالتن ۽ واقعن جي پيداوار آهن ۽ شاعر جڏهن انهن کي ڪم آڻي ٿو تڏهن انهن کي ملائي هڪ جامع نڪتو (Synthesis) يا وحدت قائم ٿو ڪري“ اها ڳالهه استاد جي سماج سان واڳيل هئڻ جي سلسلي ۾ ڪئي وئي آهي. هتي مان پانيان ٿو ته عصري قوتن جو اصطلاح انهن ڏرين لاءِ ڪم آندو ويو آهي، جيڪي سموري سماج جو بار پنهنجي ڪلهن تي کنيون بيٺيون آهن ۽ جن کي ئي اڳو پوءِ معاملن ۾ نهي سنبري هٿ وجهڻا آهن. بي حالت ۾ زماني ۾ هر قسم جون قوتون موجود آهن. ڪارائتيون به ۽ انهن جي واٽ جهلي بيهڻ واريون به ۽ اُستاد انهن ڪارائتين ڏرين سان پاڻ کي ڳنڍيو آهي. هو پاڻ کي ماروئڙن جو مٺيارو سڏي ٿو. انهن جو ساٿي بنجي نڪ نڪ ٽانا ٽو ڪري ٽانارو ٿو بنجي ۽ اها ڳالهه هو ڪنهن نعري جي صورت ۾ نه ٿو ڪري، ڪنهن تڪڙي يا هنپ ڏئي ڳالهه ڪرڻ واري طريقي سان نه ٿو ڪري، پر هو هڪ تهذيبي سلسلي سان پاڻ کي ڳنڍيندي، سنڌ جي سماجي قدرن کي عالمي قدرن سان ملائيندي هڪ سٽاءَ سان ان ڪم ۾ رڌل آهي. هن جي بولي هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ اياز جو ڪتاب

# ٽڪرا ٽُٽل صلَيب جا

هڪ جائزو

**سگنڊ** پبليڪيشن لاڙڪاڻي پاران اسان جي وڏي شاعر محترم شيخ اياز جو ڪتاب "ٽڪرا ٽٽل صليب جا" شايع ڪيو ويو آهي. زيب سنڌي جي سٺي ادب شايع ڪرڻ واري پختي ارادي جي نتيجي ۾ سگنڊ پنهنجي مفهوم جي ڪسوٽي تي پوري لهي رهي آهي.

محترم اياز جو هي ڪتاب "ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي"...... نوٽبڪ وارن ٽڪرن کان شروع ڪيل سلسلي جي تازي ڪڙي آهي. ساڳئي قسم جو ڪتاب "پترڻ تو پور ڪري" هن کان اڳ اچي چڪو آهي

معنيٰ، مقصد ۽ ورتاءَ جي لحاظ کان "ٽڪرا ٽٽل صليب جا" "پترڻ تو پورو ڪري" واري سلسلي جي واڌ آهي.

هن ڪتاب جو هر پئرا گراف پنهنجي موضوع تي هڪ مڪمل راءِ آهي، ليکڪ پاران ان موضوع بابت ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جو پڌرو ڏس ملي ٿو. اڪيچار موضوع آهن ۽ اڪيچار ڳالهيون آهن. هي ڪتاب هڪ سڄو سارو شاعرانو ماحول آهي ۽ ڳالهين جي ڪائنات آهي، جيئڪا اياز جي پنهنجي ڪائنات آهي. هڪ وڏي سنڌي شاعر جي ڪائنات ڪتاب جي پوش جي پوئين حصي تي اياز جي هڪ تصوير آهي، جنهن ۾ لڳي ٿو ته هندستان جي قديم آثارن تي ڪو ڪتاب ڏسي پيو. پر ڪتاب

۾ اندر جيڪو اياز آهي، ان جون اڪيون بند آهن. اهو اياز ڪنهن گيان ۾ مگن آهي ۽ هڪ شاعر واري تصوراتي سگهه سان تصور ۾ ڪي خاڪا پيو ٺاهي، جيڪي اکرن جو روپ وٺي هتي هن ڪتاب جي صفحن تي اڇي ويا آهن. پر ان سموري داخلي عمل جي دائري اندر جيڪو ڪجهه به آهي سو معروضي، خارجي ۽ آسپاس جي ماضي ۽ حال جو ڏٺل آهي. اهو اياز جي گهڻ- پڙهيائپ ۽ مشاهدي جو ارڪو ترڪو آهي. اها ڳالهه نه اياز جي وس جي آهي ۽ نه ڪنهن ٻئي جي، ته هو ڪا اهڙي چونڊ ڪري سگهي، جنهن لاءِ نه سبب هجن ۽ نه سامان. اياز جو مطالعو ۽ مشاهدو پاڻ ۾ سنڌ جا سور، سنڌ جون آسون، نراسايون، سنڌ جون اميدون ۽ سنڌ جو ڪلاسيڪي ادب پاڻ ۾ سهيڙيندو جن حالتن منجهان گذريو آهي، تن هڪ ذهن جي نفسياتي جوڙجڪ ڪئي آهي. فرق رڳو ايترو آهي ته اياز جي لکڻ جيڪو رچاءُ، نواڻ ۽ اصليت آهي سا اياز جي پنهنجي ڏانءَ جي ساک پري ٿي. هتي جن به جزن جي ڳالهه ڪئي وئي آهي، سي سبب آهن ۽ هن ڪتاب ۾ جيڪو ڪجهه به لکيو ويو آهي سو انهن جو نتيجو آهي، جنهن جي پروسيسنگ اياز جي ذهن ۾ ٿي آهي ۽ اياز جو ذهن ان ڪري پنهنجي هڪ خاص حيثيت رکي ٿو جو اياز جي ذهني تجربن، هن وٽ پنهنجيون هڪڙيون خاص Pre_occupations ٺاهيون آهن ۽ اهي وري ورچيل به آهن. پي ايل او جو گيت ان جي هڪڙي ورچ آهي، جنهن ۾ اياز سچ سان پاڻ کي ڳنڍيو ٿو. وري للي پٽ ۾ گليور ٿيڻ کي سڀ کان وڏي بدبختي سڏيندي پاڻ کي ڏار ٿو ڪري پر اها ته مجبوري آهي. هر دور جي سچائي اها آهي ته جتي به هجي ٿو اتي هجڻ کان سواءِ ٻيو ڪيڏانهن وڃبو. جتي جيئڻ ۽ مرڻ آهي، اتان سگ ڪيئن ڇنبو. پر اياز جڏهن نراسائي ظاهر ڪري ٿو ته سولزي نٽسن کي به پنهنجي برادري ۾ ڳڻي ٿو.

سولزي نٽسن کي اياز "پنهنجي برادري" جي حوالي سان ڏسي ٿو. ان جو رڳو اهو ئي مطلب ناهي ته اياز سولزي نٽسن کي پنهنجي برادري مان ڄاڻائڻ جي ڳالهه ڪري ٿو پر هن وٽ "پنهنجي برادري" جو ئي هڪڙو مجرد تصور آهي. جيڪو ٽيڪنيڪ جي حساب سان به غلط آهي. پٺتي پيل دنيا جي ڏتڙيل معاشرن جا، اختيار جي لت هيٺ ڇيپاٽجندڙ اديب


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اديب جي سماج سان ذميداري جي ڳالهه ڪر! اديب سماج کان وڌيڪ پائنده آهي، وڌيڪ تابنده آهي، وڌيڪ زنده آهي." پائنده ۽ تابنده جا اکر ڪنهن تراني ۾ سونهن ٿا يا ڪنهن شاعر تي؟! جيڪو هيئنئن به محسوس ڪري ٿو "چار مان جيتري هوا ڦتڪندڙ ميچين کي ملندي آهي، مون کي ته اوتري به ساهه کڻڻ جي وٿي نه آهي." هن ڳالهه منجهان تاثر ٿو ملي، ته اياز جا ڏيهه واسي شايد سکيا آهن ۽ رڳو هو پاڻ تڪليف ۾ آهن.

پنهنجين سمورين شاعرائين ۽ نثري خوبصورتين جي هوندي اياز جي اڪيلائپ ۽ اوپرائپ بنهه نروار ٿيو بيٺي آهي. اها آهي رڳو هڪڙي ڪيفيت پر اياز تي ان جو غلبو گهڻو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اياز تخليق جي وات کي اهڙو اسرارن پريو پيو بنائي جو جڻ هو ماڻهن جو ميلو ڇڏيو ڪنڊرن ۾ رهيو پيو آهي. اها نه رڳو اياز جي پنهنجي اڪيلائپ آهي، پر ان ۾ سندس طبقي جي نفسيات جو به دخل آهي ۽ جيڪا شاعرن ۽ اديبن کي به متاثر ڪري ٿي.

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بيدي

## سگهارو ڪهاڻيڪار

راجندر سنگهه بيدي جديد اردو ڪهاڻي جي بنياد وجهندڙن جي ان پيڙهي منجهه سان هو جيڪا منشي پريم چند جي ڏينهن ۾ ئي اسري رهي هئي. ننڍي ڪنڊ ۾ جديد اردو ڪهاڻي جي باني جي ڏس ۾ علي سردار جعفري ۽ ٻين اديبن جا نالا ورتا ويندا آهن جن ۾ ڪرشن چندر، راجندر سنگهه بيدي، سعادت حسن منٽو ۽ مائي عصمت چغتائي شامل آهن.

راجندر سنگهه جي موت جي خبر سندس همعصر ساٿي علي جعفري کي لنڊن ۾ پئي، جتي بي بي سي تي پنهنجو تاثر ڏيندي هن چيو "اڄ جڏهن لنڊن کان وطن روانو ٿيڻ وارو آهيان ۽ خوشي پئي ٿيم ته دوست يارن سان وري ملبو ته نهايت منحوس خبر پهتي. اسان جو عظيم افسانه نگار ساٿي گذاري ويو. هو توڙي جو ڪجھ عرصي کان بيمار هو پر جيسين ساهه آهي ايسين آسرو به رهي ٿو."

ڊاڪٽر عاشق بٽالوي به بي بي سي کي ٻڌايو ته 1931ع ۾ لاهور جي رسالي "نئين دنيا" ڪهاڻي نمبر ۾ شايع ٿيل سٺي ڪهاڻي تي پنجاهه رپيا انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو هو. ڊاڪٽر بٽالوي کي انعامي ڪهاڻي چونڊڻ لاءِ جج بنايو ويو هو. سندس چوڻ آهي ته راجندر سنگهه جي ڪهاڻي "مهاراڻي جي سوکڙي" سڀ کان گهڻي وڻي ۽ هڪ سک ليکڪ کي هن پهريون پيرو اردو ڪهاڻي لکندي ڏٺو. چاڪاڻ جو سندس چوڻ آهي ته ان کان اڳ ڪي سک اردو ۾ اڙي ٽڙي شاعري ڪندا هئا. اصل ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيديءَ جو والد جو اردو ادب پڙهڻ ڏانهن لاڙو هو.

هونئن بہ اها هڪ مزيدار ڳالهہ آهي، اردو ادب کي جن ماڻهن گهڻي ۾ گهڻو ڏنو آهي، تن جي گهڻائي انهن منجهان ناهي، جن جي مادري ٻولي اردو هجي. پوءِ جديد ادب ۾ بيدي هجي، ڪشمير جو ڪرشن هجي، يا پنجابي فيض احمد، يا اقبال هجن.

ننڍي ڪنڌ جو هي عظيم اديب ستر ورهين جي ڄمار ۾ معدي جي ڪئنسر سبب فوت ٿي ويو. هن جا مائٽ سيالڪوٽ ضلعي جا هئا ۽ سندس والد ٽپال کاتي لاهور ۾ نوڪري ڪري رهيو هو تہ پهرين سيپٽمبر 1915ع تي راجندر سنگهہ ڄائو. 1931ع ۾ مئٽرڪ ڪيائين. 1933ع ۾ انٽر ڪرڻ کان پوءِ پاڻ بہ ٽپال کاتي ۾ نوڪر ڪيائين. 1934ع ۾ ستونت ڪور سان شادي ڪيائين. 1943ع ۾ ٽپال کاتي تان استعيفيٰ ڏئي هندستان سرڪار جي پبلسٽي کاتي ۾ نوڪري ڪيائين ۽ ڇهہ مهينن کان پوءِ آل انڊيا ريڊيو لاهور سان هڪ ليکڪ جي حيثيت سان لڳا پيجي ويو. 1946ع ۾ سنگم پبليڪيشن جي نالي سان اشاعت گهر قائم ڪيائين ۽ ساڳي سال فلمن ۾ بہ لکڻ شروع ڪيائين. ورهاڱي وقت جڏهن لاهور فرقيوار فسادن جي لپيٽ ۾ هو تڏهن لاهور ڇڏي روبڙي پنهنجي پاءِ هر بنس سنگهہ وٽ وڃي رهيو پر اتان ستت ئي شملي هليو ويو جتي ورهاڱي وارين حالتن ۾ هن ڪيترن ئي مسلمان ڪٽنبن کي قتلام ٿيڻ کان بچايو. 1948ع ۾ هو دهلي ويو اتان اديبن جي هڪ وفد جي اڳواڻي ڪندي ڪشمير ويو جتي شيخ عبدالله کيس جمون ريڊيو اسٽيشن جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو. هڪ سال پوءِ سرينگر ريڊيو اسٽيشن قائم ٿيڻ ۾ هن مدد ڏني، پر بعد ۾ بخشي غلام احمد سان سندس ٺاهہ نہ ٿي سگهيو ۽ هو دهلي موٽيو جتان وري بمبئي ۽ پوءِ اتي رهيو.

راجندر سنگهہ بيديءَ کي هندستان جو ٻيو نمبر شهري ايوارڊ پدما شري بہ مليو جنهن کان پوءِ سگهو ئي کيس ساهتيہ اڪيڊمي جو ايوارڊ بہ مليو. 1930ع ۾ هن محسن لاهور جي نالي سان شاعري ۽ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون هيون. 1932ع ۾ پنجابي ٻوليءَ جي رسالي سارنگ جو ايڊيٽر بہ ٿيو هو. سندس مشهور ڪهاڻي "ڀولا" کي سندس


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهرين حقيقت نگاري واري ڪهاڻي چيو وڃي ٿو. بيديءَ جي ڪهاڻين جا مشهور مجموعا ”دانه ودام“، ”گرهن“، ”ڪک جلي“: ”اپني دک مجهي دي دو“ ۽ ”هاٿ هماري قلم هوئي“ آهن. ”ايڪ چادر ميلي سي“ بلاشڪ هڪ شاندار ناول آهي، جنهن تي هندستان توڙي هتي فلمون ٺاهيون ويون. ۽ ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو به ٿيو پر ليکڪ جيڪو ڪلاسيڪي رس هن ناول ۾ پيريو تنهن جي مڪمل عڪاسي گهٽ ۾ گهٽ هتي ٺهيل فلم ”مٽي پر چاول“ ۾ نه ٿي سگهي آهي، ڇاڪاڻ جو ناول پاڻ ۾ جيڏي سگهه رکي ٿو ان کي ٻي ڪنهن صورت ۾ قائم رکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

راجندر سنگهه هندستان جي فلمي صنعت کي به گهٽو ڪجهه ڏنو. هن ڪافي فلمن جون ڪهاڻيون ۽ ڊائيلاگ لکيا ۽ ڪافي فلمن جو هدايتڪار به ٿيو. سندس مشهور ۽ ڪامياب فلمن ۾ ”دستڪ“، ”ڦاڳن“ جا نالا ورتا وڃن ٿا.

راجندر سنگهه بيدي جون ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ به ترجمو ٿيل آهن ۽ جن سان مشهور آهي ”سارگام جا بکايل“ جيڪا هفتيوار هلال مئگزين ۾ شايع ٿي آهي.

***


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

بچي ويل فصل بہ لوساتجي ويجي ۽ جنهن جي لاءِ نہ زمين ۾ ڪا زرخيزي رهڻ ڏني ويجي ۽ نہ گهربل مند موسم ڪي اچڻ ڏنو ويجي. ٽوڙڙو پـنـتـي ويجي ڏسجي ٿو تہ سنڌ مان ٽيل لڏپلاڻ جو انتهائي غير ضروري عمل ٽيـلُ نـظر اچي ٿو. ان جي پٺيان هڪ طرف چسي سياسي سوچ ڪانگريس جي مڪاني ليڊر شپ ۾ موجود ملي ٿي، ٻئي پاسي وچولي طبقي ڪان ورثي ۾ مليل ياڙيائپ، تہ ٽئين پاسي غنڊن جا ٽولا ملن ٿا جيڪي ملڪيتن ۽ جنتن جي آسري تي جهاد جا جهنڊا کڻي اڻ ڪوٺيا اچي سهڙيا. ڏرين جي اڪثريت بنواسي ٿي وئي ۽ گڏوگڏ ڪلنڪي بہ "مهاراماڻ" جي عنوان هيٺ هريڪانت چوي ٿو:

"هيڏي تياڳ ڪان پوءِ بہ
ڪلنڪ،
بيگانگيت،
۽ پتڪاءَ
ان ڪان وڏي ترئجدي ٻي ڪهڙي ٿيندي!!
ٻر ميراڻن جي قبرستان ۾ پوريل،
راجڪمار رام جو بنواس
پڪنڪ پيو ياسي اڄ
سموري جاتيءَ جي جلاوطنيءَ اڳيان
جوڪر
ڪٺوئي پوندو،
ڪٺوئي پوندو جوڪر ٻڌائڻ جو،
صاف صاف،
راماڻ پنهنجي جاءِ،
مهارا ماڻ پڙهيو آهي اسان،
صرف پڙهيو ئي نہ،
ڏٺو
ڀوڳيو
۽ رچيو آهي اسان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سطح تي سندن ميجالن ۾ ضميرن جا مالشي ٿي مطمئن ڪن ٿا. ته هو جيڪو ڪجهه ڪن ٿا. اُن تي گهڻو سوچي پنهنجو ضمير جاڳائي پاڻ کي نه ٿڪائين.

"ڏنڊو ۾ هٿڪڙي ڏسي،
ڪجهه ڪوي ڪانئر بڻجي ويا.
ڪجهه پُڇ لوڏائو پيارا
شاعر بڻجي پيا
جهان پناهه جو ڪچو سونگهي،
خوشبوءِ جي حامي پرڻ وارن کي،
بخشش ته ملندي ئي آهي.
ٻئي هنڌ چوي ٿو:
ڪُتل اکرن سان اُٿيل پڌرناما.
ڍڪي ڪو نه سگهندا اگهاڙپ.
ترڪڻ ارادن جي.
اُڊڙي چڪو آهي تنهنجي چهري جو نقاب.
درباري ديڳ جو ترو چٽڻ لاءِ آتي،
پڳل ڏندن وچ مان لڙڪندڙ آلي جڀ.
ڏسي ورتي آهي سين.

اسانجي شاعر اصل ۾ هڪ ئي ڳالهه ڪئي آهي ۽ ان کي سهولت خاطر چئن حصن ۾ ورهايو اٿس. سندس هر نظم هڪدم ذهن تائين پهچي پنهنجو اثر ڇڏي ٿو. هر نظم پنهنجو گهاڙيتو پاڻ سان گڏ کڻي آيل آهي. خيال ايترو سگهارو آهي جو ان جو سگهه ئي سندس شاهدي آهي. نظم چندچاڻ ۾ هم عصر تاريخي واقعن لاءِ ڪسوٽي آهي. سمورو مواد ٽوڙي جو هٿ اکرن سان فوٽو اسٽيٽ ڪرايل آهي تڏهن به سندس فڪري سگهه ڪا ڪوتاهي رهڻ ئي نه ڏني اٿس.

سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ پاران
"لب پر روشنيءَ" تي ڪرايل ورڪشاپ ۾ پڙهيل لکڻي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اديب جو ڪردار

**ڪو** وقت هو جڏهن جانور پکي، وڻ ٽڻ، ڍنڍون، ڍورا هوا ۽ باهه سان ڳالهائيندا هئا. پوءِ زمانا بدلبا ويا ۽ ماڻهوءَ جو پنهنجو ڳالهاءِ ٻڌڻ تي فرصت نہ رهي. انسان، انهن شيءِ جي ماهيت کي جاکوڙيندو ويو ان جي ٻولتي بند ٿيندي وئي. هاڻي رڳو انسان ڳالهائين ٿا، مشينون ڳالهائين ٿيون، ريڊيو ٽي وي، ٽيپ رڪارڊ ۽ ٻيا الائي تہ ڪير ڪير ڳالهائين ٿا ۽ ڳالهين جو زور ايڏو وڌي ويو آهي جو حيوانات ۽ نباتات تي ماٺ ڇڙهي وئي. سڀ حيرت ۾ ماٺ آهن. انسان جي سيني شعبن جو ڳالهاءَ هاڻي پاڻ ۾ گڏ وچڙ ٿي گهنجرجي ويو آهي. هڪڙا آواز هلڪا ۽ ٻيا زور سان گونجن ٿا.

سياستدان ڳالهائي ٿو تہ ڪائنس اڳ وٺي گديءَ تي چڙهي ويل حڪمران ايجا بہ زور سان ڳالهائي ٿو. جنهن کي جيتري واندڪائي آهي، اوترو گهڻو ڳالهائي ٿو. جيڪو ڪنهن ڪم ۾ پورهئي ۾ جنبيل آهي ان جو ڳالهائڻ يا تہ بند يا وري..... ٿي ويو آهي ۽ واندا ڳالهائڻ ۾ هڪٻئي کي گوءِ ڪٽڻ هڪ ٻئي کي ڪٽڻ جي اوڙ ۾ آهن، سندن رڳو ٻاهر نڪري آيون آهن. ڳالهائيندڙ.... جي بيماري ۾ ڦاسي ويا آهن ۽ سندن ڳالهين جو نہ ڪو ڪڙ آهي ۽ نہ تيل جو اهي سڀ ان گگدام کي ڦاسائڻ جي جتن ۾ آهن، جيڪو ٿو ڳالهائي يا جنهن جو آواز جهيڻو آهي. پر هن سڄي ڳالهہ جو دلچسپ پاسو آهي، تہ فضوليات بڪندڙ هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ لاءِ تہ تيار آهن تہ جيڪڏهن ڪين ڪو چئي، "هاڻي گهڙي سوا ماٺ ڪريو ماڻهن جا ڪن ٽرڻ ڏيو. توهان جون ڳالهيون پگهريل سيهو بنجي ماڻهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪنن ۾ داخل ٿي عذاب جون نيون انتهائون پيدا ڪري چڪيون آهن.“ تہ سيني جا دوڙا نڪريو اچن. ان جو مطلب تہ هو ان لاڳيتي عذاب کي ختم ڪرڻ جي موڊ ۾ ناهن ۽ سندن گهٽي ڳالهائڻ جي بيماري هاڻي لاعلاج ٿي وئي آهي. هنن جي گهٽي ڳالهائڻ سبب سندن ڳالهين مان فڪر ۽ دليل جا سڀ امڪان ختم ٿي ويا آهن. انَ ڪري ورجاءَ جي چڪر ۾ اچي ساڳيون ڳالهيون پيا ڪن ۽ سندن ڳالهيون جنم جنمانتر جي چڪر ۾ الجهي، اهڙو سٽ ٻڌجي ويون آهن جنهن جو سلجهاءَ ناهي ٿيڻو. خراب ڳالهہ رڳو اها آهي، تہ هنن کي پنهنجي گوڙ جاري رکڻ جا سڀ وسيلا موجود آهن. پيٽ ڍوائي ۽ ماس ميڊيا جا سڀ ادارا. منبر ۽ لائوڊ اسپيڪر کان ٽيليويزن تائين.

پر هنن جي بڪواس، نہ امن آڻي سگهي ۽ نہ انصاف جو ڪو ترورو ڏسڻ ۾ ٿو اچي. ان ايڏي هجوميل گوڙ ۾ ڪي ماڻهو بنا ڳالهائڻ جي گگدامن جي ڪلهن تي هٿ هٽي، سندن ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي، اشارن جي زبان سان ڪين سمجهائين پيا، تہ ڪنن ۾ ڪپهہ وجهو ڏيان گيان ڏانهن موٽو ۽ قلم جي زبان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ انهن جي اڳيان، اهي سڀ شيون هٽائي ڇڏيو جن سان سندن بڪواس، پڙاڏو ڪري گونجي ٿي. پوءِ هو پنهنجن ڪوڪلن آوازن ۽ بي سرين ڳالهين کي پاڻ ئي ٻڌي شڪي ٿيندا ۽ رات جي پوئين پهر تائين پونڪي پونڪي ٿڪجي پيل ڪتن وانگر، ٻہ چار لولاٽ ڪري ماٺ ٿي ويندا. جيستائين هو ماٺ نٿا ٿين، تيسين نہ وڻ ٽڻ ڳالهائيندا ۽ نہ پکي پکڻ. انسان کي پنهنجي ترقي لاءِ ڪائنات ۽ فطرت جي جماليات سان، نہ رڳو قديم رشتا بحال ڪرڻا آهن، پر نوان رشتا قائم ڪرڻ بہ هنجي ضرورت آهي ۽ انهن رشتن جي جيئاپي لاءِ امن ۽ انصاف جي گهرج آهي. ان لاءِ جنگ ۽ بي انصافي جي بڪواس بند ٿيڻ لازم آهي. گوڙ جو بند ٿيڻ تاريخي طرح لازم آهي، پر عملي طرح ماٺ ميٺ سان ان جو بند ٿيڻ ناممڪن آهي. تاريخي طرح لازم ۽ عملي طرح ناممڪن جو ٽڪراءَ الميو (ٽرئجڊي) آهي. انسان کي ان ٽرئجڊي مان نڪرڻو آهي. ماڻهوءَ کي ٽرئجڊي جي حالت ۽ ان جي فلسفي کان ٻاهر نڪرڻو آهي. آخر انسان مستقل خساري جي حالت ۾ ڪيئن پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجود کي سلامت رکي سگھندو؟
اشارن ۽ علامتن کان ڪم وٺندڙ ھي کھڙي مخلوق آھي جيڪا اسٽيٽس ڪو خلاف، فڪري بغاوت جون ڇيپيون پکيڙي رھي آھي. اھا ان بدتميزيءَ جي طوفان کي پوکيندڙ سھندڙ ۽ محسوس ڪندڙ خلقت آھي.
ان جو بہ پنھنجو خاص شجرو آھي، جنھن جي شروعات يونان جي ڏاھن کان ٿئي ٿي ۽ ڪبير، گرونانڪ، پتائي، سچل، اناطول فرانس، گوگول، چيخوف، ٽالسٽاءِ، دوستو وسڪي، گورڪي، ميري ڪوريلي ۽ ان ڳڻيا ڳيا ماڻھو ان مخلوق جي سجاٽپ آھن. جيڪي يورپ ۾ جاڳرتا ۽ اسان جي پنھنجيءَ نندي کنڊ ۾ پکتي، وحدت الوجود جي تحريڪن جي لاڳاپن سان سجاتا وجن ٿا ۽ ھينئر دنيا جي گولي تي فڪر جي نين توانائين سان ھٿياربند ٿي ويا آھن ۽ انسان لاءِ امن ۽ انصاف جو نعرو ھڻن ٿا. ھنن جون ڳالھيون، اقتداري ڌرين جي گوڙ جي پيٺ ۾ سانت ۽ پروڙ پيدا ڪرڻ واريون آھن ۽ پنھنجي لامحدود عشق جي اتساھہ ھيٺ ھي ماڻھو ھڪ دائمي زبان ۾ ڳالھائين ٿا. اھا قلم جي زبان آھي.
ان نفري جو جيڪا انسان ذات جو اڻ ٽٽ حصو آھي، ھڪ جٿو سنڌ ۾ بہ رھي ٿو ۽ زمان ۽ مڪان جي حوالي سان. انھن ئي آدرشن لاءِ ڪم ڪري رھيو آھي، جيڪي ماڻھوءَ جي منزل آھن. ھنن جي خاص نشاني اھا آھي تہ ھنن کي سياسي ۽ معاشي مقصد آھن. پر انھن جو بنياد اقتدار ماڻڻ ناھي. ھنن جا اھي مقصد ثقافتي ۽ سماجي نوعيت جا آھن. ھو انصاف ۽ بي انصافي جي وچ ۾ غيرَجانبدار تہ نٿا رھي سگھن. ايڏي گوڙ جي ھوندي، ھنن ماڻھن جو بہ ھجڻ حيرت جھڙي ڳالھ ناھي.
ھنن جو موضوع، دنيا جي تاريخ، ماضي، حال ۽ آئيندو آھي. ھي پنھنجي انفرادي حيثيت ۾ سماج جا فرد آھن. پر ھنن جي ذريعي وحدت مان ڪثرت ٿئي ٿي ۽ وحدت ڪثرت ڪل بنجي ٿو. ھي دنيا جا اڳواڻ آھن. پر ھنن جي اڳواڻي گوڙ گھمسان جي اڳواڻيءَ کان مختلف آھي. ھي اڳواڻي ڪرڻ جي باوجود سموري معصوم خلق کان اڳواڻي حاصل ڪن ٿا. ھو انسان جي سماجي نجات جا ضامن آھن ۽ ھنن جون نظرون فقط انسان جي نجات ۾ آھن. مادي ۽ روحاني نجات، زندگي کان پوءِ واري نجات نہ. پر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ جا سُورهيه اديب جو ڪردار

***اسان*** جي اڳيان هن وقت به موضوع آهن. پهريون سنڌ جي موجوده صورتحال ۾ پيو پوليءَ جو مسئلو. انهن ٻنهي موضوعن جي لاڳاپي سان پاڻ کي ڪن نتيجن تي پهچڻو آهي ۽ ڪي فيصلا ڪرڻا آهن. نتيجن تي پهچڻ ۽ فيصلن ڪرڻ جو ڪم بي انتها اهم نازڪ، گنڀير ۽ تاريخ جي سڀ کان وڏي ذميواري آهي. ڇو ته اسين نه حاڪم آهيون ۽ نه حاڪمن سان ڪنهن قسم جو لاڳاپو اٿئون. پاڻ اديب ۽ ليکڪ آهيون ۽ تاريخ سان اسان جو رشتو نه خانداني نوعيت جو آهي ۽ نه وري ڪو به ڪنهن موقعي تي ان سان هٿ چراند ڪري سگهي ٿو. فقط تاريخ جي قانونن کي سمجهندي، انهن جي پوئواري ڪندي، تاريخي قوتن بابت آگاهي حاصل ڪندي تاريخ جي محرڪ قوتن کي انهن جي پنهنجي ادراڪي ذميوارين جو احساس ڪرائيندي ٿي اسان، ان جي رفتار وڌائڻ ۾ ڪو هٿ ونڊائي، انسان جي ڪامل آزادين جي پنڌ واري واٽ تي ڪي وکون کڻي سگهون ٿا. اديبن ۽ ليکڪن جو ذاتي مقصد اقتدار جي ڪرسي تائين پهچڻ نٿو هجي، ان ڪري هنن وٽ ڪي به ترت قسم جون سياسي مصلحتون نه ٿيون ٿين. هيءَ بنيادي طرح پنهنجي قوم جي اڪثريت ۽ ان حوالي سان انسان ذات جي خير خواهه مخلوق آهي، ان ڪري ذهن ۽ ضمير جي سچائي، تاريخي ذميدارين جي احساس سان گڏجي ڪري ڪوتي جي پرک ڪري ٿي. هنن وٽ ڪنهن هڪ ڏر کي راضي يا ناراض ڪرڻ جي سوال کي اهميت ڪانهي تنهن ڪري لازمي طرح


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽرپڻي (Fundamentalism) ۽ ڳالھ تي ڳنڍ ڏئي ويھڻ وارن سمورن لاڙن جي خلاف ھجڻ ھن جي ادبي ۽ دانشوراڻي ساک جون ثابتيون آھن. پر جيئن تہ اديب بہ ھڪ اھڙي دنيا جي سماجن جي مخلوق آھن، جتي وک وک تي ضابطا، ھڪ اڻ ٽر حقيقت آھن، تنھن ڪري ھنن لاءِ آخر ۾ فقط ٻہ واٽون وڃي بچن ٿيون. ھڪڙو تہ ھو فڪري طرح ڪنھن بہ ضابطي کي قبول نہ ڪن، يا اھڙي ضابطي جي چونڊ ڪن، جيڪو انساني آزادين کي وڌ کان وڌ ويجھو ھجي. پوءِ ٿئي ائين ٿو تہ اديب بہ ھڪ عام انسان وانگر زندگي گذاري ٿو ۽ جيئڻ لاءِ ٻين تي سندس دارومدار آھي تنھن ڪري فڪري سطح تي بہ ضابطي جي گھرج واري دائري کان ٻاھر نڪري نٿو سگھي، ڇو جو سياسي ۽ معاشي قوتن ۾ سندس شمار نٿو ٿئي ۽ سندس مصلحت جو دنگ اتي اچي ٿو ٿئي، تہ ٺيڪ آھي گھٽ ۾ گھٽ طاقت جو توازن اھڙين قوتن جي پاسي ھجي، جيڪي سندس آدرشن کي وڌيڪ ويجھيون ھجن يا ڪيس مڃتا ڏين يا نہ پر ھن جي اظھار جي آزادي تي روڪ نہ وجھن. اديب پاڻ لاءِ اظھار جون آزاديون گھري، سمورن ماڻھن جي سمورين آزادين جو ائين، ان ئي مفھوم ۾ مھندار ٿئي ٿو.

سنڌ جي ھاڻوڪي صورتحال ۽ ٻوليءَ جي مسئلي تي غور ويچار ڪرڻ وقت ھن کي پنھنجي ان حيثيت جي آگاھي ذھن ۾ رکڻي پوندي. اديب لاءِ بيحد ضروري آھي تہ ھو ٻين ڳالھين جي فرق تي واضح موقف رکي. ھڪڙي ڳالھ تہ ٿئي ڇا پيو؟ ۽ ٻيو تہ ٿيندو ڇا؟ پوءِ ٿيڻ ۽ ٿيندڙ جي وچ وارن سلسلن کي بہ ڪيس جاچڻو پوندو. آءُ پنھنجي ھي ڳالھ مثال ڏئي توھان جي سامھون پيش ڪندس ۽ ڏيڪاريندس تہ تاريخ ڪنھن جي در جي گولي ناھي ۽ ھر ڪا ڳالھ ڪنھن ھڪ يا ھڪ کان وڌيڪ ڳالھين سان ڳنڍيل آھي ھڪڙن ماڻھن، ھڪڙن وقتن ۾ ھڪڙيون ڳالھيون ڪيون ۽ پوءِ جڏھن اھي ئي ڳالھيون ٿيون تہ واتڙا ٿي ويا ۽ کين چوڻو پيو تہ "اسان جو اھو مطلب تہ نہ ھو" ۽ پوءِ ان پنھنجي ڳالھين جي عمارت کي ڍاھڻ جون جاکوڙون ڪيائون. ان جو سبب سندن ذاتي مفاد بہ ٿي سگھن ٿا ۽ بعد ۾ سندن پھرين ڳالھين جي ٿيڻ کانپوءِ سندن آسن اميدن جي ابتڙ نتيجن جو بہ اثر ٿي سگھي ٿو. آءُ تاريخ مان سادو مثال پيش ڪريان ٿو. اشوڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داخلي طرح سند کي پنهنجي مڪمل سجاڳ ڏيندڙ قوتون ڪمزور آهن. ڪمزور ان ڪري آهن جو انهن اجا پاڻ نه سنڀاليو آهي. اسان وٽ پورهيت سرگرمين کان وٺي، سياسي سرگرمين کان وٺي، سياسي سرگرمين تائين ترتيب ۽ تنظيم پيدا نه ٿي آهي. سماج جو معاشي عمل گڏيل ڪونهي. هيٺين جوڙجڪ (Infra_Structure) مدي خارج ۽ ظالماڻن بنيادن تي بيٺل آهن. اسان جي اڪثريت قديم هارپ ۽ ان سان لاڳاپيل ڏنڊڻ ڏاڙين سان واسطو رکي ٿي. پيداوار جا وسيلا اهڙي طبقي جي هٿ ۾ آهن، جيڪو اجا تائين پاڻ ۾ هڪ ڪاروباري ذهن به ڏاري نه سگهيو آهي. وراثتي ملڪيتن جي نفسيات لازمي طرح بي پرواهي ۽ اڏنگين روين ڏانهن وٺي وڃي ٿي. آڪڙ تڙڦائي ۽ رعب ڪرڻ جهڙيون فضول ۽ اجايون عادتون، ان طبقي جي زوالجڻ جون خاص نشانيون ٿي سامهون آيون آهن. هيٺن تي پنهنجي طاقت انهن ئي حالتن ۾ قائم رکڻ جو جنون، چورين کان وڏيڪ ڏاڙن، قتل ۽ اغوا جي عروج تي پهتو آهي. هاريءَ کي شروع کان وٺي ان مجرماڻي ماحول ۾ بند ڪري رکيو ويو آهي. برطانوي دور ۾ وچولي طبقي جي اوسر، سماجي ترقيءَ جي نئين واٽ ٿي ورتي ۽ قومي بورجوا، خاموشي سان ميدان تي اچي ويو جنهن جو اظهار اسان کي ثقافتي ترقيءَ جي ڪيترين ئي شڪلين ۾ ملي ٿو. پر سنڌ جو لاڳيتو الميو آهي ته ان کي آزاد سماجي اوسر جا موقعا مهيا ٿيڻ نه ڏنا ويا آهن. سومرن ۽ سمن جي حڪومتن ختم ٿيڻ کانپوءِ نفقط معمولي وٿيون مليون آهن نه ته سنڌ کي ڪڏهن دم پٽڻ نه ڏنو ويو آهي. قومن تي ٿيندڙ هلائن جو ڏکوئيندڙ پاسو هيءُ ٿو ٿئي ته همت ۽ قومي غيرت رکندڙ ماڻهو ته وڙهي مري ويندا آهن ۽ بچندا اهي آهن جن ۾ دم ڪم نه رهندو آهي. پوءِ نسلن جا نسل پاڻ سنڀالڻ لاءِ فاتحن جا ڳيجهو ٿي، انهن کي خوش ڪرڻ لاءِ، سندن عقيدن سان چهٽي، بزدليءَ کي پنهنجي خمير ۾ شامل ڪري ڇڏيندا آهن. اهي اهڙيون اڻ وڻندڙ حقيقتون آهن، جيڪي سڀ بڻجي ذهنن تي ڊپ جا چارا چاڙهي ڇڏين ٿيون. ائين ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي معاشرت مان وچولو طبقو نڪري ويو ۽ ان جي جاءِ جن طبقي ورتي، سي هڪڙا ته اهي ساڳيا زوالجندڙ ۽ پرائي رت ۽ پورهئي تي پلجندڙ هئا. ٻيا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1983ع ۾ پاڪستان ڪي مليل قرضن جو 67 سيڪڙو اڳوٽي قرض لاهڻ لاءِ واپس ڏيڻو ٿي پيو ۽ 1985ع ۾ جيڪو قرض مليو ان جو 87 سيڪڙو رقم اڳوٽي اوڌر لاهڻ لاءِ واپس ڪرڻي پوي ٿي، اهو قصو ڪمي ڇيهه ڪندو ان جو اندازو ڪرڻ ۾ ڪا ڏکيائي ناهي. باقي جيڪي ڪٽنا داٽنا بچن ٿا، تن لاءِ عوام کي جيڪي عذاب پوڳڻا پون ٿا، تن جا تفصيل سڀني جي اڳيان آهن. سامراج جي پيٽ پورت ڪرڻ لاءِ پاڻ ۽ زرعي دوائن تان رعايتون ختم ٿي چڪيون آهن. بجلي ۽ گئس کي به آءِ ايم ايف ۽ عالمي بئنڪ جي حڪمن تي مهانگو ڪري باقي شين جا ملهه چوٽ تي چڙهي ويا آهن. زڪوات ۽ عشر جي نالي ۾ بدعنوانين جا جيڪي داستان اڳيان آيل آهن تن کان به ڪير واقف نه هوندو. سموري دولت اچي ٿي شهرن ۾ گڏ ٿئي، جتان وري عالمي سرمايو ڳوڙهو ناهي. چقمق بنجي سڀ ڪجهه پاڻ ڪٽي ٿو وڃي. ماڻهن وٽ ڇا بچيو؟ مهانگائي بيروزگاري، پورهئي جي پرماريت، بيماريون ۽ بي علمي.

(ت) سامراجي پرماريت جو انت اتي نٿو ٿئي. باقي بچيل وسيلن جو عوام جي ترقيءَ ۾ ڪيترو حصو آهي، سو ڏسو. هر سال جيڪا وفاقي بجيٽ اچي ٿي، ان جو سمورو ملهه فوجي تيارين تي ٿيندڙ خرچ جي پٽي جيترو به ناهي. انگ اکر ٻڌائين ٿا ته 66 سيڪڙو وسيلا سڌي نموني فوج تي خرچ ٿين ٿا ۽ اڻ سڌن وسيلن جي خرچ سان ملائي فوج تي ٿيندڙ خرچ اسي سيڪڙي کان به وڌيڪ آهي. هٿيارن جي خريداري لاءِ اهي وسيلا به سامراج ڦٻائي ٿو. آخر هنن کان ڪو پڇي ته ايڏي پهريداري ڪنهن تي پيا ڪريو. اندر ڪجهه بچايو اٿو ڀنا، جنهن تي پهري جا ايڏا بندوبست پيا ٿين؟ ايڏي جٽ عوام سان اسلام ۽ نظريه پاڪستان جي نانءَ تي پئي ٿئي.

(ث) سامراج جي مڪمل جڪڙ ۾ ان جي مفادن جي نگهباني ڪندڙ بدعنوان حڪمران طبقن جي سياست جو روپ فوجي ۽ نيم فوجي راڄ آهن، جن سماج جي اندر ايڏي تخريب ڪئي آهي جنهن جو حساب ڪونهي. نفرتن کان سواءِ ٻيو ڪو ٻوٽو وڏي وڻ تي نه سگهيو آهي. سنڌ ۾ ٻاهرين آبادي جي ٻوڏ، سنڌين جو بي اختيار هئڻ، سنڌ تي ڪالاباغ ڊيم

ڏئي ڏينهن ٿيا مر!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو صليب تنگرڻ، سنڌ ۾ ڌاڙن ڦرين جو ماحول پيدا ٿيڻ، مندرن کي باهيون ڏيارڻ، افغان پاجوڪڙن جو هيروئن ۽ هٿيارن سميت پليگ بنجي پهچڻ، ڪراچي وارا فساد ۽ ٻيون سڀ اهي ڳالهيون جيڪي اسان لاءِ بي مثال آزار بڻجي ويون آهن، سي سڀ جون سڀ سامراج جون "نوازشون" آهن. فرق رڳو هڪڙو آهي ته ان جا ڏيکارڻ وارا ڏند اسان جا حاڪم آهن ۽ کائڻ وارا، ان جون گهڻ قومي ڪارپوريشنون آءِ ايم ايف، عالمي بئنڪ، يو ايس ايڊ ۽ امداد ڪنڌڙ ڪنسوريشم.

ان صورتحال ۾ پاڪستان اندر بورجوا جمهوريت، هتي جي مٿين لبرل طبقن ۽ نوڪر شاهي جي وچ ۾ تضاد جي شڪل بڻيل آهي. اهو تضاد مڪاني سطح تي بورجوا سياسي قوتن ۽ سياسي نوڪر شاهي جي وچ ۾ آهي، پر معاملا جيئن ته سامراج جي هٿ ۾ آهن. تنهن ڪري بورجوا جنهن جون نه عوام ۾ پاڙون آهن ۽ نه ان جو عوام سان ڪنهن خير خواهي ڪرڻ جو ارادو آهي، تنهن جي سياست سڄي جي سڄي سامراج کي پرچائڻ واري آهي. پرچائڻ واري ان ڪري جو سامراج ۽ بورجوا جي وچ ۾ ڪو به ڪيفيتي تضاد ناهي. اهو ئي سبب آهي، جو سمورين بورجوا سياسي پارٽين ۾ سامراج دشمني جي ڏپ به ناهي. ان جو مطلب ته بورجوا جمهوريت هن ملڪ جي علاج جو وت نٿي رکي البت وچولن شهري طبقن کي به چار خلاصا ساهه کڻڻ جو موقعو ملندو. پر گڏوگڏ سماج جي بنيادي تضادن کي ٽڏي ڪرڻ جون ڪجهه ڪوششون ضرور ٿينديون. پر زوال جي رفتار تي ڪو اثر نه پوندو ڇو جو سامراجي پرماريت کي روڪڻ بورجوا ڊيموڪريٽس جي مفاد وٽان نه ٿيندو. اها ئي ڳالهه آهي ته سنڌ ۾ توڙي ٻين هنڌن تي اهڙو ننڍو بورجوازي به پيدا ٿيو آهي، جنهن کي قومي بورجوا جي اوائلي شڪل سڏي سگهجي ٿو ۽ جيڪو پنهنجي ڏيتي ليتي ۾ سامراج سان لاڳاپيل ڪونهي يا جنهن جو هڪ هٿي سرمائيدار سان تضاد آهي سو عوام جي قومي ۽ جمهوري حقن ۾ سامراج دشمن قوتن جي صفن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ پر ساهي ٿو. اسان وٽ هيئين طبقن ۽ ان سامراج هڪ هٽي مخالف ننڍي بورجوا جو سياسي اظهار مختلف حلقن ذريعي ٿئي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن داستان جو مطلب اهو ٿو نڪري تہ پاڪستان ۾ قوميتن جي خوداختياري واري حق جو بنيادي تضاد سامراج ۽ مڪاني طرح اهو مضبوط مرڪز جي طرفدار بدعنوان نوڪر شاهي سان آهي. قومن جي خود اختياري واري حق جي بحالي سان اصل نقصان سامراج جي مفادن کي ٿيندو ۽ ہي ڏاڪي تي اهو نقصان مڪاني پرمار قوتن جو ٿيندو. ان ڪري سامراج ۽ سندس مڪاني ڇاڙتا، قومن جي خود اختياريٰ واري حق جي راهہ ۾ پنهنجي سموري طاقت سان رنڊڪ بڻيل آهن ۽ سڄو زور ان حق کي دبائڻ تي آهي، جنهن سبب قومي سوال، پاڪستان ۾ وڌ ۾ وڌ اهميت حاصل ڪري چڪو آهي ۽ ملڪي سياست بہ ان سوال کي موافق توڙي مخالف پاسن کان ويجهي ٿي آهي. ان سوال جي اهميت وڌڻ سان طئي ٿيو آهي تہ سنڌ شديد ہٿي جبر مان گذري رهي آهي ۽ اهي ہٿي جبر، ڪيفيتي طرح اصل ۾ هڪ ئي شيءِ آهن.

سنڌي ٻوليءَ جو سوال، ان سموري حال احوال کان ڌار ڪونهي. هتي هن موضوع جو واسطو سنڌي ادبي سنگت ۽ ٻين ادبي حلقن ۾ هلندڙ ان بحث جي سلسلي جي ڪڙي آهي، جيڪو ترقي پسند ليکڪن جي گولڊن جوبلي ڪانفرنس جي پڌرنامي کانپوءِ شروع ڪيو ويو. حڪمران اسانجي ملڪي ٻولين کي، انهن جي قوميتن وانگر ميڄڻ کان پڙ ڪيدا بيٺا آهن. اصل ۾ ٻولين جي تسليمي، قوميتن کي ميڄڻ برابر آهي ۽ مضبوط مرڪز ان کي نظريہ پاڪستان جي خلاف سمجهي، ٻولين جي اهڙي حق جو منڪر آهي جيڪو گڏيل قومن واري اداري جي انساني حقن واري چارٽر ۾ انسان جو بنيادي حق آهي. ٻوليءَ جي سوال کي، معاشي ۽ سياسي آزادين کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. ان ڪري هن سوال تي اسان جو موقف، سموري صورتحال تي اختيار ڪندڙ موقف جي حصي طور ئي ٿي سگهي ٿو.

هاڻي موجوده حالتن جي اونده ۾ ٻريل ڏياٽين جي روشني وڌائڻ لاءِ اسان کي ڪجهہ ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ ڪجهہ تجويزون پيش ڪجن ٿيون:

ادب جي سمورن مورچن تي ڪم تيز ٿيڻ کپي. اديب کي شاعر،

فڪشن جو ليکڪ، محقق، صحافي ۽ تعليم دان ٿي ڪم ڪرڻ ڪپي جيئڻ ادب سماجي رٿابندي جو ڪم ڏئي سگهي.

ادبي پليٽفارم کي هڪ عملي گڏيل محاذ بڻائي هلائجي ۽ ان ۾ مختلف سياسي پارٽين جي انفرادي طرح اثرانداز ٿيڻ کان بچائجي. خود عام راءِ کي ان ڳالهه لاءِ متحرڪ ڪجي ته سياسي ڌريون پاڻ سامراج دشمن گڏيل محاذ جي شڪل وٺن.

سياسي پارٽين تي زور پرجي ته عوام کي پنهنجن پروگرامن تي آماده ڪرڻ کان اڳ عوام کي سندس سڌن ۽ عام مسئلن تي متحد ڪرڻ ذريعي سياست ۾ آندو وڃي ۽ انهن مسئلن کي سياسي شڪل ڏئي گڏيل احتجاج منظم ڪيو وڃي.

اديب، سنڌ جي اصل مسئلن تي دستاويزي نوعيت جي ڪم کي تيز ڪن ۽ عوام کي مبالغن ۽ لفاظين مان ڪڍڻ لاءِ کين حقيقتن سان وڌيڪ ويجهو ڪن يا حقيقتن بابت سندن فهم جي اوجر ڪن.

سائين محمد ابراهيم جويي، ترقي پسند گولڊن جوبلي ڪانفرنس ۾ پورهيت عوام جي جنهن پريس جو تصور ڏنو ان کي عملي شڪل وٺائڻ لاءِ اپاءَ وٺجن.

سنڌ تي آيل ترت خطرن مان هن وقت مراد، سنڌ ڏانهن ٻاهرين آبادي جي لڏپلاڻ ۽ افغان پاچوڪڙن جو سڄي سنڌ ۾ ڦهلاءُ ۽ مختلف بهانن سان سنڌ تي ٿيندڙ آپريشن آهن.

مئي 1986ع ۾ سڪرنڊ ۾ سائين محمد ابراهيم جويي جي صدارت ۾ اديبن جي ٿيل گڏجاڻيءَ وارين سفارشن تي غور ويچار سان عمل ڪرڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ. اهي اپاءَ سنڌي ادبي سنگت کي وڌيڪ فعال بنجڻ ۾ مدد ڏيندا.

سامراج طرفان مڙهيل ٻٽي جبر مان جند ڇڏائڻ تي فڪري سطح تي سمورين قوميتن جي ترقي پسند اديبن کي هڪ ٻئي جي ويجهو ڪرڻ لاءِ ٿيندڙ ڪوشش ۾ شامل ٿيڻ ۽ ان ۾ ڀرپور ۽ اڳواٽي وارو ڪردار نڀائڻ.

پاڪستان ۾ ٻولين جي مسئلن تي ان موقف سان اتفاق ڪرڻ، جيڪو ترقي پسند گولڊن جوبلي ڪانفرنس جي پڌرنامي ۾ اختيار ڪيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو جيڪو هنن شديد فاشسٽ حالتن ۾ نهايت معقول آهي. هتي پڌرنامي جي ان لاڳاپيل حصي جو حوالو ڏجي ٿو: "نون آزاد ٿيل ملڪن جي حاڪمن پرڏيهي سامراج جي هنج ۾ پرورش پاتي آهي. اهي پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت کان اوپرا ٿي ويا آهن. فڪري ۽ ثقافتي لحاظ کان غلاماڻي ذهنيت رکڻ وارا قومي ٻولين ۽ ثقافتن کي خسيس ڪري سمجهن ٿا. انهن پنهنجي ٻارن لاءِ انگريزي کي پڙهائي جو وسيلو بنائي رکيو آهي تنهن ڪري مٿاهين درجي جي نوڪرين لاءِ جيڪو امتحاني ڪورس تيار ڪيو وڃي ٿو تنهن ۾ اعليٰ صلاحيت رکندڙ ڪنهن به اميدوار جو ڪامياب ٿيڻ تيستائين اڻ ٿيڻو آهي، جيسين اهو انگريزي ٻولي تي پورو عبور نه رکندو هجي. اهڙي طرح سرڪاري ادارن تي انهن ئي طبقن جي هڪ هٽي آهي. پر جيڪڏهن اتفاق سان ٻين طبقن جو ڪو فرد ڀل چُڪ سان انهيءَ لڏي ۾ شامل ٿي به وڃي ٿو ته اهو ٿوري وقت ۾ ئي انهيءَ ڪين واري ڳُن ۾ پنهنجو وجود وڃائي ويهي ٿو. حاڪم طبقا جيڪڏهن انهيءَ کان ٿورڙو اڳتي وڌن ٿا ته اردو کي ٻين قومي ٻولين جي مقابلي ۾ آڻيو ٻيهارين، تاريخي، سياسي ۽ اقتصادي ارتقا ۽ ان جي نتيجي ۾ پئدا ٿيندڙ تاريخي ناتن سببان اردو رابطي (لهه وچڙ) واري ٻوليءَ جي حيثيت حاصل ڪري ورتي آهي، تنهن ڪري پاڪستان جي ٻين ٻولين جا ڳالهائيندڙ هن تاريخي حقيقت کي تسليم ڪن ٿا پر اردوءَ کي سندن ٻولين جو ڪوس ڪري انهن جي جاءِ تي مڙهڻ واري عمل جي خلاف آهن.

"ترقي پسند ادبي تحريڪ اهڙي تعليمي سرشتي جي طرفدار آهي جيڪو مادري ٻولين کي تعليم جي وسيلي واري حيثيت ۾ اختيار ڪري ٿو ۽ انهن کي نوڪرين ۽ چٽاڀيٽي جي سيني امتحانن ۾ اظهار جو وسيلو قرار ڏئي ٿي.

"اسين اهو پختو ويساهه رکون ٿا ته سموريون قومي ٻوليون ۽ ثقافتون واڌ ويجهه ۽ ترقي جون هڪ جيتريون حقدار آهن جيڪڏهن ڪا ٻولي ۽ ثقافت ترقيءَ جي ڊوڙ ۾ پٺتي رهيل هجي ته ترقي ڪيل ٻولي ۽ ثقافت سان واسطو رکندڙن جو فرض آهي ته اهي انهيءَ ٻولي ۽ ثقافت جي احترام کي فرض سمجهندي ان جي ترقي ۾ هر ممڪن سهڪار ڪن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين اهڙي لاڙي جي مخالفت ڪريون ٿا جيڪو ڪنهن هڪ ٻوليءَ يا ثقافت کي ٻين کان مٿير و سڏيندو هجي يا ان جي مٿيرائپ قائم رکڻ گهرندو هجي.“

”اسين اعلان ڪريون ٿا ته ترقي پسند ادبي تحريڪ سمورين قومن جي حق خود اختياريءَ جي بنا ڪنهن شرط شروط جي حمايت ڪري ٿي.

(نوٽ: 31 ڊسمبر 86ع تي حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي سنگت، سنڌ طرفان سڏايل نمائنده اديبن جي گڏجاڻي ۾ پڙهيل مضمون).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عوام جو فيصلو ۽ دانشور

سنڌ ۾ پاڪستان اندر جمهوريت جي سوال تي اديب ۽ دانشور ۾ گهٽي سنجيدگي ڏسڻ ۾ نه آئي آهي. ان جو ڪارڻ اُها مايوسي آهي، جيڪا حاڪمن جي پئدا ڪيل آهي. سنڌ جو دانشور پاڪستان ۾ جمهوريت جي سوال کان هن وقت تائين مڪمل مايوسي ظاهر ڪندو آيو آهي، جيڪو خود هڪ وڏو دليل آهي، ته واقعي هن ملڪ ۾ جمهوريت جا امڪان نهايت اونداها آهن. هڪ خاص ٽولو آهي، جيڪو پلجي ته عوام جي پگهر ۽ پورهئي تي ٿو پر سندس خيال آهي، ته جيئن هو سوچي ۽ ڪري ٿو سوئي سڀ درست آهي. سندس ان ئي سوچ توڙي عمل جي نتيجي ۾ ملڪ اڌو اڌ ٿي ويو ۽ سنڌي دانشور اديب ۽ ڪيترائي سياسي گروهه پاڪستان اندر جمهوريت جي مستقبل کان نراس ٿي چڪا آهن. اها ته اجا به پوءِ جي ڳالهه آهي، ته پلا جمهوريت ڪهڙي ۽ ڪيئن. سنڌ جي دانشورن جو هن ملڪ ۾ جمهوريت کان مايوس ٿيڻ ڪا معمولي ڳالهه ناهي. هو ڪانو ڪي لُڙ ۾ مزو واري هلت هلڻ جي ابتڙ سوچ ۾ ٻڌل آهن. تاريخ سان سندن رشتو آهي، ماضي مان هو گهمي ڦري آيل آهن. رهن حال ۾ پيا ۽ اکيون مستقبل تي اٿن. هو جيڪي ڪجهه ڏسن ٿا، سو هر ڪنهن جي وس ۾ ناهي، پر هڪ شهري جي حيثيت ۾ هو هر ڪنهن سان گڏ آهن ۽ ايترا مجبور ۽ معصوم آهن جيترو سڄو ڏيهه ۽ سموري خلق. انسان ذات جي اُن حصي ڪي جيڪو ساڻن گڏ رهي ٿو تنهن ڪي اڳيرو ڪرڻ لاءِ هو ڪيس مادي ۽ روحاني معلومات پهچائڻ چاهين ٿا. تنهن ڪري سندن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوليت انهن آزادين جي بحالي آهي، جن سان هو پنهنجو اهو منصب نباهي سگهن.

سنڌ جو دانشور پاڪستان ۾ جمهوريت جي امڪانن کان مايوسي هيٺ ڪيئي فيصلا ڪري چڪو آهي. جيڪي سندس ذهن جي تهه خانن ۾ لڪل آهن ۽ هو انهن کي ظاهر نه ٿو ڪري سگهي. سندس الميو اهو ئي آهي، ته هن جي خيال ۽ فڪر جا ڦيٽا. جيڪي سياسي تنظيمون ئي ٿي سگهن ٿا. تن سان عملي ويجهڙائپ ناهيس جنهن ڪري هئي هڪ اڻ معياري هنڌ تي بيٺل آهن ۽ سندن مونجهه ۽ مايوسي به وڌي رهي آهي.

جمهوريت جي اچڻ ڪان اڳ سنڌي دانشور تي بحث ان ڪري ڪيو پيو وڃي، جو سنڌي دانشور ۽ اديب به ايترو اهم آهي جيتري جمهوريت يا سموريون انساني آزاديون. هيءَ ڪا لباڙ ۽ ٻٽاڪ ناهي، پر سنڌي ماڻهوءَ جي اعصابن تي جيڪي بار وڌا ويا آهن، سي گذريل صدين کان اج تائين ڪيئن برداشت ٿيا آهن؟ گذريل يارهن سالن جي آمريت جو "بلڊ پريشر" سنڌي ماڻهوءَ ڪهڙي پل تي پوڳي اڳتي وڌيو آهي. اهو سنڌي ڪلچر ۾ شاهه لطيف کان اياز ۽ نئين پيڙهي جي هر تخليقڪار جو حصو آهي، جيڪو روحاني جيئاپي لاءِ نوان اُمنگ ڏئي رهيو آهي. هيڏين مايوسين ۽ عذابن کان پوءِ به سنڌ زنده آهي ۽ منجهس زنده رهڻ جو جذبو تازو توانو آهي. ان ۾ اسان جي ثقافتي زندگيءَ جا ڪيئي پاسا آهن جن جو جيئاپي ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. بين سان گڏ جيڪڏهن رڳو هڪ دانشور وتائي جو نالو ئي ڪٽي ونجي، ته ڇا ڪنهن کي يقين نه ايندو؟ ۽ اج هي سنڌي ادبي سنگت جو هيڏو سارو پلئٽفارم ڪهڙي ڳالهه جي شاهدي ڏئي رهيو آهي. اها ته سنڌي ماڻهوءَ ۾ زندهه رهڻ جو امنگ نه رڳو موجود آهي، پر پرماريت تي پلجندڙ ٽولن ۾ به ايڏو وٽ ناهي.

اديب تي به اکر ڳالهائڻ کان پوءِ پاڻ وري موٽون ٿا جمهوريت جي سوال ڏانهن. هتي آءُ هڪڙو منظر واضح ڪندو هلان. هڪ طرف رياست، عوام دشمن قوتن جي هٿ ۾ آهي ۽ ان جا ادارا ملڪي زندگيءَ جو ساهه مٺ ۾ ڪري ويٺا آهن. بدعنوان آهن. جرم، ملڪي معيشت کي تباهه


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پاسي ڪجن ٿا. سوشلسٽ سياست ڪندڙن جا اتحاد، لڳ لڳاپا، بي عمليون، انائون، دنيا جي دانش جون اڪيليون مالڪيون. اکيون آسمان ۾ ۽ زمين پيرن هيٺان کسڪندي ويندي، روز ٽوڙ ڦوڙ ۽ پيچ ڍاهه. آخر ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي جي هنن لفظن کي به ڪو وزن آهي ته: ”ڪميونسٽن ۾ ٿيندڙ ٽوڙ ڦوڙ جي ذميداري گهڻي ڀاڱي ڪميونسٽ پارٽي جي قيادت تي هوندي آهي“. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي هاري هلچل جي پيٺ ۾ هتي ڪا به اهڙي سياست پئدا نه ٿي آهي، جيڪا سڌي سنئين پورهيت طبقن جي هجي. اسان جي هنن گروهن جي اوليت ۾ عوام کي، پورهيت طبقن کي منظم ڪرڻ شامل ناهي. نظرياتي طرح دوست ائين بنهه نه مڃيندا، ۽ کين مڃڻ به نه گهرجي، پر سندن عمل جو ڇيهه ٿيڻو هوندو ته اچي ”سنڌ قومي اتحاد“ تي ٿيندو جيڪو به پنهنجي ڪنوينر چام ساقي جي چونڊن ۾ طرفداري ڪري يا نه ڪري، اهو فيصلو چونڊن ٿي وڃڻ کانپوءِ به سامهون نه اچي. ڊاڪٽر ارباب، چام ساقي ۽ ادريس جو سياسي ڇيهه اتي اچي ٿو ٿئي، ته جتي ضياءَ حڪومت جو وزير سيد ڪوڙل شاهه موجود آهي، اُتي اُن ساڳئي پليٽ فارم تي هي به همراهه ويٺا هوندا. (هنن اڳواڻن جا نالا ان ڪري ڏجن ٿا جو تنظيمن جي حيثيت سندن پيٺ ۾ رسمي ظاهر ٿئي آهي) سياسي ڊيوالپڻي جو ان کان اڳي ڪو انت نه ٿو ٿي سگهي. پلا ڪٿي جي بورجوا سياست ڪرڻي ئي آهي، جنهن جا نظرياتي طرح توهان مخالف آهيو پر عملي طرح ان کان ٻاهر ڪڏهن نڪتا ئي نه آهيو ته به ڪو تورو گهٽو ہوتو ته ڀاريو. ڀيو نه ته به رسول بخش پليجي وانگر ڪو تنظيم ڊانچو يا ڏيک وائک ته هجي. جيڪڏهن بورجوا سياست ئي ڪرڻي آهي، ته اُها ڪريو به پيا ۽ حجاب ۽ تڪلف ۾ به آهيو ته ائين ته مونجهارا وڌندا. جيڪا به سياست ڪجي، قائل ٿي، دليل ڏئي، پوري منطق سان ڪجي. هميشه بڏتر ۾ هجڻ جو ڪهڙو فائدو. رسول بخش پليجو ان ڏس ۾ ايترو ته اڳتي وڌيو آهي، جو بورجوا پارٽين جي متبادل طور ڪاميابيءَ سان پاڻ مڃائي چڪو آهي. هوڏانهن سائين جي ايم سيد آهي، جيڪو پنهنجن لکيل ڪتابن کي ڪافي نه سمجهي سياست به ڪري ٿو. پاڪستان کي نه ٿو مڃي، 1973ع جي آئين کي تسليم نه ٿو ڪري، پر هر

ڪوشش ڪريون. ٽوڙيو آهي، تہ وري بہ حاڪم طبقا ۽ برتر قوميت پاڻ ٽوڙيءِ ائين جيئن بنگال جي عوام جي جمهوري فيصلي کي مڃڻ کان انڪار ڪيو ويو هو. سنڌي ماڻهن جي هن يڪمشت ووٽ ڏيڻ جو مطلب هي بہ نڪتو تہ جيڪڏهن ڪنهن کي غلط فهمي آهي، تہ گذريل يارهن سالن ۾ مارون کائي، سازشن مان گذري سنڌي ورهائجي ويا آهن، تہ ان کي غلط ثابت ڪري اڳلن جا دماغ درست ڪري ڇڏجن. هن فيصلي سان ڪراچي ۽ حيدرآباد شهرن مان اُيرندڙ قوت ايم ڪيو ايم کي بہ اها "سهولت" نہ ملي تہ ورهايل ۽ ٽڙيل پکڙيل سنڌي ماڻهن تي راڄ ڪري وٺي. هن فيصلي ۾ هڪڙو مطلب هي، بہ نڪري ٿو تہ جيڪا متبادل سياست اڳتي هلي پيدا ٿيڻي آهي، ان پنهنجي ڪوتاهين پرکڻ جو موقعو ملي. مطلب هي، تہ عوام پنهنجي فيصلي ذريعي سمورين ڌرين کي چرپر ۾ آڻي ڇڏيو آهي.

پيپلس پارٽي خود هڪ گهٽي طبقاتي پارٽي آهي ۽ ان جي مجبورين، مصلحتن ۽ مٿس پوندڙ دٻائن جي جيڪڏهن عملي سطح تي ويهي ڇنڊڇاڻ ڪبي، تہ ڪي وڏيڪ نتيجا سامهون نہ ايندا. ڪري هن پارٽي جي معاشي سياسي پاليسين جي باري ۾ گهٽي خوشفهمي جي ضرورت ان ڪري ناهي جو ڏسڻو آهي تہ ڪيس اقتدار ڪهڙن شرطن تي مليو ٿو. ان جا ڪارائتا پاسا هي آهن، تہ هاڻي هن پارٽي کي جدوجهد ۽ تڪليفن جو تجربو آهي. هيءَ مذهبي پارٽي ناهي ۽ وڏي ڳالهہ تہ عوام جي ووٽ سان پاڻ مڃرائي چڪي آهي.

سنڌ جي ترقي پسند اديب، دانشور ۽ سياستڪار کي هاڻي نين حقيقتن کي منهن ڏئي رهڻو آهي، خاص طرح ان حالت ۾ بہ تہ يارهن سالن جي آمريت ۾ اقتدار ماڻيندڙن شڪست کان بچڻ واسطي چونڊ مهم ۾ ئي سنڌي قومپرست هئڻ جون دعوائون ڪرڻ شروع ڪيون. ايندڙ وقت ۾ "قومپرستن" جو هي نئون ٽولو بہ پنهنجي دور جا "ڪارناما" ڪٽي اچي سامهون بيهندو ۽ سيني تي هٿ هڻي سنڌي قوم جي خير خواهي جو دم پريندو.

هن حالت ۾ پاڻ کي ڇا ڪرڻ گهرجي، سا ڳالهہ اهم آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريائين تہ جمهوريت جي سلسلي ۾ مايوسيءَ کي عوام هڪ حد تائين ختم ڪيو آهي. عوام جي هن فيصلي سبب جمهوريت جا دشمن ڏاڍا پريشان ٿي ويا آهن. آمريت پرستن جا اندازا غلط ٿيا ۽ ڪين عوام خلاف سازشن جو ورڇ نئون باب کولڻو پوندو. ان لاءِ پ پ ۽ اسلامي جمهوري اتحاد تي پنهنجي نموني ڪم ڪندا. عوام جي ڪاميابي کي ورڇ بہ پنهنجي سرپرستي ۾ پنهنجي مفادن، سامراجي مفادن ۽ گهٽ ۾ گهٽ بين ناجائز مفادن کي ملائي سلائي هلائيندا. هو عوام جا هٿ پير ورڇ بہ ٻڌي رکندا. پر هو وقت جي چرپر جي جدلي نفسياتي پاسن کي ڏسي نہ ٿا سگهن. ناجائز ۽ عوام دشمن مفاد پاڻ کي پختو ڪرڻ ۽ ٻي اُلڪي ٿيڻ لاءِ ڪيڏا بہ بندوبست ڪن، جائز نہ ٿا ٿي سگهن.

هي مضمون شايع ٿيڻ تائين ملڪ ۾ اقتدار جي منتقلي بابت شايد ڪا صورتحال واضح ٿئي، پر پاڻ کي حاڪمن جي ٻاري ۾ جيئڻ تہ خوشفهمي ناهي تنهن ڪري ان سوال کي پاسي تي رکي جمهوري قوتن کي عوام جي آزادي لاءِ ڪم ڪرڻو آهي.

هن نئين صورتحال ۾ سنڌي اديب ۽ دانشور، توڙي ترقي پسند سياستڪار کي اڱوٺا سمورا تڪلف توڙڻا پوندا. ائين نہ ٿئي جو هڪ ٻئي جا لحاظ ڪرڻ ۾ تاريخ جا ڏوهاري بڻجي وڃون.

موجود ۽ ايندڙ وقت دانشور، سياستڪار ۽ سماجي ڪارڪن تي هي ذميداريون وجهي ٿو:

جمهوريت، قومي سوال ۽ عوام جي مڪاني مسئلن کي سڏي طرح ڳنڍڻ جي واٽ طئي ڪرڻ.

مسئلن جي نبيري ۽ پرماريت جي هر قسم جي خاتمي لاءِ گڏيل، منظم ۽ مستقل احتجاج کي تيار ڪرڻ.

ماضيءَ ۾ يا هيل تائين جن ڪليل پليٽفارمن تان سنڌ دشمني ۽ جمهوريت دشمني ٿي آهي، تن جو مڪمل مطالعو تيار ڪري سامهون آڻڻ.
هن سلسلي ۾ خاص طرح سان پنجاب مان نڪرندڙ اردو اخبارن کي خاص موضوع بڻائڻو پوندو جن بنا دم ڪٽڻ جي آمريتي پاليسي بازن جو حصو بڻجي سنڌ خلاف زهريلي پروپيگنڊا ڪري سنڌي مزاج کي بگاڙي پيش


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو آهي. پاڻ هتي سنڌ ۾ ويهي انهن جي حرڪتن ڏسڻ کان محروم آهيون.

انساني حقن جي اهميت کي زور وٺرائڻ لاءِ ان موضوع کي تعليمي نصاب ۽ خاص ڪري پوليس ۽ فوج جي تربيتي ڪورسز ۾ شامل ڪرڻ تي زور ڏيڻ.

صحافت کي ٻين حاڪم قسم جي مصلحتن مان ڪڍي ان کي عوام لاءِ معلومات جو اڻ کٽ وسيلو بنائڻ. خاص طرح سان سنڌي صحافت جو معيار بلند ڪرڻ لاءِ اُپاءَ وٺڻ. ياد رکڻ گهرجي، ته سنڌي صحافت جو معيار تڏهن وڌندو جڏهن صحافتي ۽ پريس عملي کي گهٽ ۾ گهٽ بہ مروج قانونن هيٺ معاوضو ملي ۽ ملازمت جي ضمانت ڏني وڃي ۽ سنڌس ٽريڊ يونين واري حق کي بحال ڪيو وڃي.

ادب جي تخليق، تحقيق ۽ اشاعت، عالمي ادب جي ترجمن جي گهٽ کان گهٽي اُپت ۽ ان کي عوام تائين گهٽ لاڳت ۽ قيمت سان پهچائڻ.

ملڪ جي سموري اڻ پڙهيل آبادي کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال اندر ايترو پاڙهڻ جو اُها اخبار پڙهڻ جي لائق ٿي وڃي.

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هيڏي شهر پنيور ۾

**پهرين** عيسوي صديءَ کان تيرهين عيسوي صديءَ تائين پنيور ستين، برٽين، برهمڻي، ساساني ۽ عربي تهذيبن جا اثر پاڻ ۾ ڍڪاريندو وڌندو آيو. سگهاري سنڌو جيئن ئي ڪائنس منهن موڙيو تہ تباهي اڻ ٽر بنجي وئي. تاريخ پاران تباهيءَ جو اهو هڪڙو جاگرافيائي سبب انساني تجربن ۾ شامل ڪيو ويو. پر پنهنجو انساني تجربو جنهن ۾ پنيور کي باهہ لڳي سو ڏاڍو پوائتو تجربو هو.

تاريخ جا ڪي سبق پنهنجي اهميت وڃائي بہ ويهندا آهن. ائين جيئن هاڻي ڪنهن جديد آباديءَ لاءِ ضروري ناهي تہ درياهہ جو ڪنارو ويجهو هجيس. هاڻي صنعتي زمانو آهي ۽ ماڻهو پنهنجون گڏيل ضرورتون ٽيڪنالاجي جي آڌار تي پوريون ڪري سگهن ٿا.

تيرهن صدين جي تاريخ انهن شين منجهان ظاهر ٿئي ٿي، جيڪي مختلف زمانن جي حوالي سان کوٽائي ذريعي لڌيون ويون آهن. ٺڪرن تي چٽساليون ۽ سرمو پائڻ واريون اهي سرايون جيڪي اڄ بہ موجود آهن، سي بہ لڌيون آهن. هر دور جي شين ۾ هڪڙو سڌو فرق بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پراڻيون شيون پوءِ وارين شين جي ڀيٽ ۾ گهٽيون پئتي پيل آهن. انساني تجربن هميشہ مدي خارج ڳالهين کي ڇڏي، ڪمائتي نواڻ کي قبول ڪيو آهي.

پر هڪڙو عجيب سوال اُڀري ٿو. ڏاڍو عجب. انهن تيرهن سئو سالن ۾ جتي انسانن جا انبوهہ ايندا ويندا رهيا، جتي هيڏانهن هوڏانهن جي ماڻهن جي دائمي رهائش ٿي، اُتي اخلاقيات، ڏاهپ، جماليات، سٺي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خراب جي وچ ۾ پرک ڪرڻ جي لاڙن بہ ترقي ڪئي هوندي. اها ترقي ٿيڻ گھربي هئي. پر اها وٺي ڪيڏانھن اهو واس ڪيڏانهن ويو جيڪو ڪيچ مڪران جي مشڪ ۽ عطر وارن قافلن جي پهچڻ سان ٿيندو هو. ڪاريگري جا نمونا تہ آهن. پر آنس ۽ سڪ جو ڏيئنگو چو ڏيري ٿيل آهي.

سنڌ جي سامونڊي ڪناري سان گڏ ۽ سنڌ تي آيل تاريخ جي وڏين آبدائن کي ويجھڙائي ۾ هئڻ سبب تاريخدانن پنهنجي پنهنجي مرضيءَ سان ڀنڀور جي تاريخي حيثيتن کي، پنهنجي ليکي پٽي بليڪ ميل ڪيو آهي ايئن جيئن تاريخ جا انيڪ واقعا درباري مورخن جا گھڙيل يا سندن مرضيءَ سارو چڪيل آهن ڇاڪاڻ تہ وٽن تاريخ جي وصف آهي ئي بادشاهن جي تعريف ڪرڻ.

ڀنڀور اهو هنڌ آهي جتان عربن سنڌ تي ڪاهہ ڪئي هئي. يا ڀنڀور جي هڪ جاءِ، مندر آهي يا مسجد. ان ڪانسواءِ بہ هڪڙو بحث آهي، هڪڙي ڏکي تمثيل آهي، جيڪا سچي سنڌ جي تاريخ کي پاڻ ۾ سموهي ۽ سهيڙي ٿي. جتي لوڪ ادب جي آدرشي ۽ سورما ڪردارن، سسئي ۽ پنهون جي پيار وارن پيچن سان ويساهہ گھاتي ٿي ۽ جيڪا هتان جي ماڻهن سان ٿيل وڏي ۽ تاريخي ويساهہ گھاتي جو هڪ اولڙو آهي. هاڻي سسئي جي باغ جي حفاظت نہ ٿي ٿئي، تہ دل تي ڏکيئون ۽ ڏکڻ بہ گھرجي، ڇاڪاڻ تہ حال جي بيوسي جو بدلو ماضيءَ جي سورهيائپ کان ورتو ويندو آهي. سنڌ جي پنهنجي شان لاءِ ويڙهاند. پلي آئرلينڊ واري ويڙهاند سان پڇي نہ سگھندي هجي ۽ ماضيءَ ۾ پل هڪ پيار ڪندڙ آدرشي ڇوڪري، پهڻ ۽ پٻ جهاڳيندي، پنهنجي مرضي ڪانسواءِ لوڪ ادب کي شاهوڪار ڪرڻ لاءِ پيرِ پٿون ڪندي مري وئي هجي، پر اسين ڪير ٿيندا آهيون، جو هاڻي بہ ڀنڀور کي باهہ ڏيڻ کان بچائي سگھون.

سسئي ۽ پنهون وارو حادثو اسان جي تاريخ جو اهڙو ڏکھو حادثو آهي، جيڪو اڃا تائين جاري آهي ۽ جڏهن "ڀنڀور کي باهہ ڏيڻ" جهڙي ڳالهہ هاڻي بہ ٿيندي آهي، تڏهن اختيارن جي سطح تي ان جون صفايون ڪري، دلين جي ڀنڀور جي باهہ وسائڻ بدران، ڀنيٺ تي تيل وجهڻ جو ڪم ڪندا آهيون، ڇاڪاڻ تہ اسان جو ڪردار اڄ بہ پنهونءَ جي ڀائرن وارو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃڻ، مسئي جو رلي وڃڻ، ميلاپ ۽ وڇوڙي جي قوتن جي ڇڪتاڻ کان وٺي ڪنڌرن تائين. اهو سڀ ڪجهه ايڏي اهميت ٿو رکي، جنهن کي شاهه لطيف گهٽو اتم سمجهي ان تي زور ڏئي ٿو ۽ هڪڙو نه- به پر سچا سارا پنج سر، مسئي آبري کان وٺي حسيني تائين ڪاهيندو ڏاڍيون ڪارائتيون ڳالهيون پڌائيندو ۽ اکئين پسائيندو ٿو هلي.

بـر مـڙيـوئـي بـوءِ، ڇـهـرڇـاتـو مـڪـيـون
ٻـهـه ٻـهـه تـي ڀـنـڀـور ۾، هـنـڌ مـڙيـئـي هـوءِ
راڻـــن وري روءِ، گـــونـــدر لاٿـــا ڳـــولـــئـــيـــن،

جنهن ڀنڀور ۾ ٻهه ٻهه تي ۽ جنهن ٻهه ٻهه جو ساکي هي ڀنڀور وارو عجائب گهر آهي تنهن کي نيٽ ٽيو ڇا؟

تاريخ ان کي پهرين عيسوي صديءَ کان ڪٽي اچي 13 عيسوي صديءَ تي پهچايو. سنڌو ڪائنس منهن موڙي وئي. اهي ته هڪڙا سڌا سنوان ۽ عام سمجهه ۾ اچڻ وارا سبب آهن، پر شاهه لطيف قديم آثارن جو ماهر نه هو ۽ نه ئي اتي اچي کوٽائي ڪرائي هوندائين ۽ هي 1958ع ۾ ٽيل کوٽائيءَ ۾ وڏي پئماني تي ڀنڀور کي باهه جو ڏني وئي هئي. پر سورهين ۽ سترهين صديءَ جي ماڻهن تائين ان باهه جون خبرون پهتيون هيون. درباري مورخن جي ويڪائو قلمن ذريعي نه، پر عوام جي ذريعي، جيڪو ڪجهه عرصي لاءِ گهٽيون ڳالهيون ته وساري ويهندو آهي، پر بنيادي قدر ڪائنس نه وسري سگهندا آهن. ان طرح سان هو پنهنجي تاريخ کي محفوظ رکندو آهي. شاهه لطيف جاگيرون وٺي تاريخ جي لکڻ جو ڪم نه ڪيو هو پر جيئن ته هو عوام جي ثقافت ۽ روح جو عيوضي هو تنهن ڪري ٻڌائي ويو ته:

"ڀينر هن ڀنڀور ۾ دوزخ جون دونهون" ۽ شاهه لطيف ان دوزخ جي دونهين وارين حالتن جي پس منظر کان به آگاهي ڪرائي آهي. ڪا به انساني وسندي، ڪو به سماجي سرشتو جڏهن ماڻهپي جي بنيادي قدرن ۽ ماڻهوءَ جي مان کي وساري ويهندو آهي ۽ جڏهن اتي: "ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو مٿو اگهاڙو ٿيندو آهي"، ته "ڀينر ڪجاڙو منهنجو هن ڀنڀور ۾". جي ويڳاڻپ واري حالت ٿيندي آهي، تڏهن ان بستي ۽ ان سرشتي ۽ ان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دور جي آقائن کان بقاءَ جو حق کسجي ويندو آهي.

”پينر پنيورا پچوتا اُبهو پرائيا. اڳي ان ماڳا سر تين سور“ يا ”هاڻي هن پنيور ۾ گهاريان ڪارڻ ڪن“.

سو جڏهن پنيور سسئي جي اهڃاڻي لاڳاپي سان، سماجي ساڃهه جي نڌان واري حالت کي پهتو تڏهن ”پنيور اجاڙ سر تيون سکر پائيان“.

پر انساني وجود ايڏو ضروري، مکيہ ۽ بنيادي آهي جو ”ڏيئي باهہ پنيور کي آئون آيس تو ڳري“ تائين مجبور ٿيڻو پيو. هونئن ڏسجي تہ ظاهري طرح سان پنهونءَ جي ڪجي ويڃڻ ۾ پنيور جو ڪو ڏوهہ ڪو نہ هو. انهيءَ قسم جي واردات ڪٿان بہ ٿي پئي سگهي، پر پٽائي جنهن ڳالهہ کي ڏسي پنيور کي ملامت جوڳو ڪيو تنهن جو اشارو هن سچ منجهان ملي ٿو تہ ”هيڏي شهر پنيور ۾ ساريان ڪو نہ سهي“. ان ڪري اهڙو پنيور جتي انسانن جي واهر ڪو نہ ٿي ٿئي، تنهن ۾ جيئري رهڻ بدران مقصد ڪارڻ اوکا پنڌ پهاڙ جي جهاڳي مرڻ وڌيڪ ڪارائتو عمل آهي.

” پڳيس جان پنيور ڪان،
تان سور مڙيئي سک“

(پنيور سيمينار لاءِ لکيل).


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي ڪلچر ۽ ادب

"**حياتي** تڪرائن کان پنهنجو سفر شروع ٿي ڪري ۽ جيئرا جاڳندا تڪراءَ انساني ذهن ۾ پهرين ست سمجهه ۾ اچڻ کان وڏيڪ پنهنجي جوهر ۾ اڻ ڳڻيا، مختلف ۽ گهرا آهن".

هي لفظ جرمنيءَ جي مشهور ڏاهي فريڊرڪ هيگل جا آهن. هن جا اهي لفظ نچوڙ آهن ان وسع انساني حياتيءَ جي سماجي اوسر جا قانون طئہ ڪيا آهن ۽ ان جي آڌار تي ئي زندگيءَ پنهنجي سفر جو منطق پيش ڪندي اڳتي وڌندي رهي ٿي ۽ جنهن زندگيءَ جا مختلف ڏاڪا، مرحلا، زمانا يا دور آهن. زندگي پنهنجي ان ڏکهي سفر ۾ حياتيات (Biological) جي بنياد کان هلندي، نفسيات جهڙي ڳوڙهي ۽ اوکي مرحلي تائين پهچي ٿي، جن جي وچ ۾ فطري ۽ سماجي تڪرائن جون پوڳنائون سهندي، بهرحال پنهنجو سفر جاري رکندي پئي اچي ۽ اجا تائين ڪا اهڙي علامت يا دليل سگهاري صورت نہ وٺي سگهيا آهن. جنهن ڪري زندگيءَ کان انسان بنهہ بيزار ٿي پوي، (البت ان ڏس ۾ ٿيندڙ سازشن جو ڪاٿو ڪونهي).

تڪراءَ، زندگيءَ کي سگهہ بخشيندڙ آهن. جن کان سواءِ هوءَ هينئر ايتري سگهاري، ڏاهي، سچيت ۽ پاٽيري ٿي نہ سگهي ها. تهذيبون ۽ انسانيت جا جاگرافي ايڪا ان وشال جيوت جا حصا آهن. تنهن ڪري قومن جي جياپي، اٿڻ ويهڻ ۽ گڏيل ورتاءَ ۾ زندگيءَ جا اهي سڀ تڪراءَ ۽ اڳتي وڌڻ وارا گڻ موجود آهن. جيڪي انساني جياپي لاءِ گهربل ۽ ضروري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. ڏرتيءَ جو اهو حصو جنهن کي سنڌ ڪوٺيو وڃي ٿو ان جي چچريل روح کي ڪهڙي زهريلي خوراڪ تي هيرايو ويو آهي، جنهن سبب اها انسان ذات جي عالمگير آدرش ۽ ضمير جي ويڙهاند ۾ پٺتي رهيل آهي؟! اهو اسان جي ڪلچر ۽ ادب کي اڄ جو سڀ کان وڏو للڪاريندڙ سوال آهي.

ڪلچر ۽ سماج پاڻ ۾ لازمي طرح سان لاڳاپيل آهن. تاريخ کان گهڻو اڳ ۾ واري زماني ۾ جڏهن انسان غير سماجي زندگي گهاريندو هو تڏهن جيئڻ لاءِ هن جي چتاپيتي داخلي يا اندروني گهٽ، ۽ ٻاهرين وڌيڪ هئي. جن ضرورتن سببن ان سماجي زندگي گهارڻ انسان لاءِ اڻ ٽر امر ٿي پيو تن جي عمل ۾ اچڻ کان پوءِ، انسانن جي سموري داخلي ورتاءَ ڪلچر جي صورت ورتي. جنهن ۾ هن جي ذهني لاڙن جو به دخل آهي ۽ جنهن جيءُ گڏيل ۽ وڌ ۾ وڌ سڌريل صورت کي تهذيب ڪوٺيو پيو وڃي.

سڄي ننڍي کنڊ وانگر سنڌ ۾ به. ڏهرائپ ۽ هراس جو عام ماڻهوءَ تي ڏگهو اثر رهيو آهي ۽ هينئر تائين نبل، ۽ هيسيل ڪلچر جو حصو رهيا آهن. هتي اعتراض ٿي سگهي ٿو ته ماڻهو يا فرد پنهنجي سر پاڻ ڪهڙي طرح ڪلچر آهن. پر سنڌ جي تاريخي پيڙائن مان اڪرندي آئي ۽ ڌارين جي حملن ڪيس جيڪي جسماني ۽ روحاني ڏڪ رسايا، انهن ئي ته هتي جي ماڻهن کي عجوبي جهڙو بنايو. آريا سماج جي ذات پات جي بنياد تي ٽيل جوڙجڪ جون پوڳنائون، قديم سنڌو ماٿر جي تباهي، ايرانين ۽ سڪندراعظم جي لشڪرن جي اٿاريل ڏوڙ ۽ ان جي لاڳيتي سلسلي سبب هينئر تائين اکيون مهٽيندي ۽ ساهه ۾ هوست سبب ڪنگهندي ڪنگهندي اسين پاڻ حالتن جي چڪ تي ڦيرايل ۽ ٺاهيل سامان کان ڪهڙي ريت مختلف آهيون. سنڌ پنهنجي آزاد مرضيءَ سان گهارڻ وارا ڏينهن ٿورا ڏٺا آهن ۽ سومرن ۽ سمن جي ڏينهن کانسواءِ ڪهڙو عرصو آهي، جنهن تي وڏي واهه فخر ڪري سگهجي.

قديم زماني کان هيلتائين جن به تاريخي واقعن هتان جي جيوت کي ڏوڏيو آهي تن سيني، ڏيهي، پرڏيهي حاڪميت جي روپ ۾ سنڌي ماڻهن کي حاڪمن جي خواهشن پٽاندڙ سوچڻ ۽ عمل ڪرڻ تي مجبور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلچر آهن. سنڌ ۾ ٻه رهڻي ڪهڻي ۽ فڪري سطحن تي هميشه ٻه ڌار ڪلچر رهيا آهن. هڪڙي جو مقصد نفرتون پيدا ڪرڻ، ڪٽر پرستيون وڌائڻ آهي، ٻيو رواداري، ڀائپي ۽ پيار جو سڏ ڏئي ٿو. جيڪو نفرتون ڦهلائيندڙ ۽ ان جو لاڙيو آهي اهو ذهني طرح حاڪميت جي فڪري ڪلچر جي نمائندگي ڪري ٿو. جيڪو پيار ۽ امن ڏانهن سڏي ٿو اهو عوام جي ذهني ڪلچر جو عيوضي آهي. مخدوم عبدالرئوف اڄ ٻه سئو سالن کان پوءِ ماڻهن کي ياد ڪونهي، پر ڀٽائي هر دل ۾ وسندڙ آهي. اهو امر ڪهڙي ڳالهه جو مظهر آهي؟

لطيف سنڌ جي ذهني ۽ طبعي ڪلچر جو سڀ کان متاهون، اتم ۽ اهڙي نمائنده حيثيت جو مالڪ آهي، جنهن کي مستقبل جي ڪنهن به چوواٽي تي للڪاري نٿو سگهجي. سچي سماج جي تاريخي مرحلن منجهان گذري اچڻ کانپوءِ لطيف انهن تجربن منجهان نتيجا ڪڍيا آهن ۽ نتيجي تي پهچڻ وقت سندس ذهني رسائي عوام جي هر طرح سان نمائندگي ڪندڙ آهي. ساڳئي وقت ڀٽائي سُرمارئي ۾ ملير ۽ عمرڪوٽ کي ٻن ڌار طبقن جي علامت ڪري پيش ڪيو آهي. ڌاڌي جي ۽ ڌاڌي سهندڙ جي.

لطيف جي ڏينهن ۾ سنڌ جنهن تاريخي پوڳنا منجهان نڪتي پئي، پوءِ به ان ۾ ئي جڪڙيل رهي. فرق رڳو زماني ۽ ڪردارن جو آهي ۽ اهوئي پس منظر آهي اسان جي اڄوڪي ادب جو. هن وقت اقتصادي رشتا وڌيڪ منجهيل آهن ۽ وقت جي ناڪاري طبقن کي پنهنجي سلسلي جو ڏکهو تجربو آهي، بلڪل ان ئي طرح سان سهندڙن ۽ پوڳيندڙن کي به پيڙائن جو ڏکهو تجربو آهي ۽ ظاهر آهي، تہ ان ڪجهه سبق به چڏيا آهن. جنهن ڪري ڪنهن آدرشي نتيجي تي دير سان پهچڻ، تاريخي پاڙياپ آهي.

لطيف جي ڏينهن ۾ سنڌ کي رڳو ٻهراڙيون ۽ ڪجهه پاڻ پريون آباديءَ جون وسنديون هيون، هينئر صنعتي شهر آهن، عالمي مواصلات آهي، خبر چار جا ادارا آهن ۽ انهن جا اثر آهن. اسان جي ادب کي انهن سيني عنصرن منجهان گذرڻو پوي ٿو. سچي عالم کي متاثر ڪندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شعبن ۾ ڇڙواڳي ۽ غير ذميداري تڏهن پئدا ٿيندي آهي، جڏهن انهن تي اک رکڻ وارن ادارن جو ڪال هوندو آهي ۽ انهن جو ڪال تڏهن ٿئي جڏهن عوام ۾ جاڳرتا گهٽ هجي. گهٽ سجاڳي قومن لاءِ ائين هوندي آهي جيئن ٻارهن سڱن واري جانور جا سڱ وچڙي پوندا آهن.

(نوٽ: 24 ڊسمبر 1981ع تي لاڙڪاڻي ۾
لطيف ميڊيڪوز طرفان ڪوٺايل
ساهت سال ڪانفرنس جي موقعي تي
پڙهيل مضمون).


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مڪار تهذيب جو چيد

**ڪوڙ ڳالهائڻ** ۽ ڪوڙ ڪرڻ، اُن ماڻهوءَ جي بي عزتي آهي، جنهن سان ڪوڙ ڳالهائجي ٿو. مائٽن سان، پاڙيسرين سان، وقفڪار يا ڏيتي ليتي ۾ جنهن سان به ڪوڙ ڪيو ويو ته ان جي بيعزتي ڪئي وئي. ڪوڙ ڳالهائڻ سان عزت ۽ احترام جو تصور ختم ٿي وڃي ٿو. ڪوڙ ڳالهائڻ جو مطلب ڪنهن نه ڪنهن معلومات کي لڪائي. اڳلي ماڻهو، گروهه يا پوري قوم يا سڄي انسان ذات جي راءِ کي متاثر ڪرڻ، سندس ڏيان هڪ هنڌان هٽائي ٻئي هنڌ ڪرڻ يا ڪو به نقصان پهچائڻ، سڀ ممڪن آهي. آخر ايڏيون ڳالهيون ڪرڻ ڪانپوءِ ٻي ڪهڙي بي عزتي ٿيندي جيڪا رهجي ٿي؟ حڪومتون جڏهن پنهنجي سهولت خاطر "استحڪام" ۽ "سلامتيءَ" جي بهاني ۾ اخبارن تي سينسر شپ هڻنديون آهن. تڏهن پنهنجا اوگڻ لڪائين ٿيون، جن کي ڄاڻڻ عوام جو حق آهي، هو ان حق کان محروم رکي سندس بيعزتي ڪن ٿيون. حڪمران سندن مشينري، ڪاموري شاهي ۽ عوام سان ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتي جو هر سرچشمو عوام جي بيعزتي ڪرڻ جو وسيلو آهي، ۽ ظلم قائم رکڻ لاءِ ڪوڙ کي منظم ڪري ان کي بچائڻ ۽ وڌائڻ لاءِ "ايجنسيون"، "ادارا" قائم ٿين ٿا ۽ فڪري سطح تي پارٽي جي دانشورن جي لوڌ حاصل ڪئي وڃي ٿي.

ڪوڙ ذاتي سطح تي به لڳندو آهي، ته معاشري جو گڏيل رواج به ٿي پوندو آهي. گهر ۾ آفيسن ۾ اسٽيج تان اخبارن ۾ ۽ هر ان هنڌ ۽ وسيلن ذريعي لڳي ٿو جيڪو ڪوڙن جي پهچ ۽ وس ۾ هجي. پر ان حالت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو خوفناڪ پاسو هي آهي تہ ان سڄي مڪاريءَ مٿان شائستگيءَ جو تهہ چڙهيل هوندو. جڏهن مڪاري هڪ تهذيب جي سطح جي شڪل وٺي بيهي ۽ مڪاريءَ کي روح جو فيشن بڻايو وڃي، تڏهن سنئين ۽ کري ڳالهہ چوندڙ ڪردار باغي ۽ بي لحاظ سمجهيا ويندا. هنن لاءِ زمين تنگ ڪري ڇڏبي. پنهنجو سمورو وقت هنن جي خلاف ڪم ۾ آڻبو. ڇو جو ڪوڙ ۽ مڪاري جي تهذيبي جوڙجڪ ڪرين، سڌين ۽ حق جي ڳالهہ چوڻ وارن کي پاڻ سان گڏ نٿي هلائي سگهي.

گذريل صديءَ جي هڪ وڏي روسي اديب شيدرين پنهنجي ناول "متجندڙ پاڇا" ۾ فرانس جي ماڻهو جي تهذيبي سطح تي بحث ڪيو آهي. هو فرانس جي مٿئين طبقي جي ماڻهو بابت جيڪو ڳالهائي ٿو سو هتي اسان وٽ شهرن ۾ ڪاموري، صنعتڪار ۽ روايتي سياستدان جي اظهارن ۾ سولائي سان سچاپي سگهجي ٿو. شيدرين چوي ٿو: "فرانس ۾ مڪاري •اصل ۾ انسان جي پالجڻ، نپجڻ جو نتيجو ئي ٿي. اچا بہ چئجي، تہ اتي هي "سٺي اخلاق" جو مزو آهي ۽ اُن ۾ هميشہ هڪ صاف سماجي يا سياسي رنگ پسبو. اتي مذهبي مڪار سماجي ۽ اخلاقي مڪار هوندا آهن.... اهڙا ماڻهو باشعور مڪار آهن ۽ پاڻ بہ سمجهن ٿا، تہ بيا ماڻهو کين چڱيءَ طرح سڃاڻين. فرنئچ شاهوڪار لاءِ هيءَ دنيا هڪ اهڙي ٿيئٽر کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي، جتي هڪ اڻ کٽ ناٽڪ پيش ڪيو ويندو هجي. ان ۾ هڪڙو مڪار پنهنجو گر ٻئي کي ٻڌائي ٿو. مڪاري تميز ۽ ظاهري ٺانءُ ڦون جو معيار ناهي ٿي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ مڪاري هڪ لغام جو ڪم ڪري ٿي. مڪاري معاشري کي بي لغام جذبن کان روڪي ٿي. معاشرو بي لغام جذبن کي هڪ اقليت جو حق بڻائي ٿو جيستائين بي لغام جذبا هڪ ننڍي گروهہ اندر محدود آهن ايستائين نہ رڳو سڀ ڪجهہ صحيح سلامت آهي، پر نفاست جي روايتن کي بہ قائم رکڻ ۽ وڌائڻ ۾ مدد ملي ٿي. حڪمران طبقو هڪ باقاعدي ۽ منظم مڪاري ذريعي پنهنجي حفاظت ڪري ٿو. هيءَ مڪاري هنن لاءِ رڳو رسمي نہ پر آئيني ۽ دستوري نوعيت جي ٿئي ٿي ۽ اها سماجي عادت بدران هڪڙو پابند ڪرڻ وارو قانون بڻجي وڃي ٿي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مضمون

## سياسي ۽ صحافتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهرين سنڌي خاتون

# وزيراعظم جمهوريت جو معجزو

**عمر** بادشاهہ جڏهن مارئي کي کوهہ تان کڻي وڃي بند ڪيو تڏهن، جمهوريت نہ رڳو بحال نہ ٿي هئي، پر اهڙو امڪان بہ نہ هيو. مارئي ڪجهي وئي هئي. تڏهن مارو بيوس هئا. اڪيلي نياڻيءَ کي عمرڪوٽ جي ڏاڍ کي منهن ڏيڻو پيو هيو. پر مارئي جنهن حوصلي سان عمر کي مات ڏني ان جو منطقي ۽ تاريخي ڇيهہ پڪ سان اهوئي ٿيڻو هيو تہ هڪ ڏينهن مارئي ايتري سگهاري ٿئي جو عمر، ڪيس ڪڏهن باندي بنائڻ لاءِ سوچي بہ نہ سگهي. شاهہ لطيف جي سيني سورمين جي منزل انساني حقن جي بحالي آهي، جنهن جو نتيجو هي بہ ٿي سگهي تہ رڻ ۾ ونندڙ مسئي يا قيد پوڳيندڙ مارئي يا ڪنهن ڪيڏاري جي شهيد جي نياڻي بہ تاريخي قوت بڻجي سگهي.

ڪالهہ بہ جڏهن آمر ٽولي هڪ سنڌي نياڻي کي باندي بڻايو تڏهن پهريائين ماروئن کي بيوس ڪرڻ لاءِ سندن ووٽ جو حق ماري ڇڏيو. پر هن ڀيري مارو انساني سماجي ترقي جي گهڻي اڳتي وڌيل مرحلي تي پهتل آهن. هنن کي ٿهر جي قلعي جا برج ڏسي بيوس ٿيڻ بدران ڪاوڙ اچي ٿي، ڇو تہ هاڻي ڪنهن نياڻيءَ کي قيد ڪندڙ جي حوصلي ۽ طاقت جو ڀرم ٽاڙجي ويو آهي.

ڌرتيءَ تي، انسان پاڻ وڏي ۾ وڏو معجزو آهي. سندس پنهنجي پئدا ڪيل معجزن ۾ جمهوريت هڪ زبردست ڪارنامو آهي، جنهن سان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزادين ۾ آهي. آزاديون سڀ کان وڏي طاقت آهن، سڀ کان وڏو اخلاق آهن ۽ سڀ کان وڏو اعتماد آهن.

جديد دنيا ۾ عورت جو چونڊن ذريعي سربراهه ٿيڻ ظاهري طرح عجب جهڙي ڳالهه ناهي. روز ڪيترا نالا پيا ٻڌون. پنهنجي پاڙي ۾ محترمه اندرا گانڌي دنيا جي وڏي ۾ وڏي جمهوري ملڪ تي حڪومت ڪئي. ان ۾ شڪ ناهي ته مٿين طبقن جي عورتن ئي اهي منصب ماڻيا آهن، پر تڏهن به انهن واقعن جي اهميت گهٽ نه ٿي ٿئي. اهو برابر آهي ته جتي اندرا گانڌي وزيراعظم هئي، يا جتي مارگريٽ ٿيچر وزيراعظم آهي اتي عورتن جي غلامي يا پرماريت ختم نه ٿي آهي. اها جاري آهي، پر هن طرح تاريخ ۾ هڪ اصول قائم ٿو ٿئي، ته عورت هر طرح کان برابر انسان آهي.

❊❊❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽي وي، ريڊيو ٽي
# جمهوريت جو معجزو

”پاڪستان جي تاريخ، رعايتون ورتل حڪمران طبقي جي ڏاڍاين خلاف عوام جي اڻٿڪ جدوجهد جي تاريخ آهي. گذريل چاليهن سالن ۾ عوام تي پيرا بي رحم مارشل لا هتان ڏک سٺا آهن. چار آئين رد ۽ معطل ڪندي ڏنا ويا ۽ چار لڙايون لڙيون ويون.

ھن گھوٽالي جون پاڙون گهريون آهن. هي رياست ۽ عوام جي وچ ۾ گهوٽالو هيو. هڪ حساس جمهوري حڪومت ئي عوام ۾ اهو جذبو پيدا ڪري سگهي ٿي، جنهن سان اسان جي اقتصاديات ۽ سياسي جوڙجڪ ۾ موجود ڪاٺ ختم ٿي سگهي ٿي.“

هي لفظ پاڪستان جي پهرين چونڊيل خاتون وزيراعظم جي قوم کي پهرئين خطاب ۾ چيل آهن. حيرت پئي ٿي، تہ ٽي وي ۽ ريڊيو تان اِهي لفظ چوڻ ڪيئن ڏنا ويا. هي لهجو زندگيءَ ڏانهن هي رويو ۽ هي اصطلاح هن ملڪ جي ميڊيا، ٽيليويزن ۽ ريڊيو لاءِ بنهہ اوپرا آهن. اهو انداز ۽ ”حساس جمهوري حڪومت“ جهڙو غيرت ڀريو محاورو انهن ادارن جي ٻاهران لوهين تارن واري لوڙهي کان ٽپي اندر ڪيئن پهتو. حڪمران طبقي جون ڏاڍايون، بي رحم مارشل لا، آئين جي لاڳيتي توهين جو ذڪر، شهيد ڀٽو جي ڳالهہ ڪيئن چئجي وئي. ٽيليويزن ۽ ريڊيو کي خودمختيار ادارا بنائڻ جي خبر ٻڌي، ٽي وي ۽ ريڊيو مرڪزن جي مشينن ۾ خرابي ڇو پيدا نہ ٿي. اهي لفظ انهن مشينن ڪهڙي ٻل تي، عوام تائين پهچايا جيئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي چيا ويا.

انساني حقن، آزادي، جمهوريت، اختيارن جي مرڪزيت ٽوڙڻ، عوام کي اختيارن جو مالڪ بڻائڻ جهڙا محاورا ڪم آڻيندڙهن تقرير جي مسودي کي ڪنهن عملدار چو نہ تپاسيو. غير مشروط غير ضروري ۽ آدم بيزار خوشامد جي بيٺل پاڻيءَ ۾ هيءَ هيڏي چپ ڪيئن اڇلائي وئي، جو گندي پاڻيءَ تي ويٺل مڇر، جيت ۽ جراثيم هڪا ٻڪا ٿي ويا. تخليقي عمل کي رسا وجهي روڪڻ جي هيراڪ ماڻهن هي تخليقي ڳالهيون ڪيئن چوڻ ڏنيون. "سياسي قيدين جي آزادي ملڪ لاءِ تمام ضروري آهي." آواز جي حساس اوزارن هيڏو طاقتور جملو ڪيئن هضم ڪيو.

ڇا هي ادارا هڪدم ساک پٽ وارا بڻجي ويا آهن. هيءَ حيرت ناڪ ۽ ويساهہ ۾ نہ ايندڙ صورتحال آهي. پر هيءَ حقيقت بہ آهي. ويساهہ ۾ ان ڪري نہ ٿي اچي، تہ بي ويساهي، بي يقيني ۽ انسان خلاف ٿيندڙ تخريب جي حالت ۾ رهندي، يقين ۽ ويساهہ ڏنڊلائجي ويا آهن. خلق انهن هنڌن ۽ سمورن سرڪاري ادارن تان رڳو دهشت ۽ تشدد پوکيو آهي. ڪنهن کي ڪجهہ نہ ڏنو ويندو هيو ۽ رڳو هڪ طرفي، کوکلي، فضول ۽ هر معقول ذهن کي پريشان ڪندڙ لفاظيءَ جون ڪاريون انڌاريون ۽ اوٽر اُٿاريا ويندا هئا. عوام جي لاڳيتي توهين ڪندي حاڪمن پنهنجو ظالم اطمينان پٺي مڙهيو. ڪوڙين جي تابوتن ۾ عقل، سچ ۽ علم جا لاش ڪٽي هلندڙ منافق ۽ ڀاڙيتو دانشور نفرت ۽ نفاق پکيڙي حاڪمن جي ظالم اطمينان کي دليل ۽ منطق بخشڻ ۾ رڌل رهيا. پنهنجي مردار تشريحن ذريعي نااميديون، نامراديون، مايوسيون پکيڙڻ سان گڏ هنن سوچ ۽ فڪر لاءِ لالچ ۽ ڏڙڪن ذريعي موت جا دروازا کولي ڇڏيا. ڪانئرتا جو اهڙو انوکو ۽ عبرتناڪ ماحول پيدا ڪيو ويو جو حق سچ جو ٿورو بہ فهم رکندڙ ماڻهو هنن جي ظلم کي ڏسي پاڻ کي هيڪل ۽ وياڪل پئي محسوس ڪيو. ظلم ڏپ ڪري ويو ۽ اها ڏپ ساهن کي ٻوساٽي رهي هئي. ڪاراٽو سوچڻ، ڪرڻ ۽ دنيا جي انسان سان گڏجي، وکون ملائي هلڻ کان پوئتي رهجي ويٺو پيو. ناهڻ تہ ڇڏيو پر جيڪي چار چڱايون اڳ ۾ هيون، تن کي بہ نهوڙڻ ۾ وسان نہ گهٽايو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي جڏهن چيو وڃي، تہ "تنقيد کانسواءِ بحث کانسواءِ سهپ کان سواءِ صحيح پاليسيون نہ ٺهيون ٿا هي سگهجن." تڏهن هي ظلم جو ڏيارو لاش خلق منجهان ڪڍي، پري ٻاهر ڦٽو ڪري اڇڻ جو اعلان آهي. اظهار جي آزادي، عمل جي آزادي عوام کي عظيم ترين ٻڌائيندي آهي. آزادي اعتماد آهي، آزادي ڪامل اخلاق آهي ۽ آزادي ترقيءَ جو بنيادي شرط آهي. پنهنجي صورتحال ۾ آزاديون خطرن جي گهيري ۽ ظلم جي چنبي ۾ آهن. پر اميد پئدا ٿي آهي، تڏهن بہ ڪيڏيون خوشيون ڪيون ويون آهن. ڇا عوام جي معصوم خوشين کان اوپرائپ اختيار ڪري سگهجي ٿي. هي خوشيون عوام پنهنجي لاءِ پاڻ پئدا ڪيون آهن. هن ووٽ جي حق کي، بئلٽ تي هٿڻ واري ٺپي کان هن اهو ڪم ورتو آهي. جيڪو توبون ۽ بم گولا ڪڏهن بہ نہ ٿا ڪري سگهن. سچ تہ جمهوريت ۽ امن انسان لاءِ ضمانت ثابت ٿي آهي.

عوام جي ان حق جو ٺي ڪارنامو آهي، جو سندن عيوضيءَ ٽيليويزن ۽ ريڊيو تي اڇي اهڙيون ڳالهيون ڪيون آهن جن مان ڪسجي ويل ذهنن ۾ چرپر پئدا ڪرڻ ۾ مدد ملندي.

❊❊❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اختيارن جي مرڪزيت ۽ عوام

وزيراعظم بينظير ڀٽو جي قوم کي پهرئين خطاب کي تمام گهڻي ڏيان ۽ تجسس سان ٻڌو ويو. هي پهريون پيرو آهي جو ماڻهن ملڪ جي سربراهه جي واتان اهڙي تقرير ٻڌي جنهن جو نچوڙ ٿو ٿئي ته اختيارن جي مرڪزيت ختم ٿئي ۽ اختيار عوام کي منتقل ٿين. علمي سطح تي ۽ اُصولي طرح هيءَ انقلابي ڳالهه آهي. ٽريڊ يونين ۽ شاگرد يونين تان پابندي هٽائڻ وارو اعلان ضروري ۽ ترت ڪجڻ جهڙا اُپاءَ آهن. هي بلاشڪ اهم اعلان آهي ۽ انهن حقن جي بحالي عوام جي مجموعي آزادي جو لازمي حصو آهي، پر اختيارن جي مرڪزيت ختم ڪرڻ وارو نڪتو هن تقرير جو اهم ترين حصو آهي. خود يونين جي بحالي به ان ئي دائري ۾ اچي وڃي ٿي. اختيار رڳو انتظاميا وٽ نه پر پورهيتن ۽ شاگردن کي به ڏيڻ گهرجن. يا اختيارن جي گهٽ ۾ گهٽ اهڙي تناسب سان ورهاست هجي جيڪا جمهوريت جي مڃيل معيارن مطابق ٿئي.

بينظير صاحبه جا هي لفظ "صوبائي خودمختياري صرف ان وقت ڪارائتي ثابت ٿي سگهي ٿي جڏهن سياسي ۽ معاشرتي اختيار عوام کي منتقل ڪيا وڃن" تمام گهڻو بحث مباحثو. غور ويچار ۽ چنڊڇاڻ لهڻن ٿا. جنهن دانشوراڻي سطح تان هيءَ ڳالهه ڪئي وئي آهي. اها عوام جي حق ۾ آهي. هاڻي ڪرڻو رڳو هي پوندو ته "سياسي ۽ معاشرتي اختيار عوام کي منتقل" ڪرڻ جا تفصيل طئي ٿين. هي تفصيل ايئن تيار ڪرڻا پوندا جيئن ڪو نصاب ٺاهبو آهي. "انساني حقن جي هر پاسي کان حفاظت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راند جي ڪنهن بہ چال تان اک هٽائڻ لاءِ تيار ناهن، پر هي هڪ خوفناڪ مذاق سندن نوٽيس تي نہ آيو آهي.

اهو آهي تہ توهان جو سنڌ سان پيار! اها آهي توهان جي عوام سان خير خواهي توهان ممتا جو ڏک نہ ٿا سمجهو تہ پوءِ اسان جي تاريخ سان هٿ چراند ڇو ٿا ڪريو. ڇا توهان رڳو اسان جي ووٽن تي اکيون کپايون ويٺا آهيو. ڇا توهان سڀ واقعي شاهہ لطيف جي زمين ۽ ٻوليءَ وارا ماڻهو آهيو.

ٻڌايو تہ توهان ڪي ڪيڏانهن ڪريون. توهان جو ڇا ڪريون. ڪنهن کي توهان جي دانهن ڏيون. هزارين لکين ڪارڪنن جا توهان وٽ ڪٿڪ آهن. توهان انسان جي حقن جا چئمپين- پيءُ ماءُ ۽ ٻارڙن جي ڏک جو ازالو ڪيئن ڪري ٿا سگهو. "گوندر ئي مارياس ڪنهن در ڏيان دانهڙي".

۽ او لوڪو! اسان جي ڏيهہ جا سڀ ماڻهوئو! هي سڀ ڪجهہ ڏسو پيا. پاڻ کان سوال تہ ڪريو. ڪجهہ پاڻ سان ڳالهايو تہ سهي. ڪجهہ تہ پنهنجي اندر کي کوٽيو. ننڍڙو پتڪڙو ابهم ڪيڏن ڏينهن کان جلادن جي ٽولي ۾ گهيريل آهي.

توهان، اسان، حڪومت، انتظاميا، سياسي پارٽيون، سماجي تنظيمون، اديب، دانشور ۽ پنج وقت خدا جي حضور ۾ سجدا ڪندڙ سڀ هنن ٻارن جا ڏوهاري آهيون. اسان سڀ انساني ضمير جا جوابدار آهيون. اسان تان ڪارنهن جا هي ٽڪو ڪڏهن لهي نہ ٿو سگهي.

ڇا توهان اڃا بہ ڪجهہ ڪرڻ کان اپاهج آهيو؟

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پس منظر

# رياستي، دهشتگردي ۽ انساني حق

*انساني* حقن جو تصور فقط سياسي حقن تائين محدود ناهي، جيئن عام طرح سان سمجهي ويجي ٿو. انساني حقن جو مطلب، انسانن جي اها ڪامل آزادي آهي، جنهن ۾ سمورا انسان معاشي، ثقافتي، سياسي ۽ روحاني طرح آزاد هجن. ڪنهن ملڪ سان ان ڪان وڌيڪ دشمني ٻي ٿي نٿي سگهي، ته اتي انساني حقن جو احترام نه هجي. جنهن ملڪ ۾ انساني حقن جو حقيقي احترام ناهي، اهو احمقن سان ڀريل ساموندي جهاز وانگر آهي، جيڪو وچ سمنڊ ۾ هڪڙي نه ڪڏهن پاسي ليٽي پوڻ سبب ضرور ٻڏي

هي جيڪا هينئر دنيا ۾ دهشت گردي جي لهر ڪاهي پئي آهي، سا انساني حقن کي نهوڙڻ جو نتيجو آهي. هن وقت دنيا ۾ دهشتگردي سياسي حالتن جو نتيجو آهي ۽ سياسي مقصد سان لاڳاپيل آهي. فلسطيني، ان ڪري دهشت گرد بڻيا، جو مٿن آمريڪا، اسرائيل، برطانيا ۽ سامراجي دنيا دهشتگردي ڪئي. زندگيءَ جون سڀئي واٽون بند ڪيون ويون. هن ننڍي کنڊ ۾ دهشتگردي، انگريز سامراج جي پيدا ڪيل سياسي مايوسين مان پيدا ٿي. ظلم موت ۾ ظلم ئي پيدا ڪري ٿو. دهشتگردي لازمي طرح سان رد ڪرڻ جهڙي شيءِ آهي، پر گڏوگڏ اهي عمل به ملامت جوڳا آهن، جن دهشتگردي کي پيدا ڪيو. دنيا جا قديم سياسي ۽ سماجي رشتا جن غلامين ۽ اطاعتن تي پاڻ کي زنده رکيو سي انسان جي خلاف ڦهريون دهشتگرديون هيون. انهن جي ئي خلاف ڌرتي جي گولي تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلي سگهن. تاريخ جي ان اجا تائين هلندڙ ويڙهہ ۾ قديم زمانن کان اج تائين، شاعر، اديب، مصورن ۽ فنڪارن جي اڪثريت جو مکيہ هٿ آهي جيڪي هر دور جي بي انصافين خلاف واويلا مچائيندا آيا آهن ۽ هينئر تائين حاصل ٿيل انساني حقن ۾ اديب جي ڪردار کي ڪنهن صورت ۾ بہ گهٽ نٿو ڪري سگهجي، ڇو تہ اديب انساني ۽ سماجي احساسن جي آبياري ڪندي، انهن کي سگهارو بڻايو آهي. اديب، نازڪ ۽ نفيس احساس اُڀاريا آهن ۽ انهن انساني جذبن جي خمار وقت، ماڻهو گهڻي ڀاڱي انصاف پسند هوندو آهي. روح جي خوشي انصاف جو پيو نالو آهي ۽ ان کي پيدا ڪرڻ اديب ۽ فنڪار جوئي ڪمال ٿئي ٿو.

انساني جي مجموعي سماجي ترقي سان گڏ، ان جي عزت، وقار ۽ مرتبي جو شعور بہ بلاشڪ وڌيو آهي. خود قومن جيي اُٿڻي ويهڻي ۾ اهڙا رواج قائم ٿيا جيڪي وحشي دور جي کهرن روين جي پيٽ ۾ ڏاڍا سلجهيا ۽ نفيس آهن. انگريز ماڻهو "پليز" يا "ايڪسڪيوزمي" چئي، ڳالهہ شروع ڪرڻ کان اڳ خوشگوار ماحول پيدا ڪندا. خود سنڌي ماڻهو هڪ ٻئي سان ملڻ وقت ڀاڪر پائي، هٿ ٻڌن ٿا. ڀارت جا ماڻهو "نمستي" ڪن ٿا. ائين هر قوم وٽ انساني مرتبي کي مڃتا مليل آهي، پر حڪمران طبقن، عوام جي ڪلچر کي گندو ڪري ڇڏيو آهي. رياستي ادارا، محصولن وٺڻ ۽ هٿ ٺوڪئي انتظام جي نالي ۾ ماڻهوءَ کي ڪتن سان گڏ ڪارايو ڇڏين.

عالمي بينڪي سرشتي، انسان ذات کي وڏ ۾ وڏ بڇڙو ڪيو. سامراجي قوتن، پنهنجي صنعتن لاءِ، بينڪون هٿ ڪيون ۽ اتي پنهنجو سياسي راڄ قائم ڪيو. بينڪن جي خاتمي خلاف قومن جي جدوجهد، انساني مرتبي جي بحالي جي ويڙهہ هئي. بينڪيت خلاف ويڙهہ ۾ واضح ٿي آيو تہ انساني حق ايستائين حاصل نہ ٿيندا جيسين قومون، اندران توڙي ٻاهران، سياسي، معاشي، ثقافتي ۽ سماجي آزاديون حاصل ڪري، سماجي انصاف ۽ برابري قائم نہ ٿيون ڪن. هينئر انساني حقن کي آئيني ضمانتن جي حد تائين آندو ويو آهي. هن وقت سوشلسٽ ملڪن ۾ تعليم، روزگار، صحت ۽ اجهي جي سهولتن کي آئيني ضمانتون ڏنيون ويون آهن. اتي جيڪڏهن ڪنهن شخص کي انهن مان ڪا سهولت نہ



www.sindhsalamat.com                books.sindhsalamat.com

ملي تہ اهو رياست کي ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري سگهي ٿو.

سرمائيداري جي شروعاتي مرحلي ۾ جڏهن اجا جاگيرداريت سان جهيڙو ٿي هليو تڏهن آزادي ۽ برابري جو نعرو عام هيو. بعد ۾ جڏهن برابري کي پري ڪري واري آزادي، سرمائيدار جي مفادن لاءِ اڪيلي ضرورت بنجي پئي تہ پوءِ فقط آزادي تي زور ڏنو ويو ۽ فلسفي ۽ سماجيات جي ماهرن برابري کي آزادي جو دشمن سڏيو. اتان ئي فڪري محاذ تان، سرمائيدار دنيا عقل جي ڏيوالي ۾ پوڻ لڳي. هنن جو مطلب هيو نہ آزادي جي معنيٰ آهي نفعي ڪمائڻ جي آزادي ۽ پوءِ ڏو جي پستين کي آزادي ماڻڻ جو نالو ڏنو ويو. ڳالهہ اها آهي تہ برابريءَ جي اصول کي قانوني شڪل ۾ لاڳو ڪرڻ فقط تڏهن ممڪن آهي، جڏهن طبقاتي جوڙجڪ جو انت اچي، اهڙو معاشي سرشتو آڻجي، جنهن ۾ شاهوڪارن جو مال سڄي قوم جي ملڪيت بنجي، جيڪا ئي انساني حقن جي منزل آهي.

سرمائيدار سرشتي، سرمائيدار جمهوريت جي باوجود انساني حقن سان اهڙي جٽ ڪئي، جيڪا ان کان اڳ وحشي دور توڙي غلامي ۽ جاگيرداري جي زماني ۾ نہ ٿي. ان صورتحال جا بہ پاسا آهن. هڪڙو تہ سائنسي ترقي سبب مذهبي پوپن جا ذهن تي اُٽيل ڄارا لهي صاف ٿي ويا. هنن سمورو عرصو پئي رينگو ڪيو تہ ڌرتي ڪائنات جو مرڪز آهي ۽ سج چنڊ سندس چوڌاري پيا ڦرن. خود ڌرتيءَ جي ٺهڻ بابت مختلف ڏند ڪٿائون ڦهليل هيون. مذهبي ڪتابن تي ملان جي هڪ هٿي هئي ۽ اهو پنهنجي تاويلن ۽ تشريحن ذريعي، خلق کي گمراهہ رکندو. علم ۽ عقل جون واٽون بند ڪيون آيو. ملي جو اهو ڪارڊ آهي تہ ان هر نئين ڳالهہ جي مخالفت ڪئي ۽ جڏهن اها ڳالهہ پاڻ مڃائي وئي، تہ پوءِ پاڻ بہ ان جي فائدي وٺڻ لاءِ سيني اڳيان هوندو. لائوڊ اسپيڪر جي ايجاد جو ئي مثال وٺو. لائوڊ اسپيڪر کان سواءِ ملان کي بانگ ڏيڻ ۾ مزو نہ ٿو اچي. پرنٽنگ جي ايجاد مذهبي ڪتابن کي قلمي نسخن جي دنيا مان ٽپائي لکن جي تعداد واري اشاعت ۾ آندو ۽ مذهبي ڪتاب هر پڙهيل ماڻهو جي پهچ ۾ ٿي ويا ۽ انهن ڪتابن جا بصيرت وارا علمي پاسا بہ خلق جي اڳيان نروار ٿيا. انهن نون پاسن جو ملان جي تاويلن سان ٽڪراءُ ٿيو تہ نوان فرقا ۽ ساڳي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي مذهب اندر مختلف مڪتبءِ فڪر پيدا ٿيا. جن مذهب متعلق مونجهارن کي بہ وڌايو ضرور پر ڳالهيون پادري ۽ ملان جي هٿن مان نڪرڻ لڳيون. پاڪستان جهڙي ملڪ جوئي مثال وٺو تہ مڪتب ۾ پڙهيل ملان ۽ اسلاميات ۾ ايم اي ڪيل پوسٽ گريجوئيٽ. مذهب جي انيڪ معاملن تي ڏار ڏار رايا رکندڙ ڏسڻ ۾ ايندا. سو سائنسي ايجادن ۽ سائنسدانن هٿان ڪائنات جي تفصيلن جي پڌرائي انسان کي پراڻي دنيا مان ٻاهر ڪڍي آئي. هاڻي هو مشينن سان وڌيڪ ويجهو ٿي ويو.

سرمائيداري جو ٻيو پاسو اهو ٿيو. جو ايڏي شعور جي موجودگي سان گڏجي انتها صنعتي ترقيءَ جو فائدو اُن پورهيت کي نٿي پهتو جنهن جي پورهئي ڪانسواءِ اها ترقي ممڪن ئي نہ هجي. پنهنجي مصروف ترين عمل منجهان پنهنجي مادي ۽ روحاني خوشحالي حاصل نہ ٿيندي ڏسي، اهڙن معاشرن جي عوام جي اڪثريت پنهنجي ڪم کان اوپري ۽ بيگاني ٿي وئي. پورهيت جو پورهئي سان ويساهہ ڪٽائيندڙ حالتون، انساني حقن جي چٿجڻ جي انتها آهي. هيءَ اها حالت آهي، جنهن ۾ ماڻهوءَ کان "اوهہ بہ وئي تہ ڳوهہ بہ وئي". هاڻي نہ ملان ماڻهو کي آسرو ڏئي پرچائي سگهي جنهن جو طلسم اڳ ئي ختم ٿي چڪو آهي ۽ نہ سرمائيدار جمهوريت ئي سندس لاءِ ڪو آٿت اجهو بنجي سگهي. يورپ جي سماجي گمراهي، چڙواڳي، مايوسي ۽ فراريت جي ان حالت يورپ کي فقط اخبار پڙهڻ ۽ جنسي عياشي جي ڪمن تائين وڃي ڇڏيو آهي ۽ اُن جا تخليقي پاسا سنڊ بنجي ويا آهن. سامراجي ملڪن پاران پٺتي پيل ملڪن جي پرماريت منجهان اچا ڪين ڪجهہ نہ ڪجهہ حصو بخرو ملي ٿو. جڏهن پٺتي پيل ملڪن سامراج کان جند ڇڏائي ورتي ۽ اُتي جي وچولي طبقي جو داڻو پاڻي بند ٿيو تہ ڇرڪ پرينديو ۽ هن جو اهو ڇرڪ، ڪيس انساني حقن حاصل ڪرڻ جي پنڌ ۾ هڪ وک اچا بہ اڳتي وٺي ويندو. ڇو تہ انسان ڪارائتي سوچ سوچڻ ۽ اُن تي عمل ڪرڻ ڪانسواءِ بقاءَ لاءِ ٻيو ڪري بہ ڇا ٿو سگهي؟.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حيدرآباد ۾ دهشتگردي جا متاثر ڪٽنب ۽ مهربان پوليس

حيدرآباد ۾ دهشتگردي هٿان سٽيل سنڌي ڪٽنبن جي بحالي اڃا تائين نہ ٿي سگهي آهي. سنڌي تنظيمون پاڪاري بيٺيون آهن تہ هنن لاءِ ڪجهہ ڪيو وڃي. سوين ڪٽنب سال کان متي بي گهر ٿيا پيا آهن ڏوهہ هنن جو اهو آهي تہ سنڌ جا تاريخي شهري آهن. گذريل هڪ اڌ عيد جي موقعي تي سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ۽ ڪجهہ ٻين ڏرين ٿوري گهڻي هنن جي سار لڌي آهي. پر هنن جي بي گهر هئڻ واري ڏول جي حالت جو خاتمو نہ ٿو ٿئي. نيٺ ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي، متاثر ڪٽنبن پاڻ احتجاج ڪرڻ شروع ڪيو آهي. سنڌي قومي سٿ طرفان بهرحال هنن جي بحالي لاءِ ڪافي عرصي کان آواز اٿاريو پيو وڃي. قومي سٿ وارن دوستن مظاهرا بہ ڪيا، ڪراچي تائين بہ پهچي اچي احتجاج ڪيائون پر اختيارين کي چڙ تہ هي مسئلو نظر نہ ٿو اچي. سنڌن اکين تي پٽيون ٻڌجي ويون آهن. دردناڪ حالت جو درد محسوس نہ ٿو ٿئي. ڏکوئيندڙ حالت تي ڏک نہ ٿئي، رئڻ واري ڳالهہ تي رئڻ نہ اچي تہ پوءِ جيئڻ جي ڪا معنيٰ نہ ٿي رهي. ٿورن احساسن ۽ اڻ پورن حواسن سان تہ جانور بہ زندگي گذارين ٿا.

متاثر ڪٽنب جي احتجاج سان، قومي طور تي جيڪا مجموعي همدردي ٿيڻ گهرجي سا بہ ٿيندي نظر نہ ٿي اچي. سياسي پارٽين بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پارت کي نئين نظام ۾ ڪهڙو درجو مليل آهي سو به ڏسڻو آهي.

اسان پاڪستان جي حڪمرانن کي به صلاح ڏينداسين ته تاريخ جي رخ کي سمجهن ۽ پراڻ پرستي منجهان پنهنجو دامن ڇڏائين. تمام گهڻيون شيون آهن. جيڪي لڙهي وينديون. عالمي حالتن جو وهڪرو ڪو سنڌو درياهه ته ناهي جنهن تي پنجاب ۾ ڪيئي لنڪ ڪئنال ناهي، ديم ٻڌي ۽ پنهنجي لاءِ ضمانت حاصل ڪري سگهجي؟.

ياد رکو....

ته ڌرتي جي سڄي گولي جا ماڻهو پنهنجي اندر جي لحاظ کان سڀ ساڳيا ماڻهو آهن.

فرق جيڪڏهن آهن ته تهذيبي، مذهبي ۽ ثقافتي نوعيت جا.

پر انهن فرقن يا ترقي جي وڏيل مرحلن جي ڪري ڪنهن به انسان جو درجو ڪو نه ٿو گهٽجي ڇو ته ماڻهو اصل ۾ ساڳيو ماڻهو ئي ته آهي. اسان کي اڏاوت رڳو اهڙي تهذيب جي ڪرڻي آهي جنهن ۾ اسان جي ماڻهوءَ جي سطح باقي دنيا جي اعتماد جي حدن سان ڪن، برابر اچي ٿئي.

پر ياد رکو ته ان لاءِ ماڻهن جا معاشي ۽ سياسي حق ملڻ ضروري آهن ۽ انهن کانسواءِ باقي ڳالهيون احمق جي خواب وانگر آهن.

سردار صاحب: گهر ڏي فون ڪري خيريت جو ٻڌائي ڇڏجو. اميد ته توهان سنگت سات سميت خوش هوندا. سڀني لاءِ سلام

**لاشاري**

گهران موڪلائڻ وقت گهر ڀاتين جا چهرا لٿل هئا. توڙي جو ڏاڍي خوشيءَ سان مون کي آمريڪا جي سفر لاءِ سنبرائي تيار ڪيو هئائون. ان مهل منهنجي دل به ڳائون مائون ٿي هئي. ايئرپورٽ تي ڊاڪٽر سليمان شيخ، غلام قادر پليجو ساگر ارشاد، ڊاڪٽر بخش، اياز لطيف پليجو محفوظ شيخ، ڊاڪٽر ايوب ڇڏڻ آيا هئا. ارشاد مون کي، مغل صاحب ۽ يوسف کي ڀاڪر پارائي پنهنجي محبت جو اظهار ڪيو. ڪانئن موڪلائڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احتجاج، وري شهر ۾ امن امان جون حالتون خراب ڪري سگهي ٿو سو سندس حڪم تي پوليس مسڪينن تي ڪيئي پيرا لٺيون وسايون. ڪجهه ڏينهن اڳ اختيارين ڪي سندن بي حسي تي شرمساري ڏيارڻ لاءِ متاثر ڪٽنبن جي ٻارڙن احتجاج ڪيو ته شرمسار ٿيڻ بدران وري به مٿن لٺيون وسايون ويون ۽ اهو ئي نيڪي جو فرشتو ڊي آءِ جي پوليس وارن کي حڪم ڏئي رهيو هو ته ٻارن کي ماري ڀڄايو نه ته امن امان خراب ٿيندو. اسان جا ڪامورا به عجب قسم جي مخلوق آهن چڱاين ۽ خرابين جا معيار پاڻ ٺاهين ٿا عملداري ايئن ٿا هلائين جڻ خدا تعاليٰ خدائي هلائيندو هجي. چڱائي تي ايندا ته هن عوام دشمن نظام منجهان به عوام لاءِ ڪا نه ڪا چڱائي ڪڍي ايندا. جيڪو هونئن ئي عوام جي ڪمائي مان حاصل ٿيندڙ پگهار سان مٿن قرض ۽ فرض آهي. پر هن موجود نظام ۾ ڪامورا پاڻ کي عوام جا ملازم نه سمجهندا آهن. الٽو عوام کي پنهنجي رعيت سمجهن ٿا ۽ پوءِ رعيت سان ڀلائي ڪرڻ گهرن ته قوم تي سندن احسان ٿي پوي. ايئن به ٺيڪ آهي اسان عوام هنن جا احسانمند آهيون رڳو هي پنهنجي فرض سان سچا ٿين. پر هي نظام ئي آهي جيڪو هنن کان عوام دشمن ڪم ڪرائي ٿو ۽ انساني حقن جي پامالي ڪرائي ٿو جيئن حيدرآباد جي پوليس ٻارڙن تي ڏنڊا وسايا. يوسف جي صلاح دل کي لڳي سو جهاز ۾ ايڊيٽوريل لکي ورتم ته جيئن منزل تي پهچڻ کانپوءِ فيڪس ذريعي ڪراچي موڪلي ڇڏيان.

وقت پوءِ به بچيل هو. دنيا جي هڪڙي مشهور اخبار آهي "وال اسٽريٽ جرنل" سا کڻي پڙهڻ ويٺس. اخبار جي پهرئين صفحي تي مختصر خبرن جا ٻه ڪالم هئا ۽ انهن سيني خبرن جا تفصيل وري اندر ڏنل هئا. هڪ خبر منهنجو ڌيان ڇڪائي ورتو. نارٿ ائٽلانٽڪ ٽريٽي آرگنائيزيشن (ناٽو) جنهن ۾ آمريڪا ڇڱو مڙس آهي باقي فرانس، برطانيا، جرمني، هالينڊ، اٽلي ۽ ڪجهه ٻيا ملڪ به هن ۾ شامل آهن ۽ اهو هڪ خالص فوجي معاهدو آهي جيڪو ڪميونزم جي خلاف ڪم ڪندو آيو آهي ۽ سڄو يورپ هن معاهدي هيٺ ائٽمي توڙي روايتي پر جديد کان جديد هٿيارن جو چار بٽيل آهي. اخبار ۾ ان ٺاهه جي ڪمانڊر جنرل گالون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هڪ پاليسي بريفنگ بابت خبر هئي. هن جنرل هڪ رٽا تيار ڪئي آهي جنهن ۾ معاهدي جي سمورن ملڪن کي چيو اٿس ته هاڻي جڏهن روس ۽ اولهه جو بلاڪ هڪ ٻئي جا دشمن نه رهيا آهن تڏهن اولهه کي روس سان سچي خيرخواهي ڪرڻ گهرجي ۽ ٻئي بلاڪ گڏجي پنهنجي گڏيل دشمن خلاف ويڙهه ڪن. روس ۽ آمريڪا جا گڏيل دشمن جا لفظ پڙهي مون کي ڪجهه حيرت ٿي سو به ناٽو جي ڪمانڊر واتان! هي بلڪل ئي نئون تصور آهي ٿن ڪالمن جي هيءَ دلچسپ خبر سڄي پڙهي ورتم جنرل گالون جو چوڻ آهي ته بنياد پرست ملڪ، جتي آمريتي حڪومتون آهن ۽ جن هٿيارن جا وڏا ذخيرا گڏ ڪيا آهن سي روس ۽ آمريڪا جا گڏيل دشمن آهن. منهنجو ڌيان هڪدم پاڪستان ڏي موٽي آيو. ڏکهي ۾ ڏکهي آمريت ڪوڙ جي جمهوريت، هٿيارن جا وڏيرا ذخيرا، بي انت فوجي خرچ، سو به عوام کان چوري ۽ بنياد پرستي، شريعت بل، ملن جو پڇ پيو لڳي. ان کان ڪجهه ئي ڏينهن اڳ آمريڪي رسالي ٽائيم يا نيوز ويڪ ۾ ياد نه ٿو پوي ته ڪهڙو هو پر سي آءِ اي جي هڪ رٽائرڊ ٽيندڙ عملدار جو ٻڌايل احوال پڙهيو هو ته عراق کانپوءِ آمريڪا جو ٻيو نشانو پاڪستان هوندو. اهي فقط ڳالهيون نه هيون پر ان سان گڏ هيءَ به خبر آئي هئي ته پاڪستان جن ڪنسورشيم کان قرض ورتو آهي ان ڪائنس خاطري ورتي آهي ته فوج تي ٿيندڙ خرچ گهٽايو ويندو. جنرل گالون جي هيءَ نئين رٽابندي، منهنجي خيال ۾ جارج بش جي نئين عالمي نظام جو حصو آهي، جنهن لاءِ بينظير ڀٽو به چئي چڪي آهي ته پاڪستان ان نئين آرڊر کي سمجهڻ کانسواءِ "انڌي گهوڙي ڪل ۾" وانگر هلائجي رهيو آهي. اها سموري ڳڻ ڳوت ڪري سنڌ جي ماڻهن کي جنرل گالون جي هيءَ خبر ڏيڻ لاءِ جهاز ۾ ايڊيٽوريل لکي ورتم. جنهن جو عنوان هو "بنياد پرستي پاڪستان جي تباهي جو ڪارڻ"

شام جي پنجين وڳي شڪاگو ايئرپورٽ تي پهتاسين. فضا منجهان وٽراهه ۽ ساوڪ جو اڻ کٽ سلسلو نظر آيو رستا، گهر، آفيسون ۽ ٻيو جيڪو ڪجهه به هو سو سڀ وڻن ۽ گاهن جي وچ ۾ مغل صاحب چيو ته لڳي ته آمريڪا يورپ کان هڪ اڌ صدي اڳتي وڌيل آهي مغل صاحب اڳ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ئي فرانس، جرمني ۽ برطانيا ڏسي چڪو هو شڪاگو جو مٿان نظارو ڏسي اکيون ٺري پيون. جهاز مان لهي هڪدم ڦري اچي اميگريشن ۽ ڪسٽم وٽ بيٺاسين اميگريشن جي درين اڳيان ڊگهيون ڊگهيون قطارون ٺهي ويون، پر ماڻهن کي اڪلائڻ ۾ دير ئي نہ ڪيائون. ها پڇاڙيءَ ۾ رڳو ٽن مختلف درين تي اسان ٽئي ڄڻا بيٺا هئاسين مغل کي تہ ڪليئر ڪرڻ ۾ دير ئي نہ وڌائون هن جي پاسپورٽ تي پنجن سالن جي مليٽيل ويزا لڳي هئي. مون کان پڇاڳاڇا ڪري، اميگريشن جو ڪامورو سرسر سڏيندو هڪ ٻي آفيس ڏانهن وٺي ويو منهنجي پاسپورٽ تي هڪ سال جو ملٽيپل ويزا لڳل هو. ڏسان ڪٿي تہ يوسف کي بہ اميگريشن وارو ڪامورو پاڻ سان وٺيو پئي آيو سڄو هال خالي ٿي ويو هو ۽ اسان بہ "جوابدار" ٻاهران ڪرسين تي وهاريا وياسين پهريائين يوسف کي سڏ ٿيو ۽ ڪيس پڇاڳاڇا جي مرحلي مان گذاري اجازت ڏئي ڇڏيائون. پر يوسف مغل وانگر هليو وڃڻ بدران منهنجي لاءِ بيهي رهيو. خدشو هو تہ متان ڪو بهانو ڪري اتان ايئرپورٽ تان ئي موٽائي نہ ڇڏين. سڏ ٿيو اندر ويس پڇيائون "ڏهہ هزار ڊالرن کان وڌيڪ پئسا نہ ڪٿي آيو آهين؟" دل ۾ چيم ڏهہ هزار ڊالرن کان وڌيڪ پئسا ڪٿي اچڻ لاءِ مون وٽ سبب ڪهڙو آهي؟ ڪو ڌاڙا هڻي، دهشتگردي، صنعتڪاري يا ڪاروبار ڪري ڪمايل پئسا پاڻ وٽ آهن ڪو نہ چڪي چڪي گذارو ڪرڻ جيتري پگهار مس. منهنجو جواب "نہ" ۾ ٻڌڻ کانپوءِ ٻيو سوال ٿيو "آمريڪا ۾ ڪيترو عرصو رهڻ جو پروگرام آهي ٻڌايومانس وڌ ۾ وڌ مهينو" چوڏهين جون تائين رهڻ جو لکي. پرچو ڪٽي پاسپورٽ سان هٽي مون کي واپس ڏئي ڇڏيائين. پڇاڳاڇا ڪرڻ واري ڪاري عملدار وٽان نڪري يوسف ۽ آءُ سامان اچڻ واري هنڌ تي پنهنجي پنهنجي بيگ جي ڳولا ۾ لڳي وياسين. ٻنهي کي پنهنجون بيگون نظر نہ آيون يوسف چيو "مغل اڳ ۾ نڪري ويو آهي، سامان جا ٽيگ بہ سندس ٽڪيٽ سان هئا، سو ڪٿي ويو هوندو. هل تہ هلون" منهنجي دل نہ مڃيو سامان لاءِ نظرون ڦيرايم پر نظر نہ آيو يوسف جي ڳالهہ ڪٽي مڃيم.

ڪسٽم ۾ پهتاسين تہ عملدار پاڪستاني پاسپورٽ ڏسي رويو ئي بدلائي ويو. چيائين "ڪول بيگ" هڪڙي هڪڙي شيءِ چيڪ ڪيائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪان اڳ ۾ پاسپورٽ ڏسي چيائين ”صحافي آهين“ مون سمجهيو ته صحافي هجڻ ڪري گهٽي پچ پڇان نه ڪندو پر پوءِ ڏٺم ته جهڙو دل جو گندو هجي. ”صحافي آهين ته ڇا ٿي پيو...... آهين ته پاڪستاني. اعتبار نه ڪرڻ جوڳو مون سوچيو جنهن ملڪ جو اعتبار نه رهڻ ڏنو ويو هجي، ان جي شهرين لاءِ انساني حيثيت ۾ حجت ئي نٿي رهي!.

ڪسٽم ڪان نڪري يوسف ۽ مون مغل لاءِ واجهايو پر نظر نه آيو. اسان کي شڪاگو کان وري سينٽ لوئيس وڃڻو هو ۽ اتان ٽرانس ورلڊ ايئر لائينس جو لائنز لاءِ بڪنگ ٿيل هئي. سمجهيو سون ته مغل به سامان سوڙو اوڏانهن ويو هوندو. ايئرلائينس جو ڏس پڇيوسون ته فرش تي هڪڙو سائو پٽو ڏيکاري چيائون، اهو وٺي هليا وڃو. پوءِ هيٺ مٿي ڏاڪڻيون، لفٽون، ڪاريڊار لتاڙي پٽو وٺي اچي هڪڙي هنڌ تي پهتاسين، جتي مغل ويٺو هو. سامان جي پڇا ڪئيسين ته ٻڌايائين هو فقط پنهنجي بيگ کڻي آيو آهي يوسف کي ڪروڌ چڙهي ويو جي سامان جا ٽيگ تو وٽ هئا پوءِ ڇو ڪو نه کڻي آئين مغل جو چوڻ هو ته مون سمجهيو ته توهان بيگون پاڻ کڻي ايندا“ يوسف کي ويتر ڪاوڙ چڙهي وئي ”پوءِ تون اسان لاءِ بيٺين ڇو نه! اسان کي ڇڏي بالم تي اچي هتي ويهي رهيو آهين جڏهن اسان توسان گڏ هئاسين ڪو نه؟“ مغل اچي ڦاٿو نيٺ چوڻو پيس ته غلطي ڪئي اٿائين رڳو جند ڇڏيو.

موٽي ڪسٽم وارن کي وڃي ٻڌايوسين ته اسان پنهنجي سنگتي جي آسري ۾ سامان رهائي ويا آهيون قرب ڪريو ڏنوسين ته پاڻ واريون بيگون ڪسٽم واري کولي رکيون هيون اسان جي مالڪي ڏيکارڻ کانپوءِ چيڪنگ ڪيائون. مون واري بيگ ۾ هئا رڳو ڪتاب ۽ اخبارون ڪجهه ڪاپيون دلبر يار آڪاش انصاري جي شاعري واري ڪتاب ”جلاوطن“ جون هيون. ڪسٽم عملدار کي ٽائيٽل سمجهه ۾ نه پيو اچي ڦيرائي ڦيرائي پئي ڏٺائين کوليائين ته نيٺ مون ڏي سوال وارو منهن ٽنگيائين ٻڌايومانس ”ميان شاعري آهي ڊڄ نه“ شاعري جو ٻڌي ماٺ کڻي ڪيائين سمجهيم ته ڪتابن کان هي به ڊڄن ٿا!.

سامان ڇڏائي سائو پٽو وٺي وري موٽي آياسين، سينٽ لوئيس واري جهاز جو بورڊنگ ڪارڊ وٺي ويهي رهياسين فلائيٽ ساڍي ستين وڳي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي ۽ اجا ڪلاڪ ڪن هيو تنهن ڪري وقت هيڏانهن هوڏانهن واجهائي گذارڻو هو. اسان جي پاڻ ۾ ڪراچي ڪان ڪچهري اهڙي متل هئي جو واجهائڻ جي مهلت ئي نه پئي ملي، پر پوءِ به پرڏيهه ۾ هئاسين تنهن ڪري اکيون ۽ ذهن ته کولي ئي رکڻو هو. گهٽ ۾ گهٽ مون پنهنجو هر لمحو امانت سمجهي رکيو هو انهن پنهنجن ماڻهن جو جيڪي تصور ۾ به آمريڪا نٿا ڏسي سگهن. يوسف هتي اڳ ئي چيو هو ته گڏجي ته هلون پيا آمريڪا ۾ پر مان پنهنجي ڳالهين سان اتي به ميرپورخاص ٺاهي ڇڏيندس.“ ۽ سچ پچ يوسف ۽ اسان هڪ ٻئي لاءِ کلڻ لاءِ پاڻڊا پريو پئي هلياسين. رڳو اسان ٻن ڇڻن وٽ ايتري ڪل هئي جو يورپ ۽ آمريڪا سڄي ۾ ايڏي ممڪن ڪانهي. سنڌين ڪان سڀ ڪجهه کسجي وڃن، تڏهن به کلون پيا. جهڙو چريا هجون گڏوءَ جا ماڻهو پر پاڻ کي جيئرو ته رکڻو آهي. اسان جو کلندڙ وجود انهن هزارين غدار مرڪن ڪان وڏيڪ ڀلارو وڏيڪ ڳڻائتو ۽ قومي مزاحمت جي ميدان تي اسان جو هٿيار آهي. ٿڪل، اوجاڳيل، ڊگهي سفر جي انتظار جي باوجود ڪنهن مهل شڪاگو ڪان ڳاجي کهاوڙ تائين جيڏا ڊگها ٽهڪ پئي ڏناسون.

هن سفر ۾ مون کي ڊاڪٽر سليمان شيخ جي ياد تمام گهڻو سنڀالي رهي هئي، جو ته ڊاڪٽر صاحب کي به اسان سان گڏ اچڻو هو پر سنڌس ويزا لڳڻ ۾ هڪ ڏينهن جي دير هئي ۽ پيو ته سنڌس پٽ جي ويزا جو مسئلو به رهيو پيو هو. جنهن کي آمريڪا جي ڪنهن يونيورسٽي ۾ داخل ٿيڻو هو. ڊاڪٽر صاحب سان گڏ ڏيڍ سال اڳ مون برطانيا جو سفر ڪيو هو ۽ ان سفر ۾ سنڌس محبتن، شفقتن ۽ دوستيءَ کي نه رڳو ويجهڙائي ڪان ڏٺو پر ماڻيو به هو. سنڌس مهربان وجود جي موجودگي ۾ هر قسم جا الڪا ۽ انتظار پٺ ڪري پڄي ويندا آهن. لنڊن ۽ مانچسٽر ۾ مون ڊاڪٽر صاحب کي وڏو پاءُ توڙي ننڍو ڀاءُ سمجهندي ڏٺو. ڪيئي ڀيرا سنڌس اٿاهه محبت کي ڏسي ڏاڍي ڦڪائي به ٿيندي هئي هونئن به مان ڊاڪٽر صاحب کي سنڌ جو پهاڙ مڙس سمجهندو آهيان. سمورا قومي ڏک جن ماڻهن ذاتي طور پوڳيا آهن تن ۾ ڊاڪٽر سليمان به آهي ۽ سنڌس سهپ ۽ صبر به جبل وارو آهي ۽ هي خاموش جبل ڦاٽي لاوا اوڳارڻ جو ڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچي بہ نہ ٿو سگهي. هي سمجهي ٿو تہ دردن جو دارون ڦاٽي پوڻ ۾ ڪونهي. ڏکن ۽ پيڙائن منجهان ،سورن سيڪارياس“ واري وات ونڻي آهي. ڊاڪٽر صاحب جي ڪوٽ ان ڪري شدت سان پئي محسوس ٿي جو اسان آمريڪا ڏانهن سنبريا هئاسين ۽ مون سفر کان اڳ ئي خوش ٿيڻ شروع ڪيو هو تہ ڊاڪٽر صاحب سان سفر جي سنگت ٿيندي

شڪاگو ايئرپورٽ جي جنهن حصي تائين پنهنجي نظر پئي پهتي رڳو جهاز ئي جهاز هئا. ڪراچي وارو ايئرپورٽ هن جي اڳيان ايئن هجي جهڙو بي بلا جي پيٽ ۾ ٽبڪو. هزارين جهاز بيٺا هئا، ڳڻپ ڳاٽيئو ڪو هو ئي ڪو نہ. آمريڪا ايئرلائينز ڊيلٽا ايئرلائينز ڪام ايئر، ٽرانس ورلڊ ايئرلائينز ۽ ٻيون ڪيتريون ايئرلائينز پر سڀ اهي جن آمريڪا اندر اڏامون پئي ڪيون. اسان ورلڊ ايئر لائنز جي لائونج جي ان حصي ۾ ويٺل هئاسين جتي سگريٽ پيئڻ جي منع نہ هئي. هتي سگريٽ پيئڻ وارن لاءِ پنگ وانگر ڏار ڪوندو هيو. باقي هنڌن تي لکيل هو تہ ”هتي مهرباني ڪري تماڪ نہ پيئو“. هنن جي ان پابندي ۾ بہ قرب هو. اسان ٽن ڄڻن جي ٽولي ۾ يوسف ۽ آءٌ سگريٽ پيئڻ وارا هئاسين سو هنڌ ئي اهڙو ورتوسين جتي اسان تي قربدار پابندي نہ لڳي. لائونج وٽان آمريڪي جوڙا هڪ ٻئي کي چيلهين ۾ هٿ وجهي گذري رهيا هئا ڪي تہ خلق جي سامهون چمر چٽ ڪي لڳا پيا هئا. مون کي دل ۾ خيال آيو تہ نوازشريف کي صلاح ڏبي تہ هتي اچي ”شريعت بل“ لاڳو ڪري، ڪو بہ قانون ايستائين ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو جيسين اهو عالمي اثرن کان محفوظ نہ رهي سگهي. پاڪستان ڪو پيٽ تہ آهي ڪو نہ جو دنيا کان ڪٽيل رهي سگهي. دنيا سڄي مڙي مٺ ٿي وئي آهي. ڪنهن بہ عالمي اثر کان آجو رهڻ ممڪن ئي ڪونهي. پر مسئلو سڄو سياسي بي ايماني جو آهي. جيڪي ماڻهو يا طبقا پاڪستان کي ”گڏو“ بنائڻ گهرن ٿا تن سيني جي سڄي دنيا ۾ پهچ آهي. هنن جا ذاتي ڪاروبار توڙي سياسي شغل کين عالمي شهري بنايو ويٺا آهن پر هي ملڪ جي مٿان پسماندگيون مڙهڻ لاءِ ملان ٽيو ويٺا آهن. پاڻ مٿان دنيا جا دروازا کوليو ويٺا آهن. پر عام ماڻهوءَ کي پنهنجي نظام جي جهنم ۾ رکيون ويٺا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي سينٽ لوئيس ۾ ڊاڪٽر محمد مٺل وقاصي وٽ پهچڻو هو جنهن جا پاڻ ساڙي هئاسين. پاڻ کي سنڌي ميڊيڪل ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سمانا) جي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻو هو ۽ پيپر پڙهڻا هئا. ڊاڪٽر وقاصي سمانا جو سيڪريٽري آهي. سمانا اسان کي دعوت سان گڏ آمريڪا جون ٽڪيٽون به ڏياري موڪليون هيون نه ته ڪٿي پاڻ ڪٿي آمريڪا.

سينٽ لوئيس ٽائين ستيتاليهه منٽن جي اڏام هئي ۽ جهاز هو ڊي سي 9 اڃا ڪوڪ جي گلاسن واري برف ٺي نه ڳري هئي ته جهاز جي لينڊ ٿيڻ جو اعلان ٿيو. جهاز ايئرپورٽ جي جنهن حصي ۾ لٿو اتي ٽرانس ايئرلائنز جا سوين جهاز بيٺل هئا. ايترا جو بس اسٽينڊ تي ايتريون بسون به نه هجن. سونهن ۽ ڏيکهه ويڪر ۾ هي ايئرپورٽ شڪاگو واري ايئرپورٽ کان به ٻه رتيون ڪسر پيو لڳي. سامان کڻڻ واري هنڌ تي وڃون ته ٽي همراهه اڳ ئي بيٺل هئا. ديوان قلباڻي، زاهد قلباڻي ۽ ڊاڪٽر محمود قلباڻي، ديوان سان پنهنجي اڳ ئي واقفيت هئي، ڇو ته گذريل ڪيترن سالن کان پاڪستان ڏي اچ وڃ ڪندو آهي. هاڻ بهرحال هار وٺي ٻچا وٺي اچي آمريڪا ۾ لاڳيتي ارادي سان رهي پيو آهي ۽ هتي سنڌس ڪو دڪان آهي. زاهد حيدرآباد ريڊيو تي پروڊيوسر آهي ۽ ٻن چئن مهينن کان آيل آهي. ارادو هن جو به هتي رهي پوڻ جو آهي.

جيستائين سامان پهتو تيسين ڊاڪٽر وقاصي به پهچي ويو. اڳ ۾ هڪ ٻئي جا ڏٺل نه هئاسين، پر به اُڪير جو ڏاڍو هو جنهن ڇڪئي ملايو ۽ سڃاڻپ ٿيڻ ۾ ويرم ئي نه لڳي. ڊاڪٽر صاحب جي گاڏي ۾ سوار ٿياسين ته ٻين همراهن موڪلاڻي ڪئي ۽ وري ملڻ جو چئي هليا ويا. هاڻ پاڻ کي ڊاڪٽر وقاصي جي ڳوٺ بلويل پهچڻو هو. جيڪو سينٽ لوئيس کان چاليهه پنجاهه ميلن جي پنڌ تي هو. ڊاڪٽر صاحب جي گاڏي ۾ ٽيليفون به هيو ۽ اتان ئي هن ڪراچي فون ڪري ڊاڪٽر سليمان کي اسان جي پهچ رسيو ڏني مون به ڊاڪٽر سليمان سان خبر چار ڪري احوال ورتو.

ٽريفڪ جو نظام زبردست هو. هتي ساڄي هٿ تي گاڏيون هلي رهيون هيون ۽ هر ڪا گاڏي پنهنجي لائين ۾ پئي وئي. گاڏين جي سراسري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رفتار پنجھٽ ڪان ستر ميل في ڪلاڪ هئي. ٻين رستن ڪان ايندڙ گاڏين کي بريڪ ڏيڻ يا بيهڻ جي ڪا ضرورت نه هئي. سمورن داخل ٿيندڙ روڊن لاءِ ڌار پٽو موجود هو. جنهن ۾ هر گاڏي اچي پئي داخل ٿي يا وري نڪرڻ وارن رستن سان نڪري ٿي وئي. قاعدي قانون جو عاليشان ٽريفڪ سرشتو آهي جنهن ۾ قانون ۽ فرد جي ضرورتن وچ ۾ ڪو ٽڪراءُ ناهي. هتي قانون کي ٽوڙڻ ماڻهو جي ضرورت ناهي. بلڪ قانون تي هلڻ ماڻهوءَ جي پنهنجي گھرج آهي. سزا يا حڪومت جي ڊپ ڪان نه پر خود پنهنجي سهولت لاءِ قانون ضروري آهي تنهن ڪري قانون ٽوڙڻ جون عادتون ئي شايد آمريڪا ۾ وسري ويون هجن. ان جو فائدو هي ڏسڻ ۾ آيو جو ڊاڪٽر وقاصي کي ايئرپورٽ ڪان وٺي گھر تائين ڪٿي بريڪ هڻڻ جي ضرورت نه پئي ۽ نه گيئر بدلجڻ جو ڪو موقعو پئي پيدا ٿيو. وڏي ڳالھ ته ڊاڪٽر جي گاڏي ۾ گيئر بدلجڻ جو آٽو ميٽڪ سرشتو هو ۽ گاڏي هلائڻ واري کي فقط ايڪسيليٽر. بريڪ ۽ اسٽيئرنگ سنڀالڻو هو جن ۾ به تمام گھٽي سولائي هئي. بعد ۾ پتو پيو ته هتي گاڏين جي اڪثريت ايئن آهي.

ڊاڪٽر وقاصي سان فون تي ڪجھ ڪچھريون ٿيل هيون. سنڌ متعلق سندس اونو ٻين قومي درد مندن وانگر آهي. سنڌ لاءِ ڇا ٿئي، ڪيئن ٿئي، پاڻ ڇاٿو ڪري سگھجي جھڙن سوالن جا عملي جواب مهيا ڪرڻ ڊاڪٽر وقاصي جي روش منجهان نروار پئي ٿيا. ساڻس ملاقات ۾ مختصر حالي احوال ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ هڪ ڊگھي ۽ اڻ ڪٽ بحث جو موضوع بڻيو رهيو. شهر هجي واشنگٽن جو ۽ ٽن سيلاني سنڌين کي پنهنجي پروگرام موجب آمريڪا جي ٻئي هڪ ڏوراهين شهر ڏي گھٽ ۾ گھٽ هزار ميلن جي فاصلي تي پهچڻو هجي. جمعي جو ڏينهن، اهو ڏينهن به هجي ٽن ڏينهن جي موڪل شروع ٿيڻ ڪان هڪ ڏينهن اڳ وارو هوائي جهازن وارا به جواب ڏئي ڇڏين ۽ بس تي وقت لڳي ارڙنهن ويھ ڪلاڪ ۽ ڀاڙو هجي ٽي هزار رپيا ته پوءِ ٽي مولائي سنڌي وڃن ڪيڏانهن! هن صورتحال جو اندازو سنڌ ۾ ويهي ۽ ڪڏهن به ملڪ ڪان ٻاهر نه نڪرڻ سان نه ٿو لڳائي سگھجي.

پر ان حالت ۾ جيڪڏهن آمريڪا ۾ رهندڙ الطاف ميمڻ جھڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو مولائي سنڌي گڏ هجي تہ پوءِ ان صورتحال جي دهشت گهٽجي سگهي ٿي. اسان ٽئي ڄڻا بہ ڏينهن اڳ آمريڪا جي اوڀارئين ڪناري سان صفا ڏکڻ واري ڪنڊ اورلينڊو شهر منجهان واشنگٽن پهتا هئاسين. اورلينڊو کان پيڳا ان ڪري هئاسين جو اتي ڏيڍ ڏينهن رهڻ سان بہ سئو ڊالر هڪڙي هڪڙي کان ڪپي ويا هئا ۽ جيترا وڌيڪ ڏينهن رهون ها. في ڏينهن مفت ڪنجوسي ڪرڻ سان بہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سئو ڊالر (روپين جا لڳ ڀڳ اڍائي هزار) ٿي ڪتا. هجون ها ڪنهن ”حاتم طائي“ حڪمران جي پارٽي جا ماٺهو تہ پوءِ تہ اتي عمر بہ رهي ٿي سگهياسين. پر اسان ڏتڙيل، مسڪين، بيروزگار وطن ۾ بي وطن ٿيل، سياسي، معاشي ۽ ثقافتي حق ڦرايل سنڌين جي سوداءَ ۾ ورتل سو ڪٿي ٿا ايئن ڪري سگهون. سينٽ لوئيس وارن اسان جي ميزبانن چيو هو تہ جمعي جي ڏينهن موٽي اچجو ۽ اورلينڊو مان اسان ڪي اربع جي ڏينهن تي نڪرڻو پيو. اتان ئي واشنگٽن ۾ قاضي آفتاب کي فون ڪيوسين تہ هڪدم چيائين هليا اچو ڪچهري ڪبي. اربع تي ڏيڍ وڳي ڏينهن جو اورلينڊو کان واشنگٽن پهتاسين تہ قاضي صاحب گاڏي جهليو بيٺو هو.

واپسي واري ڏينهن تي ٻنپهرن جي ماني تي شنڪر، الطاف ميمڻ، آفتاب قاضي ۽ اسان ٽئي ڄڻا گڏ هئاسين. وائيٽ هائوس کان ٻاهران ڏسڻ کانپوءِ قاضي صاحب اسان کان موڪلائي پنهنجي آفيس ۾ هليو ويو. هو آمريڪا حڪومت جي تعليم کاتي ۾ عملدار آهي. شنڪر کي ڇئين وڳي جي فلائيٽ ۾ پٽسرگ وڃڻو هو جتي هو رهي ٿو ۽ اسان کي سينٽ لوئيس وڃڻو هو جتي ٻئي ڏينهن کان ٻن ڏينهن واري سمانا جي ڪانفرنس شروع ٿيڻي هئي. شنڪر جي ٽڪيٽ پڪي هئي سو موڪلائي هليو ويو ۽ اسان سان پروگرام ٺاهيائين تہ سينٽ لوئيس ۾ ٻن ٽن ٻين شهرن کان فارغ ٿي وٽس پهچون جتان ڪئناڊا گڏجي ويندا سين ۽ ٻئي ڏينهن تي واپس بہ ٿي سگهبو آمريڪا ڏانهن.

اسان کي ڪراچيءَ مان ڏس مليو هو تہ اتان ڪجھ ايئرلائينن جي سهولت آهي تہ هفتي ٻن يا مهيني لاءِ ٽڪيٽ خريد ڪريو ان عرصي لاءِ جيترا ڀيرا بہ آمريڪا ۾ اچ وڃ ڪريون، ڪري سگهون ٿا. ڪراچي ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙي ٽريول ايجنٽ ڪوشش ڪري اسان کي ڊيلٽا ايئرلائين جي هڪ مهيني واري ٽڪيٽ سادي ڏهين هزارين ۾ ڏياري. پر اسان اها ٽڪيٽ اسٽينڊ باءِ واري ٺهرائي هئي جو پڪڙايو ويو تہ آمريڪا ۾ سيٽ ملڻ مسئلو نہ ٿيندو آهي. ٿيو بہ برابر ايئن جو اسان هفتي کن ۾ پنهنجي ان ٽڪيٽ تي هزار بہ هزار ميلن جا پنج ڇهہ سفر ڪري ورتا. پر جنهن ڏينهن پارڻ کي واشنگٽن ڊي سي واري ايئرپورٽ تان سينٽ لوئيس وڃڻو هو سو ٺن ڏينهن جي لاڳيتي موڪل کان اڳ وارو ڏينهن هو. بہ ڏينهن ڇنڇر ۽ آچر تہ هفتيوار موڪل هئي، پر سومر تي "ميموريل هاليڊي" هو. ميموريل هاليڊي تي آمريڪا جي هر ڪٽنب جي سمورن ڀاتين کي پارڻ ۾ گڏجڻو پوندو آهي. زبردست رش ٿيڻ سبب پارڻ کي سيٽ نہ ملي. پريشاني جو ڪارڻ هي هو تہ اها ان ڏينهن آخري فلائيٽ هئي ۽ ٻئي ڏينهن تي بہ حالت ساڳي ٿيڻي هئي. ڊار پڪي ٽڪيٽ گهٽ ۾ گهٽ سادا چار سئو ڊالر. معنيٰ تہ سادي ڏهين هزارين کان بہ وڌيڪ. بس جي پڇا ڪئيسين تہ پاڙو ٻڌايائون هڪ سئو سٺيهہ ڊالر سينٽ پهچڻ جو وقت اٺويهہ ويهہ ڪلاڪ.

واپسيءَ تي پئرس ۾ جهاز مان لهي ايئر فرانس جي ڪائونٽر تان ضروري حال احوال وٺڻ کانپوءِ جيئن واپس ٿيس تہ يوسف جيڪو پرپرو بيٺل هو سو ڊوڙندو آيو "توهان لاءِ سوکڙي" آمريڪي سنڌي اڇو تہ ملايانو." هي نوجوان ڊاڪٽر پاوناٽي هو. شڪاگو ۾ ڏندن جو ڊاڪٽر هو ۽ ويهہ سالن کان آمريڪا ۾ پئي رهيو. ساڻس ملاقات تي يوسف کي ڏاڍي خوشي ٿي هئي همراهہ جي ملڻ جي. چيائين "وارو ڪري ڪو سنڌي ڪتاب اٿو تہ هن کي ڏيون پنهنجو سنڌي ياءَ آهي." سنڌي ڪتاب جو ٻڌي سنڌي ياءُ ٻڌايو تہ کيس سنڌي پڙهڻ نہ اچي. باقي سنڌس بابا سنڌي ڪتاب ڏسي خوش ٿيندو. خبر ناهي تہ اهو بہ يوسف جي دل رکڻ لاءِ چوندو هجي. هن ٻڌايو تہ سنڌس ڏاڏو ديپچند پلاڻي پهريون سنڌي انجنيئر هو.

پر همراهہ سنڌي ۾ بہ چار جملا ڳالهائڻ کانپوءِ سادا چار ڪلاڪ اسان سان گڏ هو. پر پل ۾ بہ سنڌي نہ پيو ڳالهائي. يوسف ۽ مغل ساڻس شروعاتي حالي احوال ٿيڻ کانپوءِ لٽ ڪوڙي سمهي رهيا ۽ آءُ سنڌي ياءُ جي انگريزي جي اهڙو ور چڙهي ويس انگريزي ۾ ساڻس ڳالهائيندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائيندي وات ٽڪجي پيو.

اسان پاڻ ۾ لاڳيتي ۽ ايڏي انگريزي ڳالهائي جو منهنجي ذهن مان هڪ سنڌيءَ سان ملاقات ٿيڻ جو تاثر ئي گم ٿي ويو. سنڌ جي جيڪا بہ ڳالهہ پيو ڪري سا پنهنجي بابا جي حوالي سان. ٻڌايائين تہ سندس گهر واري جيڪا بہ سنڌياڻي آهي ۽ شڪاگو ۾ خاصو ڪاروبار سنڀاليندي آهي، پاڻ ۾ انگريزي ڳالهائيندا آهن. وقت گذارڻ لاءِ همراهہ سنڌ بابت مختلف خبرون چارون پڇندو رهيو پر مون کي ائين لڳو تہ اهي احوال بہ هو پنهنجي بابا کي ٻڌائڻ لاءِ گڏ ڪري رهيو هو. پارٽ جي تازي سياست ڏانهن سندس رويو هي هو جو چيائين پئي تہ اتي جو ڪو بہ اصل ماڻهو وزيراعظم جي عهدي تي اچي ٿو تہ ان سان علائقائي تڪرار پيدا ٿيو پون. ان ڪري ان صورتحال ۾ پارت لاءِ سڀ کان وڌيڪ موزون ماڻهو آڏواڻي آهي ۽ اها راءِ هن جي پنهنجي "علائقائيت" هئي. هن نوجوان ڊاڪٽر جو پارت ڏانهن رويو بہ تماشائين وارو هو. ٻڌايائين تہ شروع ۾ هو پئسا ڪمائي پارت موڪليندو هو پر پوءِ بند ڪري ڇڏيائين. چيائين، آخر آءُ ڇو پئسا اوڏانهن موڪليان جڏهن مان آمريڪي شهري آهيان ۽ اتي ئي جيئڻو مرڻو اٿم." سندس پاءُ بہ آمريڪا ۾ آهي ۽ پيءُ پارت ۾ ڏنڊا ڏاڙي وڪڻي رٽائرڊ زندگي گذاري رهيو آهي. هن کي ايتري يادگيري بهرحال هئي تہ هو سنڌ جو ساهتي هندو آهي، حالانڪ پاڻ ڄائو پارت ۾ هو.

❊❊❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرائيندو آهي.

ريگن جي پيھر چونڊجڻ سان دنيا جي سياست تي ڪھڙا اثر پوندا، يا گھٽ ۾ گھٽ ريگن انتظاميا دنيا تي ڪھڙا اثر وجھڻ جي ڪوشش ڪندي سو صاف ظاھر آھي. سامراج ھيئنر رنگين عضبين يج پروڙ جو شڪار آھي. ان ڪري خاص طرح پٺتي پيل ملڪن ۾ ھو فاشست ڏرين کي وڌ کان وڌ سگھارو بنائڻ جي جتن ۾ آھي. ڪٿي ھلڪڙي يا جڏي قسم جي جمھوريت به ھن وقت آمريڪي مفادن کي ٽيڪو ڏيڻ جي حيثيت ۾ ناھي. ڇاڪاڻ ته ان حالت ۾ به انھن ملڪن جو عوام ڪنھن نه ڪنھن نموني سامراجي پاليسين سان پنھنجي ٽڪراءَ جو اظھار ڪري وجھندو ۽ ايئن حڪومت تي دٻاءُ رھندو ۽ اھي ماڻھن ۾ پنھنجو ڀرم رکڻ لاءِ صفا ڪليل نموني ۾ سامراج نوازي نه ڪري سگھنديون. ريگن جي بليڪ ميلنگ واري پاليسي جو بنيادي مرڪز رڳو اھو ويچي ٿو بيھي ته جن ملڪن ۾ آمر حڪومتون آھن، اتي جيڪڏھن انھن کي ھٽايو ويو ته پوءِ ڪميونسٽ ايندا ۽ آمريڪا جي حڪمران طبقن لاءِ اھو بھر حال ھڪ اھڙو دڙڪو آھي جيئن ڪنھن پولڙيءَ کي ڪل ڏيڪارجي.

ھاڻي ايندڙ چئن سالن ۾ آمريڪا جي پاران پٺتي پيل ملڪن مٿان مڙھيل فاشسٽ آمريتن کي سگھارو بنائڻ جون ڪوششون ٿينديون، ته ٻئي پاسي مظلوم عوام پنھنجي مٿان وڌندڙ ڏاڍ جا پنجوڙ لاھڻ لاءِ ھٿ پير ھڻندا. ان ڪري ايندڙ چار سال دنيا جي مظلوم قومن ۽ طبقن لاءِ ڏاڍا اھم سال ھوندا ۽ انقلاب لاءِ جاکوڙ ڪندڙ ماڻھن واسطي وڏيءَ آزمائش جا سال پڻ. صدر ريگن چونڊون کٽڻ شرط نڪارا گوئا جي چونڊيل انقلابي حڪومت کي بلئڪ ميل ڪرڻ لاءِ جيڪي گھات گھڙڻ شروع ڪيا آھن ۽ کليل نموني ۾ سوشلسٽ ملڪن خلاف جيڪا باھ ٻاري ڏني آھي، ان منجھان سندس آئيندي جي حڪمت عملي، چٽيءَ طرح سامھون اچي ويئي آھي.

## مظھر قاضيءَ جو بيان

سنڌ ھاءِ ڪورٽ جي وڪيل مسٽر مظھر ايس قاضي، ريگن جي

سوپ تي هيئيون بيان جاري ڪيو: ريگن جي بيهر چونڊجڻ مان اهي چٽا اشارا ملن ٿا ته آمريڪا جا ماڻهو صدر ريگن طرفان هٿيارن تي بي پناهه خرچ، ميزائل ڪوڙڻ ۽ ائٽمي ڊوڙ ڊوڙان، خلا ۾ هٿيار پکيڙڻ واري رٿابندي سندس ڪٽرپڻي واري پرڏيهي پاليسي ۽ روس خلاف دڙڪي جي ڏم جهڙين اڳرائين جي کلئي عام پٺڀرائي ڪن ٿا. پر انهن سڀني اشارن کان بچڙو هڪ ٻيو اشارو اهو به ملي ٿو ته آمريڪي عوام ريگن جي ٻٽن معيارن واري انهيءَ پاليسي سان به ٻڌل آهن جيڪا هو فوجي آمريتن جي ڏس ۾ اختيار ڪندو رهيو آهي. يعني هڪ پاسي هُن پولينڊ ۾ مارشل لا هٽرائڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو ۽ ٻئي پاسي پاڪستان ۾ مارشل لا جي نه رڳو مدد ڪئي پر اجا سوڌو سندس پٺي ٺپريندو اچي.

جيتوڻيڪ صدر ريگن جمهوري نموني ۾ ٻيهر چونڊجي آيو آهي پر آمريڪا جو اهو جمهوري عمل پاڪستان ۾ جمهوريت جي انهن گهٽگهرن لاءِ اچرج ۾ وجهندڙ آهي جن فوجي آمريت کي ڊاهڻ ۽ جمهوري سرشتو آڻڻ لاءِ اڻ ميون قربانيون ڏنيون آهن.

❊❊❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪهاڻيون

اصلوڪيون ۽ ترجما

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن سڄو شهر ان تي تپي ويل تئي وانگر ٿي ويو جنهن تي ڦُلا تڙڪندا آهن. ڪيهون، ڪنجهڪارون، دانهون، رڙيون "او اولاڙي، امـاڙي، ابـا...." ۽ وقت هڪ هنڌ تي تنگيل شهر جو هر ماڻهو عذاب جي اهڙي وچ تي بيٺل، جتان وقت گذرڻ جي احساس جو ڪو ڪرٽو ذهن ۾ به نـه اُڀـرنـدو هـجـي ۽ رکي اوچتو رڙين ۽ دانهن جي وچ ۾ ماٺار جون بنهه اڻ لکيون گهڙيون ڦٽيل زندگيءَ جي گوڙ کي لپاٽ هٽي چپ ڪرائي ٿيون ڇڏين. جـهـڙو هـڪ ئـي وقت سيني زخمين کي خيال اچي ويـنـدو هـجـي: "اسـان ڇـو زخـمـي ٿـيـا آهيون؟" پر ڪو جواب نـه لهڻ سبب وري ڪيڪاٽن جو سلسلو شروع.

دانهن جي ان ساهي ۾ پرسان واري عمارت مـنـجـهـان پـاٽـي ڳـڙڻ جهڙو آواز ٻڌي، اکيون ڦاڙي وقت اوڏانهن ڏٺو.... پر اونده ۾ ڪيس ڪـجـهـه نظر نـه آيو. هن جي اکين تي بارودي دونهين ۽ رت جي ڇاٽن جو تهه چڙهـي ويو هو. مرندڙ ماڻهن جي رت بـه دشمن جي جهازن کي ڦوهارا ۽ ڇاٽون ٻـڻـجـي پڄڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ان ڪري وقت جون اکيون بـه ڍڪجي ويون هيون... نـه تـه وقت اونده ۾ بـه ڏسي سگهندو آهي.

ڪنهن شئي جي ڳڙڻ جي آواز واري نموني هن کي وري بـيـقـرار ڪري وڌو. هن تي زور ڏئي سوچيو ٿو: "پاڻيءَ جي لار هـيـٺ ڪـرڻ مـهـل جيڪو آواز ڪيندي آهي، اهو ايترو ڳُتيل ۽ موسـيـقـيـت وارو ڪـونـهـي هوندو." ڙ.......ڙ.....ڙ...... ڊئون، ڙ.......ڙ...... ڙ ڊئون.

هو پنهنجي تجربي جي آڌار تي اکيون ٻوٽي ان آواز کي سمجهـڻ لاءِ تصور ڪرڻ لڳو. ڳڙڻ جي آواز ۾ ڪنهن مـهـل هـلـڪـي پـڙاڏي سان ڊم..... ڊم جي آواز جهڙو ننڍڙو گونجارو ٿي پئي ويو. "گهٽو پري ڪان وڄـنـدڙ نغاري جهڙو آواز....." سوچيو.

هن رسيءَ سان اکيون اگهڻ جي ڪوشش ڪئي، تـه سامهون واري عمارت ۾ ماچيس جي تيلي ٻرندي ڏٺائين. اڌ ڊٺل ڇت هيـٺـان، جـوان مـرد، عورت ۽ ٻن ٻارن جا اگهوريل لاش پيل هئا. هڪڙو ننڍڙو پـتـڪـڙو بـانـبـڙا پائيندڙ ٻار مٿل ماءُ جي ڇاتيءَ تي مشيني نموني رت هاڻا هٿ هـڻـي رهـيـو هو سندس منهن بـه سڄو رت سان ڳاڙهو ٿيل هو "حياتي پنهنجي مـعـصـوم ۽ بي ڏوهه روپ ۾ ڪڏهن بـه موت کي قبول نـاهـي ڪـيـو" وقت جي دل ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويچار آيو. سيني لاشن مان ليڪا ڪڍي، نقشا ٺاهي وهندڙ رت. هيٺاهين واري پاسي تي هڪڙي هنڌ اچي گڏ پئي ٿيو ۽ اتان نيسر ٺاهي، لار بڻجي، ٻڙي هيٺ پئي ڪريو ۽ ان ئي آواز هن کي بي قرار ڪري ڇڏيو هو: ”رت هميشه نقشا ٺاهيا آهن“ هن اُڏڪو ڏيئي پٽڪو ڪاڙو.

هن ڪان هڪ وڏي پوائنٽي ڇنگهه نڪري ويجي ٿي ۽ شهر کي گهيرو ڪيل سپاهي ٺاهه ڪائي جاڳي ٿا پون.

هڪ وڏي رڙ فضا کي چيريندي، اونداهيءَ ۾ توب جي ٻرندڙ گولي وانگر مٿي اُڀي ٿئي ٿي، جهڙو ڪنهن زميني تاري آسمان تي ڪاهيو هجي. هو صبر نه ٿو ڪري سگهي ۽ پوري سگهه سان رڙ ٿو ڪري ”مري ويجان، مان مري ويجان“ جهڙو ڪو نوڪر هجيس جنهن کي ڪاوڙجي حڪم ڏيندو هجي ته ڪيس ماري وجهي. ٻي گهڙي سامهون ڏسي وقت جي سڄي لوڻءَ ڪانڊارجي ٿي وڃي.

تيز رفتار جهاز جو گهوگهٽ ٿئي ٿو شهر جون دانهون ان ۾ دٻجي ٿيون وڃن. بچيل مائرون لوهه پائي ٻارڙن تي ٻانهون ورائي ڇڏين ٿيون، هراسيل ساهه وارن جا تارا ڦوٽارجي وڃن ٿا ۽ وقت چڙهيون هڻڻ کان بس ڪري ٿو ڇڏي. جهازن جي زوزاٽ ڪندڙ ميڙاڪي مان هڪ ٻئي پٺيان بم ائين ڪرن ٿا، ڄڻ ڪو هٽلر پنهنجي اوورڪوٽ جا بٽڻ کوليندو هجي. سوين نڙيون گهٽجي وڃن ٿيون ۽ اکين جون هزارين ماٽڪيون چرپر بند ڪري ٿيون ڇڏين.

شهر جي مختلف حصن ۾ عمارتن ڊهڻ جا آواز جهازن جي ويڃڻ کان پوءِ واري ماٺار جي سيني ۾ نڪاءَ ڇڏي رهيا آهن. تنگيل وقت جي اکين مان ڳوڙهن جون ٻه لارون وهي نڪرن ٿيون. پوءِ هو اکيون اگهڻ نه ٿو چاهي، سندس هٿ ٻڏل آهن ۽ جنگهن سان چڙهيون هٽي پنهنجو ڪجهه ٽڪ ٻه نه ٿو لاهي سگهي. نه ته وري جهازن جو گهوگهٽ ٿيندو شهر پنڊ پهڻ آهي ۽ هو ان حالت ۾ پٽڪي ٻه نه ٿو سگهي. پنهنجي بيوسيءَ تي هڪ چڙ پريل مرڪ سندس چپن تي ڦهلجي ٿي وڃي ”منهنجو پٽڪو ٻه گهٽڻ ڪنن جون دهلڙيون ڦاڙي وجهندو آهي ۽ اڄ ٿوري ٻه چرپر. جهازن جي گهوگهٽ، انهن منجهان نڪرندڙ سرچ لائيٽن ۽ بمن جي وسڪارن جو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبب بنجي سگهي ٿي! ڪمال آهي؟“

ريڊ ڪراس جون ايمبولينس گاڏيون، تباهه ٿيل رستا لتاڙينديون جهاڪا اورانگهينديون، بيهنديون ۽ رستو صاف ڪنديون طبي مدد لاءِ اچن ٿيون. موت ۽ حياتي جي وچ ۾ وٿ جي ٽڪراءَ تي موت کي سوپارو ڏسي هن جي اکين مان نيسارا وهي ٿا پون، اوچنگارون ڏيڻ چاهي ٿو پر اها به اجازت ڪانهيس ۽ ڪنڌ لاڙي ٿو چئي: ”موت ڪيڏو تڪڙو ۽ تيز رفتار آهي. ڪا رنڊڪ ئي ڪانهيس ۽ حياتيءَ جون ايمبولينس گاڏيون گهٽيءَ گهٽيءَ بيهي رهن ٿيون، ڇو جو رستو صاف ڪونهي“ هو دل ۾ چوي ٿو.

مهينن کان شهر ٽئنڪن ۽ لوهي گاڏين واري لشڪر جي گهيري ۾ آهي: ۽ شهر جا جيت جڙا به پوساتجي مري ويا آهن. ويران بازارن ۾ رڳو هِتي هُتي ڇيڇلائيندڙ ڪتا پونڪار ڪري رهيا آهن. جهازن جي گهوگهٽ ويل به رڳو اکيون مٿي ڪري ٿي سگهيا. ان کان وڌيڪ ڪجهه نه پاڙئون اکوڙيل وڻ الوٽ ننڊ ۾ آهن ۽ اڪيلن ڏارن وارا بيٺل وڻ به حياتيون وڃائي چڪا آهن ۽ بيهڻ جو ڪو مقصد ئي نظر نه ٿو اچين. هنن جي به ليٽي پوڻ تي دل ٿي چوي. لائبريريون سڙي رک ٿي ويون آهن. ”زندگ ايڏي ننڍڙي“ وقت کي پوندڙ وڏي وڃن ٿا.

آڌي رات لڙي چڪي آهي ۽ شهر جي اولاهين حصي جي هڪ پاڙي مان، ڪي آواز هن جي ڪنن تي پون ٿا. ”ناني هلي اچ، ڏاڏي اچ، ماسي تڪڙي اچ. سڄو پاڙو به جانيون بچائڻ لاءِ نڪري پيو آهي. شهر جو اڌ حصو هونئن ئي خالي ٿي ويو آهي“ اهي مردانا ۽ زائفانا آواز هئا.

”مون وٽ رائيفل ۽ به ٽي گوليون آهن، مان گهر ڪو نه ڇڏيندس.“ هن جي ڪنن تي ڪراڙي عورت جو آواز پوي ٿو. لهجي ۾ اهڙي سگهه، ڄڻ ڪجهه ٿيو ئي ڪونهي يا جيڪي ڪجهه ٿيو آهي، سو هرويرو ڪا وڏي ڳالهه ناهي.

”ڏاڏي اها رائيفل هوائي حملن کي ڇا ڪندي؟“ ڪو پوڙهي کي سمجهائي پيو.

”۽ مان ڪٿي ٿي چوان، ته ڪنهن بئي هنڌ هلي مران. جيترو جيئڻ لاءِ پنهنجو گهر ضروري آهي، مرڻ وقت به اُتي هجڻ اوترو ئي ضروري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ سندس نظرون ٻڏل نوجوان تي کپي ويون، جيڪو هن وانگر آرس پڇي اکيون نہ ٿي کولي سگهيو.... ”هاڻي ڪا ٻہ سگهہ هن ڪان اکيون نہ ٿي کولائي سگهي. سڄي دنيا جو ڏاڍ آٽي هڪڙي هنڌ گڏ ڪيو پر هو هٺيلو اکيون نہ کوليندو.“ اهي لفظ ٻٽڪندي مهل، وقت جو هيانءُ ڄڻ پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويو.

ٻي مهل وقت جا ڪن ايا ٿي ويا. سوين هزارين وکون ترتيب سان کڄڻ لڳيون هيون. هن هڪ ڏکهو ساهہ کنيو. اهي هزارين قدم شهر کان کڄي رهيا هئا. وقت وڏندڙ ماڻهن جي اکين ۾ چتائي ڏٺو. انهن اکين ۾ هڪ نئون نياپو هو ڪا نئين سنبت هئي.

پنهنجي سموري سگهہ گڏ ڪري هن رڙ ڪئي، ”اچو“. ڄڻ ڪو ميزائيل ڇٽو. ان رڙ جا ڪيئي گونجارا ٿيا. اها رڙ اوسي پاسي جي جبلن سان ٽڪرجي وڏيڪ سگهہ سان موٽي پئي آئي. شهر جي چئن ئي پاسن ٻاهران سوين هزارين واچوڙا گهمريون کائي تيز ٿي گهيرو ڪندڙن کي پنهنجي وڪڙ ۾ آٽي ڌوهي پئي ويا. هنن جي ڪنن جون دهلڙيون ڦاٽي پيون ۽ هو چرين وانگر ڪنن تي هٿ رکي ڊوڙي ڊوڙي وڃي پئي ڪنهن نہ ڪنهن واچوڙي ۾ ٿي ڦاٿا.

وقت ست ڏيئي پنهنجا رسا ڇني ڇڏيا. ڄڻ پاڻ ئي ڪنهن ضرورت هيٺ مجبور ٿيو ٻڌو پيو هو ۽ ڄڻ ڪو شرط مقرر ڪيو هئائين تہ جيسين اُهو پورو نہ ٿيندو هڪ هنڌ ٻڌو بيٺو هوندس.

❊❊❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ليلا جا لک ٿورا. مون لاءِ پيو ڪير بہ ڪٿي اڇجانءِ مان هميشہ هتي ئي هوندس.“

ائين مهينا گذري ويا. هيڏانهن مجنون سڪل مانيءَ ۽ ڪچن بصرن تي جيئڻ پوءِ تيئن ڏهرو ٿيندو ويو هاڻي هو ڳڙ ۽ ڀڳڙن جي عياشي بہ نہ پيو ڪري سگهي. وچ وارو همراهہ ويو ماس چاڙهيندو ليلا جي نوڪرياڻي کي اوچتو خيال اچي ويو. چوڻ لڳي ”ليلا بيبي“ ”ڇئو“ ليلا چيس.

”توکي پڪ آهي تہ مجنون واقعي توسان پيار ڪري ٿو؟“

”توکي اهو شڪ ڪيئن ٿيو؟“

”ڏس ليلا بيبي، جيڪو نوڪر روزانو ملائي سان پريل گير ڪٽورا کڻي ٿو وڃي تنهن لاءِ مجنون سڪي سڪي انتظار ڪري ٿو. سمورو ڪير هڪڙي ساهي ۾ پي ٿو وڃي ۽ ڪڏهن تنهنجي چڱ ڀلائي لاءِ ڪو اکر بہ نہ پڇيو اٿس.“

پوءِ ڇا ٿيو؟“

”ٺيڪ آ ليلا بيبي، پر اصل عاشق ائين نہ ڪندا آهن.“

”لڳي ٿو توکي خبر آهي.“

”ڏس ليلا بيبي مون کي بڇڙو نہ ڪر. مون کي بہ پنهنجا تجربا آهن. اصل عاشق ائين تڪڙ ۾ ٿلها ٿنيرا نہ ٿيندا آهن.“

”ڇاتي چوين منهنجو مجنون ٿلهو ٿي رهيو آهي، هان!؟“

”مس ليلا نوڪر ائين ئي ٿو چوي بلڪل ائين. اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ مجنون ڳائي ۽ نچي ٿو.“

”ڇاتي چوني، منهنجو مجنون جيڪو منهنجي سنگدل پيءُ مون کان ڌار ڪري ڇڏيو آهي، سو سڄو ڏينهن نچي ۽ ڳائي ٿو ۽ منهنجا جو هتي ڳوڙها ئي نٿا سڪن.“

”ليلا بيبي ڳالهہ رڳو ايتري ڪانهي. ڪير پهچائيندڙ نوڪر ٻڌائي ٿو تہ مجنون رمبا ۽ راڪ ائنڊرول ناچ ڪري ٿو ۽ گهوڙن جون شرطون پچائڻ جو شوقين بہ آهي.“

”مجنون ۽ اهي ڳالهيون!!“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نيچ وري مان آهيان؟

توهان روز هن کي کير موڪليو ٿا. ڇا ٿا سمجهو ڇڻ مون کي خبر ئي ڪانهي هن مهل تائين توهان ڪيس اٽونجاهه ڳئلن ملائي وارو کير موڪلي چڪا آهيو ليلا حيرت مان چيا ”ايترو کير؟“

”تڏهن وري ڇا، اڃا اڳتي ايندڙ سالن لاءِ سوچڻو آهي. اڃا ته نوجوان آهي ۽ گهڻو..... ڏيندو. ان سان سندس..... وڏندي توهان هن سان کير موڪلڻ جو ٺيڪو ڪٽي ڇڏيو آهي. توهان کي خبر آهي ته مون کي رشوت ڏيڻ جو وڏو نقصان پهچي چڪو آهي. رڳو چڪن تڪن ذريعي ئي مان ان ڏک کي وساري ٿو سگهان.“

ليلا چيو ”بابا مون کي هڪڙو خيال ذهن ۾ آهي.“

”ڇئو ليلا“

”بابا لڳي ٿو ته چڪن تڪا توهان جي روح سمائجي چڪا آهن........ توهان جي معدي کان توهان جي روح ۾ لهي ويا آهن. توهان جي اندر ۾ سڄي دنيا توهان لاءِ ڪڪڙ جو هڪ وڏوچڪن تڪو آهي. منهنجو خيال آهي ته مان هن کي پوءِ آزمايان ٿي.“

”ٺيڪ آ، ٺيڪ ۽ پل آزمائينس پر چڪن تڪو...... ناهي آٽو.“

ٻئي ڏينهن تي رسيءَ تي هلي تماشو ڏيکاريندڙ مجنونءَ کي ملائي واري کير جي ڪٽوري سان گڏ ليلا جو هڪڙو خط مليو. هن هڪدم کير ڪٽورو ڳڙڪايو ۽ پوءِ نوڪر پڇيو ”ڇا توکي خبر آهي ته هن خط ۾ ڪهڙي ڳهر ڪئي وئي آهي.“

”سائين ان ۾ پيار جي ثابتيءَ لاءِ هڪڙو ڪٽورو تنهنجي رت جو گهريو ويو آ“

”چوين ڇا ٿو؟“

”هائو سائين سچ ٿو چوان.“

”چڱو پوءِ ڳالهه ٻڌ، هي خط مون ڏي غلطي سان آيو آهي.“

”نه سائين اهو توهان لاءِ ئي ته آهي. ڇا توهان مجنون ناهيو؟ اُن ڏينهن توهان ته مون کي پڪ ڏياري هئي ته توهان جو نالو مجنون آهي. مهرباني ڪري ياد ڪريو.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"هائو مون کي ياد آهي. مون توکي چيو هو تہ مان مجنون آهيان."
"پوءِ؟"
پر مان ڪير پيئڙ وارو مجنون آهيان. ان ڪري ئي تہ مون توکي چيو هو تہ ڏينهن ۾ ٽي ٻہ چار پيرا ڪير آٽيندو ڪر."
"پوءِ سائين هي خط توهان ڏي آهي."
"اڙي بابا ڏس هن خط ۾ لکيل آهي تہ مجنون، ليلا لاءِ پنهنجي پيار جي ثابتي ۾ هڪڙو وٽو رت جو پري ڏي."
"پوءِ سائين؟"
"پر چريا مان رت ڏيڻ وارو مجنون ناهيان. سمجهيئہ". هو ڏانهن ڏس، هو سنهو ڏبرو فاقن تي ويٺل ڏتڙيل همراهہ؟.
"هائو سائين ان کي تہ هميشا مان لنگهڻ تي ڏسندو آهيان."
هي خط انهيءَ ڏي ڪٽي وڃ. رت ڏيڻ وارو مجنون اهو اٿئي. رت ڏيڻ هن جو فرض اٿئي."
"سائين پر توهان تہ روزانو ٽي ٻہ چار پيرا ملائي واري ڪير جا وٽا پي ويندا آهيو. ائين آهي يا نہ؟
"هائو"
پوءِ هو رت ڇو ڏئي
سائين؟"
"بابا رت هن کي ئي ڏيڻي آهي، ڇو جو هو هاري آ."

ترجمو. ف.م لاشاري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سگهارو هماليا

# هيٺا ماڻهو

نيپال جو سفرنامو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

**ڪتاب** ۾ مهاڳ لکڻ مهل عام طور ٻن ڳالهين کي نظر ۾ رکيو ويندو آهي. انهن مان هڪ ليکڪ جي شخصيت ۽ ٻي ڪتاب جي اهميت. اهي ٻئي جدا هوندي به هڪ ٻئي سان گهڻي حد تائين ڳانڍاپيل آهن. انهي ڪري ماڻهو ڪنهن به لکٽيءَ مان سندس لکندڙ جي قدبت جو اندازو لڳائيندو آهي. انهن ٻنهي ڳالهين کي گڏي هلائڻ وسيلي ئي ڪنهن لکٽيءَ جي صحيح ڪٿ ڪري سگهجي ٿي.

فقير محمد پيشي جي لحاظ کان صحافي آهي. اديب هئڻ جي ناتي هن لاءِ اها وڏيڪ ڪارائتي ڳالهه آهي. هڪ ته ڪيس پنهنجي پڙهندڙن سان سڌي لاڳاپي رکڻ ۾ مدد ملي ٿي ۽ ٻيو ته هو پاڻ کي ڏيهي ۽ پرڏيهي خبرن چارن کان واقف رکي سگهي ٿو. جيڪا ڳالهه ٻئي ڪنهن اديب لاءِ اوکي آهي. اهي ٻئي شيون سندس لکڻين کي وڏيڪ سٺو ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿيون.

لاشاريءَ جي شخصيت جو هڪ ٻيو پاسو سنڌي ادبي سنگت جي ڪراچي شاخ سان ڪيترن ئي سالن جو لاڳيتو ناتو آهي.

سنگت جي اها روايت آهي ته هو پنهنجن ڪارڪنن جي ادبي ترقي پسند لاڙي کي هٿي ڏيڻ ۾ گهڻي مدد ڪندڙ آهي. اسان انهيءَ اصول کي فقير تي به لاڳو ڪري سگهون ٿا. سندس لکڻين جي ترقي پسند پاسي کي سنگت وڏيڪ پختو ڪيو آهي.

سنڌي ادب ۾ فقير جي حيثيت ڇا آهي؟ انهيءَ کي جانچڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي ٿلهي ليکي سنڌي ادب جي مختلف لاڙن جو جائزو وٺندو پوندو سنڌي ادب 1969ع ۾ ون يونٽ جي ٽٽڻ کان پوءِ هڪ قسم جي ماٺار ۽ نتشار جو شڪار ٿي ويو. انهيءَ جو وڏو سبب سنڌي ليکڪن پاران سماجي انصاف جي فلسفي کي پوريءَ ريت نه سمجهڻ ۽ ون يونٽ جي ٽٽڻ کي ئي پنهنجي آخري منزل سمجهڻ هو. ادب جي انهيءَ انتشار هيٺ سماجي، سياسي ۽ معاشي سببن سان گڏجي هڪ قسم جي "ادبي لُڙ" کي جنم ڏنو جنهن وجوديت جي ناليءَ ۾ جنسي بي راهه روي، خود غرضي ۽ مفاد پرستيءَ کي ادب جو نالو ڏيئي پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو. اهو سنڌي ادب جو اهڙو الميو هو جنهن سندس واڌ کي روڪ ڏيئي پٺتي موٽڻ تي مجبور ڪيو.

انهيءَ حالت ۾ ناميارن سُڄاڻ اديبن جو رويو لاپاڻتو هوندي به ايترو ڪارائتو نه هو جو اسان جي ادب لاءِ نئين لاٽ ۽ واٽ ڳڻجي سگهي. ان جو مکيه سبب سندن پاران سماجي انصاف جي ترقي پسند نظرئي کي مڃڻ جي باوجود مٿن اهنسا ۽ تصوف جي فلسفي جو اثر هو. ان ڪري سنڌي ادب جي جسم مان انهيءَ ڪينسر کي ناس ڪرڻ بدران سمجهيو ويو ته ڪينسر ۽ چڱيلائي ٻئي هڪ ئي جسم ۾ گڏ هلي سگهن ٿا.

ان ڪري اهو ڪم سنڌ جي اُنهن نوجوان اديبن کي پنهنجي ڪلهن تي کڻڻو پيو جن نه رڳو هنن مرضن جي سڃاڻپ ڪري ورتي پر علاج پڻ ڳوليائون. فقير انهن نوجوانن جي اڳواڻ دستي ۾ شامل آهي. هن پنهنجي نگرانيءَ ۾ نڪرندڙ پهرين هفتوار "هلال مئگزين" کي پوري طور انهيءَ ڪاز لاءِ ارپي ڇڏيو سندس انهيءَ ڪوشش "اُذاري" لاڙي جي ڇپاهه پچڻ ۾ اهم ڪردار نڀايو. فقير وٽ جانبداريءَ جو هڪ واضح تصور موجود آهي. جيڪو عوامي مفادن سان مڪمل طور گڏ آهي. ان ريت هو هڪ اهڙي لاڙي جي نمائندگي ڪري ٿو. جيڪو جيتوڻيڪ اڳي جي سنڌي ترقي پسند ادب جو تسلسل آهي، پر خاصيتي لحاظ کان انهيءَ کان اڳتي وڌيل آهي. سندس فن ۽ فڪر پنهنجيءَ جانبداري جو بلڪل کليو اظهار ڪري ٿو انهيءَ جوابداريءَ کان ڀاڄ واري ڪنهن به طريقي کي نه رڳو اهو ته هو اختيار نه ٿو ڪري پر انهيءَ کي ڀرپور نموني سان ننڌي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير متعلق هڪ ڳالهہ عام طور چئي وينـدي آهـي تـہ سـنـدس لکڻين ۾ تشبيهن ۽ اهڃاڻن جي وڏيڪ استعمال ڪري پڙهنـدڙ مـونـجـهـ جو شڪار ٿي پوندو آهي ۽ ڪنهن نتيجي تي پهچي نـہ سـگـهـنـدو آهـي. انهيءَ ڳالهہ کي صاف ڪرڻ لاءِ اسان کي پهرين انهيءَ ڳالهہ کي پـڌرو ڪرڻو پوندو تہ اديب ۽ ليکڪ ڪا آسماني مخلوق ڪونهن. هو اسان جي معاشري جوئي هڪ اڳتي وڌيل حصو آهن. سنـدن فـن ۽ فـڪـر جي ڪاميابيءَ جو رازئي اهو آهي تہ هو ماڻهن جي گهٽائيءَ جي ڏکن، سورن سان رڳو همدردي رکڻ بدران سندن حياتيءَ کي اڳتي وڌڻ لاءِ ٿيندڙ جدوجهد ۾ اُتساهہ ڏياريندڙ ڪري پيش ڪن. عام طور تي ادب ۽ شاعر جون رچنائون پڻ سببن ڪري عام پڙهندڙ لاءِ مونجهہ جو سبب بڻيون آهن.

پهريون سبب انساني تاريخ جو اُهو عمل آهي، جنهن ضرورتن کان واڌو پيداوار ٿيڻ ڪري انسان ذات کي طبقن ۾ ورهايو. جسماني محنت هيٺين طبقن جي عرصي ۾ آئي ۽ مٿين طبقن، پنهنجي واندڪائي گذارڻ لاءِ ادب ۽ فن کي پنهنجي تفريح جو وسيلو بنايو. ائين ادب ۽ فن جو واسطو پيداواري عمل سان ڪٽجي ويو.

انهيءَ حالت ۾ عام پورهيت جي زندگيءَ کي جيڪڏهن ادب ۽ فن ۾ ڪا بہ جاءِ ملندي بہ هئي تہ اُها اديب ۽ فنڪار جي پنهنجي خيالي تصوير هئي. جنهن جو حقيقي زندگيءَ سان پري پري جو ڪو بہ واسطو نہ هو. انهيءَ ڪري هڪ تہ ادب ۽ فن عام ماڻهوءَ جي پهچ ۽ سمجهڻ کان ٻاهر هوندو هو. ذهني ۽ جسماني پورهئي ۾ اها ويڇوٽي انسان سماجي عمل جي هڪ خاص ڏاڪي تي وڃي ختم ٿيندي هن وقت انهيءَ منزل کي وڏيڪ ويجهو آڻڻ ۾ ترقي پسند اديب پنهنجو ڪردار هن ريت ادا ڪري سگهن ٿا تہ هو پاڻ کي پورهيت عوام جي وڏ ۾ وڏ ويجهو آڻين، سندن حياتين جو اهڙيءَ ريت مطالعو ڪن جو همدرديءَ جي بدران پنهنجي عام پڙهندڙ ۾ هڪ اُتساهہ پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين.

ادب ۾ مونجهہ جو ٻيو سبب اسان جي سماجي جوڙجڪ ۽ ترقي پسند شعوري عمل واري عنصر جي گهٽتائي آهي. اسان جي سماج جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڇپجڻ جو اختيار ڪانئن ڪسيو ويو آهي. ماڻهن کي هر طرح جي معلومات کان وانجهيل رکڻ جي ڪوشش ۾ سرڪار نه رڳو ٻين ملڪن مان آيل اخبارن کي سينسر ٿي ڪري پر ملڪ ۾ ڪا ٽيليويزن اسٽيشن وغيره قائم ڪرڻ لاءِ به ڪوشش ڪو نه ٿي وٺي. ماڻهن جي انهيءَ ذهني اُڃ کي ليکڪ ديواري اخبارن تي ماڻهن کي ميڙ ڪي مان ظاهر ڪيو آهي.

ليکڪ نيپال متعلق جيڪا معلومات گڏ ڪئي آهي اُن ۾ عوامي جدوجهد جو احوال به آهي. نيپال قومي ڪانگريس جي اڳواڻيءَ ۾ هلندڙ عوامي جدوجهد سان ڪنهن ڏکي سماجي تبديلي واري پروگرام نه هئڻ جي صورت ۾ جيڪي نتيجا حاصل ڪيا سي نه رڳو ماڻهن جي فوري گهرجن سان ٺهڪندڙ نه هئا پر انهيءَ سان بادشاهه وڏيڪ اختيار حاصل ڪري ماڻهن جا رهيل کهيل شهري حق به ڦٻائي ورتا. ماڻهن جي موجوده حالت کي ڏسي ليکڪ انهيءَ صورتحال مان مايوس هئڻ بدران مطمئن آهي ۽ ڪنهن چڱيءَ خبر جو منتظر آهي.

سفرنامي ۾ هڪ جاءِ تي ڪجهه ڪچائي نظر اچي ٿي. جڏهن ليکڪ لکي ٿو ته "پاڻ تهذيبن ۽ سياست جي چڪر مان نڪري هيڪر وري فطرت جي چيڪلي تي پئي چڙهياسين. "هتي ائين ٿو لڳي ته جڻ ليکڪ جي قلم مان روسو پيو ڳالهائي. ٻوليءَ جي نڪتئه نگاهه کان نه رڳو اهو ته ڪا چڪ نظر ڪو نه ٿي اچي پر شاعراڻي نموني جي خوبصورت ٻولي استعمال ڪئي ويئي آهي. سفرنامي جي خوبصورتيءَ ۾ هڪ موچارو حصو انهن تشبيهن جو آهي جيڪي ليکڪ استعمال ڪيون آهن. مثال طور هڪ جاءِ تي لکي ٿو ته "ڪار ۾ ويندڙ ڪنوار جي سڏڪي جي ترنم کي وساري نه سگهندس." ڪتي جي پونڇن کي تقرير ڪرڻ ۽ وٽن جي هوا ۾ لڏڻ کي ڪتي جي ڳالهه مڃڻ کان انڪار ڪرڻ يونيفارم پاتل اسرائيلي سفير کي هٽلر جو پاءُ سڏڻ پراڻي نموني جي هوٽل تارا گاؤن ۾ ويجڻ کي موهن جي دڙي جي ڪنهن دراوڙ جي گهر ۾ داخل ٿيڻ. جتي ٽيليفون به هجي، سان تشبيهه ڏيڻ. ڊالر جي پٺتي پيل ملڪن سان ڳانڍاپي کي عرب شيخن جو ڪئڊلڪ ڪارن مان پاڻ سان ٻڪر گڏ ڪٽي هلڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وغيره دلچسپ من موهيندڙ ۽ عام فهم تشبيهون آهن.

مجموعي طور هن سفرنامي کي سنڌي ادب جي ترقي پسند عمل جو هڪ ڪارائتو حصو قرار ڏئي اهو چئي سگهجي ٿو ته سفرناما لکندڙ هين ليڪڪن لاءِ هي مثال رهندو ته سفرنامن جو مقصد ڊائريون لکڻ نه پر اُتان جي عام ماڻهوءَ جي سماجي حالت کي بيان ڪرڻ آهي.

رئوف نظاماڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

اُهي جڏهن مان فقير محمد لاشاريءَ جي ڪتاب "سگهارو هماليا، هيٺا ماٺهو" بابت به اکر لکڻ ويٺي آهيان ته ڪوڙيادون اوهيرو ڪري سانوڻ مينهن جيئن وسي رهيون آهن. هن جي مون سان عجيب قسم جي اُنسيت هئي. جڏهن به سماجي ۽ معاشي حالتن جي سبب آويڙهه ايندو هو ته بنا اڳوات ٻڌائڻ جي اچي آفيس رسندو هو. پوءِ ويهي زماني جي زيادتين جو ذڪر ڪندو هو ته ساڳئي وقت سياسي حالتن جو به ڇيد ڪندو رهندو هو. هو ڳالهائيندو هو ۽ مان ٻڌندي هيس. البت هڪ اڌ دفعو اجازت وٺي مخصوص انداز ۾ سگريٽ به پي وٺندو هو. اڪثر ڪري سندس گفتگوءَ جو موضوع هوندو هو سنڌ جي سياست جا رخ! ڪڏهن وڏيرڪي سياست تي ڳالهائيندو هو ته ڪڏهن نئين ابرندڙ مڊل ڪلاس جي ڪردار تي. ڇيهه اچي سنڌ جي تيزيءَ سان تباهه ٿيندڙ تعليمي ماحول تي ڪندو هو.

منهنجي به فقير محمد سان عجيب اُنسيت هئي. هو جڏهن ڳالهائيندو هو ته پنهنجي دلچسپ انداز فڪري گِهرائي ۽ سچائيءَ سبب ذهن جي گِهرائي تائين پهچندو هو. سندس ڳالهائڻ ۾ وڏي بيباڪي ۽ اعتماد هوندو هو. تڪي توري حالتن جو اهڃاڻ ته ايياس پيش ڪندو هو جو ذهن مطمئن ٿي ويندو هو ۽ يقين ٿي ويندو هو ته حالتون ايئن ئي ڦرڻ واريون آهن. جيئن فقير پيش ڪري رهيو آهي. ڪيس عوام جي سگهه ۽ سوچ تي پختو ايمان هو. ان وقت سنڌ جون سياسي حالتون به ڪجهه اهڙيون هيون. ڀٽي صاحب جي عوامي سياست ۾ پورهيت طبقي جي هلچل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي روايتي سياست جا رخ ئي ڦيرائي ڇڏيا هئا. هر هنڌ "اسٽڊي سرڪل" قائم ٿي ويا هئا ۽ ٽريڊ يونينون مثبت ڪردار ادا ڪري رهيون هيون پر پوءِ اڳتي هلي اهڙو واءُ وريو جو مڊل ڪلاس پنهنجو اُهو ڪردار ادا نہ ڪري سگهيو جنهن جي توقع هئي. ان کي مختلف قسم جون لالچون ۽ صلاحيت کان وڌيڪ عهدا ڏيئي موقعي پرست بنايو ويو. اهڙي طرح جڻ تہ ايندڙ نسل کي سُهانا خواب ڏيکاري عمل کان عاري ڪيو ويو. اِهي هوندا هئا. اسان جي گڏيل دلچسپي جا موضوع جن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ سير حاصل گفتگو ٿيندي هئي. اڳتي هلي جڏهن جاڳو اخبار جو ايڊيٽر ٿيو تہ موضوع ئي مٽجي ويا.

فقير محمد سياسي طور ڪنهن ڏرسان واڳيل هو پر جڏهن حالتن جو تجزيو پيش ڪندو هو تہ پنهنجي اڪابرن کي بہ بخش نہ ڪندو هو. خاص طرح جڏهن سنڌ جي پيڙهيل عوام جي ڳالهہ ڪندو هو تہ سندس چهري تي عجيب قسم جا رنگ نکري ايندا هئا. جڏهن پورهيتن جو ذڪر ڪندو هو تہ سندس اکين ۾ الماس نظر ايندا هئا. ڪيس پڪو يقين هو تہ حالتون دير سوير بدلبيون ۽ عوام سک جو ساهہ کڻندو. هيءُ ڪتاب بہ سندس سياسي، سماجي ۽ فڪري سوچ جو مظهر آهي. عالمي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ انسان عظيم آهي. هي جهنگ، جبل، سمنڊ، صحرا، نديون نارا ۽ آسمان ستارا سڀ سندس قوت آڏو ڪجهہ بہ نہ آهن. انسان اُتاهون آهي. هو پنهنجي سوچ ۽ عمل سان ڪائنات کي فتح ڪري سگهي ٿو پر جن ملڪن جا ماڻهو اياڻا ۽ پروس آهن، تن لاءِ چئبو تہ اتان جون بي ساهہ شيون بہ سگهاريون آهن ۽ انسان وهيڻا.

ڪتاب جي شروعات هڪ بظاهر سادي پر حقيقت ۾ انتهائي گهري مثال سان ڪري ٿو: "ڪجهہ سال اڳ، اتر ڪوريا جي هڪ ٻارڙي جو نظم پڙهيو هوم. جنهن جو مطلب هن ريت هو: استاد اسان کي گهران دنيا جو نقشو ٺاهي آڻڻ لاءِ چيو آهي، رات جو جڏهن نقشو ٺاهڻ ويٺس تہ ان جي آڏين ٽيڏين ليڪن ڏاڍو ڏکيو ڪيو. ٻي ترتيب ۽ ٻي ڍنگين لڪيرن ۾ دنيا ائين پئي نظر آئي جڻ سڄي دنيا ڏاڍن ۽ ڍنگهرن ۾ ورهائجي پئي آهي. ڪيڏي نہ انهن ليڪن دنيا جي سونهن گهٽائي ڇڏي آهي." ان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال ڏيڻ جو مقصد اهو هو تہ هي دنيا هٽرادو زنجيرن ۾ ڍنگهرن ۾ وڪوڙي ويئي آهي، جتي انسان جي گھمڻ ڦرڻ، هلڻ چلڻ ۽ سوچڻ تي بہ پابنديون مڙهيون ويون آهن.

اڳتي هلي کٽمنڊو ۾ پهچڻ تي وفد جي جيڪا آجيان ڪئي وڃي ٿي، ان بابت پنهنجي جذبن جو اظهار هن ريت ڪري ٿو: "بس مان لٿاسين تہ سازن جو تاڃو شروع ٿي ويو. هوٽل جي دروازي تي ڪجھہ خوبصورت نيپالي ڇوڪريون گلن جا هار کنيو بيٺيون هيون ۽ ڪجھہ مڱڻهارن ساز پئي وڄايا. لقاءُ ڏسي مون سمجھيو تہ ان مهل هوٽل جو پنهنجو ڪو پروگرام پيو هلي پر خبر تڏهن پئي. جڏهن اسان واري قافلي جي همراهن کي هار پارائجڻ لڳا ۽ اها اسان جي آجيان پئي ٿي. جهڙو ڪاتو پٽ اچي لٿا هجن. هڪڙي ڇوڪريءَ وڌي اچي مون کي بہ هارا پارائڻ جي ڪوشش ڪئي پر مون هار پهرڻ بدران وٺي ورتو مانس. هڪڙي همراهہ کي چيم "ڪهڙو ڪوٽ ڪٽيو اٿئون جو هار پايون." هن چيو: "عزت پئي ملي، سٺي ڳالهہ آهي." چيومانس "اهو سوچيو اٿن تہ پاڻ ايڏي عزت ڪٽڻ جهڙا بہ آهيون يا رڳو ڪاروباري ميزباني جي پورائي پئي ٿئي!" ڪيترن همراهن هاسيڪار ڳاتا وڃي ڇوڪرين اڳيان پئي جھليا. دل ۾ چيم پاڻ جهڙو ڳوٺ "مولائي" آهيان هتي بہ ايئن هئڻ گھرجي. هوش منجهان نڪري وڃبو تہ دل هول تي ويندو."

اها هئي فقير جي دل جي ڪيفيت، جيڪا دنيا جي ڪنهن لالچ لوڀ تي نہ هرکي. هن جهانگير روڊ تي ٿهيل سرڪاري ڪمرن ۾ دوستن وٽ مسواڙ تي رهي ڊبل ڊيوٽيون ڪري بہ وقت گذاريو تہ "جاڳو" جي ايڊيٽرشپ ۾ ڪيس آسمان تي اڏامڻ جهڙيون آڇون بہ ٿيون پر هو ساڳيو ئي فقير منش رهيو. جڏهن هيرن تي نہ هرکيو تہ ڪيس جيل ۾ بند ڪرڻ ۽ دنيا مان گم ڪرڻ جهڙا دهمان بہ ڏنا ويا. ڪيس هر طريقي سان هرڪايو ويو پر هو لاهوتي هر حال ۾ هوش ۾ رهيو. نہ ڪڏهن ڪنهن کي سهاياڻين نہ ڏوراپو ڏنائين. سڀ ڪجھہ صبر ۽ تحمل سان برداشت ڪندو پنهنجو دڳ گهڙيندو هلندو رهيو ۽ ٻين لاءِ ميدان صاف ڪندو ويو.

هلال پاڪستان، عوامي آواز کان وٺي جاڳو اخبار تائين هن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحافت ۾ نت نوان تجربا ڪيا. هر هفتي عالمي ادب، ثقافت ۽ تاريخ جا شهہ پارا ترجمو ڪري سنڌي ماڻهن کي پڙهايائين. پنهنجن ڪالمن ۾ عوامي نوعيت جي اهنجن ۽ مسئلن کي جاءِ ڏيئي روايتي انداز کي بدلائي ڇڏيائين جنهن ۾ صحافت جي طئي ٿيل اصولن مطابق ڪالم ۾ ڪالهہ جي ڪنهن خاص خبر کي بحث جو موضوع بنايو ويندو هو. ان ڪان علاوه صحافت ۽ ادب جي ميلاپ سان پنهنجين لکڻين ۾ نئون فڪري انداز پيش ڪيائين. جنهن کي بيحد پسند ڪيو ويو ۽ عام ماڻهن ڪان وٺي ڪامورن تائين صبح جو اول فقير محمد جو ايڊيٽوريل پڙهڻ لڳو. ان ڪان اڳ، ايڊيٽوريل خاص طور سنڌي اخبارن جا، پڙهڻ جي شيءِ نہ سمجهيا ويندا هئا. فقير محمد لاشاري پنهنجي مطالعي، سوچ ۽ جرئت سان اهڙا تہ وقتائتا ۽ وزنائتا ايڊيٽوريل لکيا جو ايوان بالا ۾ انهن جا پڙاڏا ٻڌجڻ ۾ ٿي آيا ۽ اهو شايد پهريون ڀيرو هو جو فقير محمد جا ايڊيٽوريل باقاعده روزانہ ترجمو ٿيڻ لڳا ۽ انهن جو نوٽيس ورتو ٿي ويو. هن ڊارين سان گڏ پنهنجن کي بہ سڌيون سُٺايون ۽ نالو وٺي کين قومي ذميوارين جو احساس ڏياريو.

"سگهارو هماليا، هيڻا ماڻهو" فقير محمد لاشاري جو سفر نامي بابت ڪتاب آهي جيڪو هن زندگي ۾ پهريون ڀيرو نيپال جو دورو ڪندي لکيو. سفرناما تہ ڪوڙ ڀيا لکجن. الطاف شيخ تہ اڌ دنيا پنهنجن سفرنامن ذريعي ڏيکاري آهي. اردو انگريزي ۾ بہ ڪوڙ سفرناما شايع ٿيا آهن جيڪي عام طور مسافر جي ذاتي ڊائريءَ اتي جي دلڪش نظارن ۽ وندر وارين سرگرمين تي محيط هوندا آهن پر هن سفرنامي ۾ نيپال جي سياسي، سماجي ۽ حڪومتي نظام بابت معلومات آهي. اتي جي اقتصادي حالتن ۽ هتي خاص طور سنڌ جي معاشي معاملن جي ڀيٽ ڪيل آهي. ڪتاب ۾ اهڙي ڪا جاءِ، مهل موقعو نہ ڇاڏيو ويو آهي، جنهن جي ڀيٽ فقير سنڌ سان نہ ڪئي هجي. ڪٺمنڊو جي دلفريب نظارن وقت کيس ڪراچي، حيدرآباد توڙي بدين ياد آهي. ويندي هڪ هنڌ گاجي کهاوڙ جي مينهن جي ڇيٽن جو بہ ذڪر ڪيو اٿائين.

بادشاهي راڄ ۾ صحافت جو ڪهڙو حال هوندو اهو بہ اوريو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿائين. صبح جو ائين وڳي جڏهن "رائيزنگ نيپال" اخبار پڙهي مايوس ٿئي ٿو ته ان جو ذڪر هن طرح ڪري ٿو: "رائيزنگ نيپال پڙهي سخت مايوسي ٿي ۽ پوسٽ چڙهي ويو. ملڪي خبرن ۾ رڳو بادشاهه بريندارا بيرڪرم پاران فوجي ۽ پوليس عملدارن کي شابس جا سرٽيفڪيٽ ۽ ترقيون ڏيندي ڏيکاريو ويو آهي. اڳئين صفحي تي هڪ پوليس انسپيڪٽر جي ڀرتي لاءِ اشتهار هو. هڪڙي خبر يونيورسٽي ۾ چونڊن جي باقي سڀ خبرون ۽ هڪ اڌ مضمون عالمي واقعن تي هئا. نيپال جي حياتي جو عڪس يا اولڙو حرام جو ڪو هجي. لاڙڪاڻي يا سکر مان نڪرندڙ اخبارن سان. نيپال جي ان وڏي معياري اخبار جي پيٽ نه ٿي ڪري سگهجي. تصويرن جي ڇپائي به اهڙي جو تصوير واري همراهه کي اخبار ڏسڻ ڪانپوءِ خاطري ڪرڻ لاءِ آئيني اڳيان بيهڻو پوندو يا نوڪرن چاڪرن کان تصديق ڪرائڻي پوندي هوندس."

ڪافي مثالي ٽڪرا پڙهڻ وقت مون نشان ڪري ڇڏيا هئا ته فقير محمد جي احساساتي ۽ فڪري پهلوئن کي واضع ڪندي اهي ٽُڪرا ڏيندس پر هاڻي اهو پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿي ته پل هو پنهنجي مزاج مطابق ٽڪرا چونڊي لاشاري مرحوم جي مطالعي ۽ مشاهدي جو مزو وٺن. ڪتاب جي آخر ۾ فقير جيڪا ڳالهه ڪئي آهي سا به سندس ذميوار ذهن جي عڪاسي ڪري ٿي: "هي سڀ ڪجهه جيڪو مون ڏٺو اهو "هلال" جي پڙهندڙن لاءِ چڱي طرح ۽ سچائي سان سموهي پڌائڻ وارو امانت جو ڪم هو ۽ خبر نه آهي ته اِن امانت کي ڪيترو نڀائي سگهيو آهيان. تڏهن به ڪوشش رهي آهي ته گهٽي ۾ گهٽيون سچايون اڳيان آڻيان. سفر هوندا ئي دنيا کي ڳنڍڻ لاءِ آهن."

آخر ۾ مون کي ڪتاب جي حوالي سان هي ڳالهه ڪرڻي آهي ته فقير محمد جي مشاهداتي نظر ۽ منفرد تمثيلي انداز سان گڏ. سندس صاف، سادي ۽ سلوڻي ٻولي مون کي ايئن متاثر ڪيو جو چاهيان ٿي ته اسان جي نوجوان نسل کي هي ڪتاب پڙهي ٻوليءَ جي حوالي سان پنهنجو انداز بدلائڻ لاءِ سنجيدگيءَ سان سوچڻ گهرجي.

انڊس پبلشرز ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن آڻي جس جوڳو ڪم ڪيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. اڄا بہ هڪ قدم اڳتي وڌائيندي ائين ڪجي ها تہ 20 سال اڳ ۽ موجوده حالتن ۾ نيپال ۾ ڪهڙيون تبديليون آيون آهن. فوٽ نوٽن ۾ ان جو ٿورو گهڻو ذڪر ڪجي ها تہ اڄ جي پڙهندڙن کي ٻٽي معلومات ملي وڃي ها ۽ ڪتاب بہ اپڊيٽ (UPDATE) ٿي پوي ها.

**مهتاب اڪبر راشدي**
سيڪريٽري اطلاعات
حڪومت سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# صحافت ۽ سچ

اڳ ٻڌڻ ۾ ايندو هو ته سچ جو پاسو هميشه مٿي ٿيندو آهي. پر اڄ ڪلهه جي وقت ۾ زمانو اهڙو اچي ويو آهي جو سچ ۽ ڪوڙ ۾ تميز ڪرڻ مشڪل ٿي پئي آهي. يعني ته ڪوڙ ايترو گهڻو ۽ عمدگيءَ سان ڳالهايو ٿو وڃي جو سچ جو وجود به خطري ۾ پئجي ويو آهي.

ڪوڙ دوکي، دولاب، ويساهه گهاتي ۽ بدمعاشيءَ جو پهريون ڏاڪو آهي. ڪوڙ ڪي اها سرسي تڏهن حاصل ٿئي ٿي، جڏهن پرماريت ۽ ڏاڍائيءَ واريون طاقتون ان کي استعمال ڪندي ماٺهن تائين خيال جي پهچ وارن ذريعن تي قابض ٿي وڃن ٿيون ۽ پوءِ صرف هڪ طرفي ٽرئفڪ جيان، مخصوص پرچارن جو سيلاب شروع ٿئي ٿو ۽ پوءِ الله ڏئي بندو سهي وارو معاملو شروع ٿيو پوي، ساڳئي وقت ان سيلاب کي جاري رکڻ لاءِ نت نوان طريقا ۽ رستا اختيار ڪيا وڃن ٿا ته جيئن اهو ٻڌندڙن، ڏسندڙن ۽ پڙهندڙن وٽ مقبوليت اختيار ڪري، يعني اهو عمل ظاهر طور تي ڪوڙ کي سچ طور پيش ڪرڻ جو هڪ روپ ئي آهي.

پبلڪ رليشنس جي اصول مطابق ميڊيا (خيالن پهچائڻ جي وسيلن) ۾ وڌل خيالن جي موٽ ۽ رد عمل معلوم ڪرڻ لاءِ پڻ اُپاءَ ورتا وڃن ٿا ته جيئن معلوم ڪري سگهجي ته موڪليل خيالن کي ڏسندڙن، ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن ڪهڙي صورت ۾ قبول ڪيو آهي يا واقعي قبول به ڪيو آهي يا نه يا انهن جو ان متعلق ڪهڙو رد عمل آهي. پر اهي ڳالهيون يورپ، آمريڪا لاءِ ته ممڪن ٿي سگهن ٿيون، پر هت اسان وٽ نه! هت اسان وٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت آيو يعني دهلي ۾ ايشين راندين جي سلسلي ۾ ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڪانه ملي ته ڏاڍي مايوسي ٿي. نيٺ دوستن کي اهو ئي فيصلو ٻڌائڻو پيو ته ٻيلي پاڻ مجبور آهيون. اوهان کي ڪڏهن موقعو ملي ته ٻلي اڪيلائي ٻاهران ٿي اچو.

انهن حالتن هوندي به ٻاءُ فقير جو ٻاهر وڃڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ ڪونهي. انهيءَ ڳالهه ۾ مان ڪيس ڪو ڏوهه نٿو ڏيان. ڇاڪاڻ ته اسان وٽ معيار ڪو نه رهيا آهن جو قابليت جو ڪو اجورو ڏئي سگهون يا اهليت مطابق ڪنهن کي اجورو ڏئي سگهون. اسان وٽ ته ائين آهي ته پاس خاطريءَ کي وڏيڪ وزن آهي. پر پوءِ به ناصر بروهيءَ کي جس هجي جنهن ڪيس اهو موقعو فراهم ڪيو جو وڃي نيپال مان ٿي اچي ۽ پنهنجي دل جي اها پراڻي خواهش پوري ڪري.

فقير پنهنجي هن مختصر سفر جو جهڙي پيرائتي نموني ذڪر ڪيو آهي، تنهن لاءِ هو جس لهڻي. مان اهو چوڻ ۾ بلڪل حق بجانب آهيان ته هن پنهنجي دل جي ڀرپور سچائيءَ سان واقعن جو ذڪر ڪيو آهي.

سليم چنا

ڪراچي
5 اپريل 1985ع


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ليکڪ پاران

**هن** سفر نامي بابت مون کي گهڻو ڪجهہ ناهي چوڻو اها ڳالهہ پڙهڻ وارن تي ئي ڇڏيل آهي. مان رڳو ايترو چوندس تہ ادب جي سمورين صنفن وانگر سفر نامو بہ هڪڙي ذميوار صنف آهي. اديب جيڪو ڪجهہ ڏسي وائسي ٿو ۽ ان کي جيڪڏهن لکي ٿو تہ لکڻ جون سماجي ذميواريون هن کي نڀائڻيون آهن. مان ادب ۾ غيرجانبداريءَ کي ناهيان مڃيندو. ان ڪري مون هڪڙي ڌر يعني عوام جي گهٽائيءَ جو پاسو ورتي لکيو آهي. اهو مون عوام تي ٿورو ناهي ڪيو. مان پاڻ عوام جو حصو آهيان، ۽ عوام ڏک سور ڀوڳي ٿو انهن ڏکن منجهان جيترو حصو هڪڙي ماڻهوءَ کي ملي سگهي ٿو سو مون کي بہ ملي ٿو ۽ مان ان کي پاڻ تي ان ڪري بار بہ نہ ٿو سمجهان. جو جيسين انصاف ڀريو معاشرو قائم نہ ٿو ٿئي تيسين انهن سورن کان لنوائي نہ ٿو سگهجي. انهن گڏيل ڏکن سورن ۾ هئڻ جي حالت ۾ اديب جيڪڏهن ڪي رعايتون يا خاص حيثيت گهري ٿو تہ اها مناسب ڳالهہ ناهي. ائين ڪرڻ جي حالت ۾ هو سماج جي ظالم طبقن جو ساٿ ڏيڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو ۽ عوام کان پاڻ کي ڇني ٿو.

نيپال ۾ مون جيڪو ڪجهہ ڏٺو تنهن سان منهنجو اهو ويساهہ پختو ٿيو آهي، تہ مظلوم انسانيت جو سچو اتحاد ٿيڻ، تاريخ جو اڻ ٽر فيصلو آهي. هن دنيا ۾ ظالم ۽ مظلوم فقط ٻہ ڌريون آهن. ٽين ڪا ڌر ڪانهي. فرق رڳو اهو آهي تہ ظلم ۽ مظلوميت جي شڪلين ۾ ٿورو گهڻو ڪو فرق آهي. مان رڳو ايترو ٿو سمجهان تہ پنهنجي مظلوم ڏيهہ واسين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي هڪ بئي ڏيهه جي ستايل ماڻهن سان واقفيت ڪرايان. يقين ڄاڻو ته جيڪڏهن هنن پنهنجي مظلوميت تي سوپ پائي ورتي، ته اسان ڪي به سگهه ملي ويندي، پر اسان اهڙو ڪو ڪم ڪري وڌو ته هو به سگهارا ٿيندا. پوءِ هو هيٺا ۽ هماليا سگهارو نه هوندو. پوءِ هو هماليا سان ڪلهو هڻي سگهندا ۽ مون ڪي به هن ڪتاب جو نالو مٽائي "سگهارا ماڻهو سگهارو هماليا" رکڻو پوندو.

ف.م لاشاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگھارو ھماليہ ھيٹا ماٹھو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه سال اڳ اُتر ڪوريا جي هڪ ٻارڙي جو نظم پڙهيو هوم، جنهن جو مطلب هن ريت هو: "استاد اسان کي گهران دنيا جو نقشو ناهي آڻڻ لاءِ چيو آهي. رات جو جڏهن نقشو ناهڻ ويٺس، ته ان جي آڏين ٽيڏين لِيڪُن ڏاڍو ڏکيو ڪيو. بي ترتيب ۽ ٻي ڏنگين لڪيرن ۾ دنيا ائين پئي نظر آئي، جڻ سڄي دنيا ڏاڍُن ۽ ڏنگهرن ۾ ورچڙي پئي آهي. ڪيڏي نه انهن ليڪن دنيا جي سونهن گهٽائي ڇڏي آهي."

۽ مون کي ننڍڙي ٻار جي جذبن جي سچائي تڏهن محسوس ٿي، جڏهن ڪٺمنڊو وڃڻ لاءِ پاسپورٽ ٺهرائڻ جي ڏنگهرين ۾ ڦاسي پوڻ جهڙي ڪم کي اُڪلائڻو پيو. دنيا جي نقشي جون ٻه ٽي آڏيون ٽيڏيون ليڪون ڇهڻ ڪان سواءِ ٽپي سگهڻ ٻه اوکو ڪم آهي. ڪٺمنڊو ڏانهن پي آءِ اي جي افتتاحي اُڏام اپريل 83ع جي 15 تاريخ تي هئي. ان موقعي تي ڪراچيءَ جي اخبارن منجهان هڪڙو هڪڙو ماڻهو وٺي هلڻ لاءِ ڪانڊ ڏنائون. هلال منجهان بروهي صاحب پهريون پيرو ڏيهه کان ٻاهر نڪري دنيا ڏسڻ جو موقعو مهيا ڪيو. پاسپورٽ ٺهرائڻ لاءِ جڏهن درخواست ڪيم ته پاسپورٽ آفيس وارا ڦڏو ڪري ويهي رهيا. ته صحافيءَ لاءِ پاسپورٽ وٺڻ "اڪ تان ماکي لاهڻ" جي برابر ناهي. ڏنم بيٺي ته هر ڪو ڇٽ ڇاموٽ ٻنا رنڊڪ جي پاسپورٽ وٺيو ٿو وڃي، ته پوءِ مان ڪهڙو ڏوهه ڪيو. ڪڏهن ڪنهن اخبار ۾ اهڙي ٻه ڪا خبر نظر مان نه گذري هئي. جنهن ۾ صحافين کي هيروئن جي سمگلنگ ۾ پڪڙيو ويو هجي. هونئن ته هن ملڪ ۾ جنهن کي ٻه جيڪو ڪجهه ٻه ڪرڻو هوندو آهي، سو ڪري وٺندو آهي. رشوت ۽ بي ايماني هن ملڪ ۾ ماڻهوءَ لاءِ سڀ واٽون کولي ڇڏيندڙ آهي. پوءِ هيءَ پابندي ڪهڙي ڳالهه جي هئي. بهرحال پڙهيل لکيل ماڻهو هئڻ

جي ناتي صحافيءَ لاءِ هتي پاسپورٽ ٺهرائڻ سئي جي پاڪڙي مان اُٺ ٽپائڻ جي برابر آهي. منهنجي ايڊيٽر ناصر بروهي صاحب هڏ ڏوکي دوست وانگر سيني قانوني رسمن اُڪلائڻ ۾ ايڏي دل جان سان هٿ ونڊرايو جڻ پاڻ پئي ويو.

ان معاملي ۾ ٻي تڪليف يار تاجل بيوس کي ڪرڻي پئي. اڄ وڃ ۾ گڏ هوءِ سندس گاڏيءَ گهڻا مسئلا حل ڪري پئي وڌا. آڻي باقي ڏس پتا پائو محمد خان سيال پئي ڏنا. جيڪو پي آءِ اي جي پبلڪ رليشنز کاتي ۾ آهي ۽ پاڻ به سيلاني ماڻهو آهي. ويزا ۽ ان ۾ ٻيا خفا پي آءِ اي وارن پاڻ پورا ڪيا. جيڪي پنهنجو مهمان بنائي وٺي پئي ويا. اچڻ وڃڻ وارن ڏينهن سميت نيپال جي گاديءَ واري شهر کٽمنڊو ۾ پنج ڏينهن رهڻا هئا.

وڃڻ کان اڳ واري رات يار عبدالغني چنا پاڻ سان رهايو هتي اهو ٻڌائڻ به ضروري ٿو سمجهان، ته منهنجي پرڏيهه وڃڻ جي منهنجي يارن کي ڏاڍي خوشي پئي ٿي.

عبدالغني ۽ تاجل ته اهڙو پئي قرب ڏنو جڻ مان هنن جو ننڍڙو پٽڪڙو ٻار ۽ مون کي سنڀرائڻ جي ذميواري به ڪٺي پاڻ تي کنيائون. سو وڃڻ جي خوشي، ته پنهنجي جاءِ تي پر دوستن جي ايڏي پيار ڏيڻ تي ڏاڍي خوشي پئي ٿي. رات جو ٽين وڳي تائين ڪچهري هلي. ڏينهن جو ٻارهين وڳي عبدالغني ۽ تاجل ايئرپورٽ تي ڇڏڻ هليا ۽ دل پئي چيو ته هي به جيڪر مون سان هليا هلن. پر دل جي هتي ڪير ٿو ٻڌي، ايئرپورٽ تي پهچي يارن کان جهٽ پٽ موڪلائڻو پيو. تاجل چيو "هماليا کي سلام ڏجانئين" عبدالغنيءَ چيو: "پهريون ڀيرو پيو وڃين سنڌ کان ٻاهر سو گهٻرائجانءِ نه" اندر پهچڻ تي ڪجهه واقفڪار صحافي جيڪي اڳ ئي پهچي چڪا هئا تن سان ملاقات ٿي، پر مان ٻن يارن کان ڌار ٿي اندر هجوم ۾ اچي ڦٿس ته ٻه گهڙو اڪيلو هجان. وري به محمد خان سيال هو جنهن ڪري اڪيلائپ وارو احساس گهٽ ٿيو. جن صحافين سان واقفيت نه هئي، تن سان به سڃاڻپ ٿي وئي.

هوائي جهاز ۾ ويهڻ کان پوءِ به منو ڪلاڪ ڪن جهاز ايئرپورٽ تي ئي بيٺو هو. چاڪاڻ ته انڊيا طرفان ڪليئرنس ملڻ ۾ ڪجهه دير ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها خبر آهي تہ هندستان غربت ۽ شاهوڪاريءَ جي زبردست ٽڪراءَ ۾ جڪڙيل آهي ۽ اُتان جون حالتون بہ لڳ ڪانڊرائينڊڙ آهن. پر پوءِ بہ ماٺهو پنهنجي ڏيهہ ۾ پاڻ کان ايڏا اوپرا ناهن جيڏو.....

هوائي جهاز جڏهن ڪکرن کان هيٺ ٿيو تہ ذري گهٽ درين سنوان ساوا ڇهچ جبل جهڙو آيلن کي ڪيڪاري رهيا هجن. واچ ۾نهاريم تہ ڇهہ ٿيڻ وارا هئا. پر جهاز ۾ ٻڌايو ويو تہ مڪاني وقت پوڻا ست پئي ٿيو. ڪٺمنڊو جي ترڀي ڀون هوائي اڏي تي سترهن ڊگري سينٽي گريڊ گرمي پد هو. دريءَ مان نظر ايندڙ جبلن جو سلسلو وڻن سان جهنجهيل هو پر نظر ائين پئي آيو جهڙو جبل سائي گاهہ سان ڍڪيل هجن. چوٽين تي وڻن جون قطارون ائين جهالر ڪري بيٺل هيون. جڻ ڊگهي اوسيئڙي ۾ وڏين ڪارين ڪجلين اکين جا ڪڄيل ڇپر هجن. سڄي ايراضي ارڏن ۽ اداس جبلن جي گهيري ۾ هئي.

جهاز منجهان نڪتاسين، تہ ٿڌ جي هلڪي لهر جسم کي ڇهي وئي. هڪڙي وڻندڙ احساس سان، خوشيءَ منجهان اها هلڪي لهر همالیا جي پهرين سوکڙي سمجهي قبول ڪيم.

نئين ڌرتيءَ تي پهرين وک رکڻ سان، اکين، ذهن کي جيڪو پيغام ڏنو سو لفظن جي صورت ۾ نہ پر تصويرن، عڪس ۽ رنگن جي شڪل ۾ هو. ان مهل محسوس ٿيم. تہ انسان جي فنڪار فطرت سان ڪيڏي نہ ويجهڙائي آهي. سڄو فطري ماحول، صاف سترن ڇهچ ساون سينگاريل جبلن جي اڻ مئي پيار سان هڪاريل هو. ان ويل دل پئي چيو تہ بيٺي بيٺي جيڪي ڪجهہ آهي، ان کي ڍءُ ڪري ڏسي ونجي. ڇاڪاڻ تہ سونهن کي ڏسڻ ۽ ان تي ويچار ڪرڻ سان، بد صورتي ۽ ڪوجهائپ سان فاصلا وڌن ٿا. پوءِ اِها ڪوجهائپ سماجي قسم جي ئي ڇو نہ هجي.

پي آءِ اي جي پبلڪ رليشنز واري ڪراچيءَ جي مئنيجر مسٽر خالد بٽ ۽ ڪٺمنڊو ۾ پي آءِ اي آفيس جي مئنيجر مسٽر منظور صديقيءَ سيني صحافين جي آجيان ڪئي. هوائي اڏي جي وي آءِ پي لائونج جي هڪڙي ننڍي ڪمري ۾ ويهاسين. اُتي مسٽر صديقي سيني کان پاسپورٽ ورتا ۽ ٻڌاياٿين تہ ڪسٽم جي تپاس وغيره ڪا نہ ٿيندي ۽ اهڙو بندوبست


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪري ڇڏيو آهي. جهڙو ”اڪ تان ماڪي لاهڻي هئس“ ۽ هن لاهي به ورتي هئي. جرنلسٽ چوندا ٽيلهن تي ڇاڪ جو نشانو لڳرائيندا آجا ٿي وياسين. ۽ پوءِ اُتي ئي ويٺاسين. جيسين مون کان سواءِ گهٽ ئي همراهن جو هٿ ۾ هئڻ کان سواءِ وارو سامان گاڏي ۾ پوي. ڪسٽم عملي جو بين ماڻهن سان به ڪو کهرو ورتاءُ ڪو نه هو. ڪپڙي جي ٽوپي، قميص ۽ پاجامو پهريل مسڪين ڪسٽم عملو ڏسي اندازو ٿي ويو ته باقي ملڪ جو رهواسي ڪيئن هوندو. اتي ئي هئاسين ته ڪراچيءَ ۾ نيپالي قونصل خاني جي اعزازي قونصل جنرل مسٽر قاسم ڇاپرا، جيڪو هونئن ئي ڪراچيءَ جو رهواسي آهي، سو به صحافين سان ملڻ آيو ۽ ٻڌايائين ته اسان کي ڪا به تڪليف يا قانوني رنڊڪ ڪا نه ٿيندي. مسٽر ڇاپرا ساڳئي فلائيٽ ۾ اسان سان گڏ هو.

جڏهن سامان روانو ٿي ويو ته ٻاهر نڪتاسين. بيٺي ٽرئولز جون به ڳاڙهي ۽ بلو رنگ جون گاڏيون بيٺل هيون. صحافين کي ڳاڙهي رنگ جي گاڏين ۾ ويهاريائون ۽ پي آءِ اي جي بين مهمانن کي بلو رنگ واري گاڏيءَ جي حوالي ڪيائون. گاڏيءَ ۾ رائل نيپال ايئر لائينز جي هڪ نوجوان پبلڪ رليشنز آفيسر چوڪريءَ سيٺي کي نمستي ڪندي ٻڌايو ته هوءَ اسان جي هتي هئڻ وارن ڏينهن جي سيٺي پروگرامن ۾ گڏ هوندي سندس ڊيوٽي لڳائي وئي هئي. رائل نيپال ايئر لائينز پاران اهو ميزبانيءَ جو هڪڙو وهنوار هو.

هوائي اڏي تان نڪرندي اٺ کن ٿي رهيا هئا. هڪڙي نئين زمين تي هئڻ جي ناتي هر ڪنهن شيءِ کي گهوري ڏسڻ فطري ڳالهه هئي. شهر ۾ ٻرندڙ بلب بنهه هلڪي روشنيءَ وارا هئا ۽ ڪنهن مٿانهين هنڌ تان جڏهن پري هيٺ تي نهاريو ته ڄڻ قبرستان ۾ ڏيئا پئي ٻريا. ايئرپورٽ کان هوٽل تائين اڌ ڪلاڪ جيترو پنڌ هو پر ان وچ ۾ ڪا هڪ اڌ موٽرسائيڪل ۽ ورلي ڪا ڪار پئي نظر آئي. پندرهن ويهه کن سائيڪلن تي ڄنگهون ٽوڪي ويندڙ ماڻهو ڏسڻ ۾ آيا. گهٽ روشني، سنسان رستن ۽ بازارين کي ڏسي ائين پئي لڳو ڄڻ هڪ وڳي رات جو بدين جهڙي ڪنهن ننڍي پيل شهر منجهان پيا گذرون. هڪڙي چوراهي

تي جچسم جو اڇو مجسمو بيٺو هو. خبر پئي تہ هاٿوڪي بادشاهہ جي پيءُ جو مجسمو آهي. بس تڪڙي گذري ان ڪري مجسمي ڪي تفصيل سان ڏسي نہ سگهيس. البت جنهن شاهاڻي انداز سان مجسمي کي بيهاريو ويو هو اُن مان لڳو پئي تہ ڪيس مرڻ کان پوءِ بہ شهر جي چوڪيداري ڪرڻ ۽ رعب رکڻ لاءِ بيهاريو ويو آهي.

اسان جي رهڻ جو بندوبست هڪڙي فائيو اسٽار هوٽل سولٽي اوبيراءِ ۾ ڪيو ويو هو. بس مان لٿاسين تہ سازن جو تاڃو شروع ٿي ويو. هوٽل جي دروازي تي ڪجهہ خوبصورت نيپالي ڇوڪريون گلن جا هار کنيو بيٺيون هيون ۽ ڪجهہ مڱٽهارن ساز پئي وڄايا. لقاءُ ڏسي مون سمجهيو تہ ان مهل هوٽل جو پنهنجو پروگرام پيو هلي پر خبر تڏهن پئي جڏهن اسان واري قافلي جي همراهن کي هار پارائجڻ لڳا ۽ اها اسان جي آجيان پئي ٿي. جهڙو ڪاتو پٽ اچي لٿا هجن. هڪڙي ڇوڪريءَ وڏي اچي مون کي بہ هار پارائڻ جي ڪوشش ڪئي پر مون هار پهرڻ بدران وٺي ورتو مانس. هڪڙي همراهہ کي چيم "ڪهڙو ڪوٽ ڪتيو اٿئون جو هار پايون." هن چيو: عزت پئي ملي، سٺي ڳالهہ آهي." چيومانس "اهو سوچو اٿن تہ پاڻ ايڏي عزت ڪڻ جهڙا بہ آهيون يا رڳو ڪاروباري ميزباني جي پورائي پئي ٿئي." ڪيترن همراهن هاسيڪاري ڳاتا وڃي ڇوڪرين اڳيان پئي جهليا. دل ۾ چيم پاڻ جهڙو ڳوٺ "مولائي" آهيان، هتي بہ ائين هئڻ گهرجي هوش منجهان نڪري وڃبو تہ دل هول تي ويندي.

هوٽل جي ڪائونٽر تان ڪمري جي چابي وٺي وڃي ٽانڪيو ٽيس. هٿ منهن ڌوئي گهڙي کن آرام ڪيو تہ فون جي گهنٽي وڳي غلام نبي مغل هو. جنهن سان جهاز ۾ گڏوگڏ سيٽ ملڻ کان پوءِ ڪمرا بہ هڪ ٻئي جي سامهون هئا. مغل، بزنيس رڪاردر" پاران آيو هو چوڻ لڳو "هيٺ لهي ماني نہ کائجي ۽ چڪر چاڙي ڪجي." وقت بہ ڪو خاص نہ ٿيو هو ۽ هونئن بہ دير سان سمهڻ جو عادي هوس. ان وچ ۾ هوٽل متعلق ڪمري ۾ جيڪي لکيتون موجود هيون سي سڀ پڙهي دل سان هنڌائي ڇڏيم. پاڻ جهڙي ماٺهوءَ لاءِ اهو سڀ ڪجهہ رڳو پڙهي ڇڏڻ لاءِ هو. هوٽل جي هر شيءِ ٿهر جي مهانگي هئي. رڳو چانهہ جو ڪوپ ارڙهن رپين جو هو. پنهنجي لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهوئي ڪافي هو ته هنڌ ڪتولي ۾ تڪر ڳيپي جو بندوبست ٺيل هو.

ٻاهر نڪتس ته مغل صاحب پڇيو "ننڊ ڪرڻ جو پروگرام ته ڪو نه هيئي." چيومانس "جڏهن پنهنجي ڏيهه ۾ ئي اکين کي اوجاڳا آهن ته هتي ڪهڙي ننڊ ڪبي." هيٺ لهڻ سان پهريون ڪم اهو ڪيوسين جو هوٽل جي ڪائونٽر تان ڪيسي خرچ لاءِ پنجاهه پنجاهه ڊالر مٽراياسين. هتان تيرهن رپين ڪن ۾ هڪڙو ڊالر مليو هو اتي هڪ ڊالر ۾ چوڏهن رپيا ويهه پئسا هئا.

هاڻي گهمجي ڪيڏانهن. سو هجي ڪا خبر ته معاملو رٿي به سگهجي. هوٽل ۾ هڪڙو ڪئسينو (جديد جوا گهر) به هيو پر پارڻ کي ٻاهر ويٺو هو ۽ جنهن پاسي رستو هو اوڏانهن اُٺ وانگر منهن ڪيوسين. رات جا ڏهه پئي ٿيا، پر هر پاسي ڪڪڙو ڪو لڳي پئي هئي. نه ڪا ٽرئفڪ. نڪو دڪان وغيره کليل. جهيڻي روشنيءَ ۾ ائين پئي ڀاسيو ڄڻ ڪنهن جاسوسي فلم جي سين هجي. ڄڱو پنڌ ڪري وياسين. پر رڳو هڪڙو موالي ٽيڙ ڪائيندي ڏسڻ ۾ آيو. الائي ڏڳ پلجي ويو هو يا ٻي ڪا ويڌن هئس. ڪلاڪ ڪن ان خاموش شهر جي روڊن تي چڪر هڻندي ائين پئي لڳو ڄڻ گهڙي ڪن ۾ ڪٽمنڊو جو ڊوميسائيل سرٽيفڪيٽ ٺهرائي مالڪي ڪيون پيا گهمون. برسات جي هلڪي ڦڙ ڦڙ شروع ٿي ته اسان به واپس ٽيڻ لڳاسين. واپسيءَ تي ڪئسينو جو چڪر هنيو سون سپ ڪجهه اهو ئي هو جيڪو انگريزي فلمن ۾ ڏيکاريو جوا گهرن ۾ هوندو آهي في الحال ته مان به واٽرو ٿي ويس. هڪڙين مشينن ۾ سڪا وجهي ڳن (هئنڊل) کي ڇڪيو ٿي ويو ته مشين جون اندريون ڦرٽيون ڦرڻ پئي لڳيون. هڪڙو پاڪستاني مٺ سڪن جي ڀريو بيٺو پنهنجو ڀاڳ پيو آزمائي. اهو همراهه اتي ئي رهندڙ هو. ڪانئس پڇيم هتي گهٽي ڀاڳي هارائبو آهي يا ڪٽبو آهي، چوڻ لڳو عام طرح سان ماڻهو هارائي ويندا آهن. مشين جي هيٺان هڪڙو ڪستي جهڙو لوهه ٻاسڻ رکيو هو. همراهه سڪو وجهي ڳن ڇڪي خالي گهر جي در تي خيرات جي صدا هڻڻ واري فقير واري ڪيفيت ۾ انتظار ڪرڻ لڳو. پاسي ۾ هڪڙي ٻي مشين هيٺان سڪن جو ڇير جهڙو ڪڙڪاٽ ٿيو ته ڏيان اوڏانهن هليو ويو. ويهارو ڪن سڪا،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي شوق ۾ ڪنهن ڪي خيال ئي نہ آيو تہ منجهائن ہہ ڄڻا گهٽ آهن. نہ ئي هن ٽوئر جي منتظيمن ڪي ڪو يادگيرو آيو جو ڪٽي همراهن جي ڳٽپ ڪن. اسان ڪي ٿوري دير خيال تہ ٿيو پر اها پڪ هئي، تہ هرو ڀرو رهجي نہ ويندا سين. ہہ چار منٽ هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ کان پوءِ خبر پئي تہ مالڪي صفا ختم نہ ٿي هئي. ٻاهر پي آءِ اي جو ڪٺمنڊو ۾ جهاز ڊسٽرڪٽ مئنيجر منظور صديقي بيٺو هو. تنهن ٻڌايو تہ اسان ڪي اوڏانهن وٺي هلندو. اُتي ئي نيپال ۾ پاڪستاني سفير مسٽر ابوالفضل بہ بيٺل هو ۽ ڏهہ منٽ کن ساڻس ڪچهري ڪرڻ جو موقعو ملي ويو. ڪچهري ڪندي مون ڪانئس نيپال جي سياسي صورتحال متعلق معلومات وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جزوي خبر چار ڪرڻ کان سواءِ همراهہ ڏاڍو محتاط هو. اسين ڪٽي هٽاسين بہ سندس ملڪي، پر ايڏو پئي ٿاهہ ڪاڏائين جو عجب پئي ورتو. نيٺ چئي ڏنو مانس، "ڀائي اسان تنهنجي ئي ملڪ جا ماڻهو آهيون، ٺيڪ آهي. هڪ سفير هئڻ جي ناتي توکي ڊپلوميسيءَ جي گهرجن کي پورو ڪرڻ کپندو آهي، پر اهڙي بہ ڳالهہ ڪانهي، جو رڳو پيو لنوائين. توکي تہ خوش ٿيڻ کپي تنهنجي تر جا ماڻهو مليا آهن." چوڻ لڳو "اخبار وارا آهن، عجب قسم جي مخلوق ۽ ڳالهہ مان ڳالهوڙو ٺاهيندڙ.... ان ڪري پيو خيال ٿئيم" بهرحال هن جي ڳالهين مان خبر پئي، تہ نيپال جون سياسي حالتون ڪنهن چڪر ۾ آهن. رڳو ايترو اندازو ٿي سگهيو تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ آهي سهي. پوءِ ڪار ۾ ويهي روانا ٿي وياسين.

مئنيجر. مسٽر صديقيءَ کي اڳ ۾ پي آءِ اي جي آفيس هلڻو هو جتان واپسيءَ ۾ پيٽرول پرائي دڪشن ڪالي نڪرڻو هو. آفيس ڏانهن ويندي رستي ۾ اسان کي جيڪا ڳالهہ ڏسڻ جو موقعو مليو سو شاگردن جو جلوس هو. جلوس ۾ ڦاسڻ کان بچڻ لاءِ ڊرائيور وڏو چڪر هڻي، وڪڙ ڪري پي آءِ جي آفيس پهتو. اُتي پنج منٽ کن لڳا پاڻ کي جلوس ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هو پر مئنيجر وڃڻ پئي ڏنو. مون سمجهيو تہ شايد ڪار کي پٿر لڳڻ جي خيال کان خبرداري پيو ڪري، پر ڊرائيور اهڙو مولائي هو جو واپسيءَ ۾ اچي مظاهري ۾ گاڏي ڦاسائي ويهي رهيو. "لنگهو پڇي ڪاهيءَ کان اها ئي ڪاهي،" اها هئي حالت مسٽر صديقيءَ جي، سو ڊرائيور کي رهڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپڙن جي حساب سان اُهي يونيورسٽيءَ بدران، مڊل اسڪول جا شاگرد پئي لڳا. معصوم ۽ نماڻن چهرن تي بہ هڪ اڻ تڻ هئي. ملڪي حالتن کان ڪين خاطري نہ پئي ٿئي. سيني پنهنجي چهرن تي ڳاڙهو سندر هنيو هو. ڪن جي چهرن تي گهٽو ڪن کي ٿورو پر لڳل سيني کي هو. ڳاڙهو رنگ انقلاب جو اهڃاڻ تہ آهي، پر سندن هندو ڪلچر ۾ بہ اهميت رکي ٿو ان ڪري سمجهي نہ سگهيس، تہ هنن ڪهڙي ارادي سان هنيو آهي.

ڪن همراهن جا تہ سمورا منهن سندر سان ڍڪيل هئا ۽ نعرا پئي هنيائون. نعرا نيپالي ٻوليءَ ۾ پئي هنيائون تنهن ڪري سمجهہ ۾ نہ ٿي آيا. مون کان بہ رهيو نہ ٿيو سو ڊرائيور کان پڇي ورتم. تہ هو ڇا ٿا چون ڊرائيور ٻڌايو تہ چون ٿا تہ "عوام جا حق بحال ڪريو ۽ بنيادي آزادي ڏيو." ڊرائيور کان پڇيم تہ "شاگرد ڪهڙن نظرين جا آهن" اهو سوال ڪندي عجيب بہ لڳو پئي، تہ ڊرائيور همراهہ کي ڪهڙي خبر. پر پوءِ هن اشراف ٻڌايو سهي. چوڻ لڳو "هڪڙا روسي آهن، ٻيا چيني ۽ ٽيان نيپالي...." هئا سيئي نيپالي پر ڊرائيور جو مطلب هو تہ هڪڙا روس نواز ٻيا چين نواز ۽ ٽيان قوم پرست اها بہ وڏي ڳالهہ هئي، جيڪا هو ڊرائيور جي سطح جي ماڻهن تائين پهچائي سگهيا هئا. پوءِ خبر پئي تہ بہ مکيہ ڪميونسٽ ڌڙا آهن ۽ ٽيون قومپرست ڌڙو آهي. جيڪو بادشاهہ جي حمايت ڪري ٿو. ڇاڪاڻ تہ منطقي طرح بادشاهہ کان وڌيڪ قومپرست ٻيو ڪير پئي ٿي سگهيو. رضا شاهہ پهلوي بہ ايران جو وڏ ۾ وڏ قوم پرست شخص هو پر قوم منجهان مراد سندس ڏيهہ جو عوام نہ پر ڪو خاص گروهہ هو. جنرل فرانڪو هٽلر، مسولني، چيانگ ڪائي شيڪ بہ دنيا جا وڏا قومپرست ٿي گذريا آهن.

نيٽ ڪار پوئين پير ڪري ابتا سبتا وڪڙ ڪري ٻاهر ٿياسين ۽ اڃي هڪڙي پيٽرول پمپ تي بيٺاسين. اتي خبر پئي تہ نيپال ۾ پيٽرول پنجاهہ رپيا گئلن آهي. مهانگائيءَ جي اها حالت ڏسي ڪجهہ عجب ضرور ورتو ڇاڪاڻ تہ سندن معاشرتي حالت تہ اسان کان بہ پنجاهہ سال ڪن پٺتي هئي، پر مهانگائيءَ ۾ معاملو اڃا بہ چڙهيل هو. يعني عالمي اقتصادي سرشتو نيپال جهڙي جهوني معاشرت کي ڳچيءَ کان پڪڙي پيو ان کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيڻ ڏانهن خيال ئي نٿي ويو. هيٺ ٽي نهاريوسين ته کٽمنڊو شهر ڪوهيڙي ۾ جڪڙيو پيو هو ۽ فقيرن جي ڌُٽي وانگر پئي لڳو.

رستي سان جيڪي ننڍا جبل هئا. اهي پاڙ کان چوٽيءَ تائين ڪٽڪ جي فصل سان ساوا ڇهچ ٿيا پيا هئا. هلندي هلندي مٿي اهڙي حس ٿي اچي پهتاسين. جتي ڪجهه پرپرو ڪڪرن به اسان سان گڏ پلٽار پئي ڪيو. ڪجهه پورا بادل، پريان هڪڙي پهاڙ جي جهوپڙيءَ اڳيان ائين بيٺا هئا. جڻ گهر ڌڻين جا پاليل ڍور، گاهه پاڻيءَ جي آهُر تي ٻڌل هجن. فطرتي سونهن، ۽ ماحول ۾ اڻ مٽي جا ڏُنگ ڏسي مون کي تبت جا اهي ٻوڏي لاما ياد اچي ويا. جن لاءِ ٻڌو آهي ته ڪن عرصن تائين بک، اُڃ ۽ ٻين خواهشن تي ضابطي جي مشق لاءِ مٿانهين جاين تي ويهي چلو ڪيندا آهن. هن ماحول کي ڏسي ان ڳالهه تي نه وسهڻ جو ڪو سوال ئي نه رهيو. دل پئي گهريو ته پاڻ به ڪنهن دڙي تي ويهي چلو ڪيجي. ههڙي ماحول ۾ دل جي گهراين سان ٻڌي وڃڻ کان پوءِ نٿو ڀانيان، ته ڪو بک ۽ اُڃ اچي ستائي سگهي.

پر اها رڳو احساس جي ڳالهه هئي. نه ته اڌ ڏينهن کان پوءِ جڏهن پيٽ ۾ وڪڙ پوڻ لڳن، ته جيڏانهن ڪيڏانهن بريٽ وڃي ٿي ها. پريل پيٽ سان بکئي ماڻهوءَ وانگر نه ٿو سوچي سگهجي ڇو ته احساس يا جذبا به بک ۽ ڏڪ سان لڳاپيل ٿين ٿا.

انهن اڻ کٽ ماٿرين ۾ مٿانهن هنڌن تي ڇئن پنجن هزارن فوٽن جي اوچائيءَ تي هڪڙو هڪڙو به ٻه گهر به هئا. لاهين چاڙهين ۽ اُڀ ڪپرين تي ٻڪرين جا ڌڻ به ڏٺم.

اُڀ ڪپرين تي هيٺيان پير هيٺ ۽ اڳيان اُڀا ڪري چرندڙ ٻڪريون جڻ بازيگرياڻيون هيون. ڇو جو ٿوري به غفلت سان هزارين فوٽ هيٺ ڪري پئي سگهيون. پوءِ ٻيڪات سڄي ماٿريءَ ۾ گونجي وڃن ها. پر اهي ايراضي ٻڪرين جو گهر هو ۽ گهر ۾ هر ڪو هِري ويندو آهي. ان ڪري ڪين اهڙو ڪو اُلڪو نه هو.

هڪڙي عورت، ان ايڏي مٿاهين تي نهيل پنهنجي جهوپڙيءَ ڏانهن ويندي ڏٺم. پٺيءَ سان ٻڌل گودڙيءَ ۾ ننڍڙو ٻارڙو هوس ۽ ان انداز سان پئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڙهي، جهڙو ڪنهن وڏي ۾ وڏي عبادت ۾ رڌل هئي. لڳو پئي تہ هتي جون مستئيون ٽڪر جهاڳي هري ويون آهن ۽ پنهل خانن کي بہ راتو واهہ ڪجي ويڃڻ جو خدشو ڪونهي.

ان وچ ۾ بہ ٽي هپي انگريز بہ سائيڪلن تي پسار ڪندي ڏسڻ ۾ آيا. هڪڙو همراهہ تہ ماڳهين بوٽ بہ ڪو ڳوٺ وساري آيو هو ۽ اگهاڙين پيرين بہ ايڏي مزي سان پيڊل ڦيرائيندو پئي ويو جڻ نيپال جا اڌ چرسي هن جا چاچا هجن.

يارهين وڳي ڌاري دکشن ڪالهہ پهتاسين تہ پاڻ وارا همراهہ ڳاڙهي بس ۾ چڙهيا پئي. اتي برسات بہ ڪجهہ وڏي وئي هئي. دکشن ڪالي ۾ ڪالي ديوي جو مندر آهي جتي روزانو هندو ڌرم جا ماڻهو قرباني ڏيڻ لاءِ ايندا آهن. ڪي ماڻهو ٻڪريون ڪهڻ آيا هئا، پر قتل هئي ڪڪڙن جي. ان جاءِ کي رت هاڻوڪو ڪري ۽ وري ٻڏيو بيٺا هئا، جيئن سنڌ ۾ درگاهن تي حشر هوندو آهي. فرق رڳو ايترو هو جو اهي اڌ اگهاڙا ننڍيا ٻار بہ انگريزي پيا ڳالهائين. اسان وٽ تہ بي اي پاس همراهن جي گهٽائيءَ کي بہ ڪنهن ڪنهن اٺ حرفي لفظ جي اسپيلنگ ۽ اُچار بہ اوجهڙ ۾ وجهي ڇڏيندا آهن. ائين بہ ڪونهي تہ اهي ٻار اسڪولن مان پڙهي لکي اچي خيرات گهرڻ جي ڪم کي لڳا آهن. پرڏيهي ماڻهن منجهان ان نموني سان مراد پوري ڪرڻ لاءِ هنن کي انگريزي بہ اچي وئي آهي. اهو بہ هڪڙو پيٽ جو تماشو هو. هڪ ڇوڪر هٿن ۾ بہ ٽي هلڪي بلو رنگ جا پٿر کڻي اچي مون کي تپايو. چوي تہ: "هي گريفائيٽ اٿئي، وٺا! ڏاڍا سستا ڏيندو سانءِ" مون پٿر هٿ ۾ وٺي ڏٺا پر ڪا خاص ڳالهہ نظر ڪو نہ آئي. کڻي قيمتي بہ هجن ها تہ بہ منهنجي ڪهڙي ڪم جا؟؟ مختلف رنگن وارن پٿرن سان جڙيل قبرون اٺ سال کن اڳ پنهنجي ڳوٺ کان 16 ميل پري جيل ۾ شاهہ گودڙئي جي قبرستان ۾ ڏسي چڪو هوس. پر هن مجاور ڇوڪر جو خيال هو تہ مون کي ڦاسائي وٺندو. جيئن اسان وٽ ڪو ولايتي ماڻهو ايندو آهي، تہ ماڻهن جون واڇون ٽڙي وينديون آهن. تہ وڏو ڪو امير آهي. پوءِ ڳوٺ ڏي پلي وٺي تي بہ نالو نہ هجيس. سو اسين بہ ولايتي ماڻهو هئاسين. دل ۾ چيم تہ اسان وٽ اڳيئي ڊينگ پيا رڙن سو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ٻار کي ڪٽي ٿو وجهه ڏيان. ٻارڙي گهڙي ڪن مٿو ڪاڏو پر نيٺ مايوس ٿي موٽيو ۽ اسين سڀ اچي بس ۾ ويٺاسين.

واپسيءَ وارو رستو اهو ساڳيو نه هو. جنهن سان آيا هئاسين. هن بس ۾ رائل نيپال ايئر لائينز واري ميزبان ڇوڪري به موجود هئي. ان کان سواءِ جنهن ييٽي ٽرئولز ايجنسيءَ جي هيءَ ٽوئرسٽ بس هئي، ان جو هڪڙو گائيڊ مسٽر بستا به هو. سانوري رنگ جي پوري پني قد ڪاٺ واري هن همراهه خالص ڪاروباري انداز ۾ انگريزيءَ ۾ اتان متعلق معلومات پئي ڏني. مسٽر بستا، اسان جي اتي ترسڻ وارن ڏينهن ۾ مون کي هڪ انوکو ڪردار نظر آيو جنهن جو اڳتي هلي ذڪر ٿيندو.

پنج ست منٽ سفر ڪرڻ کانپوءِ گائيڊ ٻڌايو ته هتي شنڪر پڳوان جو هڪڙو مندر آهي، ۽ جيڪڏهن ڏسڻ گهرو ته پندرهن منٽن جو وقت ڪيڏي سگهجي ٿو. رستي سان ٽڪريءَ تي شنڪر پڳوان جو مندر هو ڏاڪڻ چڙهي مٿي وياسين ته هڪ وڏي پٿرائين مورتي شنڪر پڳوان جي رکيل هئي. فنڪار مورتي ٺاهيندي شنڪر جي منهن تي هڪ اهڙي پراسرار مرڪ پکيڙي ڇڏي هئي. جنهن جا جيترا مطلب ڪيجن نڪري پئي سگهيا. پر ان ڳالهه جو مدار مطلب ڪيڻ واري جي نيت تي ئي ٿي سگهي ٿو. مورتي اهڙي هنڌ تي رکيل هئي جتان سامهون واري ماٿريءَ جي سنڀال به شنڪر پڳوان جي ذمي ٿي وئي هئي. پر اتي جيڪو وهيو واپريو پئي، مورت واري مرڪ ان منجهان مطمئن نظر نه پئي آئي. اُن مرڪ ۾ ڪا ٽوڪ هئي ڪي طعنا هئا، ۽ ڪو ڏک به هو. مورتي ٺاهيندڙ فنڪار پنهنجا احساس ۽ جذبا شنڪر جي مورتيءَ ۾ وجهي ڇڏيا هئا. مون سوچيو عظيم پڳوان آهي يا اُهو فنڪار؟ مندر ۾ ٺي وڏي پوڄاريءَ جي ڪُتيا هئي. ڊگهي ۽ اڇي ڏاڙهيءَ واري، مندر جي وڏي پوڄاريءَ جا پرؤون اکين تي وري آيا هئا. جڻ دنيا ۾ ٿيندڙ انياءَ تي نظر پوڻ کان پئي روڪيائونس. پڳوان واري مورتيءَ جي پيٽ ۾ پوڄاري جي چهري تي اطمينان وڌيڪ هو. پڳوان پريشان ۽ پوڄاري مطمئن هو. خبر نه پئي پوي، ته هنن جي وچ ۾ باقي ڪهڙو رشتو بچيو آهي. پوڄاريءَ جي ڪُتيا ۾ پوڄاريءَ جي ڪياڙيءَ جي مٿان نيپال جي بادشاهه جي تصوير ٽنگيل هئي ۽ شنڪر پڳوان جي ٽوڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پري مرڪ جو هڪ ڪارڻ تہ مون کي بہ سمجهہ ۾ اچي ويو. مان اهو بہ نہ پيو سمجهان تہ مندر ۾ حاڪميت ڪنهن جي هئي. ڀڳوان جي يا بادشاهہ سلامت جي!! چاڪاڻ تہ اِتي ڀڳوان جو ڪردار بادشاهہ جي ڪنهن گور کي سپاهي کان وڌيڪ نہ هو.

ان ئي مندر جي ڏاڪڻ تي جڏهن اسان واري گروپ تصويرون پئي ڪڍيون اڻ ڳڻين فلئشن جا چمڪاٽ پئي ٿيا. پوز ۽ انداز پئي بدليا. تڏهن ان مندر سان گڏوگڏ هڪ ٻوڙي عبادت گهر بہ ڌيان ۾ آيو. ٻنهي مندرن جي وچ ۾ رگهو پت جي سنڌو هو. هڪڙو ٻڏ. پروهت مهاتما ٻڌ واري مندر جي اڳڻ ۾ بيٺو هو ۽ ان جي جاڳندي گول ۽ چمڪندڙ چهري واري شخص جي منهن تي مون جيڪا مرڪ ڏٺي سان پانيان ٿو تہ عمر ۾ مون جيڪو ڪجهہ حاصل ڪيو آهي ۽ ان مان جيڪي اڻ وسرندڙ ڳالهيون منهنجي ذهن ۾ رهنديون. اُنهن ۾ اها مرڪ بہ هوندي. آريائي ۽ منگول نسل واري هن پروهت جي چهري واري مرڪ بہ ڀڳوان جي مرڪ کان وڌيڪ گهري هئي. چاڪاڻ تہ ڀڳوان واري مرڪ هڪ هنڌ ٽِڪ ٻڌي بيٺي هئي، پر هن مرڪ ۾ لچڪ هئي. اطمينان هو لڳو پئي تہ همراهہ سڄي دنيا کي سمجهڻ. هڙئي تماشا ڏسڻ کانپوءِ ايڏي گهري ايڏي ڳتيل مرڪ پئي مرڪيو جڻ هماليا جيڏي حياتي ۽ تجربو رکندو هجي.

اسان واري ٽولي ٻڌمت جي ان عبادتگاهہ ڏسڻ ۾ دلچسپي نہ ورتي ۽ وقت بہ پندرهن منٽ کان چڙهي ويو هو. آسمان مان هلڪي ڦوهار هلي پئي ۽ اهڙي سمي هڪ سباجهي مرڪ واري پروهت کي اتي ڇڏيون هليا آياسين. محسوس پئي ٿيو تہ اُن مرڪ ٻن وڏين گول اکين سميت اسان جو پيڇو پئي ڪيو ۽ اسان سان گڏ هيون. ان وقت اهي اکيون مهاتما گوتم جون چنتا ڀريل اکيون پئي لڳيون ۽ پاڻ کي گوتم جي ساٿي، گووند وانگر پئي محسوس ڪيم جيڪو گوتم کان پري ٿيو هو تہ بہ اُن جي پاڇي ۾ هو.

دڪشن ڪالي ويندي چاڙهيون چڙهندا وياسين، تہ واپسيءَ تي وري گاڏي لهڻ لڳي هئي. اکيون ساوڪ منجهان ڍاپيون ئي نٿي. گاڏيءَ جون دريون بند هئڻ تي هوا جي گهرج محسوس پئي ٿئي. پنهنجي پاسي وارو شيشو مٿي ڪيم تہ هوا جون لهرون چهرو ڇهڻ لڳيون، پر عجب پئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳو تہ هوا ڪنهن حد تائين ٿڌي هئڻ جي باوجود ۽ بادلن جي راڄ ۾ سنهي ڦڙ ڦڙ هوندي بہ ايڏو رس نہ پئي ڏنو. جهڙو ڄامشوري يا ٺٽي جي هوا ۾ هوندو آهي. اٿين بہ نہ هو جيئن ڪراچيءَ جي هوا ۾ گهمر گهٽي ٿيڻ ڪري ڪڏهن ڪڏهن هوا منجهان پگهر سڪائڻ جي سگهہ ختم ٿي ويندي آهي. هوا ۾ رس نہ هجي، پاڻي اُڃ نہ اُجهائي، وڻ ڪنهن کي ڇانورو نہ ڏئي سگهي ۽ ماڻهوءَ مان ماڻهپو نڪري وڃي، تہ باقي ڇا ٿو بچي؟ شايد اهو ئي سبب هو جو اُتي ماڻهن جي گهٽائي، سڪل هئي ۽ هنن جي پوري رنگ ۾ رچاءَ يا اسان جي عام بولي ۾ "نيمڪ" گهٽ هو. هنن اِن هوا ۾ ٿي ساهہ کنيو تنهن ڪري بسڪوٽن ۽ ڊبل روٽين وانگر پئي لڳا. منجهن جيڪي سانورا ۽ ڪارڙا هئا سي بہ هڏ ڪاٺ ۾ سيني وانگر تاڙا هئا ۽ شايد ڪين لهس وڏيڪ اچي وئي هئي.

اهڙي جادوئي ماحول ۾ بہ هوا چڻ ڪوڪلي هجي. جهڙي جبلن تي ويٺل راڪاسن هوا جو رت ست ڪڍي ڇڏيو هو ۽ پاڻ ڦرايل هوا، گونگي ٻڌي خاموش ريهون ڪندي ٽڪرين سان مٿو هڻندي پئي وتي.

ٽورو اڳتي وڌياسين تہ نظارن جي جوت سيني کي موهت ڪري وڌو ۽ فوٽوگرافيءَ لاءِ گاڏي جهلي وئي. اتي پاڻ هڪڙي اوچي جبل جي پاڙ ۾ پر ماٿريءَ کان هزارين فوٽ مٿي بيٺا هئاسين. پاڻ بہ بہ ٽي تصويرون ورتيون. هوريان هوريان وکون کڻندا هڪري جهوپڙي جي پر ۾ گذرياسين، اتي بہ ڇوڪريون بيٺل هيون. هڪڙي ڇوڪري اٺن سالن جي ۽ ٻي تيرهن کن سالن جي هئي. هنن جي صورتن ۾ پاڻ کي انوکي معصوميت نظر آئي.

مون مغل صاحب کي چيو "هزارين فٽ هيٺ ماٿري جي پس منظر ۾ انهن ٻارڙن جي تصوير محفوظ ڪرڻ گهرجي." جڏهن ڪئميرا سنبرائي تصوير پئي ڪڍيم تہ هڪڙي ڇوڪري جيڪا وڏي هئي، تنهن منهن ڪٽي لڪايو ۽ چوڻ لڳي "پئسا ڏيو پوءِ تصوير ڪڍو." پاڻ پئسا تہ ڪو نہ ڏئي سگهياسين. پر هوا ۾ رس نہ هئڻ واري ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي. ڏاول پيٽ وارن لاءِ اها ماٿري برابر هڪڙو عظيم نظارو هو پر بکايل ۽ غريب ماڻهن لاءِ هڪ گهرو پاتال هو جهنم هو.

روح جي آخري حد تائين باهہ جون جيڀون هيون، جتي سوين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هزارين معصوميتون جرجي وينديون آهن. مون کي سڀ جبل ٽريل مٽيءَ جا ڍڳا پاسڻ لڳا. جن ۾ ڪا لاوا، ڪا جر، ڪا غيرت ذري به نه بچي هجي. انهن ڇوڪرين کي، پرڏيهي گهمندڙن جي رستي تي بيهاريو ويو هو ته پئسا ڪمائين. مون ٿورو وڏي وڏي ڇوڪريءَ کي ڏٺو ته ان ۾ مون کي 32 سالن جي ڏتڙيل، ڏجهايل ۽ ٿڪل عورت نظر آئي. مٿو ڦرڻ ۽ دل ڪچي ٿيڻ لڳي........ پويان پير ڪري واپس ٿيس. شيخ اياز جي ڪتاب "ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" ۾ سندس نوٽ بڪ جي ورقن ۾ اڳ ئي پڙهي چڪو هوس. ڪوهه مريءَ ۾ هڪ خوبصورت جوانڙيءَ کي هر ماڻهوءَ اڳيان پنجين پنجين رپئين ۾ گهڙيءَ لاءِ وڪيو پئي ويو ۽ شيخ اياز جي اندر مان رڙ نڪتي هئي "يا خدا تنهنجو جلوو به پيشو ٿو ڪري!"

پاڻ واري لڏي کي وري هڪ وڳي تائين هوٽل ايوريسٽ شيريٽن تائين پهچڻو هو. هوٽل ۾ نيپال جي سياحت واري مملڪتي وزير شري ديپڪ بوهارا ۽ افتتاحي اُڌامر وارن مهمانن کي لنچ تي سڏايو ويو هو.

هوٽل ۾ پهتاسين ته ماني کائڻ واري هال جي دروازي وٽ ميزبان شري ديپڪ ۽ ٻيا سرڪار اهلڪار آجيان لاءِ بيٺا هئا. هٿ ملائيندا، ٻانهون ٻڌندا ويا. جڻ ڏانهن ڪو پاءُ پاٽيءَ جو نه هجي، ڪيڪر، سادي لباس ۽ قربائتي ورتاءَ منجهان ڏاڍا ڀلا ماڻهو پئي لڳا.

توڙي جو حڪمران ڏرين منجها هئا، ۽ ملڪ ۾ جيڪو به انياءُ ٿيندو هجي، اُن جي ذميواريءَ کان ذاتي طرح شريف ماڻهو کي به واندو نٿو ڪري سگهجي. هنن جي ورتاءَ ۾ سندن ٻوڏي هندوءَ ۽ زرعي عنصرن جو مليل ڪلچر هو. ان ڪري "ماس خور" ماڻهن جي پيٽ ۾ ڏاڍائيءَ جي عمل ۾ هٿ ونڊائيندڙ هي طبقو به مسڪين پئي لڳو.

هٿ صفا ائين پئي ٻڌائون جهڙو ڀهراڙيءَ ۾ اسين سنڌي ماڻهو هڪ ٻئي کي ٻڌندا آهيون. ان ڪري هنن جي هٿن ٻڌڻ جي موٽ ۾ مون کي به هٿ ٻڌڻ ۽ سيني تي هٿ رکڻ ۾ ڪا ڏکيائي ڪو نه پئي ٿي. پاڻ واري لڏي منجهان هڪڙي همراهه ٽوڪيندي مون کي چيو ته "هي ڇا پيو ڪرين؟" چيومانس اسان ڀهراڙيءَ جا ماڻهو آهيون ۽ اوهان وانگر ڪلها مٿائڻ ۽ ڪورنشون بجا آڻڻ اسان جو وڙ ڪونهي ۽ هي هٿن ٻڌڻ واري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وات اسان جي پنهنجن ماڻهن جي پاڻ ۾ قرب جي علامت آهي. ڪو بيو به جيڪڏهن اسان سان قرب ڪندو ته اسين بي وڙا ڪونه ڏيندا سين.

هڪ سنگتيءَ ڪجهه وقت اڳ هٿ جوڙ جو هڪڙو مطلب اهو به ٻڌايو هو ته جنهن کي هٿ جوڙ ڪجي ٿي، تنهن کي ٻنهي هٿن جي ميلاپ سان ٻڌي ۽ گڏ هجڻ جي پڪ ٿي ڏيارجي. جيڪڏهن ان ٻڌيءَ ۾ ڪا خلل وجهڻ واري ڏر ٿي پئي، ته انهن جڙيل هٿن سان ان تي وار به ڪري سگهجي ٿو.

اتي ئي مانيءَ جي سڏ تي ڪٺمنڊو جي اخبارن جا ايڊيٽر به آيل هئا. صبح جو جنهن اخبار "رائزنگ نيپال" مون سان حشر ڪيو هو ان جو ايڊيٽر به موجود هو. همراهه سان ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ جڏهن پڇڻ تي هن ٻڌايو ته 83 سالن کان اخبار قائم آهي ۽ ڪڏهن به بند نه ٿي آهي، ۽ نه ئي مٿس ڪا ڪارروائي ٿي آهي. تڏهن مون کي جڙ پنهنجن مونجهارن جو جواب ملي ويو ۽ سمجهيم ته اها اتان جي ٽرسٽ جي اخبار آهي. اتي ئي خبر پئي ته هندستان کان جيڪي اخبارون اينديون آهن اهي به سينسر ٿيڻ کان پوءِ آجيون ڪيون وينديون آهن. ان وايو منڊل ۾ پڙهيل ۽ حساس ماڻهن کي ڪيڏو نه پوسٽ ٿيندو هوندو تنهن جي اندازي ڪرڻ ۾ دير ٿيڻ جو ڪو سبب ئي ڪونه هو. ان معاملي ۾ "اڇو سورن واريون ڪريون سور پچار" واري ڳالهه آهي.

افتتاح جي اڏامر وارا بيا مهمان جن جو هتان جي واپاري ايوانن سان واسطو آهي سي اتي پنهنجي پٽي پاين سان مليا ۽ اسان ڪچهريون ڪري پيٽ جو دروزخ پري واپس ٿيا سين.

ٻاهر اهو ئي جهڙالو ماحول .هو ۽ اڻ کٽ ساواڻ. اسان وٽ جيڪڏهن ائين هجي ته ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين لاءِ مسئلو ئي پيدا نه ٿئي. وري ڪا ٿوري ٽڪي پارڪ ذري آهي ته ڪراچيءَ جو گوڙ ايڏو جو جڻ پاڻ کي آبڪلاڻيءَ جي موسم ۾ اريگيشن جي داروغن جي فون تي رڙيون ڪرڻ وانگر ڳالهائڻو پوي. اتان نڪري ڪٺمنڊو جي نيو گيٽ واري ايراضيءَ وٽ پهتاسين.

رستي ۾ ڪجهه مجسما لڳل ڏسي مون پاڻ واري گائيڊ مسٽر بستا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوڙيو آهي. هڪڙن ماڻهن جي قربانين ۽ ويڙهاند جا فائدا ٻيا ماڻهو وٺي ويندا آهن، ۽ جن نعرن جي آڌار تي عوام نڪرندو آهي، اُنهن نعرن جو اڳتي هلي مفهوم ڦري ويندو آهي. نتيجي ۾ عوام ۾ عوام سان لاڳاپيل سمورين ذميوار ڌرين کي نراسائيءَ جو هڪ عرصو گذارڻو هوندو آهي. ۽ سچي معاشري جي گڏيل زندگي کنهن جيل کنهن سزا جي حوالي ٿي ويندي آهي. اسان وٽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جو پورهيو ٻين لاءِ سليماني خزانو بڻجي ويو ۽ پي اين اي جي تحريڪ وري هڪ ٻئي آڙاهه ڏانهن ڌڪي وئي. ساڳي جوڙجڪ ۾ سرشتي اندر ماڻهن جو ڪيڙن وانگر، حڪمران متاثر سچ پچ پاڻ کي، ٺڳڻ برابر آهي. نتيجي ۾ ٿئي ائين ٿو جو ماڻهو وڏين ويساهه گهاتين کي "سياست" سمجهي ان کان نفرت ڪرڻ لڳن ٿا. نه ته سياست اهڙي گندي شئي ڪانهي. جيستائين ماڻهو ڦرلٽ جي طبقاتي ڪردار کي نه سڃاڻندا، تيسين ٺڳبو رهڻ مقدر آهي. پوءِ نيپال جي قومي ڪانگريس هجي، گانڌيءَ جي سياست هجي، يا هتي هٿيارن جي پاڇي ۾ ٿيندڙ سياست هجي.

1951ع واريءَ هلچل جي نتيجي ۾ قائم ٿيل پارليامينٽري سرشتي کي سترهن سال پوءِ هاٺوڪي بادشاهه جي پيءُ ختم ڪري پئنچات سرشتو لاڳو ڪري ڇڏيو ائين بادشاهه وري عوام جي رت جي قربانيءَ واري قيمت تي پنهنجا مقصد ماڻي ورتا. پر جدلياتي ۽ منطقي طرح عوام جي سامهون هڪڙا نوان قدر ضرور اچن ٿا، جن کي منزل جي حيثيت ملي ٿي.

پئنچات سرشتو هتي ايوب خان واري بنيادي جمهوريت ۽ هاٺوڪي لوڪل باڊيز واري نموني بازيءَ جهڙو آهي. ڳوٺ پئنچائت، ضلعو پئنچائت ۽ راشٽريه پئنچائت تي اچي ٿو ڇيهه ٿئي. راشٽريه پئنچائت جا ميمبر هيٺان چونڊجي اچن ٿا ۽ سندن ڪل تعداد ڏيڍ سؤ آهي. ان منجهان به 25 سيڪڙو بادشاهه پنهنجي مرضيءَ سان پاڻ مقرر ڪندو آهي. پوءِ اها ئي پئنچائت پاڻ منجهان وزيراعظم چونڊيندي آهي.

جيستائين اختيارن جو سوال آهي ته جتي 25 سيڪڙو ميمبرن کي بادشاهه ٿاڦڻ جو اختيار آهي ۽ هونئن اتي موت جي سزا ناهي، پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گنجائش ئي ڪانهي.

فوٽ پاٿن ۾ چونڪ تي به مورتيون رکيون هيون. مهاتما گوتم جي هر مورتي، ٻي ڪان وڏيڪ گنڀير ۾ ڪتيل ماٺ واري، جڻ اجا ڪو نبيرو سمجهه ۾ نه ايندو هجيس. مون جيئن جيئن گهوري پئي مورتين کي ڏٺو تيئن لڳو پئي ته نون زمانن جا وهنوار ڏسي، هنن هاسيڪار ماٺ اختيار ڪئي آهي ۽ ڪڏهن به ڪنهن اظهار کان جڻ سراپجي ويل آهن.

کٽمنڊو جي دربار اسڪوائر جي قدامت ۾ روپ کي ڏسي محسوس ٿي ٿيو ته جهڙو جوڻ مٿايو ڪجهه صديون اڳ واري زماني ۾ پيا هلون. پراڻي شاهي محل جي تصوير ڪئميرا جي فوڪس ۾ ئي نه ٿي آئي. نيپال جي هر چڱي چوکي شهر ۾ اهي دربار اسڪوائر موجود آهن. چاڪاڻ ته ڇهه ست صديون اڳ هتي 24 بادشاهتون هيون. ان ڪري گاديءَ واري شهر ۾ دربار اسڪوائر جو هئڻ ضروري هو. اهي دربار اسڪوائر نيپال جي قديم فن جا نمونا آهن. ڪاٺ جو بي انت ڪم مجسمن جي گهڙائي ۾ اڏاوت جي فن جا هي ڏاڍا پيلا نمونا آهن. ڪاٺ جي گهري ناسي رنگ جي انهن اوچين عمارتن ۾ هڪ قسم جو شاهاڻو تاثر به مليو پئي، پر ائين ته اڳي انهن ۾ رهندڙ ماڻهو به ان ڏيهه جي عجوبن کان گهٽ نه هوندا. چاڪاڻ ته وچ وسنديءَ ۾ ايڏين وڏين جاين جو باقي زميني گهرن گهاٽن سان سواءِ حاڪميت جي ٻيو ڪو رشتوئي ڪو نه هو ۽ اوسي پاسي جا ماڻهو محلات جي پهريدارن ۾ خواجه سرائن جون اکيون هر وقت پاڻ تي کتل محسوس ڪندا هوندا. هيٺئين خلقت کي ته شايد مٿي نهارڻ جي همت به نه ٿيندي هوندي. نيٺ ته ديوتائن جا لاڏلا پئي اُتي رهيا. هتي اهو نه سمجهيو وڃي ته ماضيءَ جي تاريخ تي اجوڪو تاريخي شعور پيو مڙهيان.

پاڻ محلات جي اترئين پاسي کان لڙي، جڏهن اوير وياسين ته هڪڙي ٿلهي تي مٿي هڪ ننڍڙو مندر هو. ۽ ان ۾ رکيو مجسمي جي ماپي سگهڻ جيتري ننڍي ڪوٺي نهيل هئي. ٻاهران ان جي پاسي تي واندا ماڻهو ويٺل هئا. ان جي اڳيان ٿلهي تي به موالي ويٺل هئا. انهن ۾ هڪڙو مقامي همراهه سنياسين وارا گيڙو ڪپڙا پهريل هو ۽ ٻيو انگريز هو. ٻنهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي پيو گهمان جتي نئدي هوندي گهمڻ ٿيندو هو. هڪ اڌ ڪا جديد قسم جي مارڪيٽ بہ هئي، پر ان ڏينهن بند هئي، ان ڪري پاڻ کي پنهنجي بس واري جاءِ تي چئين وڳي پهچڻو هو. ان مهل تائين ٿڪجي بہ پياسين، پر ڏسڻ وائسڻ کان ڪو نہ ٿڪو هوس، ڇاڪاڻ تہ ڪا نہ ڪا نئين ڳالهہ نظر آئي پئي.

پاڻ واري گائيڊ ۽ نيپال ايئر لائينز جي ميزبان ڇوڪري بس جي پرسان وينا هئا، ۽ گائيڊ ويچاري سگريٽ پي پئي وقت گذاريو. اسان کي گهمائڻ ڦيرائڻ وارو نوجوان سانورو ڳڀرو مسٽر بستا، جيڪو هزارين پيرا اهي سڀ شيون ڏسي ۽ ماڻهن کي ٻڌائي چڪو هو تنهن جي چهري تي ڪو بہ تاثر نہ هو ۽ اهڙا ماڻهو مونکي ڏاڍا مظلوم لڳندا آهن. هن جي لهجي ۾ ڦڙتائي هئي، هو ذهين هو پر اوپرن ماڻهن جي خوشين ۾ شريڪ ٿيڻ جو حق ڪو نہ هوس. هو بہ پنهنجي چمار کان گهڻو وڏو پئي لڳو. ان ڪري جڏهن ماٽ هوندو هو تہ ڏاڍو ماٺ ۽ گنڀير. واپسي تي ڪاري رنگ جي ماڻهن جون بہ ٽي ٽوليون ڏسڻ ۾ آيون. اتي اڌ اگهاڙا ماڻهو صفا ڏتڙيل پئي لڳا ۽ پيٽ وجهي پٽن سان لڳا هئا. مسٽر بستا کان انهن جي واقفيت پڇيم. جنهن تي هن ٻڌايو تہ اهي قبائلي آهن ۽ پورهيو ڪرڻ شهر ۾ ايندا آهن. هن اهو بہ ٻڌايو تہ انهن ۾ هڪڙن ٻن قبائلين ۾ رواج آهي تہ چار پائر بہ گڏجي هڪ عورت سان شادي ڪندا آهن. غربت جو اهو بہ هڪڙو پوائنٽو روپ هو. پر اهڙي قسم جا رواج گهڻو ڪري سردارن جا قائم ڪيل هوندا آهن ۽ ممڪن آهي تہ ايندڙ پيڙهين ۾ ملڪيت جي ورهائجي ٽوري وڃي بچڻ جو اهو علاج ڳوليو ويو هجي. يا قبائلي سجاٽپ ۽ وجود جي سلامتيءَ جو اهو بہ ڪو علاج ڳولي ڪڍيو ويو هجي. بهرحال اها هڪ اهڙي ڳالهہ هئي، جيڪا ڪتابن ۾ پڙهندا هئاسين.

مهاڀارت ۾ جڏهن پنج پانڊون ڀائرن کي دروپديءَ سان شادي ڪرڻ جي حالت اچي مٿان بيٺي هئي، تڏهن ڪين ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي اچي، تہ ائين ڪيئن ڪريون. پوءِ ڪرشن ڀڳوان کين قائل ڪرڻ لاءِ جيڪو دليل ڏنو هو سو بہ ڏاڍو دلچسپ آهي. ڪرشن کين چيو "جيڪي ڳالهيون، هڪڙن هنڌن تي هڪڙي وقت ۾ سٺيون سمجهيون وڃن ٿيون،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سي ڀين هنڌن تي، ڀين حالتن ۾ خراب!! ڌرم اڌرم، سنو خراب، حلال ۽ حرام جا تصور انسان پنهنجي ضرورتن سارو ٺاهيندو آهي. جيڪا ڳالهہ ڪيس ڪرڻي پئجي ٿي وڃي سا سٺي آهي ۽ جيڪا ڳالهہ هن جي فائدن سان ميل نہ ٿي کائي سا خراب ۽ حرام آهي.“

هوريان هوريان پنهنجي لڏي وارا ماڻهو بس تي گڏ ٿيڻ لڳا. مون کي اهو ڏسي عجب ورتو تہ همراهن جي گهڻائيءَ کي مٿن تي نيپالي ٽوپيون پهريل هيون. مون کي ڏاڍو غور سان ڏسڻو پئي پيو تہ واقعي هو اهي آهن جيڪي پاڻ سان گڏ آيل هئا. ”ڊان“ اخبار جو ليبر رائٽر مجيد صاحب منهنجي پر ۾ وينو هو ۽ مجيد صاحب ڏاڍو پلو صحافي ۽ ڏاڍو سنو ماڻهو آهي ۽ هن سفر ۾ ٿي پاڻ هڪ ٻئي جا واقف ٿياسين. مون کانئس پڇيو تہ ”مان اهو سوچڻ جو حق رکان ٿو تہ اسان وٽ 37 سال رهڻ کانپوءِ بہ هنن کي ڪڏهن سنڌي ٽوپي پائيندي ڪو نہ ڏٺو ويو آهي ۽ هتي هي هڪڙي ڏينهن ۾ نيپالي بنجي ويا آهن. ڇا هنن جي ان ڳالهہ کي هتان يا ڪنهن بہ ڏرتيءَ سان واقعي ڪو رشتي ڪرڻ جو شوق آهي“ مجيد صاحب چيو ان سوال تي سوچڻ جو توهان کي حق پهچي ٿو.

ساڍي ڇئين وڳي کٽمنڊو جي نيو گيٽ ايريا کان گهمي ڦري واپس بس ۾ هوٽل پهتاسين. هر ڪنهن وڃي پنهنجا پنهنجا ڪمرا وسايا. دريءَ وٽان ڪاٺ جا تاڪ هٽائي سامهون ڏٺا واري جبل کي ائين ڏسم ڄڻ ڪيس بڌائيندو هجان تہ موتي آيو آهيان. جيئن گهر اچڻ تي گهر جي وڏي سان ملبو آهي. جُهڙ سبب جيڏانهن ڪيڏانهن اڌ اونداهو ڇارو ڇانيل هو. اُن مهل وري آسمان جا ڦوهارا کلي ويا هئا. سڄي ڏينهن جي گهمڻ ڦرڻ ۽ نئين ڏيهہ کي تجسس سان ڏسڻ باعث خاصو ٿڪجي پيو هوس، ان ڪري سمهي رهيس.

ساڍي ڇهين وڳي ڏاري ٽيليفون جي گهنٽيءَ ننڊ مان جاڳايو. غلام نبي مغل هو جنهن تيار ٿيڻ جو تاڪيد ڪيو. ستين وڳين هيٺ ساڳئي هوٽل ۾ ئي. کٽمنڊو ۾ پي آءِ اي جي مئنيجر پاران ڏنل رسيپشن اسان جي شيڊول ۾ بہ شامل هئي ۽ ڪارڊ بہ رکيو هو.

رسيپشن ۾ وڃڻ جي رسم پوري ڪئيسين. باقي پاڻ کي مزو ڪو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ آيو. هڪ اهڙي گڏجاڻي جنهن جو ڪو مقصد ئي ڪو نہ هو. مڇيون مڇيون ٺاهيو ماڻهن پاڻ ۾ اهڙيون ڳالهيون پئي ڪيون. جيڪي نہ ڪن تہ بہ خير هو. ڏچي ۾ رکو ويٽر هٿا. جيڪي بوتلن ۽ رسن جا گلاس ۽ لُنڊائيپ پوري ڪرڻ جهڙيون بيون شيون ڪنيو هڪڙي هڪڙي ڪوڙيءَ جي اڳيان اچي ٿي بيٺا. بس وڏن ماڻهن جي هڪڙي عادت هئي، جنهن کي فيشن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. گهڙي ڪن بيهي ٻاهر نڪري آياسين. رات جا اٺ ڪن ٿي رهيا هئا. پاڻ تڏهن بہ هوٽل کان اڌ ميل ڪن پري نڪري آيا هئاسين. اسان سان "ڊان" اخبار جو مجيد صاحب گڏ هو. مجيد صاحب گهڻو پڙهيو لکيو ماڻهو آهي. ان ڪري تاريخ، فلسفي ۽ سماجيات تي ساڻس ڏاڍي سٺي ڪچهري بہ هلندي پئي هلي. جڏهن آسمان تي منڊل گهڻو وڌي ويو ۽ لڳو پئي تہ جبل، راڳ ميان جو ملهار ڳائڻ جي تيارين ۾ پنهنجي سازن جون تارون چڪي رهيا آهن تہ پاڻ بہ واپس ٿياسين.

هوٽل ۾ رات جي ماني کائي وري ٽورو گهمڻ لاءِ نڪتاسين. برسات جي اڻ لکي ڦوهار ٻاهر ڏاڍو مزو پئي ڏنو ۽ هيڪر وري جڏهن برسات وڌي تہ پاڻ بہ تڪڙا تڪڙا موٽي ڪئسينو ۾ داخل ٿياسين. سگريٽن جي دوهين، وسڪيءَ جي بوءِ ۽ جوا جي مشينن جي آواز جي هڪ پنهنجي ڌار دنيا هئي ۽ هڙئي ماڻهو انگريزي فلمن وارن جوا خانن جي غنڊن جهڙا پئي لڳا. جوا گهر جو ماحول نيپال جهڙي مسڪين ملڪ جي حالتن ۾ اهڙو پئي لڳو جهڙو اتان جي سيٺي ماڻهن جو رت نپوڙجي گڏ ٿيڻ جي فيڪٽري هجي.

اتي ئي هڪڙي ننڍڙي هال ۾ ويڊيو روم هو جتي وي سي آر تي هندستاني فلم "پروفيسر پياري لال" پئي هلي فلم ڏسڻ تي پاڻ کي هونئين وقت وڃائڻو ڪو نہ هو. تنهن ڪري اتان بہ نڪري آياسين ۽ ڪمري تي پنهنجي ڪچهري ڄمائي ويهي رهياسين. هڪ وڳي ڌاري سنگت سمهڻ جو سعيو ڪيو ۽ مان بہ فون تي هوٽل وارن کي صبح جو ائين وڳي جاڳائڻ جي گهنٽي ڏيڻ لاءِ چئي سمهي رهيس.

صبح جو تيار ٿي نيرن ڪري، مقرر وقت تي ٻاهر نڪتاسين. ڏهين وڳي بس ۾ روانا ٿي وياسين. ييٽي ٽرئولز جو گائيڊ مسٽر بستا ۽ رائل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيپال ايئر لائين جي پبلڪ رليشنز آفيسر چوڪري موجود هئا. پاڻ کي هاٽي تبتي پناهگيرن جي هڪڙي ڪئمپ ڏسڻي هئي. تبت جا ويهه هزار رهواسي 1959ع ۾ چين پاران تبت تي قبضي باعث گهر گهاٽ ڇڏي 1961ع ۾ پهچا هئا. تبت ۾ مذهبي لامائن جو راڄ ختم ٿيو هو ۽ ڦرلٽ ڪندڙ طبقا ننڍڙڪا ٿي پيا هئا. نئين سوشلسٽ ضابطي کي هضم نه ڪري سگهندڙ ماڻهو پنهنجي مفادن ۽ پنهنجي مذهبي اڳواڻن جي اپيلن تي انهن سوڏو پڇي نڪتا هئا. دلائي لاما، هندستان ۾ اچي سياسي پناهه ورتي هئي، ۽ اڄ سوڏو اتي آهي.

جيئن سڄي دُنيا جي پناهگيرن جون عادتون پناهگير بنجڻ کان پوءِ گهٽو ڪري ساڳيون ٿي ويندڻيون آهن. تيئن هنن همراهن به هتي، ڇيهه ڪرڻ کان ڪو نه گهٽايو هو. ان عمل ۾ شاهوڪار ماڻهو ته وري به جتي ڪٿي خوش رهي ٿو ۽ هن جو وطن اتي آهي جتي سندس هرس ۽ فائدن کي نقصان نه پوي، پر پراون ڏٽن تي جيڪي مسڪين ماڻهو پنهنجا لوڙها ڇڏي ٿا نڪرن، سي ويچارا صفا نيرهه ٿيو وڃن، ۽ اُن حد تائين جو ماڻهپي جي خاني ۾ئي ڪو نه ٿا رهن. جيئن هتي آهن.

هيءَ ڪئمپ ڪٽمنڊو جي پسگردائيءَ ۾ آهي ۽ اسان جي بس شهر مان نڪرڻ کان پوءِ اڌ ڪلاڪ ڪن ۾ئي اتي پهچي وئي. اها ڪئمپ عالمي ريڊ ڪراس وارن پاران اڏائي وئي آهي.

پاڻ بس مان لٿاسين مس ته ننڍن ٻارن جا اهور ٿي ويا. رڙيون ڪري هڪ ٻئي کان گوءِ کڻي اسان مان هر هڪ کي ويجها ٿي خيرات کسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. هنن جونمونو خيرات گهرڻ وارو نه پر کسڻ وارو هو. پاڻ کي به قلندر جي مزار تي اهڙا تجربا ٿيل آهن. ان ڪري گهٽي ڳڻتي ڪو نه هئي. تڏهن به هنن ٻارن جو نمونو قلندر جي فقيرن کان وڌيڪ وڙهڻ وارو هو. مون کي خيال پئي ٿيو ته پٿر کڻي آءُ نه ڪن. هنن جا وڏا ۽ عورتون ڪين آسروند نگاهن سان ڏسي رهيا هئا. ۽ منجهن عزت نفس جهڙي ڪا ڳالهه نظر ئي ڪو نه پئي آئي. هنن جون اکيون رڳو ڪاٺو پٽن جي سوپ ۾ ڪتل هيون. هي ماڻهو ٻين جي مدد جي آسرن ۾ رهي پن تي گذارو ڪندي پنهنجي شڪلين جو "نيمڪ" به وڃائي ويٺا آهن. هونئن به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هَروڀرو ۽ غير ضروري همدرديون ماڻهوءَ کي آرن مان ڪڍي ڇڏينديون آهن. هنن ماڻهن کي ڏسندي ڏپ پئي ٿيو. ڇو تہ هنن وٽ ڪنهن سان بہ وڙهي پوڻ جا سڀ بهانا موجود هئا. جن حالتن کي پهتا آهن، سي ڏاڍيون افسوس جوڳيون آهن، پر پنهنجي وڏيءَ جو ڪهڙو ويچ؟؟ اُڏاري حياتي گهاريندڙ هنن ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ڪا بہ خوشي ڪا نہ هئي. ان ڪري جو هنن پنهنجا سڀ ليکا چڪتو ڪري ورتا آهن. چين جي حڪومت کين واپس ورڻ لاءِ چئي چڪي آهي، پر اوڏانهن شايد ڪنهن منهن ڪٽي ويڃڻ جهڙا ناهن. هتي نيپال ۾ جتي کين اجهو مليو آهي، اُتي پنهنجي ڏار خود مختار رياست ناهڻ لاءِ گهر ڏٺين سان وڏا ڪلور ڪري چڪا آهن. هتان جي ماڻهن سان وڙهيا پر گهر ڏٺي گهٽ ۾ گهٽ ان معاملي ۾ هنن کي منهن ڏئي ويا. هاڻي اتان جي رهواسين سان بہ هنن جو ڪهڙو منهن وجندو هوندو. کين ملڪيت ڏارڻ جو حق ڪونهي. ڪئمپ اندر توڙي ٻاهر گهر يا ڪار خريد ڪري نٿا سگهن. شهري حق ملڻ جو کين سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. سال رهن يا صديون پر رهندا ان ئي حيثيت ۾ سندن ڪو مستقبل ڪونهي. ٻڌمت جا پوئلڳ ۽ دلائي لاما جا سياسي مريد هئڻ جي باوجود دلائي لاما، پاڃوڪڙائپ کان پوءِ ڪڏهن بہ نيپال ڪو نہ آيو آهي، توڙي جو نيپال مهاتما ٻڌ جي جنم ڀومي آهي.

هنن ماڻهن ۾ انساني ۽ سياسي حقن لاءِ تڙپ ۽ لوچ ختم ٿي چڪي آهي. پرائي ڌرتيءَ تي پارٽئون اُڪڙيل هي ماڻهو پن سِن جو تڪر کائي، ٻين ڏيهن جي رحم ۽ همدرديءَ لاءِ واجهائي واجهائي پنهنجي وجود جو جواز ختم ڪري چڪا آهن. جڏهن اها حد اورانگهجي ٿي، تڏهن ماڻهپو پنهنجو ماڳ وڃائي ٿو ويهي. انسانيت اُنهن ماڻهن کي قتڪار ڪري ٿي، جن ۾ پنهنجي حقن وٺڻ جي تڙپ ڪانهي.

مون کي رڳو اهو خيال پئي ٿيو تہ آمريڪا ۽ ان جا ساٿوڙي ملڪ پناهگيرن جي هن مسئلي کي ڇو ڪنگهن بہ نٿا. پشاور لڳ افغان پناهگيرن جي ڇانوڻين تي، تہ هنن جا لامارا آهن. آمريڪا جي هڪڙي پرڏيهي وزير، تہ هنن جي همدرديءَ ۾ هڪڙي پيري پتر کٽي افغانستان جي سرحد ڏي منهن ڪري اڄليو هو جڻ ڪانگ پئي هڪليائين، جن انهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پناهگيرن کي ڀوڙائي ڪڍيو هجي. فلسطيني پناهگيرن تي اسرائيلي گولا وسائي رهيا آهن. صابرا ۽ شطيلا ڪئمپن وٽ ڪربلائون ٿي ويون، پر آمريڪا ۽ اُن جي يارن کي انساني مسئلو اچي افغان پناهگيرن جو لڳو آهي، جن مان ڪيترا ڀياج خور مني لڪ، رپين ۾ ڪتو خريد ڪرڻ لاءِ تيار آهن. جيڪي جديد هٿيار هٿي ئي وڪرو ڪري رهيا آهن. هي تبت جا پناهگير، بہ تہ هڪ ڪميونسٽ ملڪ مان ڀڳا آهن. ڪميونزم...... ڪميونزم..... ڪري صدر ريگن کي مِرگهيءَ جا دورا پئجي ٿا وڃن، پر چين سان هو لڳاپا سڌارڻ گهري ٿو. چين جي ڪميونزم کي سوويت يونين جي ڪميونزم کان گهٽ "خراب" ٿو سمجهي. اهي ٻٽا معيار ڇو؟ هنن جي انهن ئي منافقين جي نتيجي ۾ ماڻهپي کي تهذيبي طرح هاڃو رسي رهيو آهي. مسٽر ڊالر پنهنجي فرعوني سگهہ هوندي بہ هاٽي، ٿا پڙجڻ لڳو آهي ۽ ڪنهيا لال ڪپر جي اها ڪهاڻي سؤ سيڪڙو سچ لڳي ٿي، تہ "مسٽر ڊالر وٽ هر قوم کي ڏسڻ جون ڊار ڊار عينڪون آهن."

ڪئمپ ۾ رهندڙ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي لاڏائو ماڻهن واري آهي. سڀني مرد ماڻهن جو نمونو مواليڻ جهڙو عورتن جون اکيون ويران هيون ۽ اسان کي ائين پئي ڀاسيو ڄڻ هو ڪنهن گرهہ مان لهي آيل مخلوق هجون. چيني شڪل صورت هوندي بہ عورتون قد جون چينين کان وڌيڪ ڊگهيون هيون.

پاڻ جڏهن هنن جا گهر ڏسڻ اندر وياسين، جنهن تي هنن کي ڪو اعتراض نہ هو. تڏهن عورتون ويچاريون ائين نڪري اچي اڳيان بيهي رهيون، ڄڻ غنيمت جو مال هجن. عورتن جي اکين ۾ حياتيءَ جا آثار ڪو نہ هئا، پر تڏهن بہ مشينن واري انداز ۾ اسان جي اڳيان لمڪا پئي ڏنائون. پنهنجي ڏيهہ ۾ هجن ها، تہ ضرور پنهنجي گهرن جون ڏياٽيون هجن ها ۽ ائين جنگ ۾ ڦريل سامان وانگر ڏسڻ ۾ ڪو نہ اچن ها. هنن ماڻهن جي حالت سڌرڻ جو وري بہ اڪيلو نبيرو، پنهنجي ڏيهہ موٽي وڃڻ ۾ آهي، توڙي جو جيڪا ذهنيت ڳوٺ کٽي ويندا، اها اتي ڪجهہ تڪليفون ضرور پيدا ڪندي."

اتي پني تي جڏهن مون ڪجهہ نوٽس پئي ورتا تہ هڪڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن ۾ هنن جي ڏاڍي عزت آهي. جن وڏن ڪهاڻيڪارن ۽ ناول نويسن جا هن نالا ورتا سي آهن بالڪرشنا رانا، لڪشمي پرساد ديپڪوٽا ۽ دولت بڪرم بستا، هڪ وڏو اسڪالر، ڏاهو ۽ ڄاڻو بزنڳ آهي. ماڻهن کي وڻڻ وارن پن شاعرن جا نالا به ورتائين جيڪي پوشن پانڊي ۽ گووند هئو هالي آهن. مستر بستا. ٻڌايو ته اسان جا اديب موپاسان ۽ دوستو وسڪيءَ جي لکڻ جيڏو ڏانءُ رکن ٿا. ۽ فرانسيسيءَ ۾ سندن ڪجھ ڪتاب ترجمو ٿيا آهن. انگريزيءَ ۾ نه هئڻ جي برابر آهن. مون کي نيپالي ادب جي ڪتابن وٺڻ جو ڏاڍو شوق هو پر هن همراهه ٻڌايو ته انگريزيءَ ۾ اهي ڪتاب هن ملڪ ۾ ڪو نه ملي سگهندا. ڇو جو انهن تي بندش هئي. اها ڳالهه انهن اديبن جي وڏائيءَ جي ساک پريندڙ هئي. انهن يا انهن جهڙن. ٻين لفظن ۾ سمورن ترقي پسند اديبن جون لکڻيون شايع ٿيڻ واري حق کان وانجهيل آهن ۽ حڪومت جي اڳواٽ اجازت کان سواءِ شايع نه ٿيون ٿي سگهن. ظاهر آهي ته حڪومت انهن کي اجازت ڏئي ئي ڪو نه. خبر چار ڪندي خريداريون ڪندڙ همراهه پنهنجيون پنهنجيون سوکڙيون کنيو اچي بس پيڙا ٿيا ۽ پاڻ وري پنهنجي هوٽل روانا ٿياسين.

منجهند جو ساڍي ٽين وڳين اڳوٽي رانا پئليس ۽ هاڻوڪي وزيراعظم جي آفيس واري عمارت ۾ پهتاسين. هي منزل تائين پهچندي رستي ۾ قطارون ڪري بيٺل هلڪي قد جا گورکا فوجي ڏٺاسين. نيپال جي سموري فوج گورکن جي آهي. ته به سياست ۾ تيرڻ تي نه سوچيو اٿن. هنن جي بهادريءَ جي ايڏي هاڪ آهي جو برطانيا جي فوج ۾ اڃا به هڪڙي گورکا ريجمينٽ آهي. تازو فاڪليند ٻيٽ تي ارجنٽائين ۽ برطانيا وچ ۾ ٿيل لڙائيءَ ۾ برطانيا جي ان گورکا فوج کي به موڪليو ويو هو.

ننڍي قد ۽ بنهه اڻ رعبائتي شخصيت وارا گورکا فوجي ڏسڻ ۾ ڪي وڏا بهادر ماڻهو ڪو نه پئي لڳا ۽ هنن وٽ گهٽو ڪري بهادريءَ هرويرو نظر اچڻ واري ۽ آڪڙ گيپ ڪٽيو جي پنهنجي ليکي وات هٽڻ سان ظاهر ٿيڻ جهڙي شيءِ ڪانهي. لڳو پئي ته هنن ماڻهن جي بهادريءَ وارن معيارن ۾ آڪڙ شامل ڪانه هئي. اها ٻي ڳالهه آهي ته برطانوي سامراجيت وٽ ڀاڙيتو فوجي ٿيڻ ۽ پنهنجي ڏيهه ۾ ماڻهن جي بنيادي حقن ۽ آزادين جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راهہ ۾ رنڊڪ بنيل سرشتي جو راڪو هجڻ هڪ ٻي ڳالهہ آهي. گورکا نيپال جي جابلو ايراضين جي مختلف قبيلن جا ماڻهو آهن.

پرائيم منسٽر جي ڪانفرنس روم ۾ وچي ويٺاسين. پاڻ کي ٻہ ٽي منٽ انتظار ڪرڻو پيو. وزيراعظم مسٽر سوريا بهادر ٿاپا اچڻ سان روايتي طرح هٿ ٻڌي بيهي رهيو ۽ اها هن پاران آجيان هئي. هن اُميد ظاهر ڪئي تہ اسان کي سندس ڏيهہ ڏسي خوشي ٿي هوندي. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ لڳاپن تي ڳالهيون ٻولهيون ٿيون. ان معاملي تي ٿيل سوالن ۽ جوابن جي ڳالهين وارا اصطلاح گهڻو ڪري ساڳيا هوندا آهن ۽ پروٽوڪول جي ڪا خاص لفاظي ٿيندي آهي. جنهن ۾ نہ هوندو آهي روح ۽ نہ ڪا ڪم جي ڳالهہ رڳو ڪردارن ۽ اسٽيج جو فرق هوندو آهي. مسٽر ٿاپا بهرحال ڏاڍي سياڻپ سان سوالن جا جواب پئي ڏنا. نيپال ۾ رهيل تبت جي پناهگيرن واري مسئلي تي هڪڙي صحافيءَ ڪانئس سوال پڇيو تہ انهن پناهگيرن جي موجودگيءَ ڪهڙيون مشڪلاتون پئدا ڪيون آهن، يا اهي هنن لاءِ ڪهڙا معاشي ۽ سماجي مسئلا پيدا ڪري رهيا آهن. وزيراعظم ان سوال جو بنهہ مختصر جواب ڏنو تہ اسان لاءِ ڪو مسئلو پئدا ڪو نہ ڪيو اٿن. مان رڳو دل ئي دل ۾ کلي سگهيس. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ چين سان نيپال جا سياسي لاڳاپا گهڻا سٺا آهن ۽ هو اهڙي ڪا ڳالهہ چوڻ جي حيثيت ۾ ڪونهن جنهن سان سندن لاڳاپن تي ڪو اثر پوي، پر تڏهن بہ ويهہ هزار پرايا ماڻهو هنن جي ڏيهہ ۾ آهن.

مسٽر ٿاپا اسان سان جيڪي ڪجهہ بہ ڳالهايو سو پنهنجي نيپالي زبان ۾ ۽ هڪڙو ترجمي وارو اهي ڳالهيون انگريزيءَ ۾ ورجائيندو پئي ويو. چانهہ ۽ بسڪوٽن سان اسان جي تواضح ڪئي وئي. منو ڪلاڪ کن خبرون چارون ڪري پاڻ ٻاهر نڪتاسين.

اسان واري بس انتظار ۾ بيٺل هئي. ۽ پاڻ واري گائيڊ مسٽر بستا مون کان پڇيو تہ وزيراعظم کان ڪهڙي نوعيت جا سوال ڪياسين. هن کي آس هئي تہ ملڪي ماڻهن جي معاشي حالت تي بہ سوال ڪرڻ لاءِ اسان سنبريل هئاسين. پهرين ڳالهہ تہ اسان منجهان گهڻن ان صورتحال

ئي محسوس ٿي نہ پئي ڪيو ۽ ہي ڳالھہ تہ اسان ڪانئس انهن سوالن پڇڻ لاءِ پنهنجي وس وارا نہ هٽاسين. حڪمرانن جي سياسي صورتحال جو اندازو ڪجھہ ائين پئي ٿيو تہ وزيراعظم گهاگهہ ماٺهو آهي ۽ بادشاھہ کي خوش ڪري پنهنجي پروسي ۾ ورتو آهيس. ان ڪري في الحال محفوظ آهي ۽ ان ڪري ئي چڱا اختيار حاصل ڪري ورتا اٿائين. مسٽر سوريا بهادر ٿاپا وزيراعظم ٿيڻ کان اڳ بادشاھہ جي مرضيءَ مطابق، ملڪ ۾ گهڻين سياسي پارٽين واري سرشتي جي مخالفت ڪئي هئي. ان ئي بنياد تي ڪن پارٽين تي بندش وجهيو وٺندڙ پارٽين کي اقتدار جي هڏي پٽ ۾ شامل ڪيو ويو. (سوريا بهادر ٿاپا جي حڪومت اسيمبليءَ ۾ سندس ئي وزيرن پاران هلايل پروسي ٽنڊڻ واري هلچل، اصل ۾ بادشاھہ سلامت جي ناراضگيءَ سبب ختم ٿي وئي)

چاڪاڻ تہ اُتي حقيقي معنيٰ ۾ عوام يا عوامي ڌرين کي هاڻي جيڏانهن پرپاهرو ويٺو هو تنهن هنڌ کي دولي خيل جي نالي سان پئي سڏيائون. سادي چئين وڳي ڪٽمنڊو کان نڪري 32 ميل پري اوڏاهين روانا ٿي وياسين. گائيڊ ٻڌايو تہ دولي خيل ۾ جتي اسان کي رات جي ماني کائڻي هئي سو هنڌ سادا پنج هزار فوٽ مٿي آهي. چين جي سرحد اتان 117 ڪلوميٽر پري هئي ۽ تبت پرڳڻي جو گاديءَ وارو شهر لهاسا چار سئو ڪلوميٽرن جي پنڌ تي هو. جنهن رستي سان وياسين ان کي ارنيڪو هاءِ وي پئي چيائون.

ان مهل جيڏانهن ڪيڏانهن منڊل هو. ساوڪ اُهائي اڻ ڪٽ، جبل، تل ۽ ترايون ڌسندي اکيون ڍاپيون ئي ڪو نہ پئي. پاڻ تهذيبن ۽ سياست جي ڪتراڳ منجهان نڪري هيڪر وري فطرت جي چيڪلي تي پئي ڦرياسين. آهستي آهستي مٿي کان مٿي ٿيندا وياسين ۽ هتي بہ جبلن جي چوٽين کان وٺي هيٺاهين تائين ڪٽڪ جو چهچ فصل هوا تي ناچ ڪري رهيو هو. جبل ائين پاسي رهيا هئا، جڻ وڏا گويا سارنگ راڳ ڳائڻ ۾ محو هجن. خبر ناهي تہ اتان جي انهيءَ گهرائي مان ڪڏهن ٿا موٽ کائين.

بس هلندي ساڄي پاسي تي هڪ وڏو مندرن وارو شهر پنهنجي قديم جاين سميت ڪر ڪنيو بيٺو هو. گائيڊ ٻڌايو تہ اهو ڀڳت پور شهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي جيڪو نائين صديءَ ۾ آباد ٿيو هو. اهو مذهبي شهر آهي، جيئن ان جي نالي مان ئي ظاهر آهي. شهر جي مٿان برفاني چوٽيءَ وارو وڏو جبل هو. جيڪو اتان گهٽ ۾ گهٽ سؤ کن ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي هو تنهنجي جهوليءَ ۾ مڪتي ناٿ آشرم آهي ۽ سڄي دنيا جا روحاني طرح ٽڪل ساڌا ٿيل ماڻهو مڪتي يا ڇوٽڪاري لهڻ لاءِ اتي اچي گڏ ٿيندا آهن.

پاڻ پڳت پور کان ڪجهه ميل اڳتي وياسين ته مٿان هڪڙي جبل تان ماڻهن جي ڊگهي قطار فصلن وچان پيچرو اُڪرندي روڊ ڏانهن پئي آئي. قطار جي اڳيان ڳاڙهي وڳي ۾ ڇُنيءَ ۾ ويڪيل ڪنوار ڏوليءَ ۾ جهنڊ هنيو ويٺي هئي، ۽ چار ماڻهو ان ڏوليءَ کي ڪلهو ڏيو پئي آيا. ڏوليءَ جي پٺيان هڪڙي وڏي ڇتيءَ هيٺان پاجامو ۽ واسڪوٽ پهريل گهوٽ ڇٹن پنجن ڄڻن جي ولر سان گڏيو تي آيو. گهُوٽ جي مٿان جيڪا ڇتي هئي، اها صفا اهڙي، جهڙي سنڌ ۾ ميلن تي ٿاڌل ڪپاٹڻ وارا وڏي ڏنڊي ۾ مٿان چانوري لاءِ هٽندا آهن. پاڻ بس جهلائي لهي پياسين ۽ وڃي ساڻن گڏياسين. ڪنوار جي ڏوليءَ سان گڏ ڪجهه جوان ۽ پڪي عمر جون عورتون جهڄڪنديون، سڏڪا پريندیون هلي رهيون هيون. لڳو ائين پئي ته گهٽو روج راڙو پٽتي ئي ڪري آيون آهن ۽ باقي بچيل ڏک جو اظهار اتي پئي ڪيائون. گهوٽيتا خوش هئا ۽ ڪنواريتا ڏکويل. بئنڊ تي "ڇوڙ بابل ڪا گهر" جي ڌن پئي وڳي. پاڻ کي به هنن جي خوشيءَ ۾ ڏک کان ڌار نه ڪري سگهيس. من ميڻ ٿي پيو. پيڪن جو گهر ڇڏي، ساهريجن ڏانهن ويڄ سڄي نندي ڪنڌ ۾ هڪ اهڙي علامت ۽ اهڃاڻ وارو سنئوڻ آهي، جنهن کي شاعرن انساني الميي ۽ وڇوڙي جو روپ بنائي ڇڏيو آهي ۽ ڏکويل ماڻهوءَ لاءِ وڇوڙي جو هر منظر وڌيڪ ڏکوئيندڙ هوندو آهي. جنهن مهل ڪنوار کي روڊ تي بيٺل پراڻي وئگن ۾ ويهاريو ويو تڏهن درياءَ مان آخري پيرو ليئو پائي، مائٽن ۽ ماحول تي نظر وڌائين، ته سڏڪن کان رهي نه سگهي. سڏڪو پري، اکين مان آخري نيرو وهائي منهن لڪائي ڇڏيائين. مان ان سڏڪي جي ترنم کي ڪڏهن به وساري ڪو نه سگهندس، ڇاڪاڻ ته سڏڪا اسان جي ماحول جو نه ٽٽڻ وارو حصو آهن. جيسين ٿهڪ اچني سڏڪن جي جاءِ پرين.

جڏهن گهوٽ ڪنوار ۽ ڄڃ کي پٺتي ڇڏي اڳتي روانا ٿياسين، تڏهن "جيئري ديويءَ" جي يادگيري اچي وئي. اها ديوي گذريل ڏينهن ئي ڏٺي هئي. گهر جا وڏا پنهنجي ڇهن ستن سالن عمر وارين نياڻين کي ٿوري دير لاءِ اونداهي ۽ پوائتي ڪوٺي ۾ بند ڪري ڇڏيندا آهن. پوءِ انهن منجهان جيڪا ڇوڪري نہ ڊڄندي آهي، ان کي جيئري ديويءَ جي حيثيت ملندي آهي. جيئري ديويءَ جي اها حيثيت سندن بلوغت تائين قائم رهندي آهي ۽ سيئي ماڻهو ڪيس وڏي عزت ڏيندا آهن. جيڪڏهن هوءَ بيمار ٿي پوي، تہ ان کي ملڪ تي وڏي مصيبت جو آثار سمجهندا آهن. ائين اها ڳالهہ هنن لاءِ وڏي ڳڻتيءَ واري هوندي آهي.

هونئن اسان وٽ بہ نياڻيءَ کي ستن قرآنن جي برابر سمجهيو ويندو آهي. نيپال ۾ بہ عورت کي مذهبي لحاظ کان جيڪا اهميت ملي آهي، سا سماجي، اهميت حاصل نہ ڪري سگهي آهي. مرد جي مٿڀرائپ وارن معاشرن ۾ عورت جي سماجي حيثيت ۾ گهٽ هئڻ واري هڪجهڙائيءَ جو هي بہ هڪڙو مثال آهي. جاڪاڻ تہ عورتن لاءِ ترقي ڪرڻ ۽ سماجي اڏاوت ۾ مرد وانگر سڀني حصو وٺڻ جا دروازا ڦرلٽ واري معاشري ۾ لازمي طرح بند رهندا آهن. مذهبي اصولن جو عمل ۾ اچي سگهڻ سماجي حالتن تي ئي مدار رکي ٿو. ڪنهن گروهہ جو زباني جمع خرچ ان لاءِ ڪافي ناهي هوندو. نيپال ۾ جتي نياڻي، ديوي جو مرتبو بہ ماڻي ورتو اُتي مذهبي پوڄ، عورت جي ان تقدس سان ڪريل قسم جو وهم ۽ ڊپ بہ گڏائي ڇڏيو آهي، تہ جيڪو اهڙي عورت سان شادي ڪندو، اُهو ڇاليهن ڏينهن اندر مري ويندو. ان وهم کي حقيقت بنائڻ ۾ خبر ناهي تہ حاڪمن سان گڏجي مذهبي پوڄ اهڙا ڪيترا گهوٽ ماريا هوندا. جيئن ماڻهن ۾ ڊپ جا نوان گوشا ڦٽن ۽ غريب مسڪين ماڻهن ڏيئڻ جي آئيندي تباهہ ٿيڻ کان بچڻ لاءِ "زندهہ ديوي" نہ ٺاهين ۽ ائين ماڻهن پاران ملندڙ احترام تي پوڄ ۽ حاڪمن جي هڪ هٽي قائم رهي. جڏهن گائيڊ کان موجود اهڙين ديوين جو تعداد پڇيم تہ سڄي ملڪ ۾ اٺ ڏهہ ديوين جو ٻڌايائين. غريب ماڻهو مفت ۾ جيڪا اهميت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا اها بہ کين ماڻڻ نہ ٿي ڏني وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوٽل سولٽي اوبيراءِ شام ڪان رات تائين ٻہ ٽي پيرا. ڪائونٽر تي بيٺل مسز شانتا سان مڪا ميلو ٿيندو هو. پنهنجي ڪمري ڏانهن ويڃڻ يا موٽڻ مهل ڪمري جي ڪنجي ڪائونٽر تي ڏيڻي ۽ وٺڻي پوندي هئي. هن سهڻي، قدآور، وڏين اکين، چيريل پروئڻ، ويڪري پيشاني چنڊ منهين، ڪاري يا ناسي ساڙهي ۽ بلائوز پهريل مائيءَ جو ڇرڻ ڪم ئي اهو هو تہ هوٽل جي گراهڪن کي ايندي ويندي مُرڪ جو ڏينهو بچائي ڇڏي هڪڙي رات ڏهين ڏاري مان ۽ بہ ٻيا سنگتي جيئن ٻاهران گهمي ڦري هوٽل ڏانهن ورياسين، تہ ڪيس هڪڙي پوڙهي ماڻهوءَ سان گڏ هوٽل ڪان ٻاهر ويندي ڏسي ورتم. مٿان هلڪي ڦوهار وسي پئي ۽ هن جو ڀهڪندڙ مک ڪارونٻار جهڙن وارن وچ ۾ ڪنوڻ جي چمڪاٽ تي بادشاهہ جي تاج وانگر پئي چمڪيو. ٻئي ڏينهن تي شام جو جيئن ڪائونٽر تي ڪنجي ڏيڻ ويس، تہ هن پنهنجي ڊيوٽي پوري ڪنديہ ائين مرڪ ڏني جيئن گلاب جو گل ٻوٽي مان ڇنجي. تہ هوا جي جهوٽي تي تاري وڏي ويجهي ٿئي ۽ گل پاڻهي اچي هٿن ۾ پوي. پڇيومانس "رات برسات پوندي جنهن همراهہ سان گڏ پئي وئينءَ اهو تنهنجو مڙس هو ڇا؟" سوال ڪرڻ ڪان هڪدم پوءِ احساس ٿيو تہ ساٿس ڏاڍائي ڪري ويٺو آهيان. مون کي ڪانئس اهو سوال نہ پڇڻ کپندو هو. هن جو منهن لهي ويو تڏهن بہ مُک تي اڏو ڳابري مرڪ زوريءَ آندائين. هونئن هڪ اڌ ڏينهن ۾ ڪانئس ٻيون ڳالهيون ٻولهيون بہ پڇيون هئم ان ڪري هرويرو بہ ڪا اوپرائپ نہ رهي هئي. چيائين "منهنجو مڙس دڪاندار وٽ نوڪري ڪندو آهي ۽ ٻہ ٻار اٿم. هوٽل ۾ جيڪو ڪجهہ بہ ڪريان ٿي سو منهنجي ڊيوٽيءَ جو حصو آهي. شام جي پنجين ڪان رات جي ڏهين تائين ڪائونٽر تي هوندي آهيان ۽ پوءِ جي ٽن ڪلاڪن جي اڳواٽ خبر نہ هوندي اٿم. تہ ڪٿي "ڊيوٽي" لڳندي رات بہ ڊيوٽي پئي ڏنم." پڇيومانس: "پگهار گهٽي اٿئي" چيائين "اٺ سؤ رپيا." ۽ هيڪر وري مٿو ڦرڻ لڳم. بہ چار منٽ ڪائونٽر تي هيٺ منهن ڪيون بيٺو رهيس. هن سان اکيون ملائڻ جي همت نہ پئي ٿي. جڏهن منهن مٿي ڪيم، تہ هن اها ئي مرڪ ڏني پر هن ڀيري مرڪ ڪوڪلي هئي. ائين لڳم ڄڻ پنهنجي خوشيءَ سان مرڪڻ جو موقعو

ڪونهي. هڪڙي ئي مرڪ ڪي هن پيري نقل پئي ڪيم. سڀ جون سڀ پڪڙجي پيل مرڪون. ڪيس رڳو "ساري" چئي سگهيس ۽ اتان هليو ويس.

جيئرين ديوين ڪي جيڪڏهن هلڪو تپ به ٿي پويءِ ته اهو سڄي ملڪ لاءِ خراب سنئوڻ آهي، ڪنهن هچا پوڻ جي نشاني آهي، باقي هي انهن ديوين جون سهيليون ڏهاڙي پنهنجي عزت نيلام ڪن، ته ان ڪي ملڪ ۾ سياحت ۽ سير سفر جي ترقي لاءِ سٺو سنئوڻ سمجهيو وڃي. سچ پچ ڦرلٽ، ڏاڍ ۽ ننگ جي نيلامي جي آڏار بيٺل معاشرا پنهنجي وجود جو حق ختم ڪري چڪا آهن. ڪين هڪڙي ڪنهن اهڙيءَ لت جي ضرورت آهي، جنهن سان ڍيري ٿي پون.

اسان جي بس وڏيڪ چاڙهيون چڙهڻ لڳي. دولي خيل پهچڻو هو. پاسن کان هيٺاهيون هيٺ کان هيٺ ٽينديون ويون.

نيرڙي ٽيهريءَ ڏاري هڪ پاسي هيٺاهيون ۽ ٻئي پاسي مٿاهيون هيون. مٿاهيون سامهون ۽ هيٺاهيون پٺيان هيون. پيرين پنڌ هڪ مٿاهينءَ تي اسان کي چڙهڻو هو ۽ سؤ ڪن ٻرانگهون پريهه اڪيلي ٿهيل هوٽل تي پهتاسين. هوٽل جي عمارت ننڍي پر خوبصورت هئي. اهو هوٽل هڪڙي ماڻهوءَ جو ڪارنامو آهي، جيڪو پنهنجي ٻن جوان ڌيئرن سان گڏ اُن جو انتظام هلائيندو آهي. بجليءَ لاءِ جنريٽر آندا اٿائين ۽ پاڻي به الائي ڪٿان ڇڪي آيو آهي. ٻئي سهڻيون نوجوان ڇوڪريون وار ڪوليون جين جا سوٽ ۽ ولايتي شرٽون پايون ويٺيون هيون (تنئور جهڙيون اکيون ڪيڏيون؟)

آءٌ اڪيلو هوٽل جي پٺيان واري جابلو چوٽيءَ تي چڙهي سڄ لهڻ جو نظارو ڏسي رهيو هوس. سامهون "ڪنچن جنگا" نالي هماليائي چوٽي هئي. اٺاويهه هزار به سئو اٺ فوٽ اوچي چوٽي، جيڪا ايوريسٽ کان ٽئين نمبر ۽ ڪي ٽو (ڪشمير) کان ٻئي نمبر تي آهي. تنهن سان دوبدوٽي بيهڻ جو پنهنجو هڪ مخصوص رعب ۽ ڌڪاءُ هو. جبل جڻ ائين پئي چيو ته "ماما نه ڪرين ها، ته سرنهن جيڏا داڻا ڪريائين ها." برف سان ڍڪيل چوٽي ڪڪر وانگر مٿيري ٽيو جڻ پاڪر ۾ جهلڻ لاءِ آتي هجي. چٽائي ڏسڻ تي لڳو پئي جڻ جبل مون ڏانهن وڌندو پئي آيو. لهندڙ سج جا ڪرڻا جهڙو الماس ۽ ياقوت جي هيرن سان لڳي ائين ونڙيا پئي ويا جڻ سڄو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن دنيا ۾ روشنيءَ ڏيڻ جي انعام ۾ خاتون وٺي رهيا هجن سِجَ جي ڪرڻن جي ڇِچ ڌرتي ڪنوار ۽ مهيندي لڳل ڳاڙهه سري گهوٽ. سج جي وچ ۾ ڳانڍاپو ڪيو بيٺي هئي. سج جيُ آخري ڪني ڌرتيءَ کي مخاطب ٿيندي چئي پئي، "پاڻ هماليا جي پرئين پاسي وري ملاقاتي ٿينداسين" ۽ هيڏانهن پئي پاسي اونده ڌرتيءَ جي هن حصي کي ائين ڍڪيو ڇڻ رئي جو پلاند منهن تي چاڙهي آهلجي پوڻ جي سانباهي ۾ هجي. سج جي گم ٿي وڃڻ کان پوءِ به ڪنچن جنگا جي چوٽيءَ جو پريون حصو تجليون پيو ڏئي، ڇڻ ويندي ويندي، سج وري اچڻ جو واعدو ڪندو هجي. مان به اتان لهي آيس. هوٽل جي ٻاهران مُڇيون تاهي بيهندڙ همراهن سان گڏجي ويس. چانهه پيئڻ کان پوءِ، جڏهن ٿڌي هوا سيني جا ڪن ٺارڻ شروع ڪيا، ته سيئي ماڻهو ريستورنٽ اندر وڃي ويهي رهيا.

آءُ هوٽل جي ٻاهران، عمارت جي هڪڙي وڏيل ڪنڊ تي اونده جي پاڇولن ۾ مانتيڪن جبلن ڏسڻ لاءِ ويهي رهيس. جبل ائين گهرا ۽ ڪاراٽيل ٿيندا پئي ويا ڇڻ اونداهن پاڇولن جا مائٽ هجن.

منهنجي هڪڙي ڪلهي جي پاسي وٽان هڪ چوٽيءَ تي وڻن جو جوڙو هوا جي جهوٽن تي هڪٻئي کي ڳرانڙيون پائي، ديوي ديوتا جي ناچ کان به پوتر رقص ڪري رهيو هو. گهٽو هيٺ ڪنهن جهوپڙيءَ مان ٻن نيپالي عورتن جي ڳالهائڻ جو آواز ڪڏهن پٽڪات ۽ ڪڏهن چتائيءَ سان ڪنن کي چير جي چمڪار وانگر اچي ٿي لڳو. ٻن پهاڙي عورتن جي آواز جي موسيقيت ۾ ڪتي جي ڀونڪات خلل پئي وڌو چاڪاڻ ته ڪتي جي آواز ۾ پڙاڏا هئا، جهڙو جبل ان ڪتي جي اڳيان لائوڊ اسپيڪر جي مائيڪن وانگر خاموش بيٺل هئا، ۽ ڪتو تقرير ڪري رهيو هجي، ۽ وڻ هوا جي جهوٽن تي ڪنڌ ناڪار ۾ لوڏي ڪتي جي تقرير کي سچ مڃڻ کان نابري واريندا هجن. اهو ڪتو مون کي سڄي دنيا جي ڪوڙن ماڻهن جو عيوضي پئي لڳو. ڪڏهن ڪڏهن هوا جي سٽ ۾ ٿوري تبديليءَ تي مٿي اُڀا ٿيندڙ ٺار ڇڻ ڳات اوچو ڪري ڪتي کي چوندا هجن "تون ڪير ٿيندو آهن" وڻ اونده ۾ ڍڪبا ويا ۽ ڪتي جي ڀونڪ جاري رهي ۽ پوءِ اوچتو گرڙات ڪري ڪتو ماٺ ٿي ويو شايد گهر ڀاتين سوٽي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنئين هجيس، يا لُور لُور ڪندو پؤنڪڻ جو اُجورو وٺڻ هليو ويو هجي. پؤنڪڻ مهل ان ماحول ۾ ڪتي جي ڏاڍي لئي هئي، پر مهمان هڪڙي لٺ جو هو.

اڍ ڪلاڪ کن هيڪلائيءَ ۾ ويهڻ کان پوءِ جڏهن هوريان هوريان پنهنجي، لاما ٿيندي وڃڻ جو احساس ٿيو ته وري اچي خلقت ۾ ويهي رهيس. هيڪلائي پسند هئڻ جي باوجود ماڻهو ماڻهن سان ئي ٺهي ٿو پوءِ کهڙن ماڻهن سان؟ تنهن جي چونڊ تي ڪڏهن اختيار ڪو نه هوندو آهي.

پاڪستان جو سياحت کاتي جو وزير نياز محمد ارباب به اتي ئي هو ۽ نيپال ۾ سياحت جي ڏس ۾ سرڪاري دلچسپي ڏسي ڪجهه متاثر به ٿيو. ڳالهين ۾ مون ساڻس موهن جي دڙي جي سنڀال لاءِ مقرر ٿيل عملي جي بي ڌيانيءَ جو ذڪر ڪيو. کيس ٻڌايم ته ڪيئن دڙي جا اهڙا اهم هنڌ ميساريا ٿا وڃن. جيڪي تاريخ جي هڪڙي ئي قلمي نسخي واري حيثيت رکن ٿا. جيڪي ورق گم ٿيا ته تاريخ جو اهو باب ئي ڇُٽو. هن صاحب افسوس ظاهر ڪندي چيو ته اسان وٽ گهٽا ماڻهو ته اهڙا به آهن جيڪي موهن جي دڙي کي پنهنجو تاريخي ورثو مڃڻ لاءِ تيار ئي ناهن. مون کيس چيو ته "موهن جو دڙو انهن جو تاريخي ورثو آهي به ڪو نه"

رات جي ماني کائي نوين ڏاري دولي خيل کان واپس کٽمنڊو روانا ٿي وياسين ۽ ڪلاڪ ۾ واپس هوٽل پهتاسين.

ٻي ڏينهن يعني ارڙهين اپريل تي صبح جو ڏهين وڳي ٻڌاناٿ ڏسڻ وياسين. کٽمنڊو ۾ هڪ وڏو ٻڌ اسٽوپا آهي. ايڪڙ کن جيتري ايراضيءَ ۾ ڦهيل وڏو قبو حياتيءَ ۾ پهريون ڏٺم. قبي جي اندر ڪجهه ئي ڪو نه هو نه وري اندر وڃڻ لاءِ ڪو دروازو يا دري هئي. قبي جي مٿان وچ ۾ چوٽيءَ تي هڪڙي ٽلهه جهڙي ڏاڪڻ ڦهيل هئي ۽ ان ٽلهه تي به ايڏيون وڏيون ڪليل اکيون ڦهيل هيون جن جي ڪڏهن ٻوٽجڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿي ٿيو. انهن اکين ۾ سونهن، لڄ ۽ رحم جون ڪيفيتون پريون ويون هيون ان ڏاڪڻ جا يارهن ڏڪا هئا ۽ ٻڌمت موجب اهي نرواڻ جون منزلون آهن. ٻڌمت ۾ انساني چوٽڪاري جي ذميواري انسان تي آهي. ماڻهو رڳو پنهنجا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

افعال سڌاري پئي ڪنهن جي اڳيان حساب ڪتاب ڏيڻ کان ڇٽل آهي.

ان مهل برسات وري ڌرتيءَ تي ڇٽڪار شروع ڪري ڏنو ۽ اسان سڀ اسٽوپا جو گول چڪر هٽنديءَ اسٽوپا جي پلوپڙي ۾ لڳل ڦرٽين کي هٿن سان ڦيرائيندي گهمي آيس. چون ٿا، ته ٻڌمت جا پوئلڳ اهي ڦرٽيون ڦيرائي روحاني سڪون حاصل ڪندا آهن. ڦرٽيون ڦيرائڻ سان جيڪڏهن روحاني سڪون ملي ها ته سنڌ جي ماڻهن کي ضرور ملڻ کپندو هو ڇو جو اسان وٽ به "آءُ ته لاتونئڙو ڦيرايون" جو رواج آهي. ان ڪري مون اهي ڦرٽيون رڳو مهاتما گوتم جهڙي وڏي ماڻهوءَ سان پنهنجي لڳاءَ سبب هٿ هٽي ٿي ڦيرايون. جنهن مذهبي پوپن ۾ انسانن کي آڙاهه ۾ وجهڻ واري فڪر ۽ سرشتي خلاف سرڪشي ڪئي هئي. اها ٻي ڳالهه آهي ته زندگيءَ متعلق مان هن جي "سروم دکم دکم" واري فلسفي سان متفق ڪو نه آهيان. انسان جي پيڙائن جي اڻ کٽ هئڻ ۾ پنهنجو ويساهه ڪونهي. فطري صورتحال کان نڪري سماجي ڏاڍاين خلاف هميشه سينو تاڻي آپڙي آيل انسان پنهنجي خوشحال ماڳ ڏانهن هميشه سفر جاري رکيو آهي، تنهن ڪري انسان عظيم آهي. "دکم دکم" ايڏي اينگهه نه وٺي سگهندي

اسٽوپا جي ٻاهران ڪجهه دڪانن تي سودي سلف وڪڻڻ لاءِ عورتون ويٺيون هيون. وٽن مجسما، مٽڪا ۽ ڪنٺا رکيل هئا. اُتي ئي هڪڙي دڪان تي بانس جي ڪاٺ مان ٺاهيل جون ٺهيل سهٽيون پليٽون به رکيون هيون.

اسٽوپا کان پوءِ بنا شيڊيول هڪڙي چانهه پارٽيءَ ۾ ويٺو پيو. اها دعوت هوٽل تارا گاؤن جي انتظاميا پاران ڏني وئي هئي.

بس مان لهي جيئن سامهون واريءَ عمارت تي نظر پئي ته ڄڻ هزارين ورهيه اڳ موهن جي دڙي جي ڪنهن ٺهيل نڪيل گهر ۾ داخل پئي ٿياسين. اهو تارا گاؤن هوٽل هو. سڄي عمارت ڳاڙهين سرن سان بنا پلستر جي جڙيل هئي. فرش واريون سرون به اُڪريل هيون. جن تي هلڻ مهل کڙڪاٽ پئي ٿيو. ننڍا ننڍا ڪمرا اڌ گول جي شڪل ۾ ٺهيل هئا ۽ دروازن وٽ مٿان ڪماني ونگ لڳل هئا. ڪمرن ۾ گهڙڻ سان محسوس


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئي ٿيو تہ موهن جي دڙي جي ڪنهن دراوڙ جي گهر ۾ داخل ٿيا آهيون. جتي ٽيليفون بہ لڳل آهي.

هوٽل جي عملي ۾ هڪ اڌ مڙسالي ڪانسواءِ باقي سڀ وينگسون هيون. جن هٿ ٻڌي نمستي ڪئي ۽ خدمت چاڪريءَ ۾ لڳي ويون

اهو هوٽل نيپال جي صنعتن جي ترقيءَ واري ڪارپوريشن قائم ڪيو آهي. سنگل ڪمري جي بنا نيرن يارهن ۽ نيرن سان چوڏهن ڊالر مسواڙ آهي. هوٽل جي آسپاس ٻهراڙيءَ وارو ماحول آهي. تنهن ڪري صنعتي دنيا جي چيٽاڙجندڙ ماڻهن لاءِ آرام سان ڪجهہ ڏينهن گذارڻ واسطي پلي جاءِ آهي. قديم تهذيبي جهلڪ جهڙي هن هوٽل تي بہ آمريڪي ڊالر جو قبضو آهي. نيپال جي زندگي بہ ڊالر ۾ بند ڪئي وئي آهي. پنتي پيل سڄي دنيا ڊالر جي گهيري ۾ آهي. ڊالر ماڻهن ملڪن ۽ حڪومتن کان الائي ڪهڙيون ڪهڙيون مشڪريون پيون ڪرائي. ڊالر پنتي پيل ملڪن سان اهڙو ڳانڊاپو رکيو آهي جهڙو عرب شيخ ڪئڊلڪ ڪارن ۾ پاڻ سان ٻڪر گڏ کڻي هلندا هئا.

اتان موڪلائڻ کان پوءِ صنعتي ترقيءَ جي ڪارپوريشن پاران شالن ۽ ڪمبلن ٺاهڻ واري هنڌ تي نيو ويو پر مهانگو اهڙو جو جنهن شيءِ ۾ هٿ وجهجي پيو سان ڏنگي پئي وجهي. تڏهن بہ ڪن ماڻهن ڊوءَ تي خريداريون ڪيون. اپريل مهيني ۾ سياري جي خريداري بہ ڊالر جا مغز ڦرياٽپ وارا ڏنڊا!

هڪ وڳي رائل نيپال ايئر سروس پاران هوٽل انا پورنا ۾ لنچ هئي. کٽمنڊو ۾ هي ٽيون فائيو اسٽار هوٽل آهي. جنهن جي سامهون پرسان ٽي پي آءِ اي جي آفيس بہ آهي. اڳيان ڦٽ پاٿ تي اگهاڙا ڪاري رنگ جا بيروزگار قبائلي پلٿيون ماري ويٺا آهن. رستي تي سائيڪل رڪشا ۾ پوڙهي انگريز ۽ ڪراڙي ميم صاحبا کي چڪيون ويندڙ همراهہ کي پئڊل ڦيرائيندي ڳڌيون پئجي ويون آهن. ۽ هي ٽيون فائيواسٽار هوٽل. عبدالقادر جوڻيجي جي ٽي وي ڊراميءَ "راڻي جي ڪهاڻي" جي هڪ ڊائلاگ وانگر "ڳالهہ آ جٽ آ"

هوٽل جي ٻاهرئين دروازي اڳيان فٽ پاٿ تي هڪڙو همراهہ مور

ليڪا پائيندا آهن. جيئن ڪو بيو نہ ڪٽي سگهي. انساني اخلاقيات جو هڪ معصوم نمونو اهو سڀ ڪجهہ پري هئڻ جي باوجود نيپال جي ڏتڙيل علائقن جون ڳاجي کهاوڙ سان گهٽيون هڪجهڙايون هيون.

شام جو ستين وڳين هوٽل شيراٽن ۾ پاڪستان جي سفير مسٽر ابوالفضل پاران صحافين کي رسيپشن ڏني وئي هئي. تيار ٿي اچي اوڏانهن رواني ٿيڻ لاءِ ويٺاسين. ان مهل ڏاڍي زور واري برسات پئجي رهي هئي. اسان واري هوٽل تي ان مهل مرسڊيز ڪارن جي يلغار هئي. بس اچڻ ۾ ڪجهہ دير هئي، ان ڪري ويٺا رهياسين ۽ ڪار منجهان نيري يونيفارم تي جهنجيل بڪلن ۽ ڳاڙهي منهن وارو رعبائتو شخص لٿو تہ اسان جي قافلي منجهان هڪڙي همراهہ نڪاءُ وجي فوٽو ڪڍيس. يونيفارم واري شخص ڇرڪ ۽ ڪاوڙ سان ائين نهاريو ڄڻ هٽلر جو پاءُ هجي. بعد ۾ خبر پئي تہ نيپال ۾ اسرائيلي سفير هو ۽ فوٽو وارو همراهہ ڏاڍو شڪي ٿيو. هوٽل ۾ اسرائيلي سفارتخاني پاران ڪو ڪاڄو رٿيو ويو هو ۽ ڪارن جي يلغار بہ ان سلسلي ۾ هئي.

رسيپشن ۾ هرڪو مڇيون ڏاهيو پيو ڪچهري ڪري اسين بہ ٻہ چار ڄڻا هڪڙي ڪنڊ جهليو ويٺا هئاسين. هڪڙو فل سوٽ پهريل اچي مٿي وارو شخص اسان واري چوڪڙي ڏي وڌي آيو ۽ ڏاڍي قربائتي لهجي ۾ چيائين "دل ٿي چوي اوهان نوجوانن سان ڪچهري ڪريان. ڪيئن!" پوءِ پنهنجي واقفيت ڪرايائين. "پروفيسر ڊاڪٽر شرما" سچ پچ هن سڀاجهي ۽ قربائتي ماڻهوءَ سان ڳالهائيندي ڏاڍو مزو پئي آيو. مون کي سائين محمد ابراهيم جويو ياد اچي ويو. هو کٽمنڊو جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ پروفيسر آهي. پڇيو مانس "مريضن سان بہ ائين ئي پلي نموني پيش ايندا آهيو؟ کلي ڏنائين. چيائين "مريض ۽ ڏتڙيل ماڻهو ڏسي ڏسي ائين ٿيو آهيان. جيئن اوهان جي سامهون ويٺو آهيان." ڊاڪٽر شرما سان نيپال ۾ بيمارين جي قسمن ۽ علاج جي سهولتن تي خبرون چارون ڪندا رهياسين. اوچتو اسان مان هڪڙي همراهہ کي الائي ڇا ٿي ويو جو ڊاڪٽر کي چئي ويٺو "توهان جي ملڪ جا ماڻهو ڏاڍا مطمئن ۽ خوش ٿا ڏسڻ ۾ اچن" ڊاڪٽر شرما جهڙي خوش مزاج ماڻهوءَ جي منهن جو رنگ لهي ويو. ڏٺم تہ سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيهه جي ماڻهن کي ”مطمئن“ ڪونجڻ تي ڪيس روحاني ضرب رسي هئي. اهڙين اڪين سان، همراهه کي ڏنائين ڇڻ چوندو هجي ”ادا مون توکان اٿين چوائڻ ٿي ڪو نه ٿي گهريو ته اسان جي ملڪ جا ماڻهو خوش ۽ مطمئن آهن.“ پاڻ تي ڏاڍو ضابطو رکندي چيائين ”ٻه چار ڏينهن اسان جي ڏيهه ۾ رهي اهڙو قطعي رايو اوهان کي نه ڏيڻ گهربو هو. اسان قربائتا آهيون، ٿنهنجو ڪهڙي جدول سان اوهان مطلب ٿا ڪڍو ته اسين مطمئن آهيون.“ هن کي نراس ڏسي اسان ٽٽان ڦٽان ۾ اچي وياسين. مون ڪيس پهتل ڏک جي معافي ورتي. اسان واري همراهه جي اها ڳالهه مون کي ٻه ٽڙ وانگر ياسي هئي. پر ”اسان“ وارو همراهه جيئن ته پاڻ مطمئن طبقي جو ماڻهو هو تنهنڪري هن کي جاڏي ڪاڏي اطمينان پئي نظر آيو.

ڏکويل ڊاڪٽر شرما کان موڪلائي، شيراٽن هوٽل کان ساڍي ائين وڳي کن پنهنجي رهڻ واري هوٽل ڏانهن ورياسين.

هيءَ پنهنجي اتي آخري رات هئي ۽ اسان جي ميزبان هوٽل، سولٽي اوبيراءِ پاران اُن رات ڊنر جو انتظام ڪيو ويو هو جيڪا هونئن روزانو پيي آءِ اي جي خرچ تي ڪندا هئاسين.

اهو هوٽل ڏاڍو سٺو هو ۽ سمورا انتظام ”وڏن“ ماڻهن جي رهڻ جهڙا سٺا ٿيل هئا. جيڪو وزير اسان سان گڏ هليو هو سو ٻه هتي ئي رهيل هو پر پهرئين ڏينهن هوٽل جي عملي پاران جيڪو قرب مليو هو اهو هوڙيان هوريان اڻ لکي ۽ محسوس نه ٿيندڙ نموني سان گهٽبو ويو. هونئن هنن اشرافن جي منهن ۾ ڪو گهنج ڪو نه هو ۽ نه ئي آدابن جي ڪا پيچڪڙي پئي ڪيائون، پر تڏهن ٻه هنن جي مرڪ ڪاروباري انداز کان ٻه وڌيڪ هٽرادو هئي. يعني اسان ماڻهن جي سامهون خوش خلقي ڏيکارڻ لاءِ ڪلڻ واسطي، لڳو پئي ته پاڻ تي ڪين ڏاڍو زور آڻڻو پيو پوي، سبب اهو هو جو اسان مسڪينن کان هنن مسڪينن کي ڪجهه هڙ حاصل ڪو نه پيو ٿئي. اهو ٻه ممڪن آهي ته هو سمجهندا هجن ته هي همراهه سڄي لئي مفت ۾ پيا ڪن. هي ٻه ٻي ڏوهي هئا ۽ قصور اسان جو ٻه ڪو نه هو. ٻنهي کي وقت اچي هڪڙي اهڙي موڙ تي بيهاريو هو. ڊنر جو انتظام هڪ وڏي هال ۾ ڪيو ويو هو ۽ ڏهين وڳي کان سڀ اچي اتي ڪٺا ٿيا. مهمان ٻه ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميزبانن به رسمي لفظن ۾ ڪجهه تقريرون ٿيون، ۽ تاڙيون وڳيون، جن ۾ ٿهڪو ته هو پر موسيقيت ڪا نه هئي. سبب هو ته اهو سڀ ڪجهه گراهڪيون پڪيون ڪرڻ لاءِ پئي ٿيو. پلي ائين هجي ته به نيڪ، ڪراچيءَ جا دڪاندار ته سنئين منهن ڳالهائيندا به ڪونهن. ماڻهن کي ٻه ٻول پيار جا ٻڌائي قرب سان کين ڦري ڪٽيو ڪائن تڏهن به چڱو.

مانيءَ ڪائڻ ڪان پوءِ خبر پئي ته موسيقي ۽ ڊانس جو پروگرام به آهي. گهڙي کن ۾ ئي ڪرسيون ڍوئجي اچي هڪ پٽ ۾ ئي ٿهيل اسٽيج اڳيان پيون.

ناچ ۽ موسيقيءَ جا اسم وچو واڙي ڏيکاريا پئي ويا. نيپال جي لوڪ موسيقي ۽ لوڪ ناچ جنهن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي مون کي ڏاڍي خواهش هئي. لوڪ رقص ۽ لوڪ موسيقي هر قوم جي معاشي، سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ جو اظهار هوندي آهي ۽ ان ڪري اهي ڏسي، ڏسندڙ قوم جي روح ۾ ليئو پائي سگهي ٿو.

غور سان ڏسڻ تي ناچ جو هڪڙو هڪڙو اسم هڪ ڪهاڻي ٻڌائي پئي ويو. هڪڙو مرد رقاص ۽ ٻيون ننڍي ۽ وچولي قدم جون چار پنج ڇوڪريون، هر ڀيري نئين لباس ۾ اچي رقص ۾ نيون نيون ڪهاڻيون پئي ٻڌايون. اهي سڀئي زرعي معاشري وارا ۽ جابلو زندگيءَ جا ناچ هئا. هڪڙي ناچ ۾ فصل جي پوکائي شروع ٿي ٿئي ۽ اشارن اشارن ۾ فصل پچي ٿو ۽ هو لڻجي به وڃي ٿو. ان ناچ جي وچ ۾ هڪڙا اهڙا مرحلا به اچن ٿا، جتي مڙسالو سست ٿي ٿڪجي ويهي ٿو رهي ۽ زال ڏنڊو کڻي اچي ٿي مٿان بيهيس. همراهه ايلاز منٿون ڪري ٿڪجڻ جو بهانو ٿو ٻڌائي، پر عورت کيس شرمائي ٿي ته تون آڪڙ ٿيڳر جي ٻاهر ٿو نڪرين ۽ مان هيٺي عورت ٿي اهو ڪم ٿي ڪريان، لڄ نه ٿي اچئي؟؟؟ همراهه ڪاوڙ ۾ ٽپ ڏئي اٿي ٿو ۽ ڏاڍي جوش سان ڪم ۾ جنبي وڃي ٿو جنهن تي سڀئي عورتون خوش ٿي سندس پٺي پٺرن ٿيون ته همراهه جون واڇون ٽڙي ٿيون پون ۽ هو اڃا به وڌيڪ شوق سان ڪم کي لڳي ٿو وڃي.

هڪڙي ٻي ناچ ۾ زال پنهنجي مڙس کي شراب پيئڻ نه ٿي ڏئي. هو کيس ايلاز ٿو ڪري، پر مائي نه ٿي مڃي. مڙس زور آوري ڪري، زال کي

نيپالي ٻوليءَ ۾ راڳ. ڳائڻ وارن ۾ نيپال جي هڪ مشهور ۽ وڏي ڳائڻي مس تارا ٿاپا هئي. هن جنهن ڏيان. يڪسوئيءَ ۽ سڪ سان پنهنجي ٻوليءَ جي لفظن کي موسيقيءَ جو ويس پئي ڏڪايو. تنهن ٻولي نه سمجهڻ جي باوجود. جذبن ۽ احساسن جو ڀرپور اظهار پئي ڪيو. چاڪاڻ ته پيار ۽ محبت ڀريءَ جذبن جي ترجماني رڳو لفظ ڪونهن ڪندا. رڳو هڪڙي مرڪ ئي سڀ راز پڌرا ڪري ڇڏيندي آهي.

مس تارا ٿاپا اردوءَ ۾ ٻه ٽي غزل ٻڌايا ۽ پڇاڙيءَ ۾ "سنڌڙي دا شهباز قلندر" ڏاڍي سڪ سان ڳائي ٻڌايائين. خبر نه هئي ته ڇا هو جو جڏهن. "سنڌڙي" لفظن اچاريائين ٿي ته مون کي پنهنجي جسم مان ڪرنٽ جي لهر ڊوڙندي محسوس ٿي ۽ بي اختيار رڙ نڪري وئي. سواءِ پروٽوڪول جي ڪنهن خيال ڪرڻ جي. ڪٽمنڊوءَ ۾ لفظ سنڌ. پروٽوڪول جي احتياط کان مٿي چڙهي ويو هو ۽ اها ڳالهه محسوس ڪري منهنجي دل خوشيءَ جي احساس ۾ اچا ٻه ڦوڪجي وئي. محبتون ۽ جذبا يگانا هوندا آهن ۽ انئين هجڻ جو ڪين حق ٻه هئڻ گهرجي. سچي دنيا سان محبت ڪرڻ جو فرض اتان ئي شروع ٿئي ٿو.

رات جو ٻارهين ڏاري محفل پڇاڙيءَ کي پهتي ۽ پاڻ وري پنهنجن ڪمرن جي وات ورتي. هڪ وڳي ڌاري وچي سمهڻ ٿيو ۽ سمهڻ کان اڳ فون تي صبح جو ڇهين وڳي ننڊ مان جاڳائڻ واري گهنٽي ڏيڻ لاءِ چيم. سچي ڏينهن جي هڻ هٽان کان پوءِ ٻه ننڊ نه پئي آئي ۽ "سنڌڙي" لفظ تي پنهنجي جذباتي ٿيڻ واري ڳالهه ياد ڪري هر هر مُرڪي پيو پوان عجب ٻه لڳيم پيو ۽ خوش ٻه ٿيان پيو. پنهنجي ڌرتيءَ سان هوئڻ ٻه بنا ڪنهن شرط شروط جي پيار هئڻ گهرجي. ڪن انوکن واسطن وجهڻ جي ان لاءِ گهرج ڪانهي هوندي.

صبح جو ڇهين وڳي ان ڪري اٿيو هو جو جيڪا ڳالهه ٿيڻ واري هئي. سا لازمي طرح مون لاءِ سچي حياتيءَ ۾ پلئه پيل ڳالهين مان هڪ آهي. اسان جي دوري جي منتظم پي آءِ اي جي پبلڪ رليشنز واري مئنيجر مسٽر خالد بٽ اڳ ئي ٻڌايو هو ته جيڪڏهن موسم ۾ ڪا گڙٻڙ نه هوندي ته نيپال ۾ هماليائي چوٽيون ڏسڻ لاءِ رائل ايئر لائينز جي هڪ

هنن جبلن جي دنيا، انهن جو مزاج ۽ معاشرو بنهه انوکو ۽ پنهنجي قسم جو پٺي لڳو. سيئي وڏيون چوٽيون آسمان ڏانهن مٿي منهن ڪيون، ڊرتيءَ وارن سان ڪاوڙيون بيٺيون هيون. ۽ هنن جي اها روش پڌائي پئي ته سندن پيرن جي اوسي پاسي ۾ جيڪو ٿئي پيو سو کين ڪو نه ٿو وڻي. ڪاوڙيل ۽ مٿي ڦريل هنن جبلن جي ان ورتاءَ ۾ گهڻي حد تائين سچائي به نظر پئي آئي. جڻ هنن ارڏن، اڙبنگ ۽ اڏول جوانن جو چوڻ هجي ته "اسان جي صبر ۽ همت کي ڏسي به انسان جي دل جي هيٺائي ختم نه ٿي آهي. ۽ اسان جي هوندي به انسان پنهنجي لاءِ غلاميءَ واري صورتحال کي قبول ڪيو ويٺا آهن. باقي اهي "پاڙيا" ماٺهو چڙهي اچي اسان جي ڪنن وٽان پٽڪات ڪندڙ جهاز ۾ لئي ڪندا گذريا پيا وڃن. اهڙن ماڻهن سان سنگت ناهي."

پر پوءِ به هنن جي رُکائيءَ ۾ پنهنجائپ بهرحال هئي ۽ انسانن مان آسرو ڪو نه لاٿو هئائون. پنهنجي ڳالهه پڌائڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجا پير چوري، چپن جيڏا ٽُڪرا ماڻهن مٿان اڇلي کين چتاءُ ڏيندا آهن ته "سڌرو! نه ته اسان جي مڪمل ڪاوڙ جي سٽ ڪو نه سهي سگهندؤ" پر هنن جي رسامي واري انداز منجهان لڳو پئي ته هُو انسان مان نراس ناهن. اسان وچي سندن پاڻ ۾ ڪچهريءَ کي رنڊائي وڌو هو ۽ هو اسان کي ڏيکارڻ پيا گهرن ته "ڏسو اسان اوهان سان ڳالهائڻ نه ٿا گهرون.... پيلي اهڙا ٿيو جو اسان به توهان سان ڳالهائي سگهون." هڪڙي هنڌ مون کي اهو تاثر مليو ته جبل پاڻ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي لايون ويٺا آهن ۽ صدارت ايوريسٽ پئي ڪئي.

جهاز ۾ اوير پاسي ويندي، هي سلسلو مون واري سيٽ جي ڪابي پاسي کان هو. هڪڙي چوٽيءَ تي به پهاڙيون هيون ۽ ان چوٽيءَ جو نالو آهي "گوري شنڪر". ٻئي چوٽيون هڪ ٻئي سان لڳو لڳ هيون. هڪ چوٽي ننڍي هئي ۽ ڪنوار وانگر جهنڊ هيون ويٺي هئي. "گوري" ۽ ٻي چوٽي گهوٽ وانگر ڳاٽ اوچو ڪيل هئي، سا "شنڪر."

جهاز ۾ واري واري سان ٻين ماڻهن کي سيٽ تان پائلٽ واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصي (ڪاڪ پٽ) ۾ وٺي تي ويا. جيئن هڪ ٻه منٽ سامهون ٻيهي وڏيڪ چٽائي سان ماڻهو انهن چوٽين کي ڏسي سگهي منهنجو وارو ان مهل آيو جڏهن ايوريسٽ چوٽي پنهنجي سچي سٽ ڪان مٿاهين ٿيو بيٺي هئي. هيءَ چوٽي اوڻٽيهه هزار اٺاويهه (29028) فوٽ اوچي آهي.

مائونٽ ايوريسٽ جو ايڏو مٿي هجڻ هڪ دائمي ڪارنامو آهي، ڪي ٻه ساليانا مقابلا اهڙا ڪونهن جن ۾ هو هارائي پنهنجي حيثيت وڃائي ويهي. ايڏي عرصي تائين هڪ ٽنگ تي بيهي پاڻ کي ان اوچائي تي قائم رکڻ لاءِ ايورسٽ جي جيڪا محنت آهي، سان انهن پاڙي ماڻهن لاءِ اٺٽيهه هزار فوٽن ڪان ٻه اوچو مثال آهي، جيڪا بنا محنت جي لٽ ڪٽي، ماڻهن جا مٿا پيچي اعلان ڪندا آهن ته اسان سڀني ڪان اوچا آهيون. ماڻهو ايورسٽ ڪان ٻه اوچو آهي پر ائين ٿيڻ جي وات اها ڪانهي هوندي!! ايوريسٽ ۽ سندس سچو سٽ، جو ڌرتيءَ ڪان ڪاوڙيو منهن مٿي ڪيو ۽ ڪنن تي هٿ رکيو بيٺو آهي، تنهن جو ڪارڻ ئي ڪوڙ تي آڪڙجڻ وارا ماڻهو آهن.

وڏن جبلن جي هيٺان، ننڍا جبل هنن جا ٻچا لڳي رهيا هئا ۽ ڪڪر، انهن وڏن پهاڙن جي گوڏن تان گسي ائين پئي لنگهيا ڄڻ هنن باغي ۽ سرڪش جبلن کي ريجهائڻ وارا ڪي ايلچي هجن، ۽ جبل جهنڊا ڪٽي ٻاهر نڪرڻ ڪانسواءِ ٻي ڪنهن ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ئي نه هجن.

اڌ ڪلاڪ تائين هوائي جهاز هڪ پاسي هلڻ ڪان پوءِ وري واپس وريو. هاڻي اسان ڪان جبل ساڄي پاسي ته هئا. برف جي اڇن تنبن ۽ خيمن جهڙو اڻ ڪٿ نظارو جنهن ۾ ماڻهن جي نه هجڻ جو تصور ۽ جبلن جي ڪٽي ڪٽي نراسائيءَ واري حالت کي محسوس ڪنديءَ دل ۾ خواهش جاڳي ته هنن کي ٻه اسان وانگر زبانون هجن ها ۽ شل انسانن سان انهن جي ٻولين ۾ ڳالهائي پنهنجي ڪاوڙ لاهن ها، ته جيڪر چپون، ۽ لينڊ سلائيڊس سرڪائي هڪ وقت ڪوڙين ماڻهن جون حياتيون چٽ نه ڪن ها.

هاڻي جڏهن ٻه ريڊيو يا اخبار ذريعي ڪنهن پهاڙي چپ ڪرڻ سبب ويهن ماڻهن جي موت جي خبر پوندي آهي ته لڳندو اٿم ڄڻ انهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جبلن ۾ ڪي گورکا فوج جا ڪمانڊر به آهن. جيڪي نيپال جي مسڪين ۽ پورهيت ماڻهن تي پنهنجون اسٽين گنون تاڻي مٿن گولين جا وسڪارا ڪن ٿا.

نيڪي، بدي، رومانس، سرڪشي، قرب، حسد، نفرت پيار ۽ زندگيءَ جي قدرن سان ڏيٺ ويٺ رکندڙ اسان جي سماج واريون عادتون جڻ هنن جبلن ۾ به آهن. ڪڙي جبل ۽ اُن جون چوٽيون سخت اپيون ۽ وحشي پئي لڳيون. ڪي اِڪيلا جبل ائين پنهنجي ليکي پاڻ اُڀا ٿيا بيٺا هجن. پر ڪڙا اهڙا به جيڪي جڻ ڪنڌ جهڪايو صدين کان اوجاڳيل اکين سان ڏيان گيان جي ڌُن ۾ ويٺا لڪندا هجن. ائين ڪڙي پيري روڊ رستي ڪوئيٽا ويندي، بولان لڪ ٽپڻ کان پوءِ ڪوئيٽا کان ڪجهه اورتي به گهٽن ڏارن وارا پيڙا جبل ڏٺا هئم جن مان لڳو پئي ته ڪي پوڙها زال مڙس آهن. جن جي چهرن تي گهنج پئجي ويا آهن ۽ اڳيان انيڪ ننڍيون ننڍيون ٽڪريون جڻ هنن جي مال جو ڌڻ هجي.

بلاشڪ انسان انهن فطرتي مظهرن کان گهڻو متيرو آهي. هو پنهنجا ويچار تصور ۽ ورتاءُ انهن مظهرن تي لاڳو ڪري ٿو. ڪين علامتون ۽ اهڃاڻ بڻائي ٿو نه رڳو ايترو پر انسان ذات جي لاپ واسطي صدين کان انهن سان عملي طرح واسطي ۾ آهي. شڪار کان وٺي معدنيات تائين فطري ماحول سان هن جو لاڳاپو جڻ انسان لاءِ هڪ ضروري ڪم جي حيثيت وٺي بيٺو آهي. ۽ فطرت تي مڪمل سوڀ پائي وٺڻ هن جي سڀ کان اهم ۽ مکيه خواهش آهي. ماڻهوءَ ڪي جيڪو جڏهن به انسان چوائڻ جي لائق بڻيو ۽ پنهنجا داخلي ليکا چڪتو ڪيائين ته سموري سگهه سان اڳتي وڌندو. تڏهن ممڪن آهي ته انهن هيڏن پربتن جي اها جيڪا هيبت هاڻي آهي سا پوءِ نه رهي. انسان جي نفسيات ۾ عظيم ڦيرين گهيرين جي گنجائش آهي.

ڏهن ٻارهن ميلن جي ويجهڙائيءَ کان همالياڻي قطار جو چڪر هڻي واپس ٿياسين ته لهڻ کان ٿورو اڳ اسان سڀني کي چٻيل سرٽيفيڪٽ ڏنا ويا. جن تي لکيل هو "تصديق ڪجي ٿي ته هي شخص ساگر ماٿا (مائونٽ ايوريسٽ) جو دوست آهي، جو هن مائونٽين فلائيٽ ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترتيب ڏنو ويو ۽ اسان کي ان ذريعي رڳو تفريح نہ پر زندگيءَ جا نوان روپ ڏسڻ ۽ پڙهڻ جو موقعو مليو.

هي سڀ ڪجهہ جيڪو مون ڏنو "هلال" جي پڙهندڙن لاءِ چڱيءَ طرح ۽ سچائي سان سموهي ڀڏائڻ وارو امانت جو ڪم هو ۽ خبر ناهي تہ ان امانت کي ڪيترو نڀائي سگهيو آهيان. تڏهن بہ ڪوشش رهي آهي تہ گهٽ ۾ گهٽيون سچايون اڳيان آڻيان سفر تہ هونداڻي دنيا کي ڳنڍڻ لاءِ آهن. توڙي جو هن سفر مون کي ايڏو ٿڪايو جو لاڳيتو ٻن هفتن تائين هتي ننڊ ۾ پورت نہ پئي پوي. لڳم پئي تہ نيپال جي ڏتڙيل ماڻهن جي ننڊ پاڻ سان کڻي آيو آهيان. پر ويساهہ اٿم تہ منهنجو پنهنجو ڏيهہ ۽ منهنجي ڌرتيءَ جي ماڻهن جي اکين ۾ گهٽي ننڊ بدران گهٽي سجاڳي آهي، ۽ اهي ڪيپ لهندا.

❊❊❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مختلف

لکڻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

ڪن همراهن جو خيال آهي، ته سماج جي وڏن ماڻهن جي پرک انهن جي شخصي هلت چلت بدران، ڪنهن وڏي ڪارائتي ڪم ۾ سندن ونڊ يا حصي جي آڌار تي ڪئي وڃي. يعني ڪو فلاسافر آهي، ته فلسفي ۾ سندس ڪارنامن کي ڏٺو ۽ پرکيو وڃي. اديب ۽ شاعر آهي، ته ان جي پيش ڪيل تخليقن کي آڌار بنايو وڃي. ائين چوندڙ همراهه چڻ اهو ٿا ميرائڻ گهرن ته ڪو اديب آهي ۽ ساڳئي وقت ڊاڪٽر به آهي، ته ادب ۾ ماڻهوءَ ٽيڻ جي سلسلي ۾ هو جيڪي چڱيون ڳالهيون ڪري ٿو، تن کي مريضن سان سندن ورتاءُ تي لاڳو نه ٿو ڪري سگهجي. ان پاسي جيڪڏهن هو پلو ماڻهو ناهي، ته پرواهه ناهي، اديب سٺو آهي ته ڪنج تي ويا.

اهو بهرحال ڪو دليل ناهي، ته فلاڻي يا فلاڻي وڏي انقلابي، وڏي اديب فلاڻيون فلاڻيون غلط ڳالهيون ڪيون، پر انهن جي وڏائي قائم آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي، ته هڪ ماڻهوءَ جي ذاتي هلت چلت گهڻي محدود ٿي ٿئي. گهر ۽ پوءِ ٻاهر جتي ڪنهن ڪم ڪار يا نوڪري چاڪري سان آهي ۽ ٻيا سندس دوست- پر هو اديب هئڻ جي حالت ۾ جيڪو ڪجهه لکي ٿو تن ڳالهين کي سندس ذات جي پيٽ ۾ وڏيڪ جتاءُ ۽ بقا آهي. شخصي ڪردار جو اثر گهٽ ماڻهن تي ۽ لکٽيءُ جو اثر گهڻن ماڻهن تي پوي ٿو. پر ڇا اهو ڪو اهڙو دليل آهي؟ ته ڪو ماڻهو اديب پلو هجي، پر ماڻهو سٺو ناهي ته پرواهه ناهي. اهو به برابر آهي ته سندس شخصي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فنڪار وري پنهنجي ڏاهپ ۽ ڏانءَ کي انا ۽ پاٽپٽي ذريعي ڪئش ڪرائي ٿو. باوجود ان جي تہ هو گهر ۾ هڪڙو ماڻهو آهي، پنهنجي ڌنڌي ڪاروبار ۾ ٻيو ماڻهو آهي، ذاتي دوستن سان ٽيون ماڻهو آهي، هم خيالن سان چوٿون ماڻهو آهي ۽ عام ملندڙ جلندڙن سان پنجون ماڻهو آهي ۽ اڃا پنهنجي اندر ۾ اصل ۾ هو وري ڪو ڇهون، ستون، الائي اٺون ماڻهو آهي. هڪڙي ماڻهوءَ کي ڊاهي، ان منجهان ايترا بندرا ماڻهو ٺاهڻ جي آخر ڏاهن ماڻهن کي ضرورت ڇو ٿي پوي؟.

جڏهن اديب ۽ فنڪار معاشري کي ٺيڪ ٺاڪ ڏسڻ گهري ٿو تہ پوءِ هو پاڻ معاشري جي اقتدار پرست نفسياتي لاڙن جو شڪار ڇو ٿو ٿئي، سڏو ماڻهن سنئون ماڻهو ٿيڻ ۾ ڪهڙو عار آهي. وڏي اديب جو مطلب وڏو پروهت يا برهمڻ نہ هئڻ گهرجي. هاڻي جڏهن ٻين حالتن جا دٻاءَ گهٽا وڌي ويا آهن، تڏهن اهي طلسم ٽٽڻ کپن. آخر عام ماڻهن ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي.

❊❊❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پولار کي انسان ذات جي ڀلائي لاءِ ڪم آڻدو ويجي ۽ ان کي انسان جي تباهيءَ جو ميدان نہ بڻايو وڃي. ڇهہ قومن جو اهو هڪڙو گڏيل پڌرنامو آهي. ڳالهہ چڱي، پر عمل ۾ اچي تہ اخلاق واري ليکي سان ڪا ڪيڏي نہ چڱي ڳالهہ هجي، تہ بہ سگهہ اڳيان هيٺي، ڇو تہ اخلاقي ڳالهيون، رضاڪار ۽ پاڻمرادو اختيار ڪرڻ جهڙيون، يا ڪنهن کي پڏائڻ جهڙيون، هوڏانهن سگهہ وري اخلاق کي هيٺائي جي نشاني سمجهي!.

لکين ڪروڙين حياتيون داءَ تي آهن. مري وڃڻ تہ پنهنجي جاءِ تي پر جيئڻ و هجڻ ۾ اهي سڀ ڳالهيون سهڻ- واه. جو ماڻهو جو ڪمال آهي. سونهن، سچائي، محبت ۽ ڀلائي جا تصور دونهاتبا پيا وڃن. اچو تہ ماڻهپي جي واهہ ڪرڻ لاءِ سوچيون.

***


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداڪارن ۽ صداڪارن پاڻ ۾ گڏجي ڪجھ ڪوششون ورتيون آهن ۽ ڪجھ اسٽيج ناٽڪ پيش ڪيا اٿن. تازو "گهوٽ اڻ موٽ" کان پوءِ "ڪٿي آيو خير سان" علي ڀائي آڊيٽوريم ۾ پيش ڪيو ويو. سنڌي فنڪارن جي انهن ڪوششن جو بہ گهڻو تڻو سبب اهو ٿو نظر اچي تہ ڪين فن ظاهر ڪرڻ جو خاص موقعو نٿو ملي. ٽيليوزن تي هفتي ۾ هڪڙو سنڌي ڊرامو سو بہ پنجويهہ منٽن جو جتي ڪين پنهنجي فن جو ڀرپور تاثر ڏيڻ جو موقعو ڪو خاص ڪونهي.

"سنڌي ناٽڪ سڀا" جي نالي سان هڪ تنظيم قائم ڪئي وئي آهي، جنهن ڪي مشهور ٽي وي اداڪار نور محمد لاشاري ۽ يوسف علي هلائي رهيا آهن. پر گهمي گهمي ڪڙيون گسي وڃن اٿن ۽ ڪين سرنديءَ وارن سنڌي ماڻهن وٽان ڪارائتي موٽ نہ ملي سگهي آهي. ان جو نتيجو وري هينئن ٿو نڪري جو هو ڪنهن سماجي مقصد بدران رڳو ڪل ۽ ٺندر وارا ناٽڪ پيش ڪن ٿا. توڙي جو ٽي وي، سئنيما توڙي ريڊيو وارين سڀ، جون سڀ پابندي اسٽيج ناٽڪ تي ڪونهن.

"ڪٿي آيو خير سان" ناٽڪ جو ليکڪ رشيد صابر آهي جنهن جا ناٽڪ گهڻو ڪري ريڊيو لاءِ ناٽڪ لکڻ وارين پابندين ڪي ليکڪ ايترو تہ پاڻ تي مڙهيو ويٺو آهي، جو اسٽيج، جنهن جو عوام سان دوبدو واسطو آهي، اتي بہ ريڊيو جي انداز وارو خالص مزاحيہ ناٽڪ لکي ويٺو آهي. اسان وٽ وڏي مصيبت اها آهي تہ اسٽيج ٽيڪنيڪ جي لحاظ کان يورپ جيتري ترقي ڪو نہ ڪئي آهي، ان ڪري سمورو مدار ڪهاڻي، ڊائيلاگن ۽ اداڪارن جي ائڪٽنگ تي وڃي پوي ٿو. ان ڪري انهن ڳالهين تي زور ڏيڻ، اسٽيج ڏانهن ماڻهن کي ڇڪي اچڻ لاءِ ضروري آهي.

"ڪٿي آيو خير سان" جي ڪهاڻي هن ريت آهي تہ ان ۾ هڪڙي فلم اسٽوڊيو جو منظر ڏيکاريل آهي، جتي ٺڳ قسم جا فلمي پروڊيوسر ۽ ان جو نائب ڪنهن اهڙي واتڙي ماڻهو جي تاڙ ۾ ويٺا آهن، جيڪو پئسا ڏئي فلم ٺهرائي ۽ هو ان جا پئسا کائي وڃن. نور محمد لاشاريءَ ان وڏيري جي روپ ۾ اسٽيج تي اچي ٿو جيڪو وڏيرو گهٽ ۽ ڳوٺاڻو ملان وڌيڪ ٿو لڳي. نور محمد لاشاري جي اداڪاري برابر سٺي هئي، پر ڪيس جيڪو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميڪ اپ ڪرايو ويو اهو غير ضروري ۽ حقيقت کان گهڻو ڏور هو. آخر ۾ اهو وڏيرو اهي پئسا ڦرائي ٿو وڃي، جيڪي بس وٺڻ لاءِ پاڻ سان کڻي آيو هو ۽ پوءِ پاڻ فلم ڊائريڪٽر ٿي ويهي ٿو. ان وقت رشيد صابر اسٽيج تي اچي "واعظ" ٿو ٻڌائي، انتهائي هلڪڙي قسم جون ۽ سطحي نصيحتون ٻڌائي ٿو ته جيڪي نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون فلم لائين ۾ اچڻ لاءِ آتا آهن، انهن کي ائين نه ڪرڻ کپي ۽ اهي وطن لاءِ صحيح هيراٽي سگهن ٿا. اها آخري سين ڊرامي جي رهي، کهي چس کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي هئي ۽ ماڻهن اتي جو اتي جيڪي تبصرا ڪيا، سي اسٽيج ناٽڪ ۾ سندن روح ڪڇڻ جو ڏسي ڏئي رهيا هئا.

ائين به ناهي ته ناٽڪ ۾ ماڻهن کي کلائڻ وارو مقصد پورو نه ٿيو. ماڻهو ڪافي کليا ۽ خاص طرح سان ڊائريڪٽر جي نائب يوسف علي، ڊائريڪٽر آفتاب عالم، ابراهيم راز ۽ نعيم جي اداڪاري جيڪا سٺي ايڪشن واري اداڪاري هئي تنهن کي پسند ڪيو ويو. پروين اڪبر، جيڪا ناٽڪ جي نائڪا هئي، تنهن جو ڪم رڳو اهو هو ته هڪ وٽندڙ چهرو اسٽيج تي ماڻهن ڏنو. صلاح الدين تنيي کي ڪو خاص ڪردار مليل نه هو.

سنڌي ناٽڪ کي هتي ڏيارڻ ضروري آهي، پر سنڌي ماڻهن جي گهرج کي ضرور ذهن ۾ رکيو وڃي. ڪراچيءَ جي شهر ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن جو جهجهو تعداد رهي ٿو تن کي هلڪڙي ۽ سطحي ڪل پوڳ خاص متاثر نه ڪندي. دوست نثار ميمڻ جيڪو ريڊيو جو هڪ سلجهيل ۽ ادب دوست پروڊيوسر آهي تنهن چواڻي هن مرحلي تي تجزياتي ناٽڪ پيش ڪرڻ جوڪم جو ڪم آهي. اها ڳالهه ڪنهن حد تائين برابر، پر ان ڏس ۾ پير پائڻ ضروري آهي ۽ ان لاءِ في الحال سچ ڏنڊوڙي انداز ترڪ ڪري ڪجهه قرباني ڏئي ماڻهن جو هڪ سٺو ذوق ٺاهيو وڃي. سنڌي ماڻهو هينئر هر ڪارائتي ڳالهه کي موٽ ڏيڻ لاءِ تيار آهن. ڪاٿئن مايوس نه هئڻ گهرجي.

***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نيپال: فقير محمد لاشاري جي. اين مغل سان گڏ



فقير محمد لاشاري: (ڪارو چاڙهه) غلام قادر پليجوءَ ڀين سان گڏ



فقير محمد لاشاري



فقير محمد لاشاري



فقير محمد لاشاري: غلام قادر پليجو سرمد پليجو جڳديش ملاڻي
۽ ارشاد ساگر سان گڏ



فقير محمد لاشاري: علي قاضي، سهيل سانگي، صفدر شاهه
۽ لڪانو ڀرائيءَ سان گڏ



فقير محمد لاشاري: (لنڊن) ايڊووڪيٽ يوسف لغاريءَ سان گڏ



مٿي: فقير محمد لاشاري: جڳديش ملاڻي ۽ ديوان ڀمر سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڦقير محمد لاشاري: راڻومل ۽ جڳديش ملاڻيءَ سان گڏ



ڦقير محمد لاشاري: نذير چارڻ ۽ ٻين دوستن سان گڏ



فقير محمد لاشاري



فقير محمد لاشاري: جي. اين مغل ۽ ٻيا دوست



فقير محمد لاشاري: قاضي اسد عابد سان گڏ اسلام آباد ۾



فقير محمد لاشاري: (آواري ٽاوري ڪراچي، ”سنڌ ڪرائيسز“ سيمينار)
اين. ڊي خان ۽ علي قاضيءَ سان گڏ



فقير محمد لاشاري



فقير محمد لاشاري: بدر ابڙو مخدوم خليق الزمان ۽ ٻيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



محمد حسن لاشاري
(اسان جو ڏاڏو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



لنڊن: فقير محمد لاشاري، ولي محمد روشن
۽ ايڊووڪيٽ يوسف لغاريءَ سان گڏ




سارنگ لاشاريءَ جو ڪٽنب:

جونيئر فقير محمد لاشاري، سنڌيار شهمير ۽ سوپ



فقير محمد لاشاري پنهنجي ونيءَ سان گڏ



فقير محمد لاشاري: (ڪٽنب سان گڏ)
مرتضيٰ لاشاري، سارنگ لاشاري، نصرت لاشاري، رچنا لاشاري،
تخليق لاشاري، مخدوم بلاول ۾ پنهنجي ونيءَ سان سالگره جي گڏجاڻيءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



فقير محمد لاشاري



فقير محمد لاشاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



فقير محمد لاشاري: الهداد پوهيوءِ خاڪي جويو سان گڏ



اسلام آباد: قاضي اسد عابد سان هڪ سيمينار ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



فقير محمد لاشاري:
انور پيرزادو، محمد ابراهيم جويو، اياز قادري، جلال محمود شاهه ۽ ٻيا



فقير محمد لاشاري: آمريڪا ۾ اي ڊبليو پنٿي ۽ سان



فقير محمد لاشاري



فقير محمد لاشاري

# ڪتابن تي تبصرا

مختلف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فڪري تحريڪن جي روشني ۾ پيدا ٿيل خيالن جي اپٽار ڪئي آهي، جنهن ۾ ڪيتري ڪتي مسئلن کي اهڙي حساسيت سان کنيو ويو آهي، جنهن سان عام پڙهندڙ تائين شاعر جا خيال حالتن کي پلي پت پڌرو ڪري سگهن ٿا. بيت جي صنف جيئن ته تاريخ جي وچولي زماني کان وٺي، سنڌي عوام جي وڻندڙ صنف رهي آهي، ان ڪري هنن بيتن ۾ به جيڪا ٻولي استعمال ٿيل آهي، اها گهڻي ڀاڱي ساڳئي ڀٽائي، سچل، خليفي ۽ ٻين شاعرن جي ٻولي سان ملندڙ جلندڙ آهي. شاعر ساڳئي وقت فڪري طرح سان جتي بيتن ۾ وقت جي ڪن انتهائي اهم ۽ نازڪ مسئلن تي ڪجهه ڳالهيون ڪيون آهن اتي هنن بيتن ۾ تصوف وارو اهو فڪري رنگ به موجود آهي، جنهن ڀٽائي جي بيتن کي به ان لحاظ سان تنازعي جو ڪارڻ بنايو آهي جو ان جون ظاهري ۽ باطني معنائون پڌايون پيون وڃن. ان ڪري حادثاتي طرح سان جيڪڏهن سماجي حالتون ڪئي نسل پوءِ به اڄ واريون ساڳيون هجن ته ان دور ۾ شاهين صاحب به شاهه ڪريم، شاهه حبيب، ڀٽائي، سچل ۽ خليفي نبي بخش وانگر بزرگ هستين سان گڏ ڳاٽيٽي ۾ ايندو. ڇاڪاڻ ته راڪيٽ ۽ روبوٽ جي زماني ۾ وچولي زماني جي حالتن جي پيداوار تصوف وارو رنگ عجب ۾ ضرور وجهي ٿو. البت ان جو هڪڙو ٻيو ڪارڻ به سمجهه ۾ اچي ٿو. ته جيئن حالتن جي سختي سبب لطيف سائين گهڻي تمثيل کان ڪم ورتو هتي به اهڙي ڪا ڳالهه ٿي سگهي ٿي.

شاعر ڌرتيءَ جي اڳي وارن سورمن جيان، دل ۾ تاريخ جا سانديل درد کڻي فنائتي طرح شاعراڻن لفظن سان ڏيهه واسين کي گهڻو ڪجهه ٻڌائڻ گهريو آهي ۽ انهن خيالن ۾ ڏاڍو زور نظر اچي ٿو. مثال طور انتساب واري بيت ۾ چوي ٿو.

رت وريو ڪين ڪي، بخش ڪر بلال
پڇيم پاتال مان، سنڌ ڪاڻ حوال
اڃا اکهور ۾، آهي انهي حال
اٿيو ڪونه اٺاهه سان، سهسين ٿيا سال
"آيس تو در لال، دانهن ڏيڻ ديس جي"


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت پڙهندي ساڳي صوفين واري مستي، رنديءَ مالڪ سان حجت ۽ هيٺاهين موجود آهي ۽ جتي ساڳيا اهي پراڻا گهاءَ آهن. اتي نوان درد به آهن ۽ اهي درد گهڻو ڏيان لهڻن ٿا. ان لحاظ کان هي هڪ ڀرپور ۽ بامقصد ڪتاب آهي.

## ڪتاب: سيلاب زندگيءَ جو (ناول)
## ليکڪ: پوپٽي هيرا نندائي
## ڇپائيندڙ: زيب سنڌي
## قيمت: اٺ رپيا

سڳنڌ پبليڪيشن لاڙڪاڻي جو هي چوٿون ڪتاب آهي، جنهن ۾ ورهاڱي سبب سنڌ ڇڏي هند وسائيندڙ سنڌين جي ٻن پيڙهين جي ذهني ۽ طبعي ورهاڱي جي حالتن تي چڀندڙ انداز ۾ روشني وڌي وئي. سنڌ ڇڏي ويندڙ پيڙهي ۽ هندستان ۾ پيدا ٿيل نسل ۾ ڏار ڏار ڏرتين جي نفسيات وسيل آهي، جن ۾ ثقافتي حالتون هڪٻئي کان ڏار هئڻ سان گڏ سندن پيداواري حالتن ۾ به وڏو ويڇو آهي، گڏوگڏ سموري سماج ۾ عورت جيڪي پوڳيائون پوڳي ٿي تن تي به ڏاڍي تفصيل سان سوال اٿاري ماحول جي مڪروهيت تان پردو ڪنيو ويو آهي. بهرحال هي 140 صفحن جو ڪتاب ڏاڍو دلچسپ ۽ ڪارائتو آهي.

## ڪتاب: فلسطينين جي قومي جنگ
## لکندڙ: قادر جوڻيجو
## قيمت: پنج رپيا

ڇاهٺ صفحن واري ڪتاب جا پهريان اٺ صفحا ”ضمير جي عدالت آڏو“ جي سري هيٺ ليکڪ ڪجهه پنهنجا شخصي سور پٽيا آهن. پوءِ ڪتاب بابت ڪجهه چيو اٿس ۽ پوءِ پاڻ ۽ ڪتاب کي گڏي به چار ڪم جون ڳالهيون ڪري ويو آهي. ان کان اڳ ارپنا سنڌ جي ٽن سياسي ڪارڪنن حبيب الله ناريجي، قمر ٻٽي ۽ ستار موريي جي نانءَ آهي. ياسر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عرفات جو بيروت جي اسرائيلي گهيري وقت پي ايل او جي عيوضي پاران ورتل انٽرويو ڏنو ويو آهي.

ڪتاب ۾ جنهن خيال کي ذهن ۾ رکي معلومات ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، سو ڪتاب جي ناليءَ منجهان ئي ظاهر آهي، توڙي جو فلسطين جي جنگ بنيادي طرح سان هڪڙي قوم جي جنگ هوندي به عالمي حيثيت اختيار ڪري ورتي آهي. ڇاڪاڻ ته فلسطين ۾ عوام جي سڌي شرڪت سان اينڊڙ جنگ وچ اوڀر جي عوام لاءِ به گهربل آزادي آڻڻ ۾ مدد ڏيندي، ساڳئي وقت فلسطيني مسئلي لاءِ بنيادي طرح ذميوار ڌرين کي به ڪتاب ذريعي لائين ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ان سلسلي ۾ ناصرازم کي به خاص حيثيت ڏني آهي جيڪا ڳالهه فلسطين ۽ مجموعي طرح سان عرب عوام جي ڇوٽڪاري واري ڏس ۾ هيل تائين ڪارائتي ثابت نه ٿي آهي. تاريخي قانونن ۽ صورتحال جي سمورن پهلوئن کي پاسي تي رکي، شخصي ۽ جذباتي آڌار تي، فقط نعريبازي کي محور بنائي ڪا به جدوجهد مستقل طرح سان سوڀاري نٿي بڻجي سگهي. جمال ناصر جو عرب قوم پرستي کي سامراج سان ٽڪراءَ ۾ آڻڻ بلاشڪ وڏي ڳالهه هئي. پر مصر جي پنهنجي ترقي واري راهه ۾ وچ اوڀر ۾ ان اثر هيٺ هليل تحريڪن، ٿلهي ليکي عالمي سامراج کي ڪنهن طرح سان به هيٺو نه ڪيو آهي ۽ عوام کي منظم نه ڪيو آهي. مصر ۾ ناصر جي وارثن گهٽ ۾ گهٽ ان جو ثبوت ڏنو آهي. ياسر عرفات جو هٿو ورتاءُ جن جن ڳالهين جو ڏس ڏئي ٿو هن ڪتاب ۾ ان جي ڇاڻ نه ڪئي وئي آهي. ڊپلوميسي تي ابو حمار جي ڏڙي الفتح جو وڏيڪ زور آهي ۽ ان ڪري ان فهد پلان کي منظور ڪيو فيض ۾ عرب سربراهه ڪانفرنس آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف جنهن نموني گوڏا کوڙيا، عرفات تن سان شامل هو. پر جڏهن عرفات عوامي جنگ جي ڳالهه ڪري ٿو تڏهن اهو پي ايل او جي انهن ڌرين جو آواز آهي. فلسطيني عوام جي شرڪت سان ويڙهاند جي ڳالهه ڪن ٿيون. ڪتاب ۾ بنيادي مونجهارن تي بحث نه ڪيو ويو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پين ليڪن جون

لکڻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

***In*** Fakir Mohammad, Editor of 'JAGO' we have lost a valuable brother who dedicate his life to a cause larger than himself, upholding the torch of freedom and human dignity. A man of keen imagination, deep political perception, quiet demeanor, he resisted all temptation of the corrupt oppressors who did their utmost to buy him out. But he refused to betray the soil that gave him birth and let no stain appear on his conscience or his life. He died suddenly in an accident and with him died the joys of his family. But even the accident symbolized his life for it took place during the long march against the tyranny, injustice and exploitation of a rigged regime.

**Benazir Bhutto**

*29, July 1993*

نئون نياپو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

RS. 500/=

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو سات نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book